# كليات مسرور

## فقير غلام علي "مسرور" بدوي



تحقيق ۽ ترتيب

**بيدل مسرور**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير مسرور، پنهنجي مرشد بيدل فقير، دوله درازي توڙي ڪنڊڙيءَ وارن بزرگن جي ميڙي تي آيل فقيرن ۽ درويشن جي آجيان ۽ خدمت چاڪريءَ لاءِ هميشه حاضر هوندو هو ۽ رات جو سماع ۾ اهڙو ته رنگ ٻڌي ڇڏيندو هو جو سمورا عقيدتمند ميڙي جا ٽئي ڏينهن وڏي قرار ۾ گذاريندا هئا.

**آنجهاني ٻولچند وسومل راڄپال**

ايڊيٽر ماهوار سنڌو

❋

مرحوم غلام علي مسرور براج آفيس لاڙڪاڻي ۾ منهنجي استاد حضرت محمود خادم سان گڏ ڪلارڪ هو. مجاز جي لغار انهن ڏينهن ۾ ئي لڳل هئس، يڪتارو ۽ راڳ، رات ڏينهن تن ۾ اها تنوار هوندي هئس. موت سان ملاقي گهڻو پوءِ ٿيو پر ان کان اڳ هن دورنگي دنيا کان ڏار ٿي ڪنهن خاص مقام ۾ داخل ٿي چڪو هو، گهڻو ڪري ته ٻنهي جهانن جي بازي کٽي ويو.

**مرحوم پير حسام الدين راشدي**

(اهي ڏينهن اهي شينهن)

مسرور، شڪارپور جي مشهور شاعر ساميءَ وانگر رهڻيءَ جو قائل هو، نه ڪهڻيءَ جو. هو مسرت جو مجسمو هو، مرڪ سندس منهن تي سدائين نچندي نظر ايندي هئي. هن ۾ ٻين جي ڏک سور جو وڏو احساس هوندو هو. هو گهر ٻاري هو ۽ ڪڏهن به پنهنجي پريوار لاءِ پگهر وهائڻ ۾ پير پوئتي نه رکيائين هر پهلوءَ کان نازڪ نفيس ۽ برڪت وارو هو، منجهس جا قرب جي ڪٽي هئي، ان سبب هندن وٽ به سندس هٻڪار جهجهيري هوندي هئي.

**آنجهاني پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه**

(مسدس مسرور جو مهاڳ)

❋

مسرور تصوف جي طريقي جو نقيب هو، سندس گفتگو مان قرآن، حديث ۽ تصوف جا جواهر پاره نڪرندا هئا. سندس اوتارو گويا صوفين جي ڪيف و مستيءَ جو آشيانو هو جتي ڪڏهن غمدل جي آمد ته ڪڏهن نجفيءَ جي سماع جي محفل، سينڌو خان ته سندس اوتاري ۾ هميشه حاضر هوندو هو.

**مرحوم پروفيسر لطف الله بدوي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪليات مسرور

(حصو پهريون)

سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام

فقير غلام علي مسرور بدوي

تحقيق ۽ ترتيب

بيدل مسرور بدوي



مسرور پبليڪيشن ڪراچي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيرت جو لڪ لنگهياسي، پيو حال همہ وارو،
اچي بحر ان ۾ پياسي، ڪنڌي نہ جنهن ڪنارو.



ولادت: پهرين جولاءِ ١٨٩٤ع

وصال: اٺويهين آگسٽ ١٩٥٣ع

حق وا سطا مؤلف وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | ڪليات مسرور (حصو پهريون) |
| ڪلام: | سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام |
| | فقير غلام علي مسرور بدوي |
| تحقيق ۽ ترتيب: | بيدل مسرور بدوي |
| ٽائيٽل ڊزائين: | نور احمد ميمڻ (سنڌيڪا) |
| لي آئوٽ: | اعجاز علي جعفري - عبدالصمد ٻبر |
| ڇپائيندڙ: | مسرور پبليڪيشن، ڪراچي |
| پهريون ڇاپو: | مارچ ٢٠٠٠ع |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ملهه: | 300 رپيا |

(هي ڪتاب مسرور پبليڪيشن ڪراچي پاران سائرس مسرور بدوي ۽ پارس مسرور بدوي،
ذڪي پرنٽنگ پريس ڪراچي مان ڇپرائي G-44، سچل ڳوٺ ڪراچيءَ مان پڌرو ڪيو.)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي

ڏسين ٿو ڪُجھہ تون دُنيا ۾- تہ ڪي ٿو ڪانسوا ڇاهي،
اگر ناهي تہ ڇا ناهي- پلا آهي، اُها ڇا هي.

مَٿائي جيم جو نُقطو- مَٿان ڏيئي وِجهي جهاتِي،
پَتو لَھُہ هاڻ تان تو ۾- جُدا ڇاهي خُدا ڇاهي.

خودي ماري رَهِي بيخود- وَڏو ٿي خود خُدا ڪان وَجُ،
خُدا بہ جيئن چوي مُنهنجا- خُدا تنهنجي رَضا ڇاهي.

سَڄوئي جوڙجَڪ توسان- بنا تارن بَدَلُ آهي،
لَهِي ڪَل ڪُلّ جي ڏِس تان- جُزي جي ماجرا ڇاهي.

نہ آ ڪَمُ عامَ جو "مَسُرورَ"- سَمجهڻ هِن حِڪايَت کي،
سِياڻو ڪو مَگر سَمجهي- تہ تُنهنجي هِيءَ ڪَٿا ڇاهي.

# فهرست


انتساب ۵

(۱) پيغام: ........................ ۷

(۲) پبلشر جو نوٽ: ........................ ۸

(۳) مهاڳ: ........................ ۹

(۴) مقدمو: ........................ ۱۷

(۵) سرود نامو: ........................ ۹۷

(٦) عشق نامو: ........................ ۱۴۷

(۷) وحدت نامو: ........................ ۱۸۰

(۸) مسرور نامو: ........................ ۱۹۴

(۹) داستان: ........................ ۳۸۹

الف: سسئي ۽ پنهون ........................ ۳۸۹

ب: عمر ۽ مارئي ........................ ۴۱۹

ٻ: ڄام سمو ۽ گندري ........................ ۴۴۱

ڀ: مومل ۽ راڻو ........................ ۴۵۴

ت: هير ۽ رانجهو ........................ ۴۵۸

ٿ: داستان بيڪس ........................ ۴٦۰

(۱۰) سرائڪي ڪلام ........................ ۴٦۸

الف: ڪافيون ........................ ۴٦۸

ب: سراپا رسول مقبول ﷺ ........................ ۴۹۵

ٻ: قيامت نامہ ........................ ۵۰۱

ڀ: منقبت، مدح، دوهره ........................ ۵۰۴

ت: تيهہ اکريون ........................ ۵۰۹


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

## شهنشاه فقير قادر بخش بيدل سائين رح جي نالي

- دائم قائم قرب قرارو، ڪعبي قبلي گاه
هادي "بيدل" شاهنشاه.
- عبديت جو لاهي اولو، پڇ "مسرور" دوئيءَ جو پولو،
احد ڪري اظهار، "بيدل" آهي نانءُ ذرايو.
- پريم پيالو "بيدل" پياريو، غير اندر جو جنهين اڪاريو،
خوب چڙهيو خمار، نشو ٿيو نينهن جو تارون تار.
- بخش مون "بيدل" سخي عشق جو آزار سڀ،
پرت مان پهراءِ پڻ، صوفين سندو سينگار سڀ.
- "بيدل" سخي نالي خدا جي، عشق مون امداد ڪر،
ڪو ذوق ذرڙو، تنهن سواءِ بـ ازخدا ارشاد ڪر.
- مجازيءَ جي جُهلي جهولي ڪنان امن و امان ڏيئي،
سدا "مسرور" جو ويڙهو رکو آباد اي "بيدل".
- بچايو مون "بيدل"، جيڏيون بره باري،
ڪري تنهن کي ڪچ ۾، مان قربئون ڪُڏايان.

**(فقير مسرور)**

--بيدل مسرور بدوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهوار سندو – جولائي ١٩٤٢ع جي پرچي ۾ شايع ٿيل تصوير

سنڌ جو مشهور صوفي بزرگ مسرور الجهور هيرن جي هار
وغيره ڪتابن جو مصنف



جناب فقير ميان غلام علي صاحب بدوي تخلص مسرور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# پيغام

## سائين بيدل مسرور

حق موجود:

وڏا وڙ جو فقير پاڪ مسرور سائينءَ متعلق لکيل مواد هن ناچيز کي هڪ نظر مطالعي لاءِ قرب ڪيو.

سائين: مون پنهنجي تعليم ۽ مطالعي يا ان ڪانسواءِ مشاهدات جي وسعت ۾ توهان جي لکڻين کي تمام بالائي رفعتن تي چمڪندي محسوس ڪيو آهي.

اميد ٿو ڪريان تہ فقير مسرور سائينءَ جي هيءَ تصنيف اوهان جي تاليف تحت. پرت جي پانڌيئڙن لاءِ مشعلِ راهہ ثابت ٿيندي.

اوهان جو:

**احمد بخش بدوي**

۴-٦-١٩٩٣ شڪارپور سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پبلشر جو نوٽ

واعدو ڪرڻ ۽ وري انهيءَ جو نڀاهڻ. ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي. سو به هن نفسا نفسيءَ جي دور ۾. بهرحال الله پاڪ جا لک شڪرانا آهن جنهن اسان کي "ميان غلام علي مسرور فقير" جي برڪت پرٺي ڪلام شايع ڪرڻ جي سعادت بخشي ۽ اسان جي ڪيل واعدي کي پاڙڻ ۾ اسان جي پوري مدد ڪئي.

"ميان غلام علي مسرور فقير" جو سمورو ڪلام تمام گهڻو آهي جنهن کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هيءُ سندس ڪلام جو پهريون حصو آهي ۽ اميد ته ٻيو حصو به جلد اوهان جي هٿن تائين رسايو ويندو.

"مسرور فقير". بيدل ۽ بيڪس کان پوءِ جو تمام وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام اصل ۾ محبت. همدردي ۽ دلي سڪون جو هڪ انمول خزانو آهي پر ادبي ۽ اشاعتي ادارن جي آسري تي هي هيڏو سارو قيمتي خزانو عوام جي اکين کان گهڻو عرصو دور رهيو آهي.

هن ڪتاب جي دير سان شايع ٿيڻ جا سبب ته گهڻا ئي آهن مگر انهن جو ذڪر ڪرڻ فضول آهي ڇاڪاڻ ته هي هڪ اهڙي محبوب فقير جي ڪلام جو دفتر آهي جنهن پنهنجي سموري حياتي دنيا وارن سان مرڪندي گذاري.

شايد قدرت کي اهو منظور هو ۽ اهو اعزاز هن سباجهي درويش جي اولاد کي ئي حاصل ٿيڻو هو جو سندس لائق فرزند جناب بيدل مسرور بدوي هن املهه خزاني تي چڙهيل وقت جي دز کي صاف ڪري محبت ونديندڙ فقيرن ۽ درويشن جي ديدار ۽ قرار لاءِ تـوڙي عـالمن ۽ اديبـن جـي علـم ۾ اضـافو ڪـرڻ لاءِ پنهنجـي پيـارن هٿـن سـان سينگاري سنواري پيش ڪيو آهي.

هن سڄي ڪتاب جي مڪمل ٿيڻ ۾ اسان پنهنجي چاچي جناب احمد بخش عرف منل مسرور فقير سائينءَ جا به ٿورائتا آهيون جنهن "ميان غلام علي مسرور فقير" جا قلمي ڪتاب ۽ يادگار فوٽا شايع ڪرڻ لاءِ اسان کي عنايت ڪيا ۽ ڪليات جي مضمونن ۽ شاعري جي اشاعت جي سلسلي ۾ پنهنجي شفقت جو هٿ اسان جي مٿان پرپور رکيو.

**سائرس مسرور بدوي ۽ پارس مسرور بدوي**
**سچل ڳوٺ ڪراچي سنڌ.**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

تصوف جي دنيا ۾ سنڌ کي هڪ اعليٰ شرف حاصل آهي، جتي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست، حضرت قادر بخش بيدل، روحل فقير، مصري شاه امام، بيڪس سائين ۽ ساميءَ جهڙا مهان شاعر، بزرگ ۽ ولي پيدا ٿيا آهن جن نه صرف عشق جي شينهن تي سواري ڪري وحدت ڪثرت واري نوبت وڄائي ڪروڙين قلب قرار يا آهن، مگر انهن علم فضل توڙي قومي زندگيءَ جو به شعور ڏنو آهي، اهڙن ئي بزرگن، لوڪ ورثي ۽ تاريخ کي به محفوظ ڪيو آهي ته پريت ۽ امن جو پيغام به ڏنو آهي.

"فقير غلام علي مسرور بدويءَ" جو شمار به سنڌ جي انهن ناميارن صوفي بزرگ شاعرن ۾ ٿئي ٿو، جن عشق عرفان جون منزلون ماڻيون ۽ سرت وارن کي سڪ ۽ سوز جون سرڪيون پياريون.

"فقير مسرور" ، اهو محبتي شاعر هو جنهن کي برھ جي بار جي پاڪر ملي، سبحاني سُر جي سروپا ملي، شاعريءَ جو سلوڪ مليو ۽ نسنگ نينهن کي ڪڏائڻ جو طرب مليو.

سندس سمورو ڪلام انهيءَ محويت ۽ طرب واري حالت ۾ چيل آهي، جنهن ۾ پنهنجي مرشد راه هدايت شهنشاه فقير قادر بخش بيدل، درويشي دلين جي رهبر سرڪار سچل سرمست ۽ جمال جي عاشق فقير بيڪس وانگر ناسوت جا سُر، باهوت جا راز، ذات الاهي جا اذڪار، ظاهر باطن جا اسرار، منصوري موج مستيءَ ۽ جوش جلال جا ساڳيا سنيها هوبهو آندا آهن.

## سوانح ۽ ڪلام جا سرچشما

"فقير غلام علي مسرور" کي وصال ڪئي اٽڪل پنجاه سال ڪن ٿي ويا آهن. ان عرصي ۾ سندس ڪيترائي عزيز، دوست ۽ فقير: جن کيس ننڍپڻ ۽ جوانيءَ واري دور کان ڏٺو، سندس سوز ڀريو آواز سٽيو ۽ ساڻس روح رهاڻيون ڪيون، اهي دل گهريا سندس سنگ وارا سمورا سامي پيالو ڪري ويا آهن.

اهڙي صورت ۾ سندس سوانح گڏ ڪرڻ لاءِ فقير سائينءَ جي اولاد (پنهنجي مربي پائرن ۽ پينرن) کان حاصل ڪيل صدري روايتن ۽ واقعن سان گڏوگڏ علم ادب جي هيٺ ڏنل ڪتابن، رسالن ۽ مضمونن جي مدد سان سوانح کي ترتيب ڏنو ويو آهي.

(۱) سُر جا ٽي ڏينهن-- ليکڪ: بولچند وسومل راجپال، ماهوار سنڌو

اپريل ١٩٣٧ع.
(٢) ادباء وطن- ليکڪ: مولائي شيدائي، ماهوار اديب سنڌ جولاءِ ١٩٤٢ع.
(٣) بيدل جو سنڌي ڪلام- مؤلف: بولچند وسومل راجپال، آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد ١٩٥٠ع.
(٤) آه مسرور فقير- ليکڪ: لطف الله بدوي. ماهوار نئين زندگي، آڪٽوبر ١٩٥٣ع
(٥) مرحوم مولا بخش مسڪين- ليکڪ: لطف الله بدوي، ماهوار نئين زندگي، جنوري ١٩٥٤ع.
(٦) فقير غلام علي مسرور- ليکڪ: لطف الله بدوي، ماهوار نئين زندگي، فيبروري ١٩٥٤ع.
(٧) ڪليات خادم- مؤلف: لطف الله بدوي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٥٨ع.
(٨) تذڪره لطفي (ٽي ڀاڱا) ليکڪ: لطف الله بدوي، آر ايڇ احمد برادرس، حيدرآباد.
(٩) ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام- مؤلف: لطف الله بدوي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٦٤ع.
(١٠) مسدس مسرور عرف هيرن جو هار- مصنف: فقير مسرور، (مهاڳ) پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه.
(١١) تذڪره شعرا سکر- ليکڪ: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ادبي سوسائٽي سکر، ١٩٦٥ع.
(١٢) مهراڻ جا ماڻڪ- مرتب: شمشيرالحيدري، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي.
(١٣) فقير غلام علي مسرور جي شاعري- ليکڪ: عبدالواحد ابڙو، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي لاءِ لکيل مونوگراف، سال ١٩٦٦ع.
(١٤) هاءِ اسڪول شڪارپور جي پلاٽينم جوبلي سوينيئر، مرتب: محمد ابراهيم شيخ، ١٩٧٣ع.
(١٥) سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر- ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، پي ايڇ ڊي لاءِ لکيل ٿيسز ١٩٧٤ع.
(١٦) احسان بدوي سنڌ جو نوجوان اديب- ليکڪ: نرگس غلام احمد بدوي، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي سنڌي لاءِ پيش ڪيل مونوگراف ١٩٧٥ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧) سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي- مرتب: سنڌالاجي حيدرآباد ١٩٧٦ع.
(١٨) هو ڏوٿي هو ڏينهن- ليکڪ: پير حسام الدين شاه راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٧٧ع.
(١٩) وياسي وينجهار- ليکڪ: غلام محمد گرامي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٧٧ع.
(٢٠) سنڌ مدرسي جو علمي ادبي ۽ سياسي تاريخ ۾ حصو- ليکڪ: ممتاز حسين شاه ڪراچي يونيورسٽي ۾ ڊي فل لاءِ لکيل ٿيسز ١٩٧٩ع.
(٢١) هدايت علي نجفيءَ جو ابتدائي تعارف- پروفيسر لطف الله بدوي، روزنامه هلال پاڪستان ڪراچي، پهرين نومبر ١٩٨٠ع.
(٢٢) آديسي اٿي ويا- ليکڪ: ڊاڪٽر نواز علي شوق- ڪافي پبليڪيشن.
(٢٣) شڪارپور جو نامور شاعر فقير غلام علي مسرور- ليکڪ: انور فگار هڪڙو، روزنامه آفتاب حيدرآباد. ستين آڪٽوبر ١٩٨١ع.
(٢٤) راڳ جي شرعي حيثيت- ترجمو: فقير مسرور، تعارف: ڪريم بخش خالد- ماهوار پيغام ڪراچي، مئي جون ١٩٨١ع.
(٢٥) سنڌي نثر جي مختصر تاريخ- ليکڪ: پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد.
(٢٦) سنڌي ادب جي مختصر تاريخ- ليکڪ: ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، ١٩٨٣ع.
(٢٧) وساريان نه وسرن، ليکڪ: لوڪرام ڏوڏيجا- پونا جنوري ١٩٨٣ع.
(٢٨) شڪارپور جا صوفيا ڪرام- ليکڪ: پروفيسر امين الله علوي- شڪارپور ماضي حال ١٩٨٤ع.
(٢٩) جڳ مڙيوئي سپنو- ليکڪ: شيخ اياز، سڳنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻو مئي ١٩٨٥ع.
(٣٠) شڪارپور جا شاعر- ليکڪ: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ١٩٨٦ع.
(٣١) جوتي جوت سمايا- (هولارام پورن) ليکڪ: انور فگار هڪڙو، ماهوار نئين زندگي ڪراچي، اپريل ١٩٨٧ع.
(٣٢) جماٽي هال پرائمري اسڪول- ليکڪ: انور فگار هڪڙو، روزنامه هلال پاڪستان، ڪراچي، ٣٠ اپريل ١٩٨٧ع.
(٣٣) شڪارپور جا ڪتب خانه- ليکڪ: پروفيسر امين الله علوي، شڪارپور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدين ڪان ١٩٨٨ع.

(٣٤) شڪارپور جا هندو شاعر: ليکڪ: گُرڏنو گرل، شڪارپور صدين ڪان جنوري ١٩٨٨ع.

(٣٥) بدوي خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ليکڪ: پروفيسر غلام احمد بدوي، شڪارپور صدين ڪان، جنوري ١٩٨٨ع.

(٣٦) شڪارپور جا گويا- ليکڪ: احمد بخش بدوي، شڪارپور صدين ڪان جنوري ١٩٨٨ع.

(٣٧) شڪارپور جا علمي خاندان- ليکڪ: پروفيسر امين الله علوي- جشن شڪارپور مخزن ١٩٨٩ع

(٣٨) شڪارپور جي علمي ۽ ادبي محفل- ليکڪ: عبدالخالق سومرو، جشن شڪارپور مخزن ١٩٨٩ع.

(٣٩) قافيون(ياڳو ٽيون) مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ١٩٩٠ع.

(٤٠) سنڌي غزل جي اوسر- ليکڪ: ڊاڪٽر اياز قادري، سنڌالاجي، ڄامشورو.

(٤١) سنڌي غزل جو تجزيو- ليکڪ: شيخ عبدالرزاق راز.

(٤٢) سنڌي غزل جي ارتقا- ليکڪ: عبدالغفور سومرو.

## اردو

(٤٣) سنڌي بزرگ و اديب: مصنف: انور فگار هڪڙو، روزنامه جنگ ١٤-٢٠ مئي ١٩٨٦ع.

(٤٤) سنڌ ۾ اردو- مصنف: ڊاڪٽر شاهده بيگم، اردو اڪيڊمي ڪراچي.

## انگريزي

(٤٥) هسٽري آف سنڌي لٽريچر- ليکڪ: ايل ايچ اجواڻي، ساهتيه اڪيڊمي نيو دهلي ١٩٧٠ع.

(٤٦) نيشنل ببليوگرافي آف انڊين لٽريچر (حصو چوٿون) مرتب: ڊي ڪي منشاراماڻي، سنڌي ساهتيه اڪيڊمي نيو دهلي ١٩٧٤ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شامل ڪلام

فقير مسرور ، شهنشاه فقير بيدل سائينءَ جي ڪلام جو ياد حافظ هوندو هو پر انهيءَ سان گڏ پنهنجو ۽ ٻين بزرگ شاعرن جو ڪلام به ڪيس تمام گهڻي انداز ۾ ياد هوندو هو- سندس حياتيءَ جو وڏو ڪارنامو اهو هو جو پاڻ سيني شاعرن جي ڪلام کي گڏ ڪيو هئائين ۽ انهن جي ڪلام کي پنهنجي مختلف ڪاپين تي اتاريو به هئائين ۽ جيڪو پوءِ پنهنجي ئي هٿن سان تحقيق جي شائق اديبن کي به ڏنو هئائين. ساڳيءَ طرح پنهنجا به اٽڪل ٥٤٠ ڪلام ١٢ x ٩ سائيز جي دفتر تي لکيا هئائين، پر لڳ ڀڳ ٢٣٢ صفحن تائين ئي فيئر ڪري سگهيو هو ته ڪيس ماڳ متاڻو پيو.

انهيءَ قلمي مسودي ڪانسواءِ، مسدس اسرار حسيني، مسدس مسرور عرف هيرن جو هار، مدح ستگرو سائينءَ جي سوڪڙي، سي حرفيون، سراپا، مثنوي هير رانجهو، اردو ۽ هندي ڪلام پريم ساگر، فارسي ڪلام قلقلِ عندليب ۽ ٩٢ غزلن تي مشتمل مسرور نامو، به پنهنجي هٿن سان اتاريل صورت ۾ ڇڏيو اٿس.

پر هن مجموعي ۾ سندس صرف سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام شامل ڪيو ويو آهي.

جنهن لاءِ سندس ڪلام، فن ۽ فڪر جي پرواز، عشق جي اعليٰ اظهار، ذات الاهي جي لطف ۽ وحدت جي وصال کي ظاهر ڪندڙ ڪافين لاءِ نوان ٽي باب ترتيب ڏنا ويا آهن:

١-سرود نامو، ٢- عشق نامو، ٣- وحدت نامو:

- سرود نامو:

هن سري هيٺ اهي چونڊ سرائيتيون ڪافيون ترتيب ڏنيون ويون آهن جيڪي خيال ۽ فڪر جي گهرائي سان گڏوگڏ، انهن سمورن راڳن تي ڇيل آهن جيڪي "فقير سائين مسرور" پنهنجي ڪليات ۾ آندا آهن ۽ گهٽو ڪري پاڻ به ڳائيندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• عشق نامو:

هن حصي ۾ اهي چونڊ ڪافيون آنديون ويون آهن جن ۾ ”فقير سائين مسرور“ جي عشق جون رمزون ۽ ڪيفيتون، اظهار جون موجون ماريندي نظر اچن ٿيون.

• وحدت نامو

هن باب جي سٽاءَ لاءِ وحدت واريون اهي لازوال ڪافيون منتخب ڪيون ويون آهن جن مان ”فقير سائين مسرور“ جي بي مثال پرواز ۽ سندس مقام ۽ منزل جو سُر آشڪار ٿئي ٿو.

مسرور نامو:

اٽڪل ٩٢ عدد منتخب ڪلامن تي مشتمل فقير سائين ”مسرور نامو“ پاڻ ئي مرتب ڪيو هو جيڪو الف-ب وار قلمي ديوان جي صورت ۾ موجود آهي، جنهن ۾ سندس بيَن ڪافين کي بہ شامل ڪري الف کان ي تائين رديف وار ڪافين جو ديوان ”مسرور نامو“ سندس ئي ڏنل عنوان تحت ترتيب ڏنو ويو آهي.

داستان.

”فقير سائين مسرور“ ، سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي داستانن تي بيت چيا آهن، جنهن ڪري سندس ڪافين مان موضوع واريون ڪافيون چونڊي، انهن بيتن سان گڏائي داستان ترتيب ڏنا ويا آهن، جن ۾ هڪ نئون ”داستان بيڪس“ بہ ترتيب ڏنو ويو آهي.

متفرق بيت:

داستانن جي موضوع کان پوءِ باقي بچيل بيت متفرق ۾ ڏنا ويا آهن.

”فقير مسرور“ جي انهيءَ سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام کان سواءِ سندس سنڌيءَ ۾ عروضي شاعري ۽ هندي اردو ۽ فارسي ڪلام بہ موجود آهي جيڪو **ڪليات مسرور جو ٻيو حصو** ڪري شايع ڪيو ويندو، جنهن ۾ ”فقير مسرور“ جي سموري ڪلام تي هڪ جامع اڀياس پڻ ڏنو ويندو.

ارادو اصل ۾ ”فقير مسرور“ جي سموري ڪلام کي هڪ ئي وقت شايع ڪرڻ جو هو مگر اهو سمورو ڪلام ايترو تہ ضخيم آهي جو هڪڙي جلد ۾ آڻڻ نهايت مشڪل آهي تاهم ڪوشش ڪري ”فقير مسرور“ جو اهو سمورو پورهيو پڙهندڙن اڳيان جلد پيش ڪيو ويندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿــورا

ڪليات مسرور جي تاليف ۽ ترتيب ۾ جيتري همت افزائي ۽ ڪرم نوازي منهنجي مربي ڀاءُ قبلہ و ڪعبہ سائين احمد بخش بدويءَ ڪئي آهي، انهيءَ جا ٿورا مان سموري زندگي لاهي نہ سگهندس. ڀاڻ نہ صرف "فقير مسرور" جا قلمي نسخا ۽ يادگار تصويرون منهنجي سپرد ڪيا اٿائون، مگر ڀاڻ وقت بہ وقت منهنجي تمام گهڻي رهنمائي بہ ڪندا رهيا آهن. حالانڪ ڀاڻ بہ اديب عالم فاضل آهن ۽ علم ادب ۾ مون جهڙن سوين طالبعلمن جا استاد آهن مگر هي منهنجي مٿان سندن خاص عنايت آهي جو همڙا ڀال ڀلاٽي پنهنجي عظمت جو ثبوت ڏنو اٿن.

وڏا وڙ سائين مشتاق علي سومري شڪارپور واري جا بہ، جيڪو ڪجهہ سال اڳ علامہ اقبال ڪاليج ڪراچيءَ مان رٽاير ٿيو آهي، جنهن بہ وڏي اڪير ۽ عقيدت وچان "فقير مسرور" جي ڪلام جي پڙهٽي مقرر ڪرڻ ۾ منهنجي تمام وڏي مدد ڪئي ۽ ڪلام ۾ آندل ڏکين لفظن توڙي تصوف جي اصطلاحن جون نهايت آسان سمجهاڻيون ڏنيون ۽ ڪليات مسرور جي ترتيب، تدوين ۾ منهنجي دل کولي مدد ڪئي.

وڏا وڏا ڀال ڀلايا تہ شهنشاہ نصير فقير جلالاڻيءَ جي مريد جوڳي فقير پرسرام ڪيسواڻيءَ بمبئي واري، جنهن ڪوشش وٺي ڪلڪتي مان "فقير مسرور" جي پياري دوست ۽ ٻالڪي آنجهاني رگهومل پنجاپيءَ جي گهر واريءَ کان "فقير مسرور" جا لکيل ذاتي خط ۽ ڪجهہ ڪلام هٿ ڪري موڪليا، جنهن کانسواءِ شايد "فقير مسرور" جي سوانح نامڪمل رهجي وڃي ها.

شال ستگر پنهنجي ڪرپا سان آنجهاني رگهومل ۽ سندس زال جي آتما کي سدائين آسيس ۾ رکي. "فقير مسرور" سان سندن عقيدت جو اهو عالم هو جو ڀاڻ فقير سائينءَ جي خطن جا فوٽو اسٽيٽ موڪليائون. اهو چئني تہ اصل خط اسان وٽ مرشد جي نشاني آهن.

انهن سان گڏ مان سائين امداد حسيني صاحب جو بہ ٿورائتو آهيان جنهن وقت بہ وقت مفيد مشورن سان پنهنجي نوازيو آهي ۽ مسودي تي هڪ محبت واري مهر نظر وجهڻ جي عنايت بہ ڪئي اٿائون.

مان پنهنجي گهر واري محترمہ بينا مسرور ۽ پنهنجي مراد وند ٻارن سائرس، پارس، تخليق ۽ ڪليات جو بہ ٿورائتو آهيان جن "فقير مسرور" جي هن عظيم ڪم جي اهميت کي محسوس ڪندي، لکڻ پڙهڻ لاءِ مونکي نهايت ايڪانت وارو ماحول ميسر ڪري ڏنو.

ڪراچي- جنوري ٢٠٠٠ع

بيدل مسرور بدوي

قبائي قرب جي هينئان- لڪل ان لاءِ ۾ آهيون،
ازل جي ڏينهن کان يارو- اسان احرام ۾ آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ميان غلام علي مسرور فقير جو جانشين
فقير احمد بخش بدوي عرف مرشد منل فقير سائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مـــقـــدمـــو

## سوانح حيات

### حسب نسب:

"ميان غلام علي مسرور فقير" جا وڏا اصل عراق جي لق ودق بيابانن ۾ رهندا هئا (١). مال چارڻ، گهوڙا ۽ اٺ پالڻ ۽ انهن جو واپار ڪرڻ سندس خانداني ڪرت هوندي هئي.

سيدنا حضرت شيخ عبدالقادر محي الدين جيلاني رحمة الله عليه (٤٧١-٥٦١ هجري) جن جڏهن پنهنجي اثر انگيز واعظ جي ابتدا ڪئي ته ڪيترن نصرانين، يهودين توڙي عيسائين اسلام قبول ڪيو (٢).

انهيءَ دؤر ۾ احمد نالي هڪ بدوي به بغداد ۾ اچي حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني، غوث اعظم دستگير قدس سره العزيز جي ارادتمندن ۾ داخل ٿيو (٣) ۽ روحانيت ۾ وڏو مقام حاصل ڪيو.

### بدوي خاندان جي لڏپلاڻ:

هي خاندان پشت به پشت حضرت پيران پير دستگير عليه رحمة جي اولاد پاڪ جو دست بيعت ٿيندو آيو. اٽڪل ٽي صديون پوءِ جڏهن سيدالسادات حضرت محمد غوث اُچي رحمة الله عليه (٤) حلب کان هجرت فرمائي ته حڪيم، مغل، ميرزادن جيان هي احمدائي خاندان (٥) به سائن گڏ خراسان، ترڪستان ۽ سنڌ کان ٿيندي اچي اُچ ۾ مقيم ٿيو (٦).

هي خاندان قريب هڪ صدي تائين اُچ شريف ۾ رهندا آيا، ان بعد جڏهن حضرت سيدنا حافظ محمد جلال الدين ثاني محي الدين مُوسيٰ پاڪ عليه رحمة

---

(١) پروفيسر لطف الله بدوي- ڪليات خادم- صفحو ١.

(٢) انوار اصفيا- اداره تصنيف و تاليف لاهور ١٩٦٧ع- صفحو ١١٩.

(٣) فقير سائين مسرور جو خود نوشت شجرو. (حوالو: ڪليات خادم- صفحو ١)

(٤) سيدالسادات حضرت محمد غوث اُچي رحمة الله عليه ٩٢٣هجري ۾ وفات فرمائي، سندس زيارت گاه اچ ۾ (ملتان جي پرسان) آهي. جنهن کي "اچ گيلان" سڏجي ٿو. (مؤلف)

(٥) جناب سيدنا تنويرالحسن گيلاني، ايم. اين. اي. ملتان کان صدري روايت. (مؤلف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شهادت ٿي (١) تہ سندن خدمتگار (مغل، حڪيم، ميرزاده ۽ احمدائي) بہ ملتان ۾ منتقل ٿي ويا (٢).

دنيوي دستور موجب هي خاندان پنهنجي جد امجد جو نالو برڪت سبب پنهنجي اولاد تي رکندو ايندو هو، اهڙي طرح هن خاندان جو هڪ چشم چراغ ارڙهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري جنم ورتو جنهن جو نالو بہ "احمد" رکيو ويو.

پنهنجي خانداني روايتن مطابق احمد مرحوم بہ ننڍي هوندي کان ئي مخدوم سيد شمس الدين بن سيد حامد گنج بخش ثاني (٣) جي خدمت ۾ رهيو ۽ سندن گهوڙن جي سنڀال تي مقرر ڪيو ويو.

## بدوي خاندان جو شڪارپور ۾ اچڻ:

شڪارپور شهر جي اڏجڻ کان اڳ ئي هتي جي دائودپوٽن جو روحاني

(١) حضرت موسيٰ پاڪ شهيد جي شهادت ٢٣-شعبان ١٠١٠هجري ۾ ٿي. (ڪتبي تي اڪريل- مؤلف)

(٢) ملتان ۾: حڪيم هاڻي قريشي ٿا سڏائن، پڙهي لکي وڏين ترقين تي رسيا آهن. ميرزاده، ملتان جي درگاهن جي پاهران اگڻ ۾ راڳ ڪري، پيٽ پالين ٿا ۽ ڪي تين جي پيئين ناهن جو ڪاروبار ڪن ٿا. باقي احمدائي خاندان جو ڪوبہ فرد ملتان ۾ هاڻي ڪونہ ٿو رهي. البت سرائڪي تلفظ مطابق "همدائي" ذات جا ڪجهہ خاندان رهن ٿا، جن جو تعلق بغداد جي خليفي "احمد" سان نہ آهي. (مؤلف)

(٣) سيدنا شمس الدين شاهہ گيلاني بن سيد حامد گنج بخش ثاني جي مزار مبارڪ ملتان جي پاڪ دروازي ۾ حضرت سيدنا موسيٰ پاڪ شهيد جي روضي جي پويان مغرب ۾ آهي. سندن شجرو، حضرت موسيٰ پاڪ شهيد جي روضي جي ديوار تي اڪريل آهي. جو هن طرح آهي: سيدنا شمس الدين شاه گيلاني بن سيد حامد گنج بخش ثاني بن موسيٰ پاڪ شهيد بن مخدوم حامد گنج بخش اوليا (اول) بن ثاني محي الدين محبوب بن قطب الدين حامد، بن عبدالرزاق فيض الله بن ثاني عبدالقادر غوث بن سيدنا حضرت محمد غوث اوچي.

نوٽ: احمد بدويءَ جو سنڌ ۾ اچڻ کان پوءِ بہ مرحوم لطف الله بدوي تائين، بدوي خاندان جون چار پيڙهيون پشت بپشت هن سادات خاندان جون مريد رهيون آهن، جيڪو سلسلو سيدنا شمس الدين گيلاني جي پوٽي ميان امير شاه جيلاني (ملتاني) جي وفات کان پوءِ منقطع ٿي ويو. پر شڪارپور جا تميم، ڪاسائي، انصاري ۽ جوکيا اڃا تائين ملتان جي هن گيلاني سادات خاندان جي اولاد جا مريد آهن (مؤلف).

تعلق اُچ جي گيلاني سيدن سان هوندو هو. خود شڪارپور جو بنياد (١) به پير سلطان ابراهيم شاهه جي دعائن سان پيو جيڪو پڻ اُچ جي گيلاني بزرگن جو مريد هو (٢)

شڪارپور جي ماڻهن ۾ سادات لاءِ عقيدت ۽ محبت ڪي ڏسي، ڪيترائي سيد سگورا اُچ ۽ ملتان کان لڏي اچي شڪارپور رهيا (٣). اُچ ۽ ملتان جي سيدن ۽ سندن خادمن جي شڪارپور ڏانهن رغبت ۽ لڏپلاڻ (٤) ڪي ڏسي احمد بدوي به مستقل طور ملتان ڇڏي اچي شڪارپور ۾ رهيو (٥).

اهو دور، سنڌ تي ميرن جي حڪومت جو اوائلي دور هو پر شڪارپور تي افغانين جو قبضو هو (٦). ملتان جي سيدن سان سندس وابستگيءَ ۽ گهوڙن جي سنڀال ۽ معالج ۾ مهارت رکڻ سبب وقت جي حاڪمن کيس گهوڙن جي ڪڙهه (٧) سنڀالڻ ۽ ڏيساور کان واپار لاءِ ايندڙ عربي نسل جي گهوڙن جي تجارتي ڏيتي ليتي تي مامور ڪيو.

احمد بدوي مرحوم شڪارپور جي پنج پير محلي جي الهندي پاسي جمعا خان جي مڏيءَ وٽ هڪ حاويلي خريد ڪئي، جتي ملتان جا سادات به وٽس اچي رهندا هئا. شڪارپور جي داين مان شادي ڪيائين (٨). کيس هڪ

(١) شڪارپور جو بنياد ١٠٢٦ هجري مطابق ١٦١٧ع ۾ پيو. (تاريخ سنڌ- ڪلهوڙا دور: جلد پهريون- ص ١٠٥، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، ١٩٤٦ع)

(٢) سندس مزار مبارڪ وزيرآباد، لکيءَ جي اوپر ۾ آهي. (شڪارپور جي تاريخ جو جائزو، پروفيسر غلام احمد بدوي- شڪارپور ماضي حال- ص ٣٨)

(٣) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، شڪارپور ماضي حال، مهاڳ- صفحو ١٢.

(٤) مولوي امان الله مفلح، خزينه المفلح (جلد پيو) حوالو ڏسو پروفيسر امين الله علوي جو لکيل مضمون، شڪارپور جا صوفياءِ ڪرام- شڪارپور ماضي حال- صفحو ١٠٤).

(٥) فقير سائين مسرور جي وڏي همشيره مرحومه کان روايت آهي ته "ڏاڏو احمد" پنجن پيرن سان گڏ شڪارپور آيو هو. پنجن پيرن جون مزارون، شڪارپور ۾ هاٿيدر جي اندرئين پاسي اولهه ۾ آهن.

(٦) شڪارپور تي افغان حڪومت جو تسلط ستر سال (١٧٥٤ کان ١٨٢٤ع) رهيو.

(٧) شڪارپور ۾ ڊونگ واري اسپتال (هاڻوڪي ميونسپل ڪاميٽي جي سرڪاري رهائش گاهه) کان اعوائن جي پاڙي تائين گهوڙن جي ڪڙهه هوندي هئي، جنهن جي پويان ڪچهه تلاءُ هوندا هئا، جيڪي گهوڙن ۽ هاٿين جي وهنجارڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا. (وڏڙن کان ٻڌل روايت)

(٨) خانداني روايت آهي ته ڏاڏي احمد جي والده دائڪو پورهيو ڪندي هئي، انهيءَ ڪري انهن کي پنهنجو عزيز سمجهندو هو.

نياڻي(١) ۽ هڪ فرزند ڄائو، جنهن جو نالو محمد بچل رکيائين.

اٽڪل ١٨٢٨ع ڌاري، جڏهن محمد بچل اڃا چوڏهن سالن جو هو ته احمد بدوي مرحوم دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس مزار، حضرت امين شاهه چشتي(٢) جي درگاهه جي ٻاهران اولهه طرف اڱڻ ۾ آهي(٣).

احمد بدوي مرحوم نهايت نيڪ شخص ٿي گذريو آهي، جنهن وٽ پنهنجي خاندان جو مڪمل شجرو پڻ موجود هوندو هو (٤). حضرت غوث پاڪ پيران پير دستگير قدس سره العزيز جي اولاد پاڪ کي پنهنجو مالڪ ۽ مرشد پائيندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ مرشدن جي خدمت ۾ ملتان به ويندو هو ۽ سال ۾ هڪ ڀيرا سندن مرشد به شڪارپور اچي، سندس حاويلي تي قدم گهمائڻ ايندا هئا.

احمد بدوي مرحوم جي تعليم اينتري گهٽي ڪانه هئي پر پنهنجي مرشدن جي زبان، سرائڪي ۽ شڪارپور ۾ رهڻ سبب سنڌي ۽ فارسي ڳالهائڻ ۾ پڙ هوندو هو. سندس آخري ايام ۾ سرڪار ڪانئس گهوڙن جي مختلف بيمارين ۽ انهن جي پالنا متعلق فارسيءَ ۾ هڪ جامع ڪتاب لکرايو هو(٥).

(١) احمد مرحوم جي خانداني روايت هئي ته اهي پنهنجون نياڻيون ساداتن ۾ پرڻائيندا هئا. جنهن جي ڪري ڏاڏي احمد پنهنجي نياڻي به شاهه حسين بخاري محلي جي پيرن ۾ پرڻائي. (خانداني صدري روايت)

(٢) امين شاه چشتي، شڪارپور جي آباد ٿيڻ جي ابتدا ۾ ني عراق، شام ۽ عرب حجاز جو سير ڪندي آخر ۾ اچي هتي رهيو هو. سندس مزار مبارڪ شڪارپور جي مختيارڪاريءَ جي پوئيان ڏکڻ طرف آهي. (مرحوم عبدالڪريم چشتي صابري- اولياءِ اسلام- صفحو ٥١)

(٣) فقير سائين مسرور جي وڏي فرزند ميان رحيم بخش (ثاني) کان روايت آهي ته عيد واري ڏينهن فقير سائين مسرور، دال ۽ پن ڪٽي پهرين ڏاڏي احمد جي قبر تي فاتحا پڙهڻ ويندو هو.

(٤) پروفيسر لطف الله بدوي- ڪليات خادم (صفحو٣)

(ملتان ۾، اڄ تائين سادات خاندان جي سمورن مريدن خادمن وٽ پنهنجو مڪمل شجرو موجود آهي جن تي انهن جي سجاده نشينن جون مهرون لڳل آهن- مؤلف)

(٥) فقير سائين مسرور جي وڏي همشيره مرحومه کان روايت آهي ته اهو ڪتاب سرڪار پاڻ وٽ رکيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بدوي خاندان جو شجرو

## احمد بدوي

خليفو

درگاهه حضرت سيدنا عبدالقادر محي الدين جيلاني پيران پير د ستگير

بغداد

احمد بدوي (ثاني) شڪارپور

محمد بچل بدوي
(سوداگر اسپان)
[١٨١٤ع- ١٨٨٣ع

نياڻي

(پهرين گهر مان)

رحيم بخش بدوي
[١٨٥٢ع- ١٩٣١ع

نياڻي نياڻي نياڻي

فقير غلام علي مسرور بدوي
[تفصيل الگ صفحي تي]

(ٻئي گهر مان)

حاجي امام بخش خادم
[١٨٦١ع- ١٩١٨ع]

نياڻي

لطف الله بدوي
١٩٠٤ع- ١٩٦٨ع

احسان احمد بدوي
١٩٢٥ع- ١٩٦٥ع

غلام احمد بدوي
١٩٢٩ع- ١٩٩٧ع

نور احمد بدوي

(ٽئين گهر مان)

شاهنواز غوث بخش علي بخش بحت علي نياڻي نياڻي

بغداد جي خليفي احمد کان ملتان جي احمد بدوي تائين جو شجرو، مرحوم محمد بچل جي ذهنن ۾ نه هئڻ ڪري گم ٿي ويو آهي. (مؤلف)

(ميان غلام علي مسرور فقير بدوي جو خاندان)



# ولادت

## ميان غلام علي مسرور فقير

ملڪوت مان، عالم ناسوت ۾ پاڻ پسائڻ ۽ حق جي ثابتي ڏيڻ لاءِ فقيري ويس وٺي، شڪارپور جي معروف تعليمدان ميان رحيم بخش احمدائي بدويءَ جي ياگيري گهر ۾ تاريخ پهرين جولاءِ سن ١٨٩٤ع مطابق ٢٦ ذوالحج ١٣١١هجري جمعي ڏينهن تولد ٿيو (١).

## تعليم تربيت

فقير مسرور جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد جي نگرانيءَ هيٺ ٿي. ١٩٠١ع کان قاضي محلا اسڪول شڪارپور ۾ پڙهڻ شروع ڪيائين، جنتي سندس والد هيڊ ماستر هوندو هو. ٻئي سال يعني ١٩٠٢ع ۾ جڏهن سندس والد جي بدلي جماٽي هال پرائمري اسڪول شڪارپور ڏانهن ٿي ته فقير مسرور به سائنس گڏ وجي جماٽي هال اسڪول ۾ پڙهڻ لڳو. ابتدائي انگريزي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان حاصل ڪيائين پر ميٽرڪ دوران سندس والد کيس سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخل ڪرايو مگر انگريزي زبان کي پنهنجي روحاني آزاديءَ ۾ رڪاوٽ سمجهي ٽن مهينن ۽ يارهن ڏينهن کان پوءِ پڙهڻ ڇڏي هليو آيو. تاهم ١٩١٠ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪيائين، جنهن بعد به سال ٽيپداري اسڪول حيدرآباد ۾ ٽريننگ ورتائين.

---

حاشيو

(١) فقير غلام علي مسرور سائينءَ جي اها تاريخ پيدائش گورنمينٽ بوائز پرائمري سنڌي اسڪول قاضي محلا شڪارپور جي جنرل رجسٽر نمبر ٢ (١٨٩٥ کان ١٩٠٢ تائين) مطابق آهي، جنتي فقير مسرور جو والد ميان رحيم بخش بدوي هيڊ ماستر پڻ هو.

پر تنهن کان سواءِ فقير مسرور جي پيدائش جون تاريخون ٻين اهم دستاويزن ۾ مختلف به آيل آهن جيڪي رڪارڊ تي آڻڻ لاءِ هت لکجن ٿيون.

الف: سنڌ مدرسة السلام ڪراچيءَ جي جنرل رجسٽر (١٨٩٢ کان) جي صفحي ١٤٤ تي جريان نمبر ١٥١٦ ۾ پهرين جنوري ١٨٩٤ع جاڻايل آهي.

ب: سنڌ سروسز رولز مينوئل جي سروس بوڪ ۾ سندس جنم جي تاريخ پهرين فيبروري ١٨٩٤ع جاڻايل آهي.

پ: محترم انور فگار هڪڙي جي معرفت ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور مان هٿ ڪيل جم رجسٽر ١٨٩٤ع جي سيريل نمبر ١١٠ مطابق ٣ فيبروري ١٨٩٤ع جاڻايل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com





ميان ماستر رحيم بخش بدوي پنهنجي هونهار فرزند ميان
غلام علي مسرور ۽ اسڪول جي ٻين شاگردن سان گڏ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ملازمت

"ميان غلام علي مسرور فقير"، حيدرآباد مان تپيداريءَ جي ٽريننگ مڪمل ڪري واپس آيو تہ کيس ۱۴ سيپٽمبر ۱۹۱۲ع تي، شڪارپور تعلقي جي "ٽيپي نور محمد شجراه" تي ڪچو تپيدار ڪري مقرر ڪيو ويو(۱).

سال کان پوءِ يعني ۱۹ ڊسمبر ۱۹۱۳ع تي کيس سکر تعلقي جي "ماڙي ٽيپي" تي بدلي ڪيو ويو ۽ ٻن سالن کان پوءِ ۲۶ آگسٽ ۱۹۱۵ع تي، نوڪريءَ ۾ پڪو ڪري کيس سکر تعلقي جي "چِتو سانگي" ٽيپي تي رکيو ويو. جتي پاڻ ٻہ سال رهيو، ان بعد ۲ فيبروري ۱۹۱۷ع کان ۱۲ اپريل ۱۹۱۹ع تائين "مدئجيءَ" ۾ تپيدار رهيو.

تاريخ پهرين آڪٽوبر ۱۹۲۸ع تي کيس ترقي ملي ۽ پاڻ بئراج مختيارڪار سکر وٽ سپروائيزنگ تپيدار مقرر ٿيو. ۱۵-ڊسمبر ۱۹۳۶ع تي سندس بدلي لاڙڪاڻي ٿي. نو سال لاڙڪاڻي ۾ ملازمت ڪرڻ کان پوءِ ۹ مارچ ۱۹۴۵ع تي بدلي ٿي نواب شاهہ ويو.

ملازمت دوران "فقير سائين مسرور"، حيدرآباد، نوشهرو ۽ شهدادپور ۾ بہ رهيو. تاريخ پهرين ڊسمبر ۱۹۴۷ع تي نوابشاهہ کان بدلي ٿي لينڊ گرانٽ مختيارڪار سکر وٽ سپروائيزنگ تپيدار ٿي آيو. انهيءَ سال پينشن تي وڃڻ لاءِ درخواست ڏنائين جا تمام وڏي ڊڪ ڊوڙ کان پوءِ منظور ٿيس اهڙيءَ طرح پاڻ رٽاير ڪرڻ کان هڪ سال پهرين، سکر مان پهرين آڪٽوبر ۱۹۴۸ع تي جمعي ڏينهن صبح جو چارج ڇڏي موٽي شڪارپور آيو(۲).

"فقير مسرور" جي ملازمت وارو دور، ذميداري ۽ توڪل جو هڪ دلچسپ مجموعو هو. عزيزن ۽ مائٽن کيس تپيداريءَ جي ٽريننگ انهيءَ ڪري ڏياري هئي تہ انهيءَ زماني ۾ تپيداري نہ صرف هڪ معزز نوڪري ليکبي هئي پر خاص طور تمام وڏي آمدنيءَ جو ذريعو پڻ هوندي هئي، پر جنهن شخص ننڍپڻ کان ئي سوز، عجز ۽ انڪساريءَ جو لطف ماڻيو هجي ۽ تقويٰ ۽ توڪل جو

---

(۱) سنڌ سروسز رولز مينيوئل جي سروس بوڪ مطابق.

(۲) پنهنجي دوست ڏانهن لکيل خط مطابق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمون منهنجو شايد، هفتي سوا پڄاڻان،
ارمان پينشن جي ڪنهن پر نہ ٿي ملي.

آيو عجب زمانو، ڪهڙو اهو حدايا،
زر پي سواءِ ڏي وٺ بي زر نہ ٿي ملي.

## رٽايرمينٽ ڪانپوءِ:

”فقير مسرور“ جو خيال هو تہ پاڻ ڪجهہ سال اڳ ۾ ملازمت تان رٽايرمينٽ وٺندو ۽ پينشن سبب گهريلو ذميدارين جو الڪو لاهي، تسليٰ سان درگاهہ شهنشاهہ فقير بيدل سائينءَ جي خدمت ۾ وڃي رهندو ۽ سنڌ جي ٻين پيرن فقيرن جي درگاهن، اوتارن ۽ خانقاهن جون حاضريون ڏيندو. انهيءَ خيال ڪان پينشن تي وڃڻ لاءِ درخواست ڏنائين پر اها منظور نہ ٿڏهن ٿيس جڏهن ملازمت پوري ٿيڻ ۾ صرف هڪ سال وڃي بچيو هوس. ڪيس رٽايرمينٽ تہ آڪٽوبر ۱۹۴۸ع ۾ ڏني وئي پر سانده ٿي سال ڏڪ ڏوڙ ڪرڻ ڪان پوءِ وڃي سندس پينشن جا ڪاغذ تيار ٿيا ۽ ڪيس پينشن جو وظيفو جاري ٿيو. انهيءَ ٽن سالن جي عرصي دوران گهريلو ذميدارين سان منهن ڏيڻ لاءِ ڪيس وري بہ نوڪري ڪرڻي پئي.

پهريائين شڪارپور جي هڪ زميندار مرحوم غلام حسين واگهي، جيڪو سندس سنڌو بہ هو تہ سندس سيڻ بہ هو، تنهن ميان رحيم بخش سومري ولد خانبهادر الله بخش خان سومري صاحب سان گڏجي جيڪب آباد ضلعي ۾ سارين جي خريديءَ جو ڌنڌو شروع ڪيو تہ ان جي سنڀال لاءِ ”فقير مسرور“ کي پهرين ڊسمبر ۱۹۴۸ع تي، ونئي وڃي ضلعي جيڪب آباد جي شهر اوستي محمد ۾ رهايو.

اٽڪل ٻن سالن ڪان پوءِ (۱۹۵۰ع ڌاري)، غلام حسين واگهي مرحوم شڪارپور جي ميان غلام نبي نالي ڪنهن واقفڪار سان ملي ڀائيواريءَ جي بنياد تي پيٽرول جي ايجنسي ورتي تہ وري ”فقير مسرور“ کي اوستي محمد مان لڏائي اچي شڪارپور ويهارو ڪيائين.

هي پيٽرول پمپ شڪارپور جي مکيہ پوسٽ آفيس جي سامهون هوندو هو جتي ”فقير مسرور“ پيٽرول جي ايجنسيءَ تي مئنيجر جي طور تي ڪم شروع ڪيو. پر جيسين تہ اوستي محمد واري ملازمت دوران، رهائش ۽ راشن ڪان سواءِ، تہ ميان رحيم بخش سومري کيس ڪا پگهار ٿي ڏني نہ ٿي وري ”فقير

مسرور" ، مرحوم غلام حسين کي تي چيو. ساڳيءَ طرح پيٽرول پمپ تي به "ميان مسرور فقير" کي پڳهار کان ننو اکر تي مليو.

پنهنجي فقرائي طبيعت جي ڪري، مرحوم غلام حسين کي ڪجهه چئي به نه پئي سگهيو ۽ اخلاقي طور نوڪري به ڇڏي نه پئي سگهيو. پر اوچتو سرڪار سچل سرمست رح جي عرس تي: سردار بهادر محمد بخش شيخ ڪوجهيءَ کيس پنهنجي زمينن سنڀالڻ لاءِ چيو. "فقير مسرور" سائس پيٽرول پمپ واري نوڪريءَ جو احوال ڪيو، تنهن تي سردارس بهادر پاڻ، غلام حسين واڳهي مرحوم کي چئي "فقير مسرور" کي پنهنجي زمينن جو ڪُل مختيار ڪري تنڊي آدم موڪليو ۽ سندس پڳهار هڪ سؤ رپيا مقرر ڪئي.

"فقير مسرور" ته پنهنجي حال ۽ قال جو مست فقير هو سو الاهي توهار ڪري وجي سردار بهادر جي زمينن سنڀالڻ جي ڪم کي لڳو، تان جو وصال به "فقير مسرور" جو اتي زمينن تي ٿيو.



ميان غلام علي مسرور فقير ۽ مرحوم غلام حسين واڳهي جي هڪ يادگار تصوير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ساجي پاسي ڪرسيءَ تي ويٺل، فقير مسرور جي هڪ يادگار تصوير
براج مختيار ڪار سکر ۽ ٻين ڪارڪنن سان گڏ

## صورت ۽ سيرت:

"فقير مسرور" نهايت وجيهه، ڪلمڪ ۽ هر دلعزيز هوندو هو. سندس سريلي ۽ مٺڙ آواز، ستار وڄائڻ ۽ يڪتاري تي فقيري سنگ پڻ سبب ته هرڪو سندس ساٿي ٿيڻ لاءِ آتو هوندو هو پر سندس فڪر انگيز ڳالهين، سدائين مرڪندڙ مهڪندڙ مورت ۽ پُروقار رهڻي ڪهڻي تي به هزارين ماڻهو مٺس موهت هوندا هئا.

پروفيسر لطف الله بدوي صاحب لکي ٿو(١) ته "روهڙيءَ ۾ جناب قادر بخش بيدل رح جي عرس جون تياريون ٿي رهيون هيون، جو "فقير غلام علي مسرور" مهرباني ڪري مون وٽ آيو ۽ مون کي عرس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏنائين. گهڻو وقت ويٺو هو. دستور موجب سندس گفتگو مان قرآن، حديث ۽ تصوف جا جواهر پارا نڪرندا رهيا، هر فقري تي سندس اکيون اشڪبار ٿينديون ٿي رهيون ۽ ائين معلوم پئي ٿيو ته ڪنهن اندرين آڳ ڪان اکيون ابري رهيون هجن. سامع جي اها حالت هئي، جو گلوگير آواز سندس درد جي هر لفظ سان موافقت ڪندو ٿي آيو. گفتگو ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪجهه وقت

(١) آهه غلام علي مسرور- ليک پروفيسر لطف الله بدوي، ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر ١٩٥٣ع صفحو ۴.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاموشي طاري هئي. اوچتو هڪ جذبي جي ماتحت هن پنهنجو ڪلام پڙهڻ شروع ڪيو. مٿس سماعي ڪيفيت ڇانئجي وئي. سوز و گداز جو هڪ بحر بيڪران هو، جو ڇوليون ڏئي رهيو هو.“

”فقير مسرور“ جي گفتگو نهايت مدلل، فصيح ۽ بليغ هوندي هئي. سندس گفتگو جي هڪ جهلڪ ئي وڏن وڏن دانشورن کي موهي ڇڏڻ لاءِ ڪافي هوندي هئي. سندس گفتگو جي تعريف متعلق، شڪارپور جي جماڻي هال ۾ اڪبر اعظم جي ملهايل ڏينهن تي صدارتي تقرير جو حوالو ڏيندي جناب شيخ اياز لکي ٿو (١):

”مسرور فقير صدارتي تقرير لاءِ اٿيو، هن نهايت مختصر تقرير ڪئي، هونءَ به سپ وٽ هڪ موتي هوندو آهي.“

”فقير مسرور“ وٽ واقعي فڪر ۽ فهم جا املهه موتي هوندا هئا، جيڪي هر عام و خاص ۾ ورهائيندو رهندو هو، جن کي ميڙڻ ۽ پنهنجي فهم جي جهول ڀرڻ لاءِ پاڻ به چوي ٿو:

مون ڀري موتين سندي هئي، ڇوهه مان اڇلاتي ڇاپ،
ميڙ تن مان حاج سارو، پر ڪٿي گودڙ ۽ ٿاپ.

مهل ٿي هيءَ مرد ڏس جو وجن ميڙيو سڏي،
پوءِ ڪندين ڇپ ڪيڏي تون منهن ڇپي ڇپ ڇاپ ڇاپ.

## شڪل شبيهه:

”فقير مسرور“ قداور ۽ بدن ۾ ڀريل هوندو هو. سندس ڇاتي موڪري ۽ رنگ اڇو ۽ گلابي هوندو هوس. منهن مان سدائين نور پيو چمڪندو هوس. سندس اکيون اينٽريون سهڻيون ۽ جادو ڀريون هونديون هيون جن ۾ ڪو به نهاري نه سگهندو هو.

مرحوم لعل محمد لعل هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو ته ”مزي جي ڳالهه اها هئي جو روبرو ته ”مسرور صاحب“ جي منهن يا اکين ۾ نهاري نه سگهندا هئا سين پر بمبئي، هندستان ۾ ڇپايل، شينهن واري ڪل تي نڪتل تصوير جي اکين ۾ نهارڻ به مشڪل آهي. انهيءَ تصوير کي توهان ڪمري به جاءِ تي رکو، ”مسرور

(١) جڳ مڙيوئي سپنو- ليکڪ شيخ اياز- سگنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻو- مئي ١٩٨٥ع صفحو ٦٤.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب" جون اکيون اوهان کي سدائين سحر ۾ ڏيا جو احساس ضرور ڏيارينديون."

محترم شيخ اياز سندس تعريف ڪندي لکي ٿو(۱) ته

"انهن ڏينهن ۾ صوفي جيٺمل پرسرام، پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ٻيا ڪانگريس جا حمايتي شڪارپور آيا هئا ۽ جماڻي هال ۾ اڪبر اعظم جو ڏينهن ملهائي رهيا هئا ۽ ان جي آڙ ۾ سامراج دشمن تقريرن ۾ هندو مسلم اتحاد ۽ انگريز سامراج خلاف گڏيل جدوجهد جو پرچار ڪري رهيا هئا. جلسي جي صدارت فقير غلام علي مسرور کان ڪرائي وئي هئي. مرحوم لطف الله بدوي، احسان بدوي، لعل محمد ۽ آءُ گڏجي نڪتا هئاسين. جلسي ۾ دير سان پهتاسين ۽ خالي ڪرسيون نه ملڻ سبب پاسو وٺي بيٺا هئاسين..... آخر ۾ "مسرور فقير" صدارتي تقرير لاءِ اٿيو، مون هن ڏانهن ڏٺو ته هو شاهه بلوط جي شهتير وانگر سڌو سنئون ٿي نظر آيو. "مسرور فقير" نهايت مختصر تقرير ڪئي..... مون کي هن جي تقرير ته ياد نه آهي پر هن جون اکيون ياد اچي رهيون آهن جن کي ڏسي مون لوڪ گيت جي سٽ "اکيون ادل جون ٻرن مشعالان" جهونگاري هئي. صاف ۾ صاف آئينا، انسان جون اکيون ٿينديون آهن ۽ جي اهي مشعالن وانگر ٻرن ته ڇا چئجي."

مشعالن جيان ٻرندڙ اکين واري "فقير مسرور" جي هٿن جي تعريف ڪندي اگهتي لکي ٿو(۲):

"مسرور فقير جنهن وقت ستار تي پنهنجون گوريون چٽيون آڱريون رکندو هو ته مون کي ائين لڳندو هو ته ستار جي تارن مان رابيل جا گل ڦٽي پوندا."

"فقير مسرور" نوجوانيءَ کان ئي ڏاڙهي ۽ مڇون رکندو هو، ڪڏهن ڪڏهن سونهاري لاهرائيندو به هو پر مڇون سڄي عمر رکيائين. ابتدا ۾ وار انگريزي ڪٽ نهرائيندو هو بعد ۾ اٽڪل چاليهن سالن کان پوءِ وڏا وار به ڇڏيائين(۳).

(۱) جڳ مڙيوئي سپنو- ليکڪ شيخ اياز، سڳنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻو- مئي ۱۹۸۵ع، صفحو ۶۴.

(۲) جڳ مڙيوئي سپنو: ليکڪ شيخ اياز- سڳنڌ پبليڪيشن لاڙڪاڻو مئي ۱۹۸۵ع صفحو ۵۶.

(۳) فقير مسرور جا اهي وار، ٻين نوادرات سان گڏ فقير سائين احمد بخش بدوي وٽ محفوظ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”فقير مسرور“ جي جواني بہ بيمثال هئي. قدرت کان ڪيس حسن ۽ شباب جون اهي دلڪشيون مليل هيون جن کي مردانا حسن لاءِ لازمي سمجهيو ٿو وڃي(١). ميان واحد بخش قلپوٽي مرحوم جو چوڻ آهي(٢) تہ ”جڏهن مسرور فقير چنڊ ڳوٺ جي ٽپي تي ٽپيدار ٿي آيو(٣) تڏهن سندس حسن جي اها جاذبيت هوندي هئي جو ماڻهو ان ڏانهن ائين ڇڪجي ويندا هئا جيئن مقناطيس ڏانهن فولاد، مگر ان هوندي بہ سندس زندگي بي داغ هئي.“

”عمر جي پوئين حصي ۾ حالانڪ ڪيس دل جي تڪليف ٿي پئي پر ايڏي ساري بيماريءَ جي هوندي بہ سندس شگفتگيءَ ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آئي“ (۴).

## سيرت

”فقير مسرور“ جي صورت ۽ سيرت ٻئي لياٽيندڙ هيون، هو تصوف جي تازگي بخشيندڙ فضا ۾ ساهہ کڻندو هو. پاڻ اعليٰ اخلاق وارو ۽ رلڻو ملڻو فقير هو. ننڍن سان پيار ۽ شفقت سان ۽ وڏڙن سان ٻئي هٿ جوڙي ملندو هو. هڪ جيڏن، دوستن ۽ فقيرن سان ياڪر پائي ملندو هو. پکين ۽ جانورن تي ڪهل ڪندو هو. پڙتال لاءِ ابتدا ۾ وٽس هڪ گهوڙو بہ هوندو هو. جنهن جي سار سنڀار ۽ پرگهور لهڻ ۾ وسان ڪين گهٽائيندو هو.

نهايت بلند حوصلي وارو ۽ انتهائي وضعدار شخص هوندو هو. نوڙت، نياز ۽ محبت جو مرد مٿيادار هو. خاندان جي عزت، عظمت ۽ ذميدارين جي احساس سان گڏ، سڄڻن ۽ دوستن جو بہ وڏو لحاظ رکندو هو.

مرحوم شيخ اياز هميشہ چوندو هو تہ ”مسرور فقير هڪڙو اعليٰ ۽ تمام عاليشان انسان هوندو هو، نوڪري تہ معمولي سپروائيزنگ ٽپيداري هيس پر انسان جي حيثيت ۾ وڏي ليول جو ماڻهو هو.

پروفيسر جهامنداس ڀاٽيہ سندس سيرت جي تعريف ڪندي لکي ٿو(۵):

---

(١) ميان غلام علي مسرور، ليکڪ، پروفيسر لطف الله بدوي، ماهوار نئين زندگي فيبروري ١٩۵۴ع صفحو ٧.

(٢) ميان واحد بخش قلپوٽو مرحوم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ استاد هوندو هو، سندس ان روايت کي مرحوم لطف الله بدوي پنهنجي مضمون (ماهوار نئين زندگي فيبروري ١٩۵۴ع) ۾ آندو آهي.

(٣) فقير مسرور چنڊڳوٺ ۽ ميان جي ڳوٺ جي ٽپي تي سن ١٩٢٧ع ڌاري ٽپيدار رهيو (سروس جي صفحي ۴ مطابق).

(۴) غلام علي مسرور جي شاعري- مقالو، عبدالواحد ابڙو، ايم اي لاءِ لکيل مونوگراف ص ١٧.

(۵) مسدس مسرور عرف هيرن جو هار- مصنف جو احوال تحرير پروفيسر جهامنداس ڀاٽيہ، ڇهون ڇاپو نومبر ١٩٦٠ع ص ١.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مسرور مسرت جو مجسمو هو. مسرت جو مايہ [illegible] عليم هستيءَ ۾ اينتري قدر موجود هو جو مرڪ سندس منهن تي سدائين ٻچندي نظر ايندي هئي. انهيءَ مسرت مدامي جو مدار معدني معاشي مايہ تي منحصر نہ ٿو رکي مگر ان جو آذار انهيءَ ابدي آرام ۽ سڪون تي مدار رکي ٿو، جنهن جي چڪ چگن چکي آهي ۽ جنهن جي لک لاهوتن لکي آهي. ائين بيشڪ آهي تہ هو بہ آدم زاد هو مگر هن انهيءَ ورثي کي حياتيءَ جي ٿوري عرصي ۾ ماڻهپ ۾ مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هو پاڻ کي خوديءَ کان خالي ڪرڻ جي خاص خدمت ۾ مشغول رکندو هو. هن ۾ ٻين جي ڏک سور جو احساس تيڻ لڳو ۽ جيئن ويو انهيءَ پنڌ ۾ اڳرو ٿيندو تيئن ويو وڌيڪ صاف ٿيندو ۽ صوفي ٿيندو.

مسرور: سامي وانگيان رهڻيءَ جو قائل هو نہ ڪهڻيءَ جو. ڏٺي ڏڳ هلڻ وارا هميشہ چپ کي روڪڻ ۽ ديد لڳائڻ تي زور ڏيندا آهن، مسرور بہ اهڙين رمزن جي راهن ۾ هڪڙو راهي هو. ائين نہ آهي تہ غلام علي مسرور گيڙوءَ رتي وڏي چولي وارو، اوتاري جو مجاور هو، پر هو گهر ٻاري هو ۽ ڪڏهن بہ هن پنهنجي پريوار جي گهرجن جي پورائي لاءِ پگهر وهائڻ ۾ پير پوئتي نہ رکيو. روز جي محنت کي هو رياضت سمجهندو هو. اها محبت فرض بہ آهي تہ قرض جي ادائگي بہ آهي.

مسرور جي محبت مقناطيسي هئي، سندس گفتگو شيريءَ واري، سندس ادب اضافي وارو. مروت ۽ فضيلت تہ سندس ڏاج هئا. مردانا جسم رکندي بہ جا منجهس حسن جي مٺي هئي ۽ جا قرب جي ڪٺي هئي سا ملي ڪيس رمٽيڪ ٻٽائي چڏيندي هئي. سندس سنگت، سنگين ۽ رنگين هوندي هئي. هندن وٽ تہ سندس هبڪار جهجهيري هوندي هئي، ڪيترا تہ ڪيس ادو ڪري سمجهندا هئا تہ ڪي وري ڪيس ابو.“

انهن سمورين وصفن ۾ منجهس جا وڌيڪ خوبي هئي، اها هئي سندس بي طمعي ۽ انساني همدردي، جنهن جا مثال سوين ئي آهن. خاص طور ورهاڱي تيڻ جي ڪري جڏهن سندس پيارا دوست، سنڌ ڇڏي، هندستان لڏي وڃي رهيا هئا تہ، جايون، مال ۽ مڏيون سندس حوالي ڪري ويا هئا پر انهن لکن ڪروڙن جي مال ملڪيت مان هڪ ڪک بہ پاڻ لاءِ نہ رکيائين.

پاڻ دوستن جي جاين جي رکوالي ڪندو رهيو، سندن سامان جي سنڀال

ڪندو رهيو، سنڌس ملڪيتون بچائڻ لاءِ ڪين مختيارنامہ لکي موڪلڻ لاءِ منٿون ڪندو رهيو پر پناهگيرن پنهنجا ڪليم داخل ڪيا ۽ اهڙي طرح ننڍڙي سنڌس سڄڻن دل گهرين دوستن جون، محلاتن جهڙيون جايون ۽ انهن ۾ رکيل قيمتي سامان، مفت ۾ پناهگيرن کي ملي ويو. جنهن جو ڏک کيس آخري عمر تائين رهيو.

## پوشاڪ:

”فقير مسرور“ جو حسن، جوانيءَ ۾ جيترو رود اثر هو، اوترو ئي سنڌس پوئين عرصي ۾ نکريل ۽ مهڪندڙ گلاب جهڙو هو. پاڻ شروع کان ئي تمام سهڻن ۽ کليل رنگن جا ڪپڙا زيب تن ڪندو هو. ملازمت واري مخصوص وقت ۾ گهڻو ڪري سفيد شلوار قميص، جنهن جي مٿان موسم آهر اڇي صدري يا ڪارو يا اڇو ڪوٽ پهريندو هو ۽ مٿي تي گول ٽوپي يا پٽڪو ٻڌندو هو. سنڌس پسند جو رنگ، بوسڪي بادامي ۽ گيڙو هو مطلب تہ جيڪا بہ پوشاڪ پائيندو هو، ان مان سنڌس وضعداري پئي بکندي هئي.

## شڪار جو شوق:

ملازمت جي ابتدائي دور ۾، جڏهن وٽس بہ هڪ سهڻو منارو بور گهوڙو هوندو هو، تڏهن مختيارڪار صاحب پاڻ سان کيس شڪار تي وٺي ويندا هئا. انهيءَ شوق جي ڪري گهڻو گهڻو پوءِ پنهنجي لاءِ هڪڙي ڊبل بيرل گن خريد ڪئي هئائين(١). وٽس شڪار جو ٻيو سامان جهڙوڪ ”برجس“ ۽ چمڙي جون ”ليگس“ بہ هوندو هو، پر پنهنجي سِر اهي پائي يا بندوق کڻي شڪار تي ڪڏهن بہ نہ ويو. البت هڪ سال اندر ئي اها دونالي بندوق لاڙڪاڻي جي هڪ سيٺ پمنداس ولد ساماڻو مل کي وڪڻي ڇڏيائين(٢).

”فقير مسرور“ وٽ هڪ خوبصورت ميان وارو خنجر(٣) ۽ هڪ

---

(١) ڊبل بيرل گن نمبر ٢٠٨٦٠. ليسن نمبر ٥٠، ڊسمبر ٢-١٩٣٩ع (ليسن تان ورتل).

(٢) فقير مسرور اها بندوق ٢٦-مارچ ١٩٤١ع تي سکر جي منجسٽريٽ جي پرمٽ نمبر ٩١٩١ مطابق وڪرو ڪئي. (پرمٽ ليٽر تان ورتل)

(٣) پتل تي بخمل چڙهيل ميان ۽ مُني وارو هي خنجر فقير مسرور جي وڏي فرزند ميان رحيم بخش بدوي (ثاني) جن وٽ موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”گپتي“ (١) به هوندي هئي جا سندس جامو متائڻ کان پوءِ شڪارپور جي مختيارڪاري آفيس ۾ جمع ڪرائي وئي هئي.

هڪ اهڙي فقير وٽ، جيڪو سارو وقت عشق جي تنوار ۾ مشغول هجي ۽ جيڪو راڳ ۽ سازن جي لطيف ۽ مڌر سرن ۾ سمايل هجي، انهيءَ لاءِ اهڙا سيئي هٿيار بنهه بيڪار هئا ۽ سواءِ بندوق جي هن اهي هٿيار پاڻ خريد به نه ڪيا هئا پر سندس دوستن ڪيس سوکڙيءَ طور ڏنا هئا، جن کي پاڻ ڪڏهن ڪٿي ڏنو به ڪونه هئائين.

## گهريلو زندگي:

”فقير مسرور“، حياتيءَ جا ابتدائي ٽيٽيهه سال مجرد جي زندگي گذاري (١) ۽ شاديءَ تائين لنگ ۾ گذاريائين، سندس والدين جي منشا هئي ته هو شادي ڪري پر سندس خيال موزڻ نهايت مشڪل هو انهيءَ ڏس ۾ هنن ڪوششون ڪيون جيڪي ناڪام ويون، پوءِ جڏهن پير طريقت کان ڪيس اجازت ملي ته سن ١٩٢٧ع ڌاري، پنهنجي عزيزن جي حڪم تي، شڪارپور جي دايا خاندان مان، ميان محمد بخش جي ڌيءَ سان سندس شادي ٿي.

گهريلو زندگيءَ ۾ به نهايت همدرد ۽ فرض شناس هوندو هو، صاحب اولاد ٿيو، کيس ڇهه فرزند ۽ پنج نياٽيون تولد ٿيون. ٻارن کي سٺي تعليم ڏيارڻ لاءِ وڏيون ڪوششون ورتائين، پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي ٽنهي وڏين نياٽين جي شادين جي ذميداري پوري ڪيائين.

پنهنجي عزيزن قريبن جي به تمام گهٽي خدمت ڪيائين. سندس چاچو حاجي امام بخش خادم، اولاد کي ننڍيءَ عمر ۾ ڇڏي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو ته سندس ڪٽنب جي پرورش ۽ تعليم جي لاءِ به تمام وڏيون ڪوششون ڪيائين.

انهيءَ ڪانسواءِ پنهنجي سمورن ڏيهي پرڏيهي دوستن، سندن گهرڀاتين ۽ ٻارن سان به پريم ۽ پريت جو پيوند رکندو آيو. مطلب ته سموري حياتي سنساري ذميدارين کي مڪمل ڪرڻ ۽ انسان جي خدمت ڪرڻ ۾ ئي سڪ

(١) گپتي: هڪ ڪاري سنهي ڏگهي ڇڙي هوندي هئي جنهن ۾ سنهي ڌار واري تلوار پيل هوندي هئي، جا بظاهر ڇڙي نظر ايندي هئي.

(٢) غلام علي مسرور: ليڪڪ پروفيسر لطف الله بدوي ماهور نئين زندگي فيبروري ١٩٥٤ع، صفحو ٧.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻيائين، ايسنائين جو آخري ايام ۾ جڏهن سندس اولاد ٻه اچا ننڍي هئي ۽ پاڻ ٻه ريٽائر ڪري چڪو هو، تڏهن ته ويتر ٺي گرهستيءَ جو اونو وڏي ويو هوس پر اهڙي مشڪل وقت ۾ به پنهنجي ذميدارين کان منهن نه موڙيائين.

## سير سفر:

سرڪاري نوڪريءَ ڪرڻ سان گڏوگڏ "فقير مسرور" پنهنجو باقي وقت سنڌ جي بزرگن، اوليائن ۽ فقيرن جون چونڪيون ڏيڻ، انهن جو ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ڳائڻ، دوستن عزيزن سان ميل ملاقاتون ڪرڻ ۽ غريبن غمزدن جي غمخواري ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. هر هفتي پنهنجي مرشد راهه هدايت شهنشاهه فقيرقادر بخش بيدل، جي درگاهه تي روهڙيءَ وڃي حاضري ڏيڻ، هر پندرهين ڏينهن دولهه درازي سرڪار عبدالوهاب سچل سرمست جي چونڪي، يا ماهه پهرين سومر رات حضرت عثمان مروندي قلندر لعل شهباز جي ڌمال لاءِ سيوهڻ، توڙي سنڌ جي سرتاج ڀٽ ڌڻي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دربار جو سلام ڪرڻ لاءِ ڀٽ شاهه، ته ڪڏهن شاهه عنايت جهوڪ واري درگاهه جي چونڪي ڏيڻ، ته ڪڏهن ڪنڊڙيءَ جي بزرگن سان ملاقاتون ڪرڻ. سندس زندگيءَ جو مسلڪ هو.

## فقيري فيض:

ظاهري طور ١٩٠٨ع ڌاري جڏهن پاڻ اجا چوڏهن سالن جو هو، ته شهنشاهه فقير بيدل سائين جي درگاهه تان ڪيس باطني فيض مليو، جنهن جو ذڪر پنهنجي ڪيترين ڪافين ۾ ڪيو اٿس.

## همعصر ۽ مداح:

فقير سائينءَ جي پيارن، دوستن ۽ ڪيس چاهڻ وارن جو ڳاڻاٽو انتهائي مشڪل آهي. پر علم ادب ۽ فن جي ميدان جا ڪجهه اهم ۽ ناميارا شخص جيڪي پنهنجي وطن ۽ ويڙهيچن لاءِ ووڙيندا هئا، تن مان فقير سائينءَ کي چاهڻ وارا ڪجهه هي آهن:

حڪيم الامت فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر علامه مُحمد عمر بن دائود پوٽو، مُحمد هاشم مخلص، محمد بخش واصف، حافظ حيات شاهه، حاجي مُحمد صديق ميمڻ، رئيس ضياالدين بلبل، چينمل پرسرام، ڪشنچند بيوس، حاجي امــام بخش خــادم، حاجي محمود خادم، نواز علي نياز،

عثمان علي انصاري، علي نواز علوي، سردار محمد بخش ڪوجهي، آغا صوفي، مخدوم الله بخش عاصي، ڪيئلداس فاني، بولچند راجپال، پروفيسر ڦيرواڻي، مولا بخش مسڪين پٿو، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا، حبيب الله پٿو، آغاعبدالنبي عليگ، لطف الله بدوي، احسان بدوي، شفيع احمد اوج علوي، لعل محمد لعل، خواب حيدرآبادي، فقير عبدالوهاب ناظم، عبدالفتاح عبد عاقلي، ميان غلام عباس قادري، علي گوهر يڪتا، مرزا افضل بيگ، ڊاڪٽر مُحمد ابراهيم خليل، شاهنواز عارف، پروفيسر رام پنجواڻي، مُحمد خان غني، حافظ محمد احسن چنا، غلام مُحمد گرامي، غلام احمد نظامي، پرسرام ضيا ۽ شيخ اياز.

## فنڪارن مان:

ماسٽر چندر، ڀڳت ڪنور رام، ڀائي چيلو، گلشن صوفي، الله رکي، جيوٽي ٻائي، قدرت الله خان، سينڌو خان، الله ڏنو نوناري، حافظ احمد گويو ۽ استاد محمد حسن ستار نواز.

## فقيرن مان:

مُحمد فقير کٽياڻ، فقير هدايت علي تارڪ نجفي، فقير غمدل، فقير بيدل سائين جو صحبتي فقير الله اوباهي شاه، نصير فقير جلالاڻي، ميرل فقير هنباه وارو، سائين انور شاه جهانپور وارو، شائق فقير عمراڻي جيڪب آباد وارو، فقير قلندر بخش هيسباڻي ڪنڊياري وارو، پرسرام بمبئيءَ وارو، ڪنيالال اچپليا، سانوڻ مل ٽپيدار ڏهرڪيءَ وارو، رگهومل پنجابي بمبئيءَ وارو، فقير امداد علي خواجائي، منشي صدرالدين، نوراحمد پٺي مختيارڪار، گورڌن داس ٽپيدار روهڙيءَ وارو ۽ هولارام پورن ناس وارو شڪارپوري سندس پيارن ۾ شامل هئا.



سنار وڄائيندي ”فقير مسرور“ جي ڦوهه جوانيءَ جي هڪ يادگار تصوير
ڪابي پاسي سندس پيارو دوست حاجي رحيم بخش ٿهيم



کابي کان وينئل: پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم (يڪتاري سان)،
حافظ احمد (ڍولڪ سان)   فقير مسرور (يڪتاري سان).
پرسان ڪرسيءَ تي براجمان ميان امير علي شاهه جيلاني ملتاني

## راڳ ۽ سماع:

"فقير مسرور" علم موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو هو مگر پاڻ گهڻو ڪري يڪتاري تي سنڌي سليمي انداز ۾ ڳائيندو هو. موسيقيءَ ۾ سندس پهرين تربيت سندس والد ميان ماستر رحيم بخش بدويءَ ڪئي جنهن ڪان پوءِ سيندي خان سان گڏ. سندس والد هيدو خان کان راڳ ۽ ستار وڄائڻ جي سکيا ورتائين.

فقير مسرور جي وڏي فرزند ميان رحيم بخش بدوي (ثاني) جو چوڻ آهي ته: "سندس عشق آستاني ۾ هڪ عاليشان پلنگ رکيل هوندو هو، جنهن تي

جي ڏم ڏڙي لڳي پئي هوندي هئي. لوڪ رام ڏوڏيجا سنڌس محفلين جو اکين ڏٺو احوال لکيو آهي(۱) ته

"فقير مسرور" ڪمال جو شاعر هو ۽ ڏاڍو سريلو ڳائيندو هو. سنڌس اوطاق تي هندو مسلمان ڪنا ٿيندا هئا. شڪارپور جي شهر ۾ اهڙن لاهوتي سجڻن جي ڪري ئي حياتيءَ جو لطف هوندو هو جتي صوفي ڪلام جي ڪچهري لڳي پئي هوندي هئي. "فقير مسرور" شاستري سنگيت جو به وڏو ڄاڻو هو پر ماٺهو سنڌس دلي ۽ يڪتاري واري محفل ۾ سنڌس واتان صوفياڻا بول ٻڌڻ لاءِ بيقرار رهندا هئا."

شڪارپور جا توڙي سنڌ جا وڏا وڏا گويا، شاعر ۽ صوفي بزرگ جهڙوڪ فقير عبدالخالق غمدل، فقير هدايت علي تارڪ نجفي، محمد فقير ڪتياڻ ۽ جمالو خان، مبارڪ علي خان، مراد علي خان، ٻيبو خان جهڙا استاد ڳائڻا به "فقير مسرور" جي محبت ۽ پرسوز آواز سبب پرواني مثل مٿس پاڻ پيا واريندا هئا.

مرحوم لطف الله بدوي لکي ٿو ته(۲): "مسرور جي زندگي جو اهم ترين دور سال ۱۹۲۱ع کان ۱۹۳۰ع تائين شمار ٿئي ٿو. آخر سنڌس درد دل رنگ لاتو. عوام جي عقيدت ان ڏانهن جهڪي پئي. سنڌس اوتارو گويا صوفين جي ڪيف ۽ مستيءَ جو آشيانو بڻجي ويو. ڪڏهن غمدل صوفيءَ جي آمد آهي ته ڪڏهن نجفي (پوءِ تارڪ) جي سماع جي محفل آهي. سينڌو خان جو موسيقيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ ستار جو استاد ليکيو ويندو هو، سنڌس اوتاري ۾ هميشه حاضر هوندو هو. عوام جو جم غفير، جن ۾ هندو به شامل هوندا هئا، هن صوفيءَ جو ڪلام ٻڌڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا."

"فقير مسرور" جي عشق آستاني ٿيندڙ يادگار محفلن مان هڪ محفل جو ذڪري ڪندي پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم لکي ٿو(۳):

"سن ۱۹۲۰ع جي جنوري مهيني جو ذڪر آهي جو شڪارپور ۾ "فقير غلام علي مسرور" جي اوطاق تي چڱائي دوست ۽ فقير آيل هئا (جيڪي پوءِ به

(۱) وساريون نه وسرن، لوڪرام ڏوڏيجا (ديوناگري لپي) شڪارپور ياگو ٿيون ۱۹۷۸ع صفحو ۴۹۶.

(۲) ماهوار نئين زندگي- فيبروري ۱۹۵۴ع. صفحو ۸.

(۳) روزانه هلال پاڪستان ڪراچي، ۱-نومبر ۱۹۸۰ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غمدل فقير کان پوءِ فقير هدايت علي نجفي هٽ ۾ يڪتارو ڪنيو. محفل تي سڪوت ڇانئجي ويو، هر ڪو هن نو وارد کي نهارڻ لڳو، جو هن پنهنجي ڪافي شروع ڪئي:

مــاريءَ جــي هــنــي مــام، راءُ نــہ ريــڌو راڳ تــي،
ساز سرود جون مخفي ڳالهيون ڪٿي ڇاڻي تو عام.

هن کي سماع جي محفل چئو يا صوفي شاعرن جو مشاعرو، جڏهن بند ٿيو تڏهن ڪجهہ وقت روحاني ريجهہ ۽ رهاڻ ٿيندي رهي. فقير نجفي، ”فقير مسرور“ وٽ هفتو کن مهمان رهيو.“

”فقير مسرور“ سن ١٩١٣ع ڌاري جڏهن ملازمت ۾ داخل ٿيو تہ پهريون ڪم اهو ڪيائين جو شڪارپور ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ پيرن فقيرن جي درگاهن تي نئين سر راڳ جون محفلون ۽ چونڪيون شروع ڪرايائين. ان جي ڪري شهر جا نوان نوان راڳي ويراڳي ميدان تي آيا. جهڙوڪ فقير غلام حيدر انصاري، فقير عبدالڪريم انصاري، فقير نور محمد پناڻ ۽ فقير رسول بخش ڏيٿو (١).

ان زماني ۾ شڪارپور جو هڪ بيمثل موسيقي دان حافظ احمد بہ اچي ”فقير مسرور“ جي ٽولي ۾ شامل ٿيو، جنهن جي نہ فقط آواز ۾ بلا جو اثر هو پر فن موسيقيءَ جو ماهر هو (٢) جيڪو پاڻ بہ ڳائيندو هو ۽ ساڻن ڪڏهن دلي تہ ڪڏهن هارمونيم تي سنگت بہ ڪندو هو.

انهن ئي ڏينهن ۾ ”فقير مسرور“ جو مڌر راڳ ٻڌڻ لاءِ سندس سوٽ، مرحوم لطف الله بدوي بہ اچي وٽس ويهندو هو (٣). پوءِ جڏهن هو انگريزي اسڪول ۾ وينو تہ سندس شوق کي ڏسي ”فقير مسرور“ کيس يڪتارو ڪٺايو ۽ مٿس تخلص ”جوڳي“ رکيائين.

---

(١) شڪارپور جا ڳويا ۽ موسيقار، ليک احمد بخش بدوي- شڪارپور صدين کان جنوري ١٩٨٨ع صفحو ١٩١.

(٢) فقير غلام علي مسرور: ليک پروفيسر لطف الله بدوي، ماهوار نئين زندگي فيبروري ١٩٥٤ع ص ٧.

(٣) ان وقت مرحوم لطف الله بدوي جي عمر ڏهہ سال هئي، ڇاڪاڻ تہ بدوي صاحب ١٩٠٤ع ۾ ڄائو هو ۽ فقير مسرور کان ٻارنهن سال ننڍو هو. (مؤلف)

”فقير مسرور“ جي راڳ جي تحريڪ اهڙو رنگ لاتي جو جهڙيو جو ٻيا به ڪيترا ڳائڻا ۽ ساز وڄائڻ وارا سنڌس محبتي فقيرن جي ٽولي ۾ شامل ٿيا، جن ۾ خاص طور فقير موريل حجم، رحيم بخش تهيم، الاهي بخش ڪاسائي، چڳومل طبلي نواز ۽ منومل پنجابي هارمونيم ماسٽر قابل ذڪر آهن.

شڪارپور جي شهر يا ان جي اوسي پاسي جي بزرگن ۽ پيرن جي درگاهن تي ڪڏهن چنڊ جي پهرين سومر رات، جمعرات يا هر مهيني جي ٻارهينءَ تي راڳ ٿيندو هو، جنهن تي انهيءَ پاڙي اوڙي جا شائق اچي پنهنجي عشق جي اڃ اجهائيندا هئا، پر ”فقير مسرور“ چاهيو ٿي ته انهن بزرگن جي چونڪين ذريعي ماڻهن جي ميل محبت کي وڌائجي ۽ ان لاءِ هفتي جا سيئي ڏينهن اهڙيءَ طرح مقرر ڪجن جو محبتين جو ميل جول به وڌي ۽ جن بزرگن جي درگاهن تي چونڪيون نه پئي ٿي سگهيون، انهن جي عقيدت جون حاضريون به پرجن. انهي ڳالهه کي ڳڻي ”فقير مسرور“ چونڪين جا ڏينهن مقرر ڪيا.

انهن چونڪين ۾ امين شاهه چشتي، حاجي لطيف شاهه جلالي، منجهر شاهه بخاري، ميرڻ شاهه جي چونڪين سان گڏ ڪٽڪ شاهه، قادر پير، اول شاهه، الف شاهه شهيد، نور شاهه، ڪامل شاهه، حاجن شاهه ۽ شاهه حسين بخاريءَ جون چونڪيون شروع ڪرايون، جن تي به پاڻ اچي راڳ ويراڳ جي محفل ڪندو هو. خاص طور ملتان کان جڏهن سيدنا امير شاهه گيلاني شڪارپور ايندو هو ته ڪاسائين جي پاڙي ۾ روزانو رات جو راڳ جي محفل ٿيندي هئي.

شڪارپور کان ٻاهر خاص طور روهڙي، درازا، پٽ ڏني ۽ لعل شهباز قلندر جون چونڪيون ۽ حاضريون ڏيڻ ته ”فقير مسرور“ جو مقرر ٿيل معمول هو، انهن جي حاضرين يا چونڪين ۾ پاڻ دنيا جا سڀ ڪم ڏنڊا ڇڏي وڃي رسندو هو.

سنڌس ڳائڻ کان متاثر ٿي ڪيترائي سنڌس هم پيشا، ساٿي تپيدار به سنڌس سهڳڻ سنگ ۾ شامل ٿيا، جن مان روهڙيءَ جو فقير گورڌن داس ۽ ڏهرڪيءَ جو فقير سانوڻ مل، روهڙيءَ ۽ درازا جي چونڪين ۽ ميلن ۾ ساڻس سدائين گڏ هوندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”فقير مسرور“ جي پياري دوست فقير پرسرام ڪيسواڻي عرف جوڳي بابا، راقم الحروف کي خط وسيلي پنهنجي ۽ ”فقير مسرور“ جي راڳ ۽ چونڪين متعلق معلومات ڏيندي لکيو آهي:

”پيارو غلام علي مسرور فقير اسان جو گهرو ۽ پياري ۾ پيارو دوست هو. گهڻو وقت ”بيدل صاحب“ تي گذاريو سين، هونئن اسان وٽ روهڙيءَ ۾ به ايندو هو پر ”بيدل صاحبن“ تي راتين جون راتيون گهڻو ڪلام ڪندا هئاسين. بندي جو گهر روهڙيءَ ۾ ٽڪر تي هوندو هو، جتان لهي پنجن منٽن جي پنڌ تي ”بيدل صاحبن“ جي درگاهه تي ايندا هئاسين، جتي سالڪ، مست، ڪل فقير ايندا هئا، جيئن حضرت قاضي صاحب، بابا نيپراج ۽ ٻيا به گهڻائي ايندا هئا ۽ فقير تيجا رام درويش به ”بيدل صاحبن“ تي گهڻو ايندو هو، جتي ڪشنومل فقير، ”بيدل صاحبن“ جو پيارو، مائي لکمر ۽ ٻيا به خدمت ۾ هوندا هئا.

ننڍي کان جڏهن هي يار سپروائيزنگ ٽپيدار هوندو هو ته گورڌن داس روهڙي وارو به ٽپيدار هوندو هو، جو درازن جو طالب هو، جو پڻ روهڙيءَ ۾ گذاري ويو آهي، پيارو گورڌن داس ۽ اسان به ڪلام چوندا هئاسين ۽ ”پيارو مسرور“ به گڏ هوندو هو.

سن ۱۹۲۲ع ۾ سڀئي شهنشاهه حضرت نصير محمد فقير صاحبن (۱) جي قدمن ۾ قبول پياسين، جن پٺي هن وقت تائين سنياريو آهي ۽ آئيندي به ننگ ڪٽندا تا اچن(۲). اُتي به پياري دلبر ”مسرور فقير“ سان ڪلام وغيره ڪندا هئاسين.

حضرت فقير نصير محمد صاحب جن سينارجا يا راٽيپور اسٽيشن کان ست ڪوهه پري جلالاڻي شريف جي ڳوٺ ۾ رهندا هئا. بعضي ان جي سواري ملندي هئي ته واهه نه ته خير، جُتي چيلهه سان ٻڌي پنڌ پئبو هو، جو واريءَ جو پنڌ هوندو هو.

حيدرآباد ۾ سائين قطب شاهه جي درگاهه تي ويندا هئاسين ۽ لاڙڪاڻي

(۱) حضرت فقير نصير محمد جلالاڻي، ڳوٺ جلالاڻي، خيرپور رياست ۾ راٽيپور اسٽيشن کان ۱۷ ميل اوير طرف، هڪ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سورهين ڊسمبر ۱۹۶۰ع تي اٽڪل سوا سو سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪيائين.

(۲) جوڳي بابا سدائين، فقير نصير محمد جلالاڻيءَ جي ميلي تي سنڌ ايندو آهي، وڏي عمر جو آهي، پوءِ به مرشد جي زيارت تي ضرور ايندو آهي.

۾ وري ڏرمداس جي آستاني تي ويندا هئاسين. ماسنر چندر نہ، جيڪو ڳائيندو هو سنڌ ۾، پاڪستان کان پوءِ هت آيو هو، سو بہ اسان جو پيارو محبتي هو ۽ درگاهن تي ويندا هئاسين.

هي يار اسان جو پيارو منڙو "مسرور" بمبئيءِ بہ آيو هو(١)، پياري رگهومل وٽ اچي لٿو هو، پوءِ تہ يار روزانو مون وٽ ڪوارٽر ۾ ١٢ بجي کان پوءِ ايندو هو. هت بہ مون سان گڏجي وري روز يا ٻئي ٽئين ڏينهن فقير اڏارام درويش، جيڪو اسٽيشن جي ٻئي پاسي لوئر پريل ۾ پاسي ۾ رهندو هو، تنهن وٽ ست سنگ ٿيندو هو، ويندا هئاسين. پيارو ڪنيالال(٢) بہ هوندو هو، هينئر تہ برڏ سربر آهي، پوري نظر ڪانہ اٿس. جنهن سان منهنجي ڏيٺ ويٺ ۽ پيار بہ رگهومل وٽ ٿيو. مون وٽ بہ ١٢ بجي کان ٣ وڳي تائين رهڻ ۽ ڪلام ڪري ويندو هو ۽ پائي اڏارام درويش وٽ بہ هلي ڪلام ڪندو هو. پائي اڏارام درويش، شڪارپور جي پائي جئرام صاحب جن جو شش هو، جيڪو اُتي هوائي جهاز نالي جاءِ ۾ رهندو هو.

ڊاڪٽر روچلداس صاحب روهڙيءِ وارو، جيڪو بہ وڏو درويش هو(٣)، انهيءَ سان بہ ڪلياڻ ڪيمپ ۾ گڏجڻ ويا ۽ ٻين درويشن وٽ بہ رگهومل وٺي وين.

فقير صاحب يار جا، اسان کي بہ ڪلام ياد آهن:
ڏينهن دنيا ۾ ڏيڍ جو رهڻا - آوڻ جاوڻ اڍائي،
پوندي خبر نہ ڪائي.
ڪوڙي هوءِ تي هوائي، پوندي خبر نہ ڪائي.

*

---

(١) فقير مسرور ١٩٥١ع ڌاري هندستان دوستن سان ملڻ ويو هو.

(٢) ڪنيالال، فقير مسرور جو پيارو شش هو ۽ سندس ڌرميتنيءِ جي بہ فقير مسرور سان سچي سڪ ۽ شرڌا هوندي هئي، سندس ديهانت ڪانپوءِ، سندس آتما جي شانتيءَ لاءِ فقير مسرور جو ننڍڙو پستڪ "مداح سنگرو سائينءَ جي سوڪڙيءَ" سن ١٩٨١ع ڌاري شايع ڪرائي. فقير مسرور سان سندس تصوير بہ ڇپيل آهي (مؤلف)

(٣) سرڳواسي ڊاڪٽر روچلداس، فقير نصير محمد جلالانيءَ جي صحبت ۾ گهڻو رهيو هو. (صوفي سونهون، تاليف ۽ ترتيب: روپو ڪرپالاڻي- امرلوڪ ٽرسٽ ڪراچي ١٩٨٢ع صفحو ١).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



فقير مسرور پنهنجي پياري دوست ڪنيالال اچپليا سان بمبئيءَ
(فوٽو سن ١٩٥١ع)



فقير مسرور پنهنجي پياري دوست رگهومل پنجابيءَ (کاٻي طرف) سان بمبئي
جي هڪ حسين واديءَ ۾ سئر ڪندي (فوٽو سن ١٩٥١ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاڳ لنگهي کي لائق پريا - منهنجا سائين ڏي تون سڏي،
ميراثي "مَسرُورَ" کي بهرو- عشق جو ڏئي چڏ اڏي.

هڪ ٻيري مالڪن سائين نصير محمد فقير وٽ ٻيو نمبر ڪلام، لاڳ لنگهي کي لائق ٻريا، چوڻ واسطي عرض رکيم پر پاڻ ڪلام ڪونہ ٻڌندا هئا. آخر سنگت مالڪن سڳورن کي عرض ڪيو تہ مون اهو ڪلام سائينءَ اڳيان چيو. سنگت چيو تہ ڪلام سنو چيائين.

خط لکان ٿو توهان کي تہ يار جو تصور ٿو اچي، پيارا لال اسان جا ستا سور جاڳايا اٿئي، واهہ واهہ سڀ وقت گذري ويا."

فقير گورڌن داس(١) بہ تمام سنو ڳائيندو هو پر جڏهن "فقير مسرور" ڳائڻ شروع ڪندو هو تہ فقير گورڌن داس ساٽس ڊولڪ تي سنگت ڪندو هو ۽ فقير سانوڻ مل هٿن ۾ گهنگهرن واري ڪرتال وجائي لئي تال ۾ سونهن پريندو هو.

"فقير مسرور" ، سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي گهڻو ڪري سڀني ناميارن بزرگن جون چونڪيون ڏنيون. پنجاب جي خواجہ غلام فريد، بلا شاهہ، مهر شاهہ گولڙہ شريف، شاهہ شمس سبزواري، شاهہ رڪن الدين عالم، سلطان باهو، غوث بهاول الحق ۽ داتا دربار ۽ بلوچستان جي بزرگن قلندر شاهہ ڪيچي ڏٿي،(٢) صوفي غلام رسول وڻجارو "قلاتي" ، صوفي سيد عبدالوهاب ياڳ ناڙي (٣) جي عرس تي وڏي سڪ ۽ اڪير وچان حاضري ڀريندو هو ۽ نينهن کي نسنگ نروار ڪري سندن ٻڙ تي نچائيندو هو.

ساڳيءَ ريت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾: جهنگل بيابانن ٽوڙي جبلن ۾ وجي جايون جوڙيندڙ بزرگن جون حاضريون ۽ چونڪيون بہ ڏنائين تہ ڪيترن بزرگن

(١) فقير گورڌن داس ۽ سانوڻ مل، فقير مسرور سان سموري حياتي سنگ ڀريندا رهيا. هن وقت ٻئي فقير گذاري ويا آهن. فقير گورڌن داس (وفات ٣-ڊسمبر ١٩٨٣ع) تي مرشد جي اپتري نگاهہ هئي جو ڪيس هندن نہ قبوليو ۽ ڪيس فقيرن سچل سائين جي جوار رحمت ۾ دفنايو ويو. (مؤلف)

(٢) قلندر شاهہ ڪيچي ڏٿي، فقير غمدل جي سلسلي طريقت جو مرشد هو.. (گلزار غمدل صفحو ٣٨).

(٣) هي ٻئي بزرگ فقير بيدل سائين جي سلسلي طريقت جا مرشد هئا (پنج گنج، صفحو ٧٨).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙوڪ، خواجا خيرالدين سڪر، قطب شاهه جهانيا، شاهه عنايت صوفي، فاضل شاهه، مصري شاهه، حمل فقير، نبي شاهه، وڳڻ ۽ روحل فقير جي درگاهن تي صوفياڻو ۽ عارفاڻو ڪلام ڳائي سڪايل فقيرن ۽ سالڪن جي دلين کي سرور پهچائيندو هو.

حسن وارن جي پانهي آهيان، جوڙ جتيءَ به تن جي ناهيان،
راتيان ڏينهان آيل تن جا، ڳڻ ويني تي ڳايان.

پنهنجي پير طريقت شهنشاه فقير بيدل عليه رحمة جي ميڙي تي ته "فقير مسرور"، درگاهه تي آيل فقيرن ۽ درويشن جا هٿ ڌاريندي ۽ سندس خدمت چاڪري ڪندي خوشيءَ کان نه ڍاپندو هو ۽ رات جو سماع جي محفل ۾ اهڙو رنگ پري ڇڏيندو هو جو سمورا عقيدتمند ميڙي جا ٽئي ڏينهن وڏي قرار ۾ گذاريندا هئا.

سندس سدا حيات مرڪنڌڙ مورت، راڳ ۽ فقيري خُلق سبب، دولهه درازي سرڪار سچل سرمست عليه رحمة ۽ ڪنڌڙيءَ وارن بزرگن جي ميڙن تي به ساڳي صورت هوندي هئي ۽ اُتي به پاڻ مهمانن جي آجيان ۽ تواضح خاطر حاضر هوندو هو(١).

انهيءَ خدمت جي سلسلي دوران هڪڙو وقت اهڙو به آيو جو کيس درگاهه بيدل سائين ۽ ڪنڌڙيءَ وارن بزرگن جي درگاهه جو خاص خليفو مقرر ڪيو ويو. "فقير مسرور" اها ذميداري به نهايت خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏني. انهن بزرگن جي قرب جي پالوت به مٿس ايتري ته تي جو سندن ڪلام، نوادرات توڙي درگاهن جا پيا سيئي امور ۽ حال ذاڳا "فقير مسرور" جي نگرانيءَ ۾ ڏنا ويا(٢)، جن مان فقير بيدل شهنشاهه جو خرقو، مُهر(٣)، بيراڳڻ ۽ ڪشتو خاص طور کيس فقيري زيور ڪري عطا ڪيا ويا.

---

(١) سير جا ٽي ڏينهن، بولچند وسومل راجپال- ماهوار سنڌو اپريل ١٩٣٧ع، صفحو ١٠.

(٢) بيدل سرڪار جو ڪلام (سنڌي) بولچند راجپال کي ڏنو هئائين (آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد طرفان ڇپايل ١٩٥٠ع جو مهاڳ) ڪنڌڙي وارن بزرگن جو ڪلام پروفيسر جهامنداس ياتيه جي حوالي ڪيو هئائين. (جيڪو سندن پوين کان واپس مليو آهي) جنهن تان پروفيسر لطف الله بدوي استفادو ڪيو هو (ڪنڌڙيءَ وارن جو ڪلام- مرتب لطف الله بدوي جو مهاڳ.)

(٣) فقير بيدل سائينءَ جي "مهر"، مرحوم عطا حسين موسوي صاحب پاڻ فقير مسرور کان عارتياً ورتي هئي مگر اها وري واپس نه ڪيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة جي چونڪيءَ متعلق پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه پنهنجي ياد جي ورقن کي اٿلائيندي لکي ٿو: (١)

"سالن جي عرصي جي ڪهاڻي آهي ته مون کيس بيدل جي درگاهه تي پنهنجي سنگت جي سرڪردي جي صورت ۾ ڏٺو. سندس ساز سريلا، سندس مرشد بيدل جي آواز جا وسيلا هئا، اهي اڪر "بيڪس باجو" اڄ تائين ان رتائن اکين واري، هس مک هستيءَ جي يادگيري ڏياري رهيا آهن.

سندس لڳاتار رات جي سنائي ۾ چونڪيءَ جو پڙلاءُ اڃا به ڪنن ۾ گونجي رهيو آهي، جنهن سندس زبان تي اکر ٿي هر گفتگو ڪنڊڙ لاءِ هوندا هئا، "مصريءَ ڪان به مٺا"، تيئن پاڻ به هر پهلو کان نازڪ نفيس، باريڪ ۽ برڪت وارو هو."

شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة جي ميلي تي، "فقير مسرور" پنهنجي پنجن ئي پٽن کي وٺي ويندو هو، شڪارپور کان ريل تي سکر ويندو هو، اتان ڪڏهن ريل تي ته ڪڏهن آگبوٽ تي يا ڪڏهن پنڌ روهڙيءَ اچي درگاهه جي حاضري ڏيندو هو.

پنهنجي پير مغان جي چونڪي سڄي رات ٻيهي ڏيندو هو ۽ جيسين صبح نه ٿئي تيسين ڪلام مٿان ڪلام ڳائي پنهنجو توڙي ٻين جو روح ريجهائيندو هو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو (٢) ته:

"کيس پنهنجي روحاني رهبر حضرت "بيدل" سان بيحد عشق هو. هو پنهنجي مرشد جي ديدار لاءِ ور ور ڪري پيو ايندو هو ۽ چونڪي ڏئي پنهنجي روح کي راحت رسائيندو هو. سندس آخري عمر جي چونڪي راقم جي ٻڌل آهي، اهو روح پرور نظارو مون کان ڪڏهن به نه وسرندو.

چاندوڪي رات هئي، هو پنهنجي محبوب "بيدل" ڏانهن منهن ڪري، بيدل جو ڪلام آلاپي رهيو هو ۽ سندس چانديءَ جهڙا اڇا وار، چنڊ جي چاندوڪيءَ ۾ چمڪي نور جي ذرائن جي ڏيکاري ڏئي رهيا هئا. چهرو ٻهڪي

(١) مصنف جو احوال، ليکڪ، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه، مسدس مسرور عرف هيرن جو هار- ڇپائيندڙ احمد بخش بدوي، ڇاپو ڇهون نومبر ١٩٦٠ع، صفحو ٢.

(٢) تذڪره شعراء سکر، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادبي سوسائٽي سکر اپريل ١٩٦٥ع، صفحو ٢٢٧-٢٢٨.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو هو ۽ ان مان نور بکي رهيو هو. هو پنهنجي حال ۾ محو هو. سندس آواز ۾ سوز ۽ سر ۾ درد هو؛ جو سامعين کي مست بنائي رهيو هو.“

”فقير مسرور“ گهڻو ڪري پنهنجون ئي ڏنون ناهي ڪلام ڳائيندو هو، ۽ ڳائڻ ۾ پاڻ سنڌي سليمي ڪافيءَ سان گڏ قوالي، شبد، ٻاتي، گنان، تيهه اکريون، مسدس، مخمس ۽ ڪلاسيڪي خيال ۽ ترانا به ڳائيندو هو.

خاص طور ادبي مشاعرن ۾ به پاڻ يڪتاري تي پنهنجو ڪلام پيش ڪندو هو. پوءِ جڏهن سنڌ ۾ ريڊيو اسٽيشن ڪراچي شروع ٿي ته ابتدائي سنڌي پروگرامن ۾ ”فقير مسرور“ کي به شرڪت جي دعوت ڏئي گهرايو ويو هو، جتي پاڻ سترهين فيبروري ١٩٥١ع تي به غزل پيش ڪيا هئائين(١).

”فقير مسرور“ راڳ جو ادارو هو. درگاهن ۽ اوتارن تي باقاعدگيءَ سان راڳ سماع جو سلسلو شروع ڪرڻ سان گڏوگڏ ماڻهن ۾ ميٺ محبت جو ايترو ٻج ڇٽيائين جو شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ راڳ سرود جون محفلون شروع ٿي ويون.

شڪارپور جا رهواسي هونئن ئي سنو پائڻ، سنو کائڻ ۽ سنو هنڍائڻ سان گڏوگڏ راڳ سماع جا به متوالا هوندا هئا. انهيءَ ڪري شهر ۾ گهٽي وقت کان سنگيت ڪانفرنسون به ٿينديون هيون جن ۾ وسنت راءِ ڊيسائي، وشنو ڊگمبر، پائي لال، نارائڻ وياس، اومر ڪارنات ناڪر ۽ پنورڌن جهڙا گني گويا اچي پنهنجي سنگيت ڪلا جي ڇناپيتي ڪندا هئا(٢).

انهيءَ کان علاوه شڪارپور جي ڏرم اپڪار سوسائٽيءَ طرفان گائن ڪلا جي اپاسنا لاءِ ڪاروباري هانڊي جو بندوبست به هوندو هو، جنهن مانڊوي جي ٽڪيٽ هڪ رپيو ٻه آنا هوندي هئي. جن ۾ هند جا وڏا گويا ملڪ ارجن منصور،

---

(١) فقير مسرور جي مارچ ويهين تاريخ ١٩٥٠ع جي لکيل هڪ خط تان ورتل، جنهن لاءِ ميان رحيم بخش (ثاني) ٻڌايو ته انهيءَ پروگرام جا ٥٢ رپيا کيس مليا هئا، جنهن جو ڪانٽريڪٽ فارم به هو پر اهو هٿ نه ٿي سگهيو آهي. (مؤلف)

(٢) شڪارپور جا گويا ۽ موسيقار- احمد بخش بدوي، شڪارپور صدين کان حنوري ١٩٨٨ع صفحو ١٨٨.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمارگنڌرو، وسنت ڏيسائي ۽ چنٽرجي جهڙا ناميارا گويا اچي ڳائڻ ڪلا پيش ڪندا هئا(١).

"فقير مسرور" ٻاهران ايندڙ مهمان گوين جي منورتيءَ ۾ ڦيرو آڻڻ، شڪارپور جي گوين ڪي، انهيءَ چٽاڀيٽيءَ ۾ شامل ڪرڻ ۽ نون ۽ سيکڙاٽ گوين ڪي به موقعو ڏيڻ لاءِ سوسائٽيءَ جي مالڪن کي صلاحون ڏنيون جنهن جي ڪري استاد گامڻ خان پنهنجي نوجوان پٽن مبارڪ علي خان ۽ مراد علي خان ۽ خاندان جي ٻين گوين ۽ شاگردن سميت ميدان تي لٿو.

شڪارپور جي انهيءَ گويي خاندان جي شاگردن مان خانصاحب هادي بخش(٢)، اهو گويو تيار ٿيو جنهن تي خود سندس استاد، خانصاحب مراد علي خان به فخر ڪندو هو. انهيءَ کان علاوه عبدالغفور شيخ(٣) (سيرب به ناهيندو هو) ماستر غلام حيدر(٤) عرف گلشن صوفي، حافظ در محمد شيخ، فقير مولابخش، سيد عبدالرزاق شاهه(٥) مائي الهرکي، سنت پرمانند جهڙا ناميارا ڳائڻا شڪارپور کي مليا.

انهيءَ دور ۾ گامڻ خان جي خاندان جا ٻيا گويا به ڏاڍا مشهور ٿيا، جن ۾

---

(١) سير جا ٽي ڏينهن- ٻولچندو سومل راجپال- ماهوار سنڌو اپريل ١٩٣٧ع، ص ٦.

(٢) خانصاحب استاد هادي بخش ذات جو ميمڻ هو، درزڪو ڪم ڪندو هو ۽ فقير مسرور جي پاڙي ۾ رهندو هو. سندس ورسي هر سال، سندس ئي گهر جي ٻاهران، سندس سيني شاگرد گڏجي استاد ارباب خان ۽ ورڀل داس جي اڳواڻيءَ ۾ ملهائيندا آهن (مؤلف)

(٣) عبدالغفور شيخ جي سيلون منهن بازار ۾ گهٽي جي سامهون هوندي هئي، پاڻ واندي وقت ۾ سيلون جي ٻاهران هارمونيم گوڏن تي رکي وڏي آواز سان ڪلاسيڪي راڳ پيو ڳائيندو هو، اٽڪل ٽيهارو سال اڳ سندس انتقال ٿي ويو آهي، ٻي اولاد هو، سندس عزيز اجا به قادر پير لڳ وينا آهن. (مؤلف)

(٤) ماستر غلام حيدر ذات جو شيخ هو، گلشن صوفيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو، فلم ڪمپنيءَ جو تمام وڏو ۽ مشهور موسيقار ٿي گذريو آهي. سنڌ جي نامياري فلمساز هدايتڪار مرحوم ايس گل جو استاد هو، پنهنجي استاد کي ياد رکڻ لاءِ سائين ايس گل ميوزڪ ڊائريڪشن ۾ پنهنجو نالو گل حيدر استعمال ڪندو هو (مؤلف)

(٥) سيد عبدالرزاق شاهه، خانصاحب مراد علي خان جو شاگرد هو، تمام وڏو گويو ٿي گذريو آهي، ڪيترو وقت ريڊيو حيدرآباد تان ڳائيندو رهيو، ٽيهارو سال اڳ وصال ڪيائين سندس تجر، تلاءَ جي پرسان قادر پير جي صحن ۾ آهي. (مؤلف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمالو خان، بيبو خان، قدرت الله خان ۽ علي محمد خان(١) قابل ذڪر آهن، جيڪي بہ خانصاحب سيئنڏي خان سان گڏجي "فقير مسرور" جي عشق آستاني تي اچي راڳ جون محفلون مچائيندا هئا.

رند فقير محمد ڪتياڻ بہ "فقير مسرور" جيان يڪتاري تي نهايت سوز ۽ گداز سان ڳائيندو هو(٢) ۽ پنهنجي ڪلام ذريعي نينهن ڪي نروار ڪرڻ ۽ پنهنجي پرسوز آواز ذريعي اظهار ڪرڻ سندس خاص ونڊر ۽ وروهن هوندي هئي. پاڻ پير صاحب ڪوٽ ڏتيءَ جي جماعت ۾ تمام زبردست محفل مچائيندو هو. ان کان پوءِ نواب ولي محمد خان لغاريءَ جي محبت ۾ ڪيس اهڙو تہ ساءُ آيو جو ساندهہ ٽي سال وٽس گذاريائين(٣).

انهيءَ دور ۾ سندس ملاقات "فقير مسرور" ۽ سيئنڏي خان سان ٿي(٤) ۽ پوءِ تہ ڪيترو وقت ڪيترين ئي رنداٺين محفلون مچايائون.

---

(١) استاد گامڻ خان چاچران شريف جي رهائش ڪانپوءِ ڪجهہ وقت مير علي مراد والي رياست خيرپور وٽ رهيو پوءِ اچي شڪارپور ۾ رهيو، جتي ئي ڪيس مبارڪ علي خان، مراد علي خان، علي محمد خان ۽ بيبي خان جاوا ۽ قدرت الله خان ۽ جمالو خان بہ شڪارپور ۾ جاوا (روايت. استاد ظفر علي خان ولد خانصاحب قدرت الله خان ڪان گواليار گهراڻي جي مليل شجري تان ورتل).

(٢) محمد فقير ڪتياڻ، سن ١٩٧٨ع ڌاري جائو، وڏو صوفي شاعر ۽ راڳي تي گدريو آهي. پاڻ پير سائين پاڳاري حضرت شاهہ مردان عرف ڪوٽ ڏتيءَ کان توحيد جي تلقين ورتائين. حالانڪ پير صاحبن جي جماعت ۾ ڪنهن ڪي بہ ساز تي ڳائڻ جي اجازت نہ هئي پر محمد فقير ڪتياڻ جي آواز ۽ حال کي ڏسي پير سائين ڪيس يڪتاري تي ڳائڻ جي اجازت ڏني (رسالو محمد فقير ڪتياڻ، صفحو ٦)

(٣) نواب ولي محمد خان لغاري، محمد فقير ڪتياڻ جو درد پريو آواز ٻڌي چيو هو تہ هڪ درويش سنهي آواز ۽ سهڻي شڪل وارو، اسان جي دفتر جو سنياليندڙ ايندو، پوءِ جڏهن سندن ملاقات ٿي تہ محمد فقير بہ ساندهہ ٽي سال وٽس رهي پيو. (رسالو محمد فقير ڪتياڻ، صفحو ٨)

(٤) محمد فقير ڪتياڻ نيٺ سيئنڏي خان کي پاڻ سان وني وڃي هالا ۾ رهايو ۽ جتي ١٩٤٨ع ۾ سندس ئي منصوري منځاني تي سيئنڏي خان جو روح عنصري قفس مان پرواز ڪيو. (ياد رفتگان- مصنف مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ، صفحو ۴۴).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”فقير مسرور“ جي دور ۾ ٻيا جيڪي مشهور بزرگ ڳائڻا پيدا ٿيا انهن ۾ مکيه نالو ڀڳت ڪنور رام سنت جو آهي جيڪو پنهنجي درد واري آواز سان محبت ۽ انسانيت جو پرچار ڪندو هو، پيرن ۾ ڇيريون ٻڌي، عشق ڪي ڪڏائيندو ۽ نچائيندو هو. سندس محبت جو رستو ”فقير مسرور“ سان به ڏاڍو گهاٽو هوندو هو. انهيءَ محبت جو ذڪر خود ”فقير مسرور“ پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. چوي ٿو:

هن سمي ست پرش صوفي سنت ڪنور رام هو،
نوجوان نهنو سخي گلبدن گلفام هو.

انهيءَ دور جي مشهور ڳائڻن مان ”ماستر چندر“ به ”فقير مسرور“ سان وڏي عقيدت رکندو هو. خاص طور جڏهن شڪارپور ڪنهن منڊوي ۾ شرڪت ڪرڻ ايندو هو ته ”فقير مسرور“ جي درشن لاءِ وٽس ضرور ايندو هو، ان کان علاوه به ڪيترائي ٻيرا شهنشاهه بيدل فقير، اڏيري لال ۽ جهوڪ ميران پور جي ميلن تي گڏجي سنگ ٻريندا هئا.

ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ مير علي نواز ”ناز“ (۱۸۸۴-۱۹۳۵ع) وٽ به راڳ جون وڏيون محفلون ٿينديون هيون جن ۾ گهڻو ڪري لاهور جي ڳائڻي اقبال بيگم عرف بالي(۱) وٽس ڳائڻ ايندي هئي جا سرڪار سچل سرمست ۽ شهنشاهه بيدل فقير جي عرس تي به چونڪي ڏيڻ ايندي هئي ۽ ”فقير مسرور“ سان به وڏي عقيدت هوندي هئس.

عرس دوران خاص طور ”فقير مسرور“ کان اجازت وٺي پهريائين پنهنجو راڳ ڪلام پيش ڪندي هئي جنهن کان پوءِ باقي رات سندس سامهون ويهي ”فقير مسرور“ جي درد ۽ عشق جا ورلاپ ٻڌندي هئي. عقيدت وچان پاڻ ڪيس ستار، طبلي جي جوڙي ۽ هڪ باجو به سوکڙيءَ طور ڏنو هئائين ۽ ان سان گڏ پنهنجي هڪ يادگار تصوير پڻ ”فقير مسرور“ کي پيش ڪئي هئائين(۲).

---

(۱) ڪليات ناز ۾ هيءَ روايت حاجي محمد حداد جي ايم اي جي مونوگراف تان ورتل آهي، ص ۷.

(۲) اقبال بيگم جي اها يادگار تصوير فقير مسرور جي ذاتي تصويرن ۾ رکيل هئي جا چند سال اڳ ڪٿي گم ٿي وئي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدري روايت(١) آهي تہ هڪ ڀيري مرحوم غلام حسين واگهي (فقير مسرور جي سنڌو) لاهور جي معروف ڳائڻي مختيار بيگم کي شڪارپور ۾ ڳائڻ لاءِ گهرايو هو، انهيءَ محفل ۾ فقير مسرور بہ ڳايو هو ۽ مختيار بيگم ۽ ساڻس گڏ آيل خانصاحب عاشق علي خان، فقير جي دلگداز آواز ۾ راڳ ٻڌي ڪيس پنهنجي هارمونيم سوکڙيءَ طور ڏني هئي(٢).

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ جيئن تہ سنگيت جي اڪثر ڪنڌر هندو بہ سنڌ مان لڏي ويا تہ سنگيت جا اهي هاندا بہ اُجڙي ويا. ان کان سواءِ شڪارپور جي هن گويي خاندان جا ڪجهہ بزرگ گذاري ويا تہ ڪجهہ لڏي سکر، حيدرآباد ٽنڊي آدم ۽ ڪراچيءَ وڃي رهيا ۽ حالانڪہ "فقير مسرور" ملازمت سانگي لاڙڪاڻي ۾ رهڻ لڳو هو پر ان جي باوجود پاڻ شڪارپور جي محفلن کي قائم دائم رکڻ لاءِ مستقل مزاجيءَ سان راڳ جي محفلن کي برقرار رکيائين.

پوءِ جڏهن رتاير ڪري شڪارپور آيو تہ وري شهر جي نوجوان ڳائڻن جي همت افزائيءَ لاءِ نئين سر نوان راڳ منڊل مرتب ڪيائين، جنهن جي ڪري شاستري سنگيت سان گڏ سنڌي راڳ وڏي اوج تي رسيو.

"فقير مسرور" کي پنهنجي سيني دوستن، فقيرن، سُنگ ۽ ارن سائين سان ڏاڍي پريت هوندي هئي ۽ انهن جو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر بہ ڪيو اٿائين. فقير موريل لاءِ چوي ٿو:

ڏمالي شاهہ جا موريل، موالي مير کي پرتل،
ڪري "بدويءَ" سنڌي هل پل، سچو سردار ميران شاهہ.

پنهنجي پيا ري رفيق حافظ احمد جي وفات تي سوگوار دل ۽ اشڪبار اکين سان ڪلام لکيو اٿائين جنهن جون ڪجهہ سٽون هن طرح آهن:

وڃن ٿا وڃن ٿا – رنا هو وڃن ٿا،
آهي ڪو جو تن کي موٽائي مڃائي،
هتا گڏ اسان سان، کهڙي ڳالهہ ڪان هو،
جدائيءَ جو دل تي ويا داغ لائي.

(١) هيءَ روايت مرحوم غلام حسين واگهي جي زوجہ محترمہ کان ملي آهي جا فقير مسرور جي نسبتي همشيره (سالي) آهي.

(٢) اها هارمونيم، سائين احمد بخش بدوي، فدويءَ کي سنڀالڻ لاءِ ڏني آهي. جيڪا مؤلف وٽ اڃا محفوظ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حافظ احمد گوبي جي وفات کان پوءِ محفل ۾ جڏهن به ڪيس پنهنجي پياري ساٿيءَ جي ياد ايندي هئي ته پاڻ راڳ پوريا مان هينيون ڪافيون ڳائيندو هو:

١- جوڳيئڙن جا الا، ساميڙن جا الا، ڳران ٿي ڳڻ ڳايون،
محب مسافر مون وٽ هُيَڙا، ڪيچ ويا ڪلهه ڪاهيون.

٢- جودم جيئنديس جيڏيون جڳ ۾، ياد ڪيو رت رئندس،
جنهن واٽ ويا ساميئڙا، واٽ اها ڪڏ ويندس.

حافظ احمد کان پوءِ وري جڏهن "فقير مسرور" جو والد گذاري ويو ته سندس پرجي ويل زخم اڪلي پيا، ۽ پاڻ انهيءَ صدمي کي برداشت ڪرڻ جا وڏا جتن ڪيائين؛ انهيءَ غم جو اظهار به پاڻ ڪيترين ڪافين ۾ ڪيو اٿس. خاص طور ڪنهن عزيز جي شاديءَ جي موقعي تي ڪنهن دل گهرئي دوست ڪانئس راڳ ٻڌڻ جي فرمائش ڪئي هئي ته ڳائيندي پاڻ اشڪبار ٿي ويو هو، ۽ انهيءَ ڪيفيت ۾ پنهنجي اندر جو سوز هن طرح بيان ٿي ڪيائين:

اڄ ئي ڏڏيل هيس ڏاڍن ڏکڙن جي، آئي ياڳ ياڳين دوري جتن جي،
وري درد دُوڙون، سرنو ساماڻو.

لکيو انگ پاڙيان "مَسرُورَ" پنهنجو، چلي ڪونه چارو لڳو عشق اهنجو،
پلئہ پنڌ پنيون آيم اوراڻو.

"فقير مسرور" جي راڳ پيرويءَ ۾ ڳايل اها ڪافي، پنهنجي دور جي اينري ته پرسوز ۽ مقبول ڪافي رهي آهي جو اڄ به ساڳيءَ ڌن ۾ ڳائجي پئي. ساڳيءَ طرح بيون به ڪجهه ڪافيون اجا تائين ڳائجن پيون جيڪي "فقير مسرور" پنهنجي درد ڀري آواز ۾ ڳايون هيون. جهڙوڪ:

ڪافي ڪلياڻ:

- ادا پانڌي ڏجان نياپو، وجي دلدار دلبر کي.

ڪافي ڪنيات:

- سڪ اوهان جي سردار- جيرو منهنجو جيئڙو جلايو.

ڪافي ڪوهياري:

- ڪاڪيون ڪين سري الا- پريںءَ بنا پل هڪڙو.
- ڏوراپا ڏينديس الا- ڪاڪيون ڪيچيئڙن کي.

ڪافي پهاڙي:

• ديدار دلبر جو ٿيو، اڄ رات يارو خواب ۾.

"فقير مسرور" پنهنجو سمورو ڪلام طرب واري حالت ۾ ۽ جهونگاريندي چيو آهي ۽ جيئن تہ ڪيس راڳ جي وڏي ڄاڻ هئي ان ڪري اهي ڪلام بي اختيار ڪنهن نہ ڪنهن راڳ جي روپ وٺي بيهندا هئا، اهڙيءَ طرح سندس ڪل ڪلام اٽڪل ٿيهن راڳن ۾ چيل آهي، جهڙوڪ:

ڪنيات- پهاڙي- توڙي- ڪلياڻ- پيروي- ڪونسيو- ڪونسي ڪانرو- بلاول- سورٺ- تلنگ- سهٽي- ڌناسري- آسا- پوريا- پٽ مجري- حاصلپوري- جهنگلو- پورب- لوڙائو- بروو- پيلو- زلو- جوڳ- بسنت- رائو- ڪوهياري- ڪاريهر ۽ بنسو.

"فقير مسرور" پنهنجي حياتيءَ ۾ پنهنجو ڪلام ايترو نہ ڳايو جيترو ٻين بزرگن جو ڪلام ڳايو هئائين. خاص طور جيترو ڪلام شهنشاهہ فقير بيدل سائينءَ جو "فقير مسرور" ڳاتو، اوترو اڄ تائين ڪنهن نہ ڳايو آهي، ان کان علاوه حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام، لطيفي دنبوري تي ڳائيندو هو(١).

سنڌيءَ ۾ موسيقيءَ جي ڪتاب نہ هجڻ سبب پاڻ "رهنمائي موسيقي" نالي ڪتاب بہ لکيائين(٢)، پر افسوس جو وڏي جاکوڙ جي باوجود اهو ڪتاب هٿ لڳي نہ سگهيو آهي.

ان کان علاوه پاڻ سنڌ جي عالمن ۽ بزرگن لاءِ امام ابو حامد بن محمد بن محمد الغزالي جي ڪتاب احياءُ العلوم مان "راڳ ۽ سماع" جو حصو سنڌيءَ ۾ "راڳ جي شرعي حيثيت" جي عنوان سان ترجمو ڪيائين جنهن ۾ حوالي طور سنڌي شاعرن جو ڪلام بہ دليل لاءِ پيش ڪيو اٿائين.

هي مضمون سندس وفات جي اٽڪل ٢٨ سالن کان پوءِ، سندس ئي هٿ اکرن کي محفوظ رکڻ لاءِ اطلاعات کاتي سنڌ طرفان شايع ٿيو(٣).

---

(١) هي دنبورو وقت ۽ حالات جي ڪري محفوظ نہ رهي سگهيو، جنهن تي پاڻ تارن جي چيڙ بہ ساڳي (پنهي طريقن) يعني- سيد غلام شاهہ ۽ سنڌيءَ جي مشهور فنڪار موهن ڀڳت جهڙي رکندو هو.

(٢) ادباءِ وطن، ليکڪ: مرحوم مولائي شيدائي، ماهوار اديب سنڌ لاڙڪاڻو جون ١٩٤٢ع ص ٣٣.

(٣) ماهوار پيغام ڪراچي مئي جون١٩٨١ع(رجب شعبان ١٤٠١هـ) ص ٣٩ کان ١٣٠ تائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"فقير مسرور" پنهنجي ڪلام ۾ سازن جو ذڪر به ڪيو آهي، سندس سخن جي انهيءَ سينگار جو رنگ جابجا آهي، جن مان ڪجهه سٽون مثال طور پيش ڪجن ٿيون:

- چوري چت چنوڙي- نڪ ۾ وجهانءِ نوڙي،
ٻڌين چو نه ٿي ٻوڙي- **دهلن جي ڌان ڌان**.
سچ چوئي "مَسرُورُ"، وڄي ٿي وهلور،
سٽي پيو ٿئي سور، **جهنجهڻ ۽ جهانجهان**.
- ڌس ذريعي ضرب **مضرب** سان وڄي ٿو جئن **رباب**
- **آلاپ طبلي تال ۾**- غوطا هڻي غازي غواص
- طبع کي جا تَر ڪري، سال **تال واري تار** ٻُڌ.
- **طبله ساز سارنگي** وهه وا- ڌان ڌان ڌم مچايا وي.
- **يڪتار دل** جو چائي، ممتا ۽ موهه متائي،
ان پر چڱو جڳائي ناتو نماز سان.
- ڪر ذڪر الله هو هو، پُرجهي **پخواز** سان.
- **باجي ستار** وانگر، رين رين سوا هيو سُرُ
سرگم نه ٿو سٽائي، **چوتار** ڪنهن طرح.
- ڪيو ڳت ڳت وڄائج تون ته انحد **ناد** پڃري ۾.
- جٽ وڄدا **طبل نغارا**، اٽ وڄندي نيڪ نمازي،
جٽان وڄدي نينهن دي **نوبت**، عام ڪرن اٽ آزي.
- ڪي تا متي واري وسائن، ڪي **خوشيءَ واجا** وڄائن.
- **چم چم جو چيڙ** مان جئن، قم قم پويم ڪن تي،
مدهوش پيي هجان ته به هوشيار ڪيئن نه ٿيندس.
- گداگر هڪ اچي اتهين پئي **تنبور** تي ڳايو.
- جرڙيو اهڙو عجب مون ريجهه پنهنجيءَ لئه **رباب**
- جهاڳي بحر چڙهيا سي، ڪاهي ڪين تي رسيا سي،
اتهون اڳي هليا سي، هڻي نينهن جو **نغارو**.

## ادبي خدمتون:

شڪارپور جي مردم خيز مٽيءَ مان جتي وڏا وڏا نثر نويس ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن، اتي علم ادب، تاريخ، ثقافت، تصوف ۽ طب جا به وڏا وڏا ڏاها ۽ صوفي فقير پيدا ٿيا آهن. هن شهر جي اوائلي دور ۾ سيد باقر شاهه جيلاني، حضرت سلطان ابراهيم شاهه، مهر شاهه غازي، نواب تارڪ طريل، حاجي لطيف شاهه جيلاني، حاجي فقير الله علوي، سيد منجهر شاهه بخاري، حضرت امين شاهه چشتي، حضرت الف شاهه شهيد، حضرت اول شاهه ۽ شاهه حسين بخاري عليه رحمة جهڙن سوين بزرگن جي ڪري شڪارپور جو ماحول تصوف جي مهڪ سان مهڪيل هو.

انهيءَ سڳنڌ ۾ ويدانت جو وڏو شاعر سامي (١٨٥٠-١٧٣٠ع) پيدا ٿيو. جنهن ڪان پوءِ ملان اويس، (١٨٣٠-١٧٧٠ع) ملان صاحبڏنو (١٨٤٢-١٨٧٠ع) محمد عارف صنعت (١٨٨٩-١٧٩٥ع) پيدا ٿيا. جن جي دور ۾ ئي سنڌي شاعريءَ جي موضوعن ۾ تصوف سان گڏ قومي ۽ سماجي رنگ به باقاعدي شامل ٿيو ۽ سنڌي شاعرن عشق ۽ عروض جي اوج ۽ موج ۾ غزل، ڪافيون ۽ نظم به لکڻ شروع ڪيا. ساڳئي ئي زماني ۾ حاجي امام بخش خادم (١٩١٨-١٨٥٨ع) مير علي نواز علوي (١٩٢١-١٨٥١ع) ۽ آغا صوفي (١٩٣٨-١٨٨٩ع) حضرت عبدالغفور همايوني مفتون (١٩١٩-١٨٤٤ع) درويش بيدل فقير (١٩٣٩-١٨٦٥ع) به علم فضل ۽ عشق جي عنايتن جا واهڙ وهائي رهيا هئا. انهيءَ ئي خوبصورت ماحول ۾ ”فقير مسرور“ جو جنم (١٨٩٤ع) ۾ ٿيو.

## مشاعرن ۾ شرڪت:

سنڌ پنهنجي جاگرفيائي حسن، ثقافتي نزاڪتن ۽ علمي ادبي ذوق جي ڪري اڳاٽي وقتن کان ثقافتي ۽ علمي ادبي سرگرمين جو گڙهه رهي آهي، جتي، ڳوناڻن علائقن ۾ سگهڙپائيءَ جا ٻول، ڳجهارتون، مناظرا، لوليون، لوڪ گيت ۽ سهرا جڙندا ۽ جهونگاربا رهيا آهن ته شهري ماحول ۾ رهندڙ عالمن اديبن شاعرن ۽ فنڪارن، علمي ادبي مجلسون، مشاعرا، ڪانفرنسون، سيمينار ۽ راڳ جون محفلون منعقد پئي ڪيون آهن.

سن ١٩١٥ع ڌاري جڏهن حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي جي ڪوشش

سان بزم مشاعره جو بنياد پيو(١) تہ هن پنهنجي شهر جي ساٿين سان گڏ سنڌ جي ٻين شاعرن کي بہ سڪ جو سڏ ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مشاعره ڪانفرنسون منعقد ٿيڻ لڳيون. انهيءَ دور ۾ ئي حاجي محمود خادم، ”فقير مسرور“ کي دعوت ڏئي مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ راضي ڪري ورتو.

”فقير مسرور“ پهريون ڀيرو سال ١٩٢٥ع ۾ بزم مشاعره طرفان منعقد ڪيل ٻي ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جنهن جو حوالو ڏيندي قاضي عبدالمنان ايڊووڪيٽ پنهنجي خطبي ۾ لکيو آهي(٢) تہ:

.هن ڪانفرنس ۾ هندستان جا مشهور معروف علم دوست صاحبزاده آفتاب احمد عليگ، مولانا حبيب الرحمان ۽ مسٽر ابراهيم شريڪ ٿيا هئا ۽ سنڌي شاعرن مان فقير غلام علي مسرور، ميان محمد هاشم مخلص، مرزا فاضل، ميان محمد بخش واصف، حافظ حيات شاهہ ۽ حاجي محمود خادم ڪانفرنس ۾ آيل هئا.“

پوءِ جڏهن سال ١٩٣٦ع ڌاري ”فقير مسرور“ جي بدلي براج مختيارڪار لاڙڪاڻي وٽ ٿي تہ لاڙڪاڻي جي ٻن شاعرن جهڙوڪ نواز علي نياز، غلام عباس قادري ۽ حاجي محمود خادم، کيس پنهنجي ماهوار ادبي مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ”فقير مسرور“ جو مشاعرن ۾ باقاعدگيءَ سان شرڪت ڪرڻ جو دور ١٩٣٦ع کان شروع ٿئي ٿو.

لاڙڪاڻو تڏهن سنڌ جو اهو شهر هو جتي ان دور جا مشهور شاعر جهڙوڪ: ميان علي محمد قادري (١٨٥٦-١٩٤٠ع) ديوان ڪشن چند بيوس (جنم ١٨٨٥ع) غلام سرور ”فقير“ قادري (١٨٨٦-١٩٣٢ع) نواز علي نياز (١٨٩٢-١٩٥٩ع) حاجي محمود خادم (١٨٩٥-١٩٦٠ع) محمد چنل فدا (١٩٠٢-١٩٦٣ع) عبدالفتاح عبد عاقلي (وفات ١٩٧٣ع) ادبي محفلون ۽ شاعرائيون جولانيون ڏيکاري رهيا هئا جيڪي ”فقير مسرور“ جي صورت، سيرت، قلبي واردات ۽ ڪلام جي اسلوب بيان کان ڏاڍو متاثر هوندا هئا.

---

(١) مهاڳ، مهراڻ جا ماڻڪ، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي، صفحو ٧.

(٢) تحفہ لاڙڪاڻہ، آڪٽوبر ١٩٤٩ع، صفحو ١٣.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن كانسواءِ لاڙڪاڻي ضلعي جا به صوفي شاعر، ميان عبدالخالق دايو بمعروف "غمدل فقير" (١۴ مئي ١٨٨٧ع-١٥ مئي ١٩٧٢ع) ۽ فقير هدايت علي تارڪ "نجفي" (١٨٩۴-١٩٣٩ع) به "فقير مسرور" جا گهاٽا يار هوندا هئا ۽ وٽس شڪارپور وجي به ساڻس وڏيون ڪچهريون ڪندا هئا.

"فقير مسرور" جو لاڙڪاڻي ملازمت وارو عرصو به سندس علمي ادبي، فني ۽ ثقافتي سرگرمين ۽ شهرت جو نهايت شاندار دور رهيو آهي، جنهن ۾ پاڻ علم فن ۽ ثقافت جي جذبي سان سرشار، هر محفل ۾ عجز ۽ انڪساريءَ جي پيڪر جيان پيش تيو. پاڻ لاڙڪاڻي جي پيارن ۽ نامور شاعرن، دوستن سان به هر قدم تي ساٿ ڏنائين. بزم مشاعره جي مختلف شهرن ۾ سڏايل ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين. انهن جي ڏنل مصرع طرح تي پنهنجون تخليقون پيش ڪيائين.

سندس ڪجهه يادگار مشاعرن جو تفصيل هن ريت آهي:

(١) "بزم مشاعره لاڙڪاڻي طرفان جنوري ٣١-١٩۴٢ع تي ميان عبدالفتاح عبد جي صدارت هيٺ مشاعرو نمبر ٢٣ منعقد ٿيو جنهن جي طرح مصرع هئي،

"پل ڪري پيو هو جفا پر تون وفا کان منهن نه موڙ"

هن طرحي مشاعري ۾ سيد غلام مصطفيٰ شاهه مظهر (سيوهڻ) حاجي محمود خادم، امير علي شاهه (سکر) مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ (هالا)، غلام عباس قادري، غلام سرور عاقلي، حڪيم لال چند (شهدادڪوٽ)، پرسرام ڪراچي، عطا محمد سوهو حامي (خيرپور)، غلام حسين تهيم (حيدرآباد)، محمد نعيم صديقي، محمد بخش واصف (حيدرآباد)، خليفو محمد عمر هالائي ۽ "فقير غلام علي مسرور بدوي" شڪارپوري سان گڏ اٽڪل ٽيهه کن ٻين شاعرن به شرڪت ڪئي هئي. ڏنل طرح تي سڀني شاعرن پنهنجا ڪلام مشاعري ۾ پيش ڪيا، جن مان ڪجهه شاعرن جو ڪلام اديب سنڌ مارچ ١٩۴٢ع واري شماري ۾ شايع به ٿيو، انهن ۾ "ميان غلام علي مسرور "فقير" جو ڪلام به شامل آهي، جنهن ۾ به سندس صوفياڻو رنگ شامل آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يار سان ياري رکي ان جي جفا کان منهن نہ موڙ،
پل ڪري پيو هو جفا پر تون وفا کان منهن نہ موڙ.

صبر ذاري سور سهہ سڀ جئن سنا صابر حسين،
پير ڪربل ۾ ذري ڪرب و بلا کان منهن جو موڙ.

ڪين چہ جوروجفا تون، هي عنايت عيش چاڻ،
جو گهرڻ ريءَ تو ملي، اهڙي عطا کان منهن نہ موڙ.

(٢) بزم مشاعره لاڙڪاڻي طرفان ٣١ مارچ ١٩٤٢ع تي ميان گوهر خان يڪتا جي صدارت هيٺ مشاعرو نمبر ٢٥ منعقد ٿيو، جنهن جي طرح هئي:

نہ پڇ بيقراريءَ جي مون کان خبر، رهان تو سوا ان جي دائم اداس.

هن مشاعري ۾ لڳ ڀڳ ٥٢ شاعرن پنهنجا شعر پيش ڪيا. هن مشاعري ۾ "فقير مسرور" بہ شرڪت ڪئي هئي جنهن سان گڏ ٻين بہ ڪيترن ناميارن شاعرن شرڪت ڪئي هئي جهڙوڪ: قريشي عبدالحي جهانگي، حاجي محمود خادم، امير علي شاهہ موسوي سوز (سکر)، محمد صديق عيساڻي صديق (نوابشاهہ)، صوفي غلام قادر (خيرپور)، عبدالفتاح عبد، عطا محمد ملڪاڻي (دادو)، عبدالغفور پرڳڙي (شهدادڪوٽ)، مرزا اجمل بيگ فاضل (حيدرآباد)، سوسن بيگم فضا، مس تابان، حڪيم محمد چنل فدا، سيد لطف علي شاهہ، منظور نقوي (ٽنڊو جهانيان)، حڪيم لال چند صوفي مجروح، محمد بخش واصف (حيدرآباد) (١).

هن طرحي مشاعري ۾ "فقير مسرور" جيڪو غزل پيش ڪيو هو ان جي موضوع ۽ فڪري گهرائيءَ سان گڏ ان ۾ صنعت واسع الشفتين جي حسن جو اضافو بہ آهي يعني سندس هن غزل ۾ ڪوبہ اهڙو حرف استعمال ڪيل نہ آهي جنهن جي اچارڻ سان چپ پاڻ ۾ ملن، چوي ٿو:

رهان تو سوا تنهنجي ساجن اداس،
ڏسي حال هيٺو هي ڪر ڪو قياس.

---

(١) ماهوار اديب سنڌ مئي ١٩٤٧ع، صفحو ١٧.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿي هجر سينو ڪيو تار تار- لڳي لون، لونءِ تي لڳي لنو لغار،
ڏڙي درد لاتي وئي سرت سار. نهوڙي نيو عشق هوش و حواس.

ڪٿي نيڻ "خوشدل" ڏي هاڻي نهار- ڇڏي رنج راڻا اچي ڳڌ گذار،
سدا رات ڏينهان رڙي زارو زار- ڪري ٿو اوان ڪي ارداس داس.

هڪ ته پاڻ پنهنجو ڪلام نهايت پر سوز آواز ۾ ترنم سان پيش ڪندو هو، مٿان وري سندس ڪلام ۾ معنوي حسن ۽ هڪ مشڪل صنعت ڪي ڪافيءَ جي گهاڙيٽي ۾ ٿن اندروني قافين ڪي ايتري سلاست ۽ سادگيءَ سان چٽي وڻڻ تي ڪيس ڏاڍو داد مليو ۽ ڪيس فرمائش ڪئي وئي ته ڪو ٻيو ڪلام به ارشاد ٿئي. جنهن تي پاڻ مرڪي وينو ۽ ڪجهه سيڪنڊن جي توقف کان پوءِ ساڳئي ئي قافيي ۾ في البديهه جهونگارڻ شروع ڪيائين:

عجب يار جو آهي رنگين لباس،
سڃاڻي ته ڪو ڪيس معنيٰ شناس.

ڪٿي اسم آدم ڪٿي نوح نام، ابيچند قاضي ڪنيو يا شيام،
ڪٿي مست سڏجي ڪٿي مسترام، ڪٿي رامچندر ڪٿي رامداس.

سوين پنهنجا نالا سڏائي ٿو يار، ڪري ڪين سگهجي انهن جو شمار،
مگر يار منهنجو سو عالي وقار، سڏائي علي ڪٿ ته ڪاٿي عباس.

سندم يار جا سچ عجائب هزار، ڪجن جئن ته پاٽيءَ جا ڪيئي اچار،
نه پاٽي ٻيو گر ندي ذار ذار، ڪٿي سڏجي سنڌو ته ڪاٿي بياس.

ڪري مات "مسرُور" رهٽيءَ رهاءِ، اُهو آ اُهو آ، اهو گيت ڳاءِ،
نه خالي جڳهه ٿي ڪا ان ڪانسواءِ، مٿي هيٺ هرجا آ ان جو نواس.

ڪلام جي تخليقي ۽ فڪري پرواز مان پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهو ڪلام چوندي "فقير مسرور" ڪهڙي ڪيفيت ۾ هوندو ۽ ان جي ٻڌڻ سان سامعين تي ڪهڙي ڪيفيت طاري ٿي هوندي. پاڻ جڏهن ڪلام پورو ڪيائين تڏهن به سندس آواز ۽ لفظن جي گونج ماحول ۾ ڦهليل هئي ۽ ان ئي پرسڪون ڪيفيت ۾ پنهنجي ڪجهه شاعر دوستن جا نالا وٺي هڪ اضافي بند چيائين:

ڪٿي نانءُ ناظم، ڪٿي عبد جوش، ڪٿي سڏجي عاشق سوخانه بدوش،
ڪٿي نانءُ اختر رهي پرده پوش، ڪٿي آهه يڪتا سو صاحب قياس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سامعين جڏهن "فقير مسرور" جي واتان انهن ئي سرن ۾ پنهنجا نالا ٻڌا تڏهن وجي محفل جي ان ڪيفيت ۽ خمار جو سحر ٽٽو ۽ هر طرف ڪان واهه واهه ٿي وئي. انهيءَ ڪلام جي اثر سبباڻ ڪيترن شاعرن اتي سندس دست بوسي ڪئي ۽ ياڪر پائي سندس محبت، فن ۽ اعليٰ خيال ۽ فڪر جي اظهار جو اعتراف ڪيو هو.

(۳) جڏهن "فقير مسرور" جي پيار پرئي ڪلام ۽ سندس خوبصورت ادائگيءَ سبب بزم مشاعره طرفان ۳۰ اپريل ۱۹۴۲ع تي جيڪو مشاعرو نمبر ۲۶ منعقد ڪيو ويو هو تنهن جي صدارت "ميان غلام علي مسرور فقير" کان ڪرائي وئي هئي. هن مشاعري ۾ سندس حسن ڪلام ۽ حسن بيان جا سوين شائق ۽ مشتاق اچي مڙيا هئا.

هن مشاعري ۾ خليفو محمد عمر اختر هالائي، تابان بيگم، فخرالنساءِ مونس، غلام عباس قادري جوش، عبدالحي جهانگي، داغ صاحب، پڳوان داس، ڊاڪٽر ڏيئومل روشن، صوفي غلام قادر، عيساڻي محمد صديق، انند عاشق، محمد عظيم عاجز نوابشاهي، سوڀو خان جمالي (اوستو محمد)، محمد ڪامل عاصي، پير شاهنواز جيلاني عارف، عطا محمد سوهو حامي، رشيد احمد لاشاري، شفيع محمد سليم هالائي، عزيز الله مجروح، حڪيم لال چند صوفي (شهدادڪوٽ) محمد نعيم وجدي شڪارپوري ۽ ٻين ڪيترن شاعرن شرڪت ڪئي هئي.

حسب دستور مشاعري جي طرح هن ذيل هئي:

مون کان وڌيڪ ڪير آ دنيا ۾ بدعمل،
رحمت کي آهه ڪهڙي، گنهگار جي تلاش.

مشاعرو ته نهايت شاندار طريقي سان اختتام پذير ٿيو پر هر ڪنهن کي انتظار هو "فقير مسرور" جي مشڪ ۽ عنبر پکيڙيندڙ محفل جو، سو جيئن ئي مشاعرو ختم ٿيو ته "فقير مسرور" جي محفل شروع ٿي. حاضرين جي فرمائشن ۽ صدائن ۾ پاڻ به دل کولي پنهنجو توڙي ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام ڳائي محفل کي يادگار رونق بخشيائين، انهيءَ ڪيف ۾ پنهنجو هڪ تازو غزل به ڳاتو هئائين جيڪو پوءِ ماهوار اديب سنڌ جون ۱۹۴۲ع جي شماري ۾ شايع ٿيو، جنهن جو مطلع هن ريت آهي:

منهنجي مستيءَ جي سبب ڪان مست هي آ ي شراب،
ورنہ مون ڪان پريرو آ ساڳيو بہ سو آب ناب.

(۴) بزم مشاعره طرفان ٽين سنڌ مشاعره ڪانفرنس شڪارپور ۾ ڪوٺائي وئي. جنهن جو پريذيڊنٽ مسٽر چيئمل پرسرام گلراجاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري آغا غلام نبي خان هو.

(۵) ان ڪان پوءِ چوٿين پراونشل مشاعره ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائي وئي جنهن جو پريزيڊنٽ ڪشن چند بيوس هو.

(٦) اهڙيءَ طرح پنجين ادبي ڪانفرنس ۹ اپريل ۱۹۴۴ع تي لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺائي وئي. انهن ٽنهي مشاعرن ۾ "فقير مسرور" بہ شرڪت ڪئي هئي.

پنجين ادبي ڪانفرنس ۾ مصرع طرح هئي:

"منهنجي دنيا هن لُٽي تي مان مگر خاموش هوس."

انهيءَ طرح تي "فقير مسرور" بہ پنهنجو ڪلام پيش ڪيو هو: جنهن ۾ ملڪوتي موج ۽ روح جو آدم جي بت ۾ پوڻ ۽ ان طرح پنهنجي پيارن کان جدا ٿيڻ جو احساس ڏياريو اٿس:

هت حبيبن ساڻ گڏ ٻانهن سيراندي ڏيو،
رات ڏينهان موج ۾ مان مست ۽ مدهوش هوس.
هي تہ آ "مَسرورَ" ڪهڙو قرب منهنجي جو ڪمال،
منهنجي دنيا هن لٽي تي مان مگر خاموش هوس.

هن مشاعري ۾ اٽڪل ۷۲ شاعرن شرڪت ڪئي هئي جن مان ڪجهہ هي آهن:

محمد بخش واصف، "فقير غلام علي مسرور"، عبدالوهاب ناظم، مظفر حسين جوش، منظور نقوي، رشيد احمد لاشاري، غلام محمد گرامي، گل حسن گل، مرزا اجمل بيگ فاضل، محمد خان غني، جمع خان غريب، عاشق، عبد، پرسرام ضيا، شاهنواز عارف، شيخ ابراهيم خليل، حاجي محمود خادم، غلام عباس جوش، قادر بخش بشير، ڪشن چند بيوس، آصف مصراڻي، حافظ احسن، غلام حسين جعفري (سکر) ۽ علي گوهر خان يڪتا.

(۷) حسب دستور بزم مشاعره جو طرحي مشاعرو نمبر ۱٦۳، مارچ ۱۹۴۵ع تي منعقد ٿيو، جنهن ۾ "فقير مسرور" سان گڏ ا حمد خان آصف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي، اردو توڙي فارسي ڪلام به ماڻهن ۾ مشهور ٿيو، جيڪو تڏهن اڃا قلمي صورتن ۾ درگاهن يا ڪتب خانن ۾ ڪجهه درويشن تائين محدود هوندو هو.

قدرت ڪيس فقيرن جي صحبت ۽ محبت ميسر ڪري ڏني هئي. پاڻ سنڌ جي بزرگن جون پليٽ پٽ زيارتون ڪيائين، سندن ڪلام ڪٺو ڪيائين ۽ سندن احوال ۽ روايتون سهيڙيائين. خاص ڪري ڪنڌڙيءَ وارن بزرگن جو ڪلام، فقير قادر بخش بيدل رح، فقير بيڪس رح، صوفي قطب شاهه، حمل فقير، فقير محمد صديق سومرو، فقير واليڏني، نانڪ يوسف ۽ چتل فقير سانگيءَ جو ڪلام پنهنجي هٿن سان پاڻ اتاري گڏ ڪيو هئائين جن مان ڪيترو ڪلام ۽ سندن سوانح، ڪنهن لالچ يا پذيرائي جي خيال کان سواءِ ئي، سنڌيءَ جي ڪيترن محققن ۽ پبلشرن کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏئي ڇڏيائين، جيڪي هن ريت آهن:

١- بيدل جو سنڌي ڪلام- بولچند وسومل راجپال.

٢- صوفي قطب شاهه جو ڪلام- پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه.

٣- بيدل جي سوانح ۽ ڪلام- پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه.

٤- بيدل جو فارسي ڪلام- ١٥ رسالا- پروفيسر لطف الله بدوي(١).

٥- حمل فقير جو ڪلام- پروفيسر لطف الله بدوي(٢).

٦- فقير محمد صديق جو ڪلام- پروفيسر لطف الله بدوي(٣).

٧- فقير قادر بخش بيدل جو ڪلام- پروفيسر لطف الله بدوي(٤).

٨- فقير محمد محسن بيڪس جو ڪلام- پروفيسر لطف الله بدوي(٥).

انهيءَ کان علاوه سنڌ جي ڪيترن فارسي شاعرن جو ڪلام به "فقير مسرور" پنهنجي پياري سوٽ، پروفيسر لطف الله بدوي صاحب جي حوالي ڪيو جيڪو "تذڪره لطفي"، جي صورت ۾ سنڌي ادبي تاريخ جو هڪ اهم ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح مذڪوره ڪتابن جي شايع ٿيڻ سان نه رڳو سنڌي، سرائڪي ۽ فارسي شاعرن جو ڪلام محفوظ ٿي ويو، پر خود "فقير مسرور" جي روحاني تسڪين به ٿي.

---

(١) شڪارپور جا ڪتب خانا، پروفيسر امين الله علوي، "شڪارپور صدين کان" ص ٣١٣.

(٢) تذڪره لطفي- پروفيسر لطف الله بدوي، جلد ٻيو صفحو ٢٣٦.

(٣) ايضاً- صفحو ٢٥١.

(٤) ايضاً- جلد ٽيون، صفحو ٢٠١-٢٤٨.

(٥) تذڪره لطفي، پروفيسر لطف الله بدوي، حصو ٽيون، صفحو ٢٥١.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر "فقير مسرور" جي رحلت کان هڪدم پوءِ سندس باقي گڏ ڪيل سمورو علمي ادبي خزانو چوري ٿي ويو. سندس انهيءَ گڏ ڪيل ذخيري جي گم ٿي وڃڻ تي پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه لکي ٿو(١):

"مسرور جي محنت لاثاني آهي. بيدل جو سمورو ڪلام هن فرصت جي وقت ۾ ويهي لکيو. اهو هٿ جو لکيل نسخو هو ساهه سان سانڍيندو هو مگر سندس مڙهه اجا زمين دوز به نه ٿيو هو ته شايد ڪو ويجهو عزيز اهو گهر مان لمائي هليو ويو."

پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم لکي ٿو ته(٢):

"تذڪره لطفي جي ترتيب وقت "فقير غلام علي مسرور" وٽ فقير روحل ۽ فقير مراد جو گهڻي حد تائين ڪلام موجود ڏٺو هو"

اهڙيءَ طرح "ڪليات خادم" ۾ لکيو اٿس ته:

"فقير غلام علي مسرور پنهنجي موت کان ٿورو اڳ هي مسودو (مصنف جو خود نوشت) مون کان عارينا ورتي ويو. سندس اوچتي موت سبب هي مسودو سندس ٻين ڪتابن روحل فقير، مراد فقير ۽ دريا خان فقير جي ڪلام سان گڏ گم ٿي ويو، خبر نه آهي ڪهڙي شهه چور انهن ڪتابن کي پنهنجي دستبرد جو نشانو بڻايو."

بهرحال، "ديوان بيدل" - مؤلف عبدالحسين موسوي ۽ "ڪليات خادم" ۽ "ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام" مرحوم لطف الله بدوي؛ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿي چڪا آهن. ڪنڊڙيءَ وارن بزرگن جا به رسالا مراد فقير ۽ روحل فقير جو ڪلام ("فقير مسرور" جي هٿ اکرن ۾) پروفيسر لجپت راءِ گانڌي کان وصول ٿيا آهن. انهيءَ کان سواءِ "ڪليات خادم"، "فقير واليڏني جو ڪلام" ۽ شڪارپور جي بزرگن انور شاهه، دلبر شاهه ۽ ميرڻ شاهه جو ڪلام ۽ "ڪليات مسرور" ۽ ڪليات خادم جا قلمي نسخا ميان لطف الله بدوي مرحوم وٽان مليا هئا. باقي نانڪ يوسف ۽ چتي فقير سانگيءَ جي ڪلام جا مسودا اجا نه مليا آهن.

---

(١) مصنف جو احوال، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيه- مسدس مسرور عرف هيرن جو هار، نومبر ١٩٦٠ع، صفحو ٥.

(٢) ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، صفحو ٧.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ادبي رهنما:

هن باعمل صوفيءَ ۾ علم، ادب ۽ آرٽ جي خدمت جو جيڪو جذبو هو، انهيءَ ڪان جتي سنڌ جا عالم، دانشور، شاعر ۽ محقق متاثر هوندا هئا اتي شڪارپور شهر جا اديب ۽ شاعر بہ سندس صحبت ۾ گذارڻ ۽ ڪانئس سکڻ پرائڻ کي پنهنجو مانُ ۽ خوشنصيبي سمجهندا هئا.

شڪارپور ۾ ”فقير مسرور“ جي ادب دوستن ۽ محبتين جو وڏو ويڙهو هوندو هو. حاجي امام بخش خادم، سنڌو رسالي جو ايڊيٽر بولچند راجپال، علوي خاندان جو بزرگ شاعر علي نواز علوي، ليلا رام ڦيرواڻي، عبدالوهاب ناظم، شير محمد چغدو، نعيم صديقي، مولانا عبدالڪريم چشتي، عثمان علي انصاري، سردار محمد بخش ڪوجهي، آغا گل حسن خان گل، لرڪرام ڏوڏيجا، مولانا حافظ محمد عظيم ميمڻ، حڪيم فضل الله سومرو، خليفو ڪرم الله، پروفيسر ڄيٺمنداس پاٽيہ، ڪيئلداس فاني، مولابخش مسڪين پنو ۽ هولارام پورن، شڪارپور جون اهي نامور شخصيتون سندس محبتي ويڙهي جون مکيہ هستيون هوندا هئا.

ساڳي وقت شڪارپور جي نوجوان نسل جي بہ وڏي همت افزائي ڪيائين، خاص طور احسان احمد بدوي، لعل محمد لعل، شفيع احمد اوچ علوي، ۽ شيخ اياز کي شاعريءَ ڏانهن رغبت ڏيارڻ جو بنيادي ڪم ”فقير مسرور“ ڪيو، سندن طبيعت ۾ موزونيت ۽ شاعراڻو جولان پيدا ڪرڻ لاءِ تاريخ ادب ۽ فڪر ۽ فلسفي جي ڳالهين سان گڏ کين علم عروض ۽ بحر وزن جي تعليم بہ ڏيندو هو ۽ سندن همت افزائي ڪرڻ لاءِ سندن ڪلام تي شفقت واري نظر بہ ڪندو هو.

هڪ ڀيري شيخ اياز وٽس هڪڙي هندي ڪلام جو سنڌي ترجمو ڪري ڪٺي ويو، تڏهن بہ شيخ اياز جي ڪافي همت افزائي ڪئي هئائين، شيخ اياز جو اهو پهريون ڪلام هو، تڏهن سندس عمر بہ چوڏهن سال کن هئي. ١٩٣٨ع ۾ سدرشن رسالي ۾ ڇپيو هو، يادگيريءَ لاءِ هت پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تصنيف ۽ تاليف:

فقير سائين سنڌي ۾ اٽڪل ١٣ طويل مسدس لکيا آهن، جيڪي گهڻو ڪري تصوف جي نقطن کي عيان ڪرڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا، جن مان:

١- "اسرار حسيني" جيڪو ٢٦١ بندن تي مشتمل آهي اجا اڻپورو ۽ اڻڇپيل آهي.

٢- فقير سائينءَ جو "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" ١٩٤١ع ڌاري شايع ٿيو. جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو پهريون طبعزاد ۽ طويل (٩٧ بندن تي مشتمل) مسدس آهي. اهو ڪيترو عرصو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انٽر ۽ بي اي جي نصاب طور مقرر ڪيو ويو هو. انهن کان علاوه سندس تصنيفون هن ريت آهن:

٣- مدح ست گرو سائينءَ جي سوڪڙي. (هندي الف ب وار چيل ٣٦ بندن تي مشتمل مخمس = ڪيترائي دفعا شايع ٿيل)

٤- مجازي معشوق: (مسدس-صنعت سوال جواب: شايع ٿيل)

٥- ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار: (شايع ٿيل- سنڌي ادبي بورڊ- مؤلف لطف الله بدوي)

٦- بيدل جو سنڌي ڪلام: (شايع ٿيل- آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد- مؤلف بولچند راجپال)

٧- راڳ جي شرعي حيثيت: (شايع ٿيل- ماهوار پيغام ڪراچي مئي جون ١٩٨١ع)

٨- واچوڙومل: (ناٽڪ- شايع ٿيل- ادب محل شڪارپور)

٩- مثنوي هير رانجهو: (اڻڇپيل- ١٦٨ صفحن- ٽن ڀاڱن ۾ ٢٣٧٩ شعرن تي مشتمل)

١٠- پريم ساگر: (اردو ۽ هندي ڪلام)

١١- حسن ازل: (حمديه ۽ نعتيه)

١٢- قلقل عندليب = (فارسي ڪلام)

١٣- مسرورنامو: (چوند ڪافيون)

١٤- قيامت نامو: نثر (اڻ ڇپيل)

١٥- رهنمائي موسيقي: (اڻ ڇپيل)

١٦- من جي مستي: (اڻ ڇپيل)

١٧- سلطاني سهاڳ: (اڻ ڇپيل)

١٨- دشمن: (اڻ ڇپيل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩- ڪانگل نامو (ڪافيون) ترتيب: بيدل مسرور، ڇپيل سنڌ حيدرآباد مني ١٩٩٢ع

٢٠- مڪتوبات مسرور: (اڻ ڇپيل)

٢١- بيدل جا فارسي رسالا: (اڻ ڇپيل: مرحوم لطف الله بدوي جي ڪتبخاني ۾)

٢٢- صديق فقير سومري جو ڪلام: (اڻ ڇپيل- مرحوم لطف الله بدوي جي ڪتب خاني ۾)

٢٣- فقير واليڏني جو ڪلام: (اڻ ڇپيل)

٢٤- ڪليات مسرور.



مسدس مسرور

عرف

هيرن جو هار


سائين جي سوکڙي

## وصال:

فقير سائين مسرور پنهنجي سموري زندگي فقيريءَ ۾ گذاري ۽ ٻاڻ دنيا وارن جي ذميوارين کي پوري ڪرڻ ۾ سک پاتائين، سرڪاري نوڪريءَ تان رٽاير ڪرڻ جي باوجود به خانگي نوڪريون ڪري پنهنجي گهرو ذميوارين سان منهن ڏنائين، آخر ۾ سردار محمد بخش ڪوجهيءَ جي زمين سنڀالڻ لاءِ ٽنڊي آدم وڃي رهيو.

جتي "فقير مسرور"، آگسٽ جي ١٩ تاريخ ١٩٥٣ع مطابق ماهه ذوالحج جي انين تاريخ ١٣٧٢ هجري تي محبوب حقيقي جي دعوت تي وڃڻ لاءِ هن ديهه مان پرواز ڪيو.

سنڌ جي هن فقر جي فقير، اخلاق جي علامت، مرد حق جي وصال تي پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم پنهنجو تاثر بيان ڪندي لکي ٿو(١):

"١٩ آگسٽ جي شام جو "فقير غلام علي مسرور" کان آيل خط پڙهي رهيو هوس ۽ سندس تحرير سان غائبانه ڳالهيون ڪري رهيو هوس جو سندس فرزند، هٿ ۾ آئي تار ڏني. معصوم ٻار کي ڪهڙي خبر ته ان منحوس ڪاغذ جي ٽڪري تي ڪهڙي عبارت هئي. منهنجي مٿان ٿوري وقت لاءِ سڪتي جو عالم طاري ٿي ويو، هٿ ڏڪي ويا ۽ دل جي رفتار غير معمولي بڻجي وئي. چوڪري تي نظر ڪيم، ٻه منٽ اڳ هو پيءُ وارو هو ۽ هاڻي يتيم، بي اختيار زبان تي آيو:

(١) آهه! ميان غلام علي مسرور فقير، تحرير: پروفيسر لطف الله بدوي. ماهوار نئين زندگي، پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي. ماهه آڪٽوبر ١٩٥٣ع. صفحو ٥.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان الموت الذي تفرون منه فانه ملاقيكم

تار جو مضمون واضح هو. مسٽر رحيم بخش شيخ رٽائرڊ سيشن جج شهدادپور مان لکيو هو:

"غلام علي مسرور اڄ زمين تي گذاري ويو، سندس ميت اچي رهيو آهي."

خبر مشهور ٿي وئي، رڻ وارن رنو. ٥ بجي شام کان سندس دوستن، عزيزن جو مجمع گڏ ٿيڻ لڳو، سندس ميت جي اچڻ جو انتظار ٿيڻ لڳو. رات جا نکٽ هڪ هڪ ٿي نٽڻ لڳا، ان مسافر جي لاءِ اکيون رستي تي وڇائجي رهيون هيون جو هو ڪفن بدوش اچي رهيو هو. دير دير، صبح صادق جڏهن رات جي آغوش مان علحده ٿيڻ ۾ هو جو هو غريب الوطن اچي پهتو. بي وقت عطر جي خوشبو جون لپيٽون پنهنجي اندر هڪ لکل غم جي روداد ڏينديون آيون. قبر اڳ ئي تيار هئي، هوڏانهن سج پنهنجي گردن مٿي کئي، هيڏانهن فقير صاحب کي سپرد خاڪ ڪيو ويو. ويا سي وينجهار هيرو لعل وٽڻ جي."

"فقير مسرور" جي وصال جو تفصيل ڏيندي سندس پيارو دوست سانوڻ مل تپيدار پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ هن طرح لکي ٿو (١):

"فقير صاحب جن ٽنڊي آدم جي پرسان ڳوٺ شاهڪ مريءَ ۾ زمين جي ڪم سنڀالڻ لاءِ رهندا هئا. هو صاحب ته جتي رهندا هئا ته اٺواقف به واقف ٿي پون، پوءِ اُتي به سنگت هوندي هئي جام.

جناب سائين وڏي جن جو ميلو پورو ڪري تاريخ ٢ يا ٣ آگسٽ ڏاري مون کان موڪلائي سکر مان روانو ٿيڻ مهل مون کي چئي ويا هئا ته اُتي گهوڙيءَ جي ضرورت آهي، تون ڪا سٺي گهوڙي خريد ڪري مون کي موڪلي ڏج يا لکج ته مان ماڻهو موڪليندس. مان انهيءَ خيال ۾ رهيس، وري سندس خط ڏهين يارهين تاريخ مليو ته گهوڙي سٺي هجي وغيره ۽ خريد ڪرڻ کان اڳ قيمت وغيره لکي موڪلجو.

مان انهيءَ خيال تي تاريخ سورهينءَ تي پنهنجي ڳوٺ ڏهرڪي گهوڙيءَ جي خريديءَ جون ڳالهيون ڪرڻ ويس، سترهين اٺارهين اتي ترسيس ۽ اڻويهين

---

(١) هي مڪتوب آنجهاني رگهومل جي فرزند ڏانهن، سانوڻ مل لکيو، جيڪو قرب ڪري آنجهاني رگهومل جي لائق فرزندن ڪلڪتي مان اماڻيو آهي. (مؤلف).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شام جو واپس وڃڻ لاءِ سنبريس مگر قدرت مون کي سندس درسن ڪرڻ کان محروم ڪيو، جي نه ويس، وري ويهين شام جو به نه وڃي سگهيس. رات جو شڪارپور کان خبر پهتي اها دکدائڪ، سمجهو ته ان محل منهنجي من تي ڇا گذري هوندي. مان ٢١ تاريخ واپس آيس. محبوب سائين ته اڳي ئي وڃي آرامي ٿيو. ٿلهي مٿيءَ تي اچي بيٺس. واهه ورهه- احوال مليو:

تاريخ ١٨ رات جو ڳوٺ شاهڪ مريءَ ۾ اتان جي وڏيرن ۾ شادي هئي. فقير صاحب، ميرچواڻي صاحب جي بنگلي ۾ (جنهن جي زمين آهي) رهندا هئا، ڪين دعوت ملي شاديءَ جي، اتي ويا. ڪين راڳ ڪرڻ لاءِ چيائون جتي سازيگر به هئا. فقير صاحب جن اتي راڳ ڪيو پر ڏاڍي جوش ۾ اچي ويا ۽ راڳ جو مزو به ٿيو. راڳ رات جو هڪ ڏيڍ بجي تائين ٿيو، ان بعد ماني ٽڪر کائي جاءِ تي اچي وينا ۽ سمهيا نه، مگر ذڪر (ڀڳتي) ۾ وينا رهيا. اٽڪل چئين بجي محل وري اتي ٻاهران تي، نماز پڙهڻ جي خيال سان هٿ منهن ڌوئي نماز پڙهي کٽ تي پڙهڻ وينا. ويني اٽڪل ساڍي ڇهين بجي نوڪر کي سڏ ڪيائون ته مون کي دل واري جاءِ تي هٿ رکي چيائون ته اني سور ٿو ٿئي. نوڪر عرض ڪيو ته سائين اجهو ٿو ٽڪي وٺي اچان. هو ائين چئي هليو ويو. ڏهن منٽن ۾ واپس آيو. ڪيس چيائون ته آئين. هن چيو هائو سائين. ڪيس وري چيائون: "ادل اسان جي الله توهر تي. اسان ميڙ ۾ وڃون ٿا، مڙهه کي ڳوٺ پهتو ڪجو." ائين چئي ٽنگون ڊگهيون ڪري کٽ تي سمهي پيا. نوڪرن دانهون ڪيون ٻيا ماڻهو آيا. ڏسن ته فقير صاحب سچ کنڌ ويو. ان وقت سردار بهادر محمد بخش ڏانهن حيدرآباد ۾ ٽنڊي آدم وغيره ماڻهو ويا. ڪار آئي، ڪار ۾ کڻي شهدادپور آيا جتي سردار رحيم بخش شيخ، سردار بهادر جو ڀاءُ هيو، ان اتان سينگاري عطر ڦليل وجهي ڪپڙا وغيره پارائي حفاظت سان شڪارپور موڪليو."

"فقير مسرور" جي ميت سان موهن داس نالي هڪ هندو، به نوڪر ۽ گاڏيءَ جو ڊرائيور گڏ آيا هئا. ميت کي شام جو پنجين يا ڇهين بجي شام جو پهچڻ گهربو هو مگر ساڻ آيل ماڻهن ٻڌايو هو ته "ڪار روهڙيءَ سيمينٽ فيڪٽري واري روڊ تي اچي رڪجي وئي هئي. وڏن حيلن جي باوجود اڳتي هلڻ کان جواب ڏئي بيٺي هئي. ڪنهن ٻڌايو ته سامهون درويش بيدل فقير جي

درگاهہ آهي ۽ هي درويش انهيءَ جو پيارو هو. بس پوءِ تہ رات اکين ۾ ڪاٽيسين تہ ڪڏهن ٿي درويشن جي ملاقات ختم ٿئي. نيٺ جڏهن فجر جو اذان ٻڌوسين ۽ هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهن کي ابندي ويندي ڏٺوسين تہ اسين بہ گاڏيءَ جي ويجهو وياسين." انهيءَ جي ڪري ڪار صبح جو پنجين وڳي اچي شڪارپور پهتي."

لاشي متانهون منهنجي الفاظ قُمَ باِ ذني،
پڙهندو پرين جڏهن تان، بيدار ڪنين نہ ٿيندس.

پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم لکي ٿو(١) تہ "تندي آدم کان ايندڙ ماڻهن مان هڪ ماڻهوءَ ايندي شرط واڪو ڪري چيو: سائين فقير اوليا هو اوليا! ڪالهہ شام جو شاديءَ ۾ شرڪت ڪيائين ۽ رات جو سندس سماع جي مجلس گرم رهي. ان بعد ذڪر ڪندي صبح ٿي ويس. نماز ۽ وظيفي بعد اينرو چيائين تہ "دل ۾ سور اٿم." ويرم نہ گذري جو سيني کي سڏ ڪري چيائين تہ

اسان جي الاهي توهار، اسلام عليڪم"
بس ڏٺوسون تہ امانت وجي ماڳئين پهتي.

"غلام علي مسرور" اوليا هو يا نہ اهو علم عليم تو ڄاڻي مگر سندس صحبت ۾ رهڻ وارن کان پڇو. هو تصوف جي طريقي جو نقيب هو، برڪفِ جام شريعت، برڪفِ سندانِ عشق جي نقش و نگار جو پختو نقاش هو. خدا رحمت کند اين عاشقانِ پاک طينت را."

شڪارپور ۾ سندس فرزند سائين احمد بخش بدوي عرف منل فقير سائين ميڙاڪو مچائيندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا ڪيترائي صوفي، فقير ۽ اولياءَ اچي شرڪت ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح هندستان ۾ فقير "سائين مسرور" جي ورسي ١٩-آگسٽ تي ملهائي ويندي آهي.

### قطعہ تاريخ وصال فقير مسرور

| | |
|---|---|
| مســـــــــرور دم حلاجـــــــــي | در دو جهـــــان ڪـــــو بکـــــو. |
| عـــــــارف و معـــــــروف | بــــر زمــــان ســــو بــــ ســــو. |
| مــــــن رانــــــي مشــــــرب | عشـــــــقش دائمـــــــا. |
| اڪـــــال ديــــس واســــي | عاشـــق در عشـــق هـــو بهـــو. |
| ١٣٧٢ هہ | احمد بخش بدوي |




بسم الله الرحمن الرحيم
من رآني فقد رأى الحق
حق موجود فقير سدا موجود
حضرت غلام علي مسرورؒ
ولد ميان رحيم بخش بدوي
ولادت ١٣١٠ھ شڪارپور
وصال يوم الحج ١٣٧٢ھ





## ڪلام جو مختصر مطالعو:

"فقير مسرور" جي ڪلام جو بنيادي نقطو عشق آهي، جنهن کي ٻن طريقن سان اظهاريو اٿس. هڪ طرف جديد صنفن ۽ عروضي صنعتن ۾ عشق جي اقليم کي اوليت ڏني اٿس ته ٻئي طرف سنڌيءَ جي لوڪ ڪلاسيڪي اتهاس ۾ عشق جا ڪونتل ڪڍايا اٿس.

---

(١) ماهوار نئين زندگي- آڪٽوبر ١٩٥٣ع، صفحو ٥.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪلام جا موضوع:

”فقير مسرور“ جو ڪلام ٻوليءَ جي وقار، شاعريءَ جي حسن، خيال جي اڏام، صوفياڻن نقطن ۽ اڪيچار موضوعن جو بحر بيڪنار آهي. ”فقير مسرور“ روحاني رمزن جو رازدان ۽ فقر جو فقير هو. سندس ڪلام ۾ تصوف جا نقطا، نفي اثبات، وحدت ڪثرت، مجاز ۽ حقيقت جا سوين نقطا ۽ موضوع آهن، جن کي مضمون جي لحاظ کان هيٺين طرح ورهائي سگهجي ٿو:

۱- تصوف: (جنهن ۾ نفي اثبات، وحدت ڪثرت، اسرار الاهي، ظاهر باطن جا راز ۽ رمزون سمايل آهن).

۲- عاشقاڻو مضمون: (جنهن ۾ مجاز ۽ حقيقت جا احوال، برهه ۽ درد جون باتيون آندل آهن).

۳- ناصحاڻو ۽ اخلاقي مضمون.

۴- مدحيه مضمون.

۵- سماجي ۽ وطني مضمون.

٦- هجويه ۽ مزاحيه مضمون.

## لوڪ ڪلاسيڪي صنفون:

### داستان:

داستانن جو هر زبان ۽ ادب سان تمام پراڻو لاڳاپو هوندو آهي، جيڪي حڪايتن، قصن ۽ ڪهاڻين جي صورت ۾ هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿيندا رهندا آهن. سنڌ ۾ به اهڙا ڪيترائي داستان آهن جيڪي نه صرف شاعريءَ ۾ پر نثر ۾ به اهي زندهه رهندا تا اچن ۽ سنڌ جي صوفي شاعرن وري انهن داستانن کي عشق ۽ تصوف جي سمجهاڻين لاءِ منتخب ئي انهيءَ جي ڪري ڪيو ته اهي سدائين عوام ۾ مقبول رهيا آهن. سماجي ۽ خاص طور انساني ڀلائيءَ جو انهيءَ کان وڌو ڪم ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي، جيڪو لوڪ ادب ذريعي سنڌ جي سڄاڻن ڪيو آهي.

پنهنجي متقدمين جيان ”فقير مسرور“ به سنڌ جي لوڪ اتهاس جي تاريخي نيم تاريخي ۽ رومانوي داستانن ذريعي پنهنجي روحاني ڪيفيتن جو اظهار ڪيو آهي جنهن ۾ مارئيءَ جي حب الوطني، سسئي جي پنهونءَ لاءِ جدوجهد، نوريءَ جي نوڙت ۽ مومل جي مجاز کي پنهنجي عشق جي اظهار جو بنيادي ذريعو بنايو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان سسئي پنهون:

هن داستان ۾ سسئيءَ ۽ پنهون سان واسطو رکندڙ گهڻائي موضوع آهن. مثال طور آري ڄام پنهل جو پيار، پيچ، سسئيءَ جي غفلت، ڏيرن جي ڏاڍائي، سسئي جي ور لاءِ وفاداري، ڳولها ۽ وصال وغيره، انهيءَ جي ڪري ئي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح به انهيءَ کي پنجن داستانن ۾ لکيو آهي. ساڳي طرح "فقير مسرور" جو گهڻو عشقيه ڪلام سسئيءَ جي صورت ۾ چيل آهي:

وجهي ٻل ٻروچ کي سرتيون آءُ ستيس،
آءُ به آڌيءَ رات جو، جائي نه جاڳيس
ننڊ ندوري جيڏيون ڪاهل آءُ ڪيس،
اڄا جو اتيس، ته هوت نه نهي هنج ۾.

## داستان عمر مارئي:

هي قصو سنڌ جي عام توڙي خاص ماڻهن ۾ ڏاڍو مقبول آهي. دانشور ۽ شاعر عمر جي ڏاڍائي، ظلم ۽ جبر کي شاعريءَ جو موضوع بڻائيندا آهن ۽ هڪ ڳوناڻي معصوم ڇوڪريءَ کي ست سيل جو اڳواڻ ڪري پيش ڪندا آهن. سنڌ جي نياڻين لاءِ مارئيءَ جو ڪردار ظلم خلاف هتين خالي لڙندڙ عورت جو اهڃاڻ ٿي اڀريو آهي ۽ قومي نظريو رکندڙ نوجوانن ۾ هوءَ حب الوطنيءَ جي علامت ٿي اجاگر ٿي آهي.

صوفي شاعرن هن قصي جي ماڳن ۽ ڪردارن ذريعي تصوف جي نقطن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي مثال طور ملير کي عالم ارواح، مارئي کي روح، عمر کي نفس جون علامتون بڻائي اظهاريو آهي. انهن علامتن ۾ "فقير مسرور" به چوي ٿو:

- ملير: هيڪاندي هياس مارن ساڻ ملير ۾
  قسمت قيد الماءَ جي ڏارون ڏارڪياس،
- حمير: اڃي آءُ پياس، هاٿي هٿ حمير جي.
- عمرڪوٽ (جسم):
  آٿي عمر ڪوٽ ۾ قابو قيد ڪيو،
  هاٿي وس وجڻ جو ويچاريءَ ويو.

اڄ جي جديد علمن جي ڦهلاءَ سبب هن قصي کي معنوي صورت ۾ ڏسڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدران قومي ۽ بين الاقوامي نظرين جي اصولن سان بہ ڏنو وڃي ٿو ۽ جيئن تہ اهي اصول بہ انساني سماجي لاڳاپي ۽ اختلاف جي پيداوار آهن ان ڪري هن قصي جي اهميت نهايت وڏي وڃي ٿي. "فقير مسرور" بہ انسانيت جي دشمن ۽ سماج مٿان ڏاڍ ڏمر ڪندڙ جابر ۽ زوراور کي مخاطب ٿيو آهي:

منهنجي مارن جي ڪڻ نہ اوڻ عمر،
مُنج ورائي مڱ تن جي دانهہ لڱ داور،
اُچائن تا جي ٿي سنوان گهمن نہ سي ٿي،
ذرتيءَ دبيا ڪيئي ظالم زوراور.

## داستان ڄام سمو ۽ گندري:

نوري ڄام تماچي، سمن جي حڪومت جي اوائلي دور جو قصو آهي. ڄام تماچي سمن سلطانن مان هو انڪري سندس ذڪر تاريخن ۾ بہ ملي ٿو ۽ نوري، ڪينجهر ڍنڍ جي مهاڻن جي ڇوڪري هئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قصي کي بہ ڪيترن شاعرن بيتن، واين ۽ ڪافين جي صورت ۾ لکيو آهي، جنهن ۾ نوريءَ کي نوڙت، عورتاڻي عظمت، بردباري ۽ نياز جو پيڪر ڪري پيش ڪيو ويو آهي. صوفي شاعر "فقير مسرور"، هن قصي ذريعي بہ ڪائنات ۽ قدرت جي راز تان پردو هٽايو آهي:

نوري نور نبيءَ جو، هي اُمت مهاٿا،
سمو ٿي ڄاڻان خاص خدا جي ذات کي.

ظاهري طور قصي ۾ نوريءَ جو پاڳ (ڪڪيءَ مان ڪستوري ٿيڻ) بہ سندس نياز ۽ نوڙت سبب ٿيو. جڏهن سمو سردار شوق مان سئر خاطر ڪينجهر تي پڌاريو تہ اتي مڇين جا ڍير هئا، جيڪي بہ سندس آئي عطر ڪٿورين سان واسجي ويا ۽ نوريءَ جو نياز ڏسي ڪينجهر منڇر جون معافيون ڪري ڇڏيائين:

نوري منهنجي نانءَ ۾، رَبّ رکيو ڪو راز،
نوڙت ۽ نياز، نسورو ئي ناز ٿيو.

ڄام تماچيءَ کي پيون بہ زالون هيون جيڪي شاهاڻي ٺٺ ٺانگر ۾ گذاريندڙيون هيون پر ڄام سمي، نوريءَ جي نماڻائي، سهڻي صفت، عجز، انڪساري ۽ حسن جمال جي ڪري، سندس سموري ڪُڙم تي ڪروڙين نرمل نوازشون ڪيون:

ڪاري ڪڙم منجهان پيدا ڪيس پرور،
قطرو ڪهڙيءَ شيءِ جو سي اٺاوا اڪر،
پاليو مادر ڪوڏ مان، چاٽي نور نظر،
ساما يس سڪن ۾ ڏک نه ڏنو ڏاتر،
هر جا پئي پچر نوري منهنجي نانءَ جي.

نوري ڄام تماچي جي هن قصي ذريعي "فقير مسرور" ڪينجهر، منڇر، ڄام تماچي، نوري ۽ مهاڻن جي ذريعي ڪائنات جي تخليق، بئي جهان، خداوند ڪريم ۽ سندس محبوب نبي ڪريم ﷺ ۽ ان جي اعليٰ اخلاق، حسن ۽ عظمت ۽ شفاعت جي نقطي کي پيش ڪيو آهي:

ڪينجهر متي ڪيئي، مون وانگر ويچاريون،
دانهون ڪرن تيون درد مان، سڻ ڄام سما زاريون،
هي ڪکيءَ هاٽيون ڪاريون، ڏسي ڪج نه ڪنارو.

## داستان مومل راڻو:

مومل راڻو، سومرن جي دور جو تاريخي عشقيه داستان آهي. هن قصي ۾ ڪاڪ محل، ان جي طلسم، راڻي ۽ ان جي رهاڻ، مومل ان جا ماڻا راڻي جو مومل تي موهت ٿيڻ، سومل کي مرداني ويس ۾ مومل سان ستل ڏسڻ، رسي وڃڻ ۽ مومل جو اوسيئڙو ڪرڻ، اهڙا موضوع آهن جن تي "فقير مسرور" خوب لکيو آهي ۽ ان ۾ معنويت ۽ علامت جو رنگ ڀريو آهي، لکي ٿو:

آهي راڻو حقيقي حال، مومل معنيٰ مجاز جي.
سائين آيو عرش اتئون اتري، فرش مٿان في الحال،
وٺجڻ وست ڪا نياز جي.
ڪثرت جو هي ڪاڪ ڪرشمو، بازي بيک بتال،
ناتر نسبت آهي ناز جي.
غيرت غمزو رمز رُسامو، وهم وجودي وبال،
سومل سمجهائي آ ساز جي،
معنيٰ ۾ "مَسرُورَ" محو ٿي، رکج خدائي خيال،
رمز پروڙي هن راز جي.

## داستان هير رانجهو:

هي پنجاب جي طرف جو عشقيہ داستان آهي مگر سنڌ جي بزرگن بہ هن قصي تي بيت ڪافيون ۽ سي حرفيون چيون آهن. ”فقير مسرور“ هن قصي تي هونئن تہ هڪ ڀرپور منظوم ”مثنوي هير رانجهو“ جهڙو شاهڪار لکيو آهي پر ان ڪانسواءِ پاڻ سرائڪيءَ ۾ ڇهہ ڪن بيت بہ لکيا آهن جيڪي پنهنجي قلمي ”ڪليات“ ۾ بہ رقم ڪيا اٿس.

سندس هنن بيتن ۾ برهہ ۽ عشق جون وڏيون جولانيون نظر اچن ٿيون. فرمائي ٿو:

عشق امام اساڏا هويا، اسين جماعتي ٿيوسي،
اَلستُ بِرَبِّڪم برهہ بانگي دا، ڪنين آواز سڻيوسي،
سُڪ سُتي هس سيج اُتي، ڏئي پڙڪا مار اُٿيوسي،
قالو بَليٰ اُت آکيم، محبت مسجد قدم ڌريوسي،
جُملہ واجب فرض سنت ادا نفل ڪيتوسي،
عشق سلامت خاص خدا ڪنون دعائي خير منگيوسي؛
”مَسرُور“ آکي هير جيها هُڻ سر تي حال پيوسي.

## بيت:

بيت سنڌ جي تمام قديم صنف آهي، جنهن جي سناءَ جو دامن اينترو وسيع آهي جو هر دور جي حالتن، فن، ثقافت ۽ تاريخ کي پاڻ ۾ سموئي هڪ اهم ترين ۽ مقبول صنف سخن جي صورت ۾ اڄ بہ قائم ۽ دائم آهي.

بيت کي اسان جا فقير ڳائڻا ڏوهيڙو بہ چوندا آهن. بيت جي شروعات حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري ڪئي. جنهن کان پوءِ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ رحمة اهو عظيم شاعر پيدا ٿيو جنهن بيت/ڏوهيڙي جي صورت ۾ ڪروڙين موضوعن کي محفوظ ڪيو.

سنڌ ۾ بيت/ڏوهيڙي جي موزون هئڻ ۽ نہ هئڻ جا ڪيترائي بحث ٿيندا رهيا آهن. ڪي هن کي جهنگلي ۽ ناموزون چئي پنهنجي علميت جو ثبوت ڏيندا رهيا آهن تہ ڪي هن کي چند ماترڪ جي بنياد تي ٻڌل چوندا آهن، پر اصل ڳالهہ ڏانهن ڪنهن جو ڌيان نہ ويو آهي، جا هيءَ آهي تہ شاعر ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي علم ادب جي اصولن ۽ قاعدن کي ذهن ۾ رکي

لفظ لفظ سان ۽ تڪ تڪ سان ملائيندا آهن ۽ پيا اهي آهن جيڪي برهه جي باهه ۾ جلندي بہ برهه کي ڪڇ ۾ ڪڍائيندا آهن، درد جون هوليون کيڏنديون آهن ۽ انهيءَ عشق جا ڳڻ ڳائيندا آهن.

اهڙن شاعرن جو ڪلام برهه جو اهڙو پڙلاءُ هوندو آهي جيڪو خودبخود سرن ۾ لئي جي سنگم سان صورت پذير ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري هو پنهنجي ڪلام چوڻ لاءِ وزن، ارڪان، (عروضي لئي) لفظن جي ماترائن (ماترڪ ڇند) حرفن جي ڳڻپ (ورڻڪ ڇند) جي رسمي قاعدن جا ڳيجهو يا پابند نہ هوندا آهن. اهڙن شاعرن جو مقصد پنهنجي علميت، جاگرافيائي ڄاڻ يا تاريخي ۽ سماجي دانش سان مرعوب ڪرڻ نہ هوندو آهي پر وٽن اهميت صرف عشق جي انهيءَ اُڌمي ۽ ان کي نروار ڪرڻ جي هوندي آهي، جنهن جو تعلق انسانيت، دنيا، حيات ۽ ممات جي گوناگون مسئلن سان هوندو آهي.

سنڌ ۾ اهڙا سوين شاعر ٿي گذريا جن جي ڪلام کي پنهنجي علميت ظاهر ڪرڻ لاءِ پرکڻ نہ گهرجي پر انهن جي چيل ڳالهين تي غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي جيڪي هنن نينهن سبب نروار ڪيون هونديون آهن. فقير مسرور" اهڙن سڄڻن کي مخاطب ٿي فرمائي ٿو:

نينهن تون نا ميان ڳڻين، تقطيع لاءِ تڪڙو تمام،
عقل ۾ اڙجي پوين پوءِ، عشق تي تو ڪين انعام،
جيئن تہ فعلن فاعلاتن ريءَ نہ ڪجهہ تو پڙ پيو،
هي فن اڪثر مون ڏٺو اڄڪلهہ تہ آهي خاص عام.

"فقير مسرور" جي چيل بيت جو گهاڙيٽو، سنڌيءَ جي لوڪ ڪلاسيڪي بيت جيان ٻن مصراعن کان نون مصراعن تائين ٻڌل آهي ۽ انهن ۾ قافيو ٻن طريقن سان استعمال ڪيل آهي:

(١) سورٺا جي سٽاءَ تحت، جنهن ۾ قافيو ٻنهي مصراعن جي وچ ۾ ايندو آهي:

• لهرين منجهہ **لقاءِ**- پسيم تي پريءَ جو،
پيو ڪونہ **سماءِ**- چڙهي وير وحدت جي.

(٢) دوهي ۾ قافيا ٻنهي مصراعن جي آخر ۾ ايندا آهن پر "فقير مسرور" دوهي ۽ سورٺا جي ميل وارا، سنڌي ڏوهيڙي جي سٽاءَ تي بيت چيا آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الف:- سبب تيو سومل جو، پر ڀڳڻ ڪي تہ **پيا**،
اڳ تہ منڊايون منھنجيون پڻ جيڪي عيب **ھيا**،
ڏيئي پاند پناھ جو، توتي ٻول **ڍھيا**،
ھاٽي پدر **پيا**، راتا رنين جي ڏھين.
ب:- سما تنھنجي سام- مڙيوئي **مھاٽيون**،
ھي ڪاريون ڪکيءَ **ھاٽيون**، ڏسي ڪج نہ ڪنارو.
ڀ:- پرانھون پنھل **ڀار**- واڪا ويچاريءَ جا،
ستي موتج سگھڙو- موڙي اٿ **مھار**،
ڪيچي **قربدار**- ننگ نھاري پنھنجو.

## ڪافي:

ڪافي سنڌ جي صوفي شاعرن جي خاص پسنديده صنف آھي جا ڳائڻ جي لحاظ کان اڄ بہ سموري سنڌ ۾ انتھائي مقبول آھي. ڪافين جي ھن نئين دور جا اڳواڻ شاعر موجوده خيرپور ضلعي جي حدن اندر ساماڻا، تاريخ وار رسالن ۽ عمر جي لحاظ سان اھي ھئا، صوفي روحل فقير (وڏو) عبدالله فقير ڪاتيار، سچيڏنو عرف سچل سائين ۽ پير علي گوھر شاھ اصغر(١).

اھڙيءَ طرح روھڙيءَ ۾ شھنشاھ فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة ۽ جمال جو عاشق جناب محمد محسن بيڪس فقير عليه رحمة، ڪافيءَ جا نھايت اعليٰ صوفي شاعر پيدا ٿيا ۽ سندن اعليٰ فڪر، صداقت، عرفان ۽ درد واري ٻوليءَ جيان "فقير مسرور" بہ پنھنجي جذبن جو اعليٰ اظھار ڪافيءَ ذريعي ڪيو آھي.

حالانڪ سندس دور ۾ غزل ۽ عروضي صنفن کي وڏيڪ اھميت ھئي مگر پنھنجي متقدمين جيان "فقير مسرور" ڪافيءَ جي صنف کي وڏيڪ اھميت ڏني آھي ۽ انھيءَ ڪافيءَ جي ڪري ڪيس عروضي دور ۾ پنھنجي ڪيترن عروضي ھمعصر شاعرن کان علحده ۽ وڏو مقام حاصل آھي.

"فقير مسرور" جي ڪافين ۾ نصيحت، ھدايت، عشق، عرفان ۽ ھمہ اوست جي معنيٰ جا اھڙا اھڙا موتي بہ آھن جن جي اپٽار ۾ خوش خير محمد

(١) اصغر سائين جو ڪلام- مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جميعت علماء سڪندريہ پير جو ڳوٺ ١٤٠٠ ھجري، صفحو ٤٢.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير جي ڪلام جا به پول چونڊ وڏيڪ مناسب آهن ته:-

عشق اچي مون سان ڪيون ڪيون،
ڳالهيون! سلڻ نه جهڙيون، چوڻ نه جهڙيون.

## ڪافيءَ جو فني سٽاءُ:

”فقير مسرور“ جي ڪافيءَ جو گهاڙيٽو، ”وائي“ ۽ غزل وارو آهي ۽ جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي قافين جي بي اختيار رقص ۽ روانيءَ سبب اهي سورنا، دوها ۽ مستزاد واري رنگ ۾ به نظر اچن ٿا. جن جا ڪجهه مثال هت ڏجن ٿا:

الف: وائيءَ جي سٽاءَ تحت چيل ڪافين ۾ ڪڏهن قافيو پهرين مصرع جي اڌ ۾ چيو اٿس ته ڪٿي مصرع جي آخر ۾ آندو اٿس:

- ڏاڍي ذات بي مهاب- جيجان آهه جتن جي،
  پلوءُ اڙائي پانهنجو- ٿيس مهٽي هاب.
- واهه سيلاني سيل ڪرين ٿو- صورت وارو پهري ويس.

مصرع: ڪاٿي رانجهو نانءُ رکايُءِ- ڪاٿي ليلا ڪاٿي قيس.

ب:- ڪافيءَ ۾ سورنا ۽ غزل رنگ:

زور دم ڏاران زغا مارڻ ادا آهي عبث،
فقر جو فروِيءَ فنا پائڻ ادا آهي عبث.

ٻ:- ڪافيءَ ۾ دوهي جو سٽاءُ:

ٿلهه: دل اندر پيهي ادا تون گوش ڪر گفتار ٻڌ،
قرب وارا سڻ قصا، بي ناوري اخبار ٻڌ.

اها پوري ڪافي دوهي جي سٽاءَ تي چئي اٿائين. ساڳيءَ طرح سندس ڪافين ۾ سورنا ۽ دوهي جو گڏيل سٽاءُ به آهي:

پ:- سورنا ۽ دوهي جو گڏيل سٽاءُ:

لنگهي اسلام جو لوڙهو- پياسي ڪفر ۾ ڪاهي،
اڪر ايمان آ چوڙو- ڌرم ۽ دين ڪجهه ناهي.

ت:- ڪافيءَ ۾ مستزاد جو سٽاءُ:

- هيڻن نه جاني هجر ۾ تون برهه جا بيمار- مار،
  واڳ وهلو يار سگهڙو، هوت ڪاهڪوار- وار.
- ڪليا هت هزاري هرجا- خاصن جا خمخانا- مئخانا،
  هدءَ ڪي ٿا حق سجاڻن، جوڳي جنگ جوانا- فرزانا.

روئي روئي رت- لڳن ڇڏيو ست،
ملندو جانب جت- ڏاڍو اتم چاهه،
ويني قارون پايان.

• اچ پيارا، دل قرارا، مل خدارا، اي حبيب،
ورهه وارا- ڪيو اوسارا- ڪن پڪارا- اي حبيب.

وٽندڙ ۽ سهل قافين جي ڪري "فقيرُ مسرور" جي ڪافين ۾ رواني، لئي ۽ لفظن جي صوتي آهنگ جو هڪ عمدو ماحول جڙي پوي ٿو:

• دلبر دلدار، محب منار، گوليءَ ساڻ گذاريو.
تنهنجي تات، هجر هيهات، ڪيو مات اسان کي،
چاڪ چوري، جان جهوري، دل ۾ درد دکايو.
تنهنجي ڪاڻ، پچان هاڻ، سوين ياڻ دلبرا،
اچج يار، صورت سردار، منل منهن نه متايو.

## سرائڪي:

• آوي ميڏا ماهي، توبن جاني جائي،
سهڻل سائين حاڪم سائين،
ڏکي ڏينهن گذر دي.
رو رو راهه تڪان مئن تيڏي، ڪوڙين ڪانگ اڏاوان،
ڪڏان تون آسي جاني ميڏا، بيٺي فالان پاوان،
بات نه ٻي ڪاوات اساڏي- تات تساڏي جائي
جاني شام سحر دي.

## ڪافين تي اثر:

"فقير مسرور" جي ڪافين ۾ دولهه درازي سرڪار سچل سرمست عليه رحمة، شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة ۽ جمال جي عاشق صادق فقير محمد محسن بيڪس عليه رحمة جي فڪري وحدت جو اثر نمايان آهي. ان ڪانسواءِ سندس لهجو ڪٿي ڪٿي سائين علي گوهر شاهه اصغر عليه رحمة ۽ خاص طور سسئي پنهون، عمر مارئيءَ جي داستانن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمة جهڙو نظر اچي ٿو. تفصيل لاءِ ڪجهه مثال هت پيش ڪجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| الف: سچل سائين جو ڪلام | فقير مسرور جو ڪلام |
| --- | --- |
| منهنجو پانڌيئڙا پرينءَ کي ڏيج نياپو (ص:٨٧) | ادا پانڌي ڏجان نياپو وڃي دلدار دلبر کي. |
| • پل پل پَوَنم پور، عمر تن ماروئڙن جا (ص ٢٤٦) | ادا ڙي عمر مارن جا پل پل پور پون. |
| • چڙهه ميان عاشقا ڪيئن تون سوين سيل بنائين تو. (ص٦٢) | ڪيئن تون آئين ڪٽ تون چائين، ميان عاشقا ڪير تون آهين. |
| • پيو ڪو ڄاڻڻ محض گناهه، هر ڪنهن صورت آپ الله | آهي آدم سر ته الله، پول نه تنهن ۾ پيو ڪو پائنج. |
| • حدين وڃين هرڪو، لاحد وڃي پير، سچو سو فقير جو حد لاحد لنگهي وڃي. | عشق آ ساٿي سچن سان جي ٽپي لاحد وڃن. |

| بيدل سائين جو ڪلام | فقير مسرور جو ڪلام |
| --- | --- |
| • آيو پهري ويس صورت جو بيرنگ نيارو | واهه سيلاني سنر ڪرين ٿو صورت وارو پهري ويس |
| • منصوري حالت وچ عاشق مارن طبل خدائي وي | مسرور نعرو من خدا مارين جيءَ ڪان ٿي جدا. |
| • من عرف جي مام موچاري، فرمودي ۾ ناهي ڦير، | ڏس پروڙي پاڻ ۾ من عرف جي مام کي. |
| • پول نه پئي ڪنهن پل، تون ته آدم ناهين اصل. | سر اهو آهين صحيح ڄاڻج اهوئي ڄاڻ ڪجهه. |
| • دم دي سرت سنيال رکين، دم هي اسرار الاهي دا. | دم دم ۾ ذڪر دم جو، دم ريءَ آ ڪهڙو دم |

| بيڪس سائين جو ڪلام | فقير مسرور جو ڪلام |
| --- | --- |
| • آئي بهار بسنت بهاريو. | برهه بسنت بهادر يارو، هر جاهُل هلايا وي. |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهنشاهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي لهجي جو اثر:

- ڇڏي ڇوريءَ کي ڏير تہ ڏاگها . ڪيچ قطارون ڪاهي ويا ،
  آکـــي ووءِ جـــيـڏيـــون ، لـــوريءَ جـــيءَ ۾ لائـــي ويا .
- تنهنجا ڪاچ مليدا وِهہ تي پانيان، سَتر واري اها لوئي نہ لاهيان،
  ڪائڻ آهي ڳاڱيون ڳنڍير مارن جو.
- نہ ٿا وٺن تنهنجا باغ بهاري، شالا ڏ سنديس اباڻي واڙي.
- هي ڏيرن ڏاڍو ڏاڍ ڪيو آهہ ، ڪري ظلم وٺي ويا زوري اديون.
- هيڪاندي هياس، مارن ساڻ ملير ۾ ،
  قسمت قيدالماءَ جي ڏارون ڌار ڪياس ،
  اڃي آءُ پياس هاٿي هٿ حمير جي.

## سرائڪي ڪلام

سنڌي شاعرن ۾ سرڪار سچل سرمست ئي اهو شاعر آهي جنهن سرائڪي ٻوليءَ ۾ بہ تمام گهڻو ڪلام چيو آهي. ساڳي روايت کي "فقير مسرور" بہ برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اٽڪل ٣٠ کن دلفريب ڪافيون، سراپا ، قيامت نامو مسدس جي صنف ۾ ، منقبتون، مداحون ۽ دوهرہ ۽ ٽيهہ اکريون بہ لکيون آهن. جتي "فقير مسرور" جو سنڌي ڪلام پڙهڻ جهڙو آهي، تهڙو ئي رس سندس سرائڪي ڪلام ۾ بہ آهي. سندس ڪلام ۾ اهڙي تہ سلاست ۽ رواني آهي جو سرائڪي نہ ڄاڻيندڙ بہ سندس ڪلام کي آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو.

"فقير مسرور" جي سرائڪي ڪافين جو گهاڙيٽو بہ نهايت خوب آهي، جنهن ۾ درد جي وڏي پالوٽ ٿيل آهي.

## ٽيهہ اکريون:

ٽيهہ اکريءَ کي "سي حرفي" بہ چوندا آهن جا بنيادي طور ڪلام جي قسم جي هڪ سهڻي صنعت آهي جنهن ۾ الف-ب جي هر هڪ اکر تي بيت چئبو آهي. "فقير مسرور" ، ٽيهہ اکريءَ جي صنعت ۾ بہ پنهنجو نينهن ڪڍايو آهي. سندس ٽيهہ اکريون سرائڪي زبان ۾ چيل آهن. پاڻ پهرين ٽيهہ اڪري سورنهن سالن جي عمر ۾ چيائين جا الف-ب جي ٢٨ اکرن تي مشتمل آهي:

الـف: الله هـڪـــڙا ڏوجـــهـي وائـي ســب وســـار مـــيـــان،
وحـــده لا شـــريـڪ لـه هـر جـــا هـڪ اظـهـــار مـــيـــان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الانســـان ســري وانا ســره اپـنـا ســر سـنـيــار مـيـــان،
"مَـسـرُور" ســانگا چـوزيـن، ويـکـين درس اهـو ديدار مـيـــان.

انهيءَ تيهہ اکريءَ جي آخر ۾ تاريخ ١٧ ذوالحج مطابق ٢٠-ڊسمبر ١٩١٠ع لکي اٿس. سندس ٻہ تيهہ اکريون "مربع" جي صنف تي چيل آهن ۽ هڪ "مثمن" جي صنف ۾ چيل آهي. تيهہ اکريءَ جي صنعت ۾ اڪثر شاعرن تجنيس حرفي جي ٻہ صنعت ڪم آندي آهي. "فقير مسرور" جو تہ اٽڪل سمورو ڪلام تجنيس حرفيءَ جي چاشنيءَ ۾ سان ڀريو پيو آهي، انهيءَ جي ڪري سندس تيهہ اکرين ۾ بہ وڏو ميناج آهي:

خ- خاص خيال خودي دا پهلي، نال خوشي دي ڪاوين.
س- سنيارين جي سر اپڻا ، ڏيکين تان اسرار سيو.

تيهہ اکرين جا موضوع اڪثر مدحيہ، مناجاتون ۽ مناقبا هوندا آهن جن ۾ هدايت ۽ نصيحت جا نقطا بہ آندل هوندا آهن. "فقير مسرور" جي هڪ تيهہ اکري جا مثمن (اٺن مصراعن) تي ٻڌل آهي، اها سرور ڪونين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي سراپا مبارڪ تي چيئي اٿائين، جنهن ۾ نہ رڳو لفظن جو انتخاب عمدو آهي پر عجز ۽ ادب جو هڪ بهترين مثال آهي:

الـف- آکـــان حـــمـــد و ثـنـــا رب دي خـــاص پـيــــاري دي،
پڙهان سـراپا سطر صـحـيـح الـف لام سـيـپـاري دي،
هي وصف درج هر آياتي وچ دوست سجن دلداري دي،
ثابت صفت هر اڪ دي وچ هر اڪ عـضـوي نيـاري دي،
خالق واصف خاص هو يا ڪيا طاقت بندي بيچاري دي،
مـئـن "مَسرُور" انهيندي رهيان ڪُنڙي نين نظاري دي
جـو دم جـيـوان پـيـجـان دم دم دعـا درود سـلامـان،
بـنـدا بـردا دردا دائـم خـــاص غـــلام غـــلامـــان.

فقير مسرور جو ڪلام اهڙو بحر بيڪنار آهي جنهن ۾ ڪو غواص ٽٻي هڻي انهيءَ مان عشق جا املھ ماڻڪ موتي ميڙي عام کي آڇي سگهي ٿو. سائينءَ جي بارگاھ ۾ دعاگو آهيان، اميد اٿم تہ عشق جي جوهرين وٽ هي پورهيو قبول پوندو.

ڪراچي- جنوري ٢٠٠٠ع                                                   بيدل مسرور بدوي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com


به عونِ صناعِ مکين و مکان و فضل خلاق زمين و آسمان

کتاب

سلطاني سهاڳ

تيار ڪيل

حضرت امام غزالي صاحب جي ڳوڙهي تصنيف ٿيل ڪتاب
منهاب احياءِ علوم الدين ۽ ٻين ڪيترن معتبر ڪتابن
تان

مسکين غلام علي خلف ماستر محمد بخش تخلص مسرور
طالب درگاه جناب بهشت مآب حضرت فقير عبدالقادر
وحب قدس سره - ساکن رو هڙکي شريف - ...

ميان غلام علي مسرور فقير جي قلمي ڪتاب جو ابتدائي ورق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شجر



فقير مسرور جي نعتيه ڪلام جو نادر نمونو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# دشمن

دشمن :- ڪمزور نفرت جهڙو احساس آهي. جنهن
انسان جي دل سدائين بيٺو رهي خوف سبب بيقرار رهي ٿي. سواءِ
خاصن جي عام اڳيان ائين ٿي آهي ته انسان جو دشمن فقط انسان
آهي. مگر خاصن جي نظر ۾ ٻيو دشمن هڪ نفس (من) ۽ ٻيو
شيطان آهي. جنهنلاءِ خداوندڪريم قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي
ته شيطان انسان جو وڏو دشمن آهي. اِها حقيقت واضح
هوندي به انسان فقط انسان کي پنهنجو دشمن ڄاڻي انهن جي شر
فسادن کان امن ۾ رهڻ جا اُپاءَ ڪندو ٿو رهي
ائين به آهي ته انسان جو شيطان انسان ئي
بقول مولانا رومؒ :- اي بسا ابليس آدم روئي هست (رومؒ)
جنهن ته شيطان ڪو هٿ سان وڃي ڪنهنکي فسادي يا خراب ڪري
مگر انسان جي وجود ۾ نفس (من) هڪ مادو آهي. جنهن ۾ ...

فقير مسرور جي خوبصورت تحرير جو نمونو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪليات مسرور

اج وري اظهر نوان ڪي عشق جا آثار ٿيا،
طالبن ڪي ان طرح سچ، دل گهريا ديدار ٿيا.
”فقير مسرور“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ڪافيون

١- سرود نامو.

٢- عشق نامو.

٣- وحدت نامو.

٤- مسرور نامو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرود نامو

## ڪافي ڪلياڻ (١)

ادا پانڌي ڏجانءِ نياپو، وجي دلدار دلبر کي.

جدائيءَ ۾ مران جائي، نه ڪو تم حالَ جو پائي،
پلڪ پريان بنا ڪائي، نه آ آرامُ اندر کي.

ٻڌي ٻانهون ڪجان ڪوئي، عرض عاجز سندو روئي،
سندم هي حال ڏک جوئي، سُڻائج شاهه سرور کي.

مري "مسرور" تو ماندو، اچي مل يار تون سگهڙو،
هلي هئه هئه نه ڪو وس تو، چوان پنهنجي مُقدر کي.

## ڪافي ڪلياڻ (٢)

ڪجان هي عرض عاجز جو، عجيبن کي ادا پانڌي.

اڏامي مان وڃان هيڪر، هجن پکين سندا جي پر،
پسان جلوو هلي جيڪر، ولي قسمت ڪيس ٻاندي.

اچي جي يار جو اوني، ڏيان اکڙين ۾ تنهن کوني،
لکان خط خوب مان موتي، پُنهونءَ ڏي، جو سندم ڪانڌي.

مري "مسرور" تو ماندو، نه آ دم تات ڪان واندو،
ڪنياتَل خط نه اچ آندو، ڪَيس هن مونجهه مان ماندي.

## ڪافي ڪلياڻ (٣)

اڳڻ منهنجي تون اڄ جاني،
ڪيان مان جان قرباني.

سدا نيڻون وهن نارا، تڪيان تولاءِ تي تارا،
ملڻ جي مُحب موچارا، ڪيو ڪائي مهرباني.

اڏايان آءٌ پئي ڪانگا، مُنجان سوَ سوَ سلامن جا،
ڪيان واڪا پري سُڏڪا، فراقن دل ڪئي فاني.

اڱڻ منهنجي سڄڻ سَرور، پري پيرا پرين پرور،
منا "مسرور" سان هيڪر، اچي مل يار لاثاني.

## ڪافي ڪنيات (١)

دلبر ڪيڙو ڏار، انهيءَ مون کي مونجهه منجهايو.

غمن ڳاريو، سُورن سازيو، لَنوَ ڪيم لاچار،
دانَهه اچي هي ديس وسايو.

دارون ڏيو ڪو دلبر جاني، آهيان سخت بيمار،
مُئيءَ کي نا ماريو.

"مسرور" ماندو مُحب اوهان لئه، منهنجا سائين سردار.
دلبر دير نه لايو.

# ڪافي ڪنيات (٢)

سڪ اوهان جي سردار، جيرو منهنجو جيئڙو جلايو.

سهڻا تنهنجي سونهن اڙايم، ٻيو اکڙين جي اسرار،
ماندو مُئيءَ جو منڙو مُنجهايو.

سال سڏيندي ٿيا سڏ نہ سُڻيئہ ڪو، ٻڏا هُيئہ ٻول هزار،
حاڪم هينئين سان هنڊايو.

تنهنجي اچڻ لئہ قارون پايان، دل گهريا دلدار،
هيڏي اچڻ جو ڪر ڪو سعيو.

توکان سواءِ مون کي ڏکن ڏکايو، سُڌ نہ لڌءِ ڪا سارَ،
پِرين اچي ڪو پاڻ پَسايو.

"مسرور" تولئہ آهي ماندو، اچي تون گَڏ گُذار،
سائين ڪر ڪو سوال سجايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي ڪنيات (٣)

حسن ڪيو حيران، محبت منڙا مَچ مچايو.

انگ ازلي جيڪو لکيو،
پُڙيو (١) هرگز ڪين ڪي ٽريو،
سورن سندو سامان، ڏولڻ مُئي کي ڏاج ڏوايو.

هوش عقل، پَسندي ويڙو (٢)،
مست، محبوبن مون کي ڪيڙو (٣)
ديدن سان ديوان، گهورن هٽي جيئڙو گهايو.

"مسرور" آکي ڏولڻ سائين،
وائي ملڻ جي اتم سدائين.
مَنڙو (٤) ٿيو مستانُ، سڪ تہ سجڻ سائين شور مَچايو.

---

(١) پُڙيو = پورو ٿيو، برابر ٿيو.
(٢) ويڙو = (تصغير) ويو.
(٣) ڪيڙو = ڪيو.
(٤) منڙو = من (تصغير)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي ڪنيات (۴)

آءُ مِلُ مَحرم يار، سڪنديءَ کي سڄڻا ڪينَ سنايو.

آرام اندر کي ڪين اچي ٿو،
مَنَ ۾ جاني مَچ مچي ٿو،
گهڙي بہ ناهي قرار، سڪ سُهڻل جي صبر گنوايو.

هوت اوهان لئهِ هنجون ٿو هاريان،
هاءِ هجر ۾ گُوندر گهاريان،
دانهن ٻُڌي دلدارَ، هيڏي اچڻ جو ڪر ڪو سعيو.

"مسرور" آکي مُحب موچارا،
آءُ اڱڻ تون يار پيارا،
اچي گڏ گذار، تيندو منهنجو بخت سوايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پيروي (١)

پانڌي پُنهل کي ڏيج نياپو،
درد منجهان ڪري دل تو ريءَ دانهون.

جانب جڏيءَ کي ويهه نه وساري، سدا توکي سهڻا ساهه ٿو سنڀاري،
ساجن سگهڙو آءُ اوتاري، تون آهين جانب جيءَ جو جياپو،
چڏي وئين چوريءَ کي ڍولڻ چاهون (١).

حال هوتن کي سڻائج سارو، رَت رڳن جو ڪڙهي ٿيو ڪارو،
اچي وسايو مُحب اوتارو (٢)، توسان منهنجو سنگ سياپو،
نه ڪو وري سينو ٿا سهنل ساهيون.

روئي ڪج هي حال هوتن کي، ناهي گهڙي ڪا ننڊ نيڻن کي،
پانڌي الله لڳ وڃي پرين کي، چئج هٿي تون در تي چاپو،
مُحب "مسرور" جون سڻ هي آهون.

(١) چاهون = چاڪون، چاڪان، ڪمڙي ڳالهه جي ڪري.
(٢) اوتارو = آستان.

# ڪافي پيروي(٢)

سدا توکي سهڻا ساريان سنپاريان،
ساري وري ساري تولئہ هنجون ويني هاريان.

نالِ نذر کي ويا نہ ورتيون، ننڊ ۾ نهوڙي ويڙا نرتئون،
ساجن ريءَ وو جيڏيون سرتيون، گُوندر ويني گهاريان.

ناءِ مولا جي اچ تون منڙا، سدا توکي ساري ساهہ ٿو سنهڙا،
تنهنجي اچڻ لئہ موهن منڙا، نيڻ کنيو ويني واٽون نهاريان.

اٿم ارمان جو ڇڏي وئين مون کي، ترس نہ پيو ڪو ڊولڻ توکي،
هر ڪوئي هاٿي ڏئي ٿو مون کي، مهڻا تنهنجا، سُڻي پر ٽاريان.

اڱڻ اسان جي شل تون ايندين، هن نہ دکيءَ کي دلاسو ڏيندين،
سک ۾ ٿيا ٿم سال سڏيندي، اچڻ تنهنجي لئہ ٿي ڪانگ اُڏاريان.

ناهي گهڙي آرام اکين کي، ساري سدائين ساهہ پرين کي،
ياد ڪري "مسرور" سڄڻ کي، ڳلن تي ڳوڙها ويني ڳاريان.

# ڪافي پيروي(٣)

پُنهل وچ نہ پري، ماندي تولئہ مري.

تنهنجي طلب تات، آهي وائي وات،
سارو ڏن ۽ رات، ڳڻتين منجهہ ڳري.

روئان هوتن ريءِ، پلپل پرين ريءِ،
ساعت سانگين ريءِ، منهنجي ڪين سري.

منا هي "مسرور"، راتيان ڏينهان رنجور،
اچي حال حضور، ڏس ڪي پير پري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پيروي (۴)

اچــــج الله لـــــڳ ســـــڄــــڻ ســــردار،
ننگي[١] پــنــهــنــجــي نــنــگ[٢]ڌي نــهـــار.

ناٺ مولا جي مون کي نه وسارج، جانب جدائي ۾ مفت نه مارج،
نــنــگــي تــون پــنــهــنــجــي نــنــگ ڌي نــهــارجُ،
بـــچـــڙي آهـــيـــان ڏولـــڻ بــدڪـــار.

هاٺ هجر ۾ مران تي جائي، ڪارِ نه اُجَهي مون ڪان ڪائي،
پــنــهــنــجــي ڪــر ڪــا پُــنــهــل پــلائــي،
مُـــون ۾ اتــيــئــي عـــيـــب اَپـــارَ (٣).

"مسرور" توکي سدائي ساري، هئه هٺ هجر ۾ هنجون هاري،
مـــــون وٽ رهـــــي وڃ رات گُـــــذاري،
اگــلـــي (۴) آهــيـــان ڏولـــڻ عـــيـــبـــدار.

---

(١) ننگي = ننگپال، ڍڪڻهار.

(٢) ننگ = لڄ، آبرو.

(٣) اپار = بيحد، تمام گهڻا.

(۴) اگلي = گندي، عيبن ڀريل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پيروي (٥)

جيڏيون يار جت لئہ ماندي مان مران ٿي،
ايندم ڪڏهن الائي، ڳڻتين ۾ ڳران ٿي.

اجا سخت سفر، ڳجهن ٻاري ٻيا ٻر[(١)]،
ڏسي ڪاف ڏونگر، ڏُکي آءٌ ڏران ٿي.

پڇي اڄ ٻہ شايد، اديون من مقاصد،
ڏسي ڪانگ قاصد، اکين آءٌ نران ٿي.

پُڇان پنڌ پيرا سندا دوست ديرا[(٢)]،
گهٽين ۾ مان گُهمرا، ڦيرا ڏيو ڦران ٿي.

گهاريان ڪيئن گهر ۾، پونديس آءٌ پڌرَ ۾،
هئہ هئہ تپ هجر ۾، ٻيٺي مان ٻران ٿي.

”مسرور“ ايندا، اگھن دوست دل جا،
سيئي محب ملندا، تڳا (٣) جن تران ٿي.

(١) ٻر = بيابان ريگستان.
(٢) ديرا = (ديرو جو جمع) آستان، ماڳ، ڳوٺ.
(٣) تڳا = آسري.

# ڪافي پيروي(٦)

چڙي ڏي رنج سپ راتا، ورنَ جي وارِ ڪا وائي.

سڄڻ شب روز ڏک ڏوريان، اندر ۾ ايٽُ(١)تي چوريان،
ڪنهين سان درد دل اوريان، نہ ڪو آ حالَ جو پائي.

فراقن ۾ تيس فاني، اچي مِل مُحب لاثاني،
ڪري دل ياد تو جاني، اکين ساوڻ جُهڙي (٢) لائي.

تڪيان تي روز مان راهون، رڙان روئان پري آهون،
لڪين دلڙي ڪري دانهون، ڏُکن جي لئہ ڏکي جائي.

ڪڙهِي سُهٿل تيو ڪارو، گلابي رنگ موچارو،
سُڪايو سڪ بدن سارو، ويو آ غم هڏا کائي.

پرين "مسرور" شل ايندا، رهي گڏ اورَ (٣) اوريندا،
هميشہ لاءِ هڪ ٿيندا، ڪري ڳڻَ قرب جي ڪائي.

(١) ايٽ = چرخو.
(٢) جُهڙي = مينهن.
(٣) اور = احوال، سورن ڏکن جو بيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پيروي (٧)

اَڄ اوچتي اک عجيب سان ويئي،
ڦتي دل ڦري ويا، هڻي بانَ[١] بيئي.

مسافر ڪي ماري، تيا ديس راهي،
انهيءَ ڏوڏَ[٢] جي سُڌ اڳي ڪانه پيئي.

سندم دل نماڻي، ورائي ونڃ لئه،
ڳچيءَ پاند پائي، ڪيمَ عرض ڪيئي.

ڏنو ڪونه دلبر دلاسو ورائي،
ويا بان ويتر، ڏجها ڏاج ڏيئي.

اتم آس "مسرور" پڻ پڪ اهائي،
جنين دل ڏُتاري، چڏيندا نه سيئي.

(١) بانَ = تير.
(٢) ڏوڏَ = نگي، دولاب، ڏوڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي ڪوهياري(١)

ڪاڪيون (١)ڪين سَري(٢) الا، پرينءَ بنا پل هڪڙو.
پنهون ونئي ويا پارَ ڏي، ڪيڏو قهر ڪري الا.
سُورن سازي ڇڏيو، ڏک ڪون ڏيل ڏري آلا.
جيڏيون اڱڻ "مسرور" جي، شل ايندا پيرَ پري آلا.

## ڪافي ڪوهياري (٢)

ڪاڪيون ڪيئن ڪنديس آلا، جانب وني ويم جيءَ جو.
وِهڻ نه جڳائي جيڏيون، ڪيچ تہ مان ڪهنديس آلا.
جانب ريءَ جَڳَ ۾، جيڏيون نا جيئنديس آلا.
"مسرور" مُحبن ڪي، هيڪر هلي ڏسينديس آلا.

(١) ڪاڪيون = چوڪريون، اديون. (اتر جي شاعرن "ڪاڪيون" استعمال ڪيو آهي). (٢) سري = أجهي، گذارو ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي ڪوهياري (٣)

ڏوراپا ڏيـنـديـس آلا، ڪاڪـيـون ڪـيـچـيـئـڙن ڪي.
سَورَ سَجڻ ڪي جيـڏيـون، اَنـدر جا اوريـنـديـس آلا.
ڪَڏَ تـہ ڪـيـچـيـئـڙن جـي، پـيـادي آءُ پـونَـديـس آلا.
"مـسـرور" آڪي جـيـڏيـون، پريـن شَـل پـسـنـديـس آلا.

## ڪافي ڪوهياري (٤)

اسـان لـوءِ لَـڏي هـلـنـداسـي، پنهنجي هوت پنهونءَ ڪي پـسـنداسي.
چـڏي بـنـگلا باغ هِـتـي سـپ، وجـي مُـلـڪ بـقـا ۾ رهـنـداسـي.
ڪـوڙي دنـيـا ڪُـوڙ وڏائـي، چـڏي چـيـهـن ڪـان چُـتـنـداسـي.
ماڳَ جنهين تان جو آياسي، ڏيـهـہ مـوتـي سـو ڏسـنـداسـي.
"مسرور" آڪي اڳي پوءِ آخر، مُـحـبـن سـان وجـي مـلـنـداسـي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي ڪوهياري(٥)

چرخو ڪين چُري، اُچليو اڌ ڪري، سرتيون چو تيون سنايو،
سرتيون چو تيون سنايو.

چرخو جيو منهنجو ڪاڪيون ڪين ڪري،
ڪتڻ ڪين اچي، ٻر ٻر، (١) فهم پُلايو،
سرتيون چوتيون سنايو.

من اندر مجاز جي، اديون آڳ ٻري،
ماندي هيءَ تي مري، وينتر جيءُ نه جلايو،
سرتيون چو تيون سنايو.

"مسرو" آکي سپرين، هيءَ راتيان ڏينهن رڙي،
ساعت ڪين سري، سڪ سهٽل نور مچايو،
سرتيون چو تيون سنايو.

(١) ٻر ٻر = هاءِ هاءِ، گهڻي ڳالهائڻ سبب.

# ڪافي تلنگ (١)

اج نا سيان جو سڄڻا، اقرار ڪيو چا،
سگهڙو هلي آءُ سُهڻا، ويچار ڪيو چا.

ڪر تون زبانون ظاهر،
ٿيندس نہ ڪڏهن قاصر،
آهيان حُڪم تي حاضر،
انڪار ڪيو چا.

توکي خواب بي خيالي،
رئندي مون رين(١) جالي(٢)،
هاڻي خطن تي خالي،
اعتبار ڪيو چا.

نہ وَس منهنجو ڪو آهي،
نہ سگهان ٿو حُجَ(٣) هلائي،
سينو اوهان سان ساهي(٤)،
تڪرار ڪيو چا.

"مسرور" سان اي ماهي(٥)،
واريوَ جو تنهن جي وائي،
سواءِ صبر جي جائي،
لاچار ڪيو چا.

---

(١) رين = رات. (٢) جالي = گذاري. (٣) حُجَ = حجت، گستاخي.
(٤) ساهي = (سينو ساهڻ = برابري ڏيکارڻ، برميچڻ) (٥) ماهي = محبوب، معشوق، پريتم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي تلنگ (٢)

تنهنجي حسن لک مَست موهي بنايا،
انهيءَ تابَ کُويا(١) ڪروڙين ڪنبايا.

نظر هڪ نهاري، ڦٽيوَ دل ويچاري،
انهي گهورَ تنهنجي لکين گهوٽ گهايا.

ڪري ياد ياري، هنجون نير هارن،
تنهنجي قربُ منڙا ڪي مانجهي مُسايا(٢).

ڪيا تات هيهات تنهنجي فنا لَکَ،
ڪنهين جا جگر ڏسُ جدائيءَ جلايا.

کُڄاڙو هي "مسرور" ناقص نماڻو،
نپوڙي تنهنجي نينهن نيهي نِوايا.

---

(١) کويا = سورهيه، پهلوان.

(٢) مسايا = لاچار ٿيا.

# ڪافي ڪانرو تلنگ (٣)

پـلا وي حـاڪـم جاني، پسايو اچي پيشاني،
تـوبـن آهـي حـيـرانـي، آءُ ڪـري احـسـانـي.

چـاڪـون تـو ڏيـنـهـن گـهـٽـيـرا، لانـئـي پـرديـس وجـي پـيـارا،
آءُ حـال ونـديـون ويـهـي سـارا، تون يـوسـف مان ڪـنـعـانـي[١].

مـنـهـنـجـي اگـڻ ۾ پـيـر گـهـمائـين، اچـي پـيـارل پـاڻ پـسـائـين،
سِـرُ سـاهُ پِـي سـهـٽـل سـائـين، ڪـنـديـس تـوتـان قـربـانـي.

سـهـٽـا سـائـين اُداسـي آهـيـان، مـان ويـنـي قـارون پـايـان،
زهـر ٿـي تـوريءَ پـانـيـان، هـيءَ جـنـد جـواني جـانـي.

مُون تي ڪاوڙ نـه دلبر ڪر تون، "مـسـرور" سـان مـنـا مِـلُ تـون،
هي سوال سڄڻ منهنجو سُڻ تون، هـونـدءِ عُـمـر جـاوِداني[٢].

---

(١) يوسف ماهه ڪنعاني = ڪنعان جو چنڊ يوسف، سهڻو.
(٢) جاوِداني = قائم رهڻ واري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي جوڳ (١)

اچي لهہ سوڍل سارَ، گوندر تني تولئہ ڏينهڙا گذاريان.

ساهہ سنياري سُهٽل توکي، مل اچي تون هڪ وارِ،
پانڌي تولئہ دمَ دم يارَ پُڇايان.

در در قران تو دوست ويڳاڻو، ڪَمُ نہ اَچهي ڪو ڪارِ،
اُداسڻ تولئہ هميشہ آهيان.

سجڻ ساري ڏنو ڏُکيءَ کي، برهہ سندو ڪو بارُ،
حال اندر جو ڪنهن سان اوريان.

ڪاوڙ ساڻُ غريب کي تون، مُفت نہ منڙا مارِ،
سينو سهٽا ڪين تو ساهيان.

"مسرور" سندو منَ مُوهن جاني، ڪر غور اچي غمخوار،

روئي تولءِ پَلوَ(١) پسايان.

---

(١) پَلوَ = دامن.

# ڪافي جوڳ (٢)

ڦڪيون [١] ڏئي تيزا ڦِڪا، سَرهي نہ ٿينديس تو سوا.

نبض منهنجيءَ کي ڏسي بس، وَسُ وڏو ويڄن [٢] ڪيو،
ليڪ تنهنجو جان من، ديدارُ آ مون لئہ دوا.

ورُ سِگهو وارثَ وِلهيءَ [٣] جا، سُور هِنَ سازي نِيو،
باجهہ ريءَ تنهنجي مگر، سُهڻا نہ ڪا ٿيندي شفا.

دل اَندر آرام ناهي، دلبرا توريءَ گهڙي،
آءُ هلي "مسرور" ڏي، پيرا پري نالي خدا.

(١) ڦڪيون = دوا.

(٢) ويڄن = طبيبن.

(٣) ولهي = بي وارث.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي جوڳ (٣)

ساجنُ ملندمِ شال، ڏينديس ڏيهہ واڌايون.

جيڏيون چاڪ جگر جا، ڪنهن سان اوريان حالَ،
ساجن ملندم شالَ.

پيهي پکي پُنهل ايندو، تورا پائينديس پالَ،
ساجن ملندم شالَ.

صدقي ڪنديس سُهڻل تان، ساه سري ۽ مڏيون مالَ،
ساجن ملندم شالَ.

جيڏيون مَن "مسرور" جي، سيّدُ لهندو سنڀالَ،
ساجن ملندم شالَ.

## ڪافي جوڳ (۴)

مان گهٽو جهليان دل نا رهي، وس ڪان منهنجي آيلِ وَئي.

ڪنهن سان سليان جيڪي اندر، گهاريان ويني ڏينهڙا گُوندر،
هڪ روح راڙو ٻيو هجر، جَت ڏير ويا مُئي کي ڏئي.

منجهه هجر ماندي مَري، دل تي رڙي ڳُجهه ۾ ڳري،
ويني اُڏايان سُڏڪا پري، طرف تن ڪانگا ڪئي.

"مسرور" چوي ويندس مري، جالڻ جدائي تي نا گهڙي،
ساعت نہ ڪا منهنجي سَري، تارِيءَ تگان تنهنجي پٺي.

# ڪافي جوڳ (۵)

ڪو پروڙي راز رَند [۱]، دريا جي اُلٽي آر[۲]جو،
چوهه چولين موج لهرين، تانگهي تڪڙي تارَ جو.

ڪو لَڪي لائق لڪن مؤن، مول مطلب يارَ جو،
حال سان همدم رهي، سنسو[۳] ستي سنسار جو.

لاڏلي ليلان لُڇي، ڪو درد ٿيس دلدار جو،
چِتُ[۴] ڪنيو پنهنجو چنيسر، حرف ٿيڙُس هارَ جو.

ڏس ٿيو آ ڏاجُ سسئي، غفلت ۽ گينوار[۵] جو،
تي رڙي رندڙو ڪنيو، پرين سندي پيزار[۶] جو.

حسرتا هي سپ اَٿي، پيلو [۷] ڪچو ڪُنيارَ جو،
سُورَ سهه سُهڻي متان، مِهڻو مِلئي ميهارَ جو.

مردُ تي "مسرور" تِج واقف انهيءَ اسرار جو،
هوش رک مدهوش تي ڪر گوش[۸] هن گفتار جو.

---

(۱) رند = گس، پنڌ، پيچرو.
(۲) آر = وهڪرو.
(۳) سنسو = انديشو، وهم.
(۴) چت = ڌيان (چت ڪڻ = دل جو تعلق متائڻ).
(۵) گينوار = سستي، ڪاهلي.
(۶) پيزار = جُتي، پيرن جو نشان.
(۷) پيلو = اڻ پڪل دلو.
(۸) گوش = ڪَنُ، ڌيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي جهنگلو (١)

سسئيءَ کي سهٽا سائين، ويا ننڊ ۾ نهوڙي،
ننڊ ۾ نهوڙي،
الا جان ويا جهوري.

حال هوتن ريءَ ڪنهن کي الا، اندر جو اوري،
پَيُس پيچ پُنهل جو، هاڻي ڏونگر تي ڏوري.

سانول سائين توکي الا، ڪيان ساهَه اندر سوري،
مُومل تولئه ميندرا، وينئي ورهه وِلوڙي.

چرخو چندن عاج جو، پينر چڏيو پوري[1]،
راٽو رُنو ڙِي جيڏيون، چاڪ وَيو چوري.

"مسرور" مير مُحَمّد کي، ڏسندس تر هلي توري،
جدائي جنهن جي الا، جيءُ وِڌو جهوري.

---

(١) پوري = پيچي، توڙي.

# ڪافي جهنگلو (٢)

اديون ٻاروچل اندر ۾، ويو ٻاهه ٻاري،
جمعي جي ڏينهن جانبُ ڪي، منهنجو ساهه ٿو سنڀاري.

ڇنڇر ڏينهن ڇوريءَ جي، رهيا آچر اوتاري،
سُومر ڏينهن سنبري ويا، ڪرهل قطاري.

اينگدم اديون شالَ اڱڻ، ڏينهن اڱاري،
واتون ويچاري روئي، نِت نِت ٿئي نهاري.

اربع ڏينهن اُباڻڪي ٻاروچل لئه ٻاڪاري،
هوتَ وٺي هليا ويا پر، اُنڙا هُونگاري.

خميس ڏينهن خان پنهونءَ لئه اُپي اوساري،
مفت "مسرور" ڪي جيڏيون، مُحب ويو ماري.

# كافي بنسو (١)

كَهُ(١) ميان كانگا كڏهن ايندو،
دڙ دلاسو ڏکيءَ کي ڏيندو.

ڏک سُور پَلوَ ۾ سرتيون پايم، روئي روئي حالُ وڃايم.
پيئنر پوءِ پي هيئن ٿي پانيم، ته کي کوهيارل ورتيون ويندو.

کين وساريندو ساڄن ويهي، ايندو اديون پکي شل پيهي،
آهيان اُنهن جي جيهي تيهي، سڏڙا سُڻي شل نالِ مون نيندو.

"مسرور" مان ڏکن لئه جايم، سُورن جي لئه ماءُ نپايم،
اگ ته اهو کجهه کين ٿي پانيم، سورن کيو آهه سرتيون سينڌو(٢).

---

(١) کهه = ڇوءَ.
(٢) سينڌو = دوست، واقف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي بنسو (٢)

اڱڻ اساڻجي اچ تون آري [١]،
هن تن ڏکيءَ کي ڏي دلداري.

ڪيچين ساجهر ويلي لڏيو،
ناحق تن مون گوندر گڏيو،
ڇاڪون پلا تن ڇپر [٢] ۾ ڇڏيو،
جيڪس هيڙس جيڏيون ڏاري.

ڪُوڪان ڪيو مان ڪانگ اُڏايان،
تنهنجي اچڻ لئہ ڦارون پايان،
دَم دمَ ويني تي واجهايان،
گهوٽ نہ هاٿي وِجهہ تون گهاري [٣].

”مسرور“ موهيو پرت پرين جي،
دلڙي گهائي گهور ڍولڻ جي،
دردن سورن يار سڄڻ جي،
ساڙي ڇڏي آ جندڙي ساري.

---

(١) آري = آري جام پنهون.
(٢) ڇپر = ڇنو، لانڊي.
(٣) گهاري = رخنو، ويڇو.

# ڪافي بنسو (٣)

عرض سڄڻ توکي اٿم اهوئي،
دانهن سُڻي ڪر ڪا دلجوئي.

پيچ پرت جو توسان پيو آ، سو نہ وري ڪو ڇڄڻ جو ٿيو آ،
ڏوهہ منا مون جيڪو ڪيو آ، بخش سڄڻ تون مون کي سوئي.

مان روز وڄهان ويني فالُ ميان، ڪونهي هيٺيءَ جو هت حالُ ميان،
تنهنجي سورن جو هي احوال ميان، ٻڌايان ٻاروچل ڪنهن کي روئي.

پانيم ٿيندين ڪين ڪي اهڙو، جيئن ٿيو آن هاڻي جهڙو،
ڪَڄُ(١) ڪمينيءَ ڪان جيڪو ٿيڙو، بخشي سانول، آءُ سگهوئي.

يار رهايئہ ڪانہ ڪا ياري، ڏنئہ نہ دُکيءَ کي ڪا دلداري،
"مسرور" جي، توسان آهي زاري، قياس ڪُنل جو ڪيئہ نہ ڪوئي.

(١) ڪڄ = ڪڄائي، گهٽتائي.

## ڪافي بنسو (۴)

سڪ سڄڻ جي اتم سدائي،
شال ورندي ورڻ جي وائي.

سُورن اچي يار سُتيءَ سان، ستم ڪيو هي آهي سُکيءَ سان،
ڏُکن ڏينَ لئہ يار ڏکيءَ سان، لالنَ اچي ڪا لنوَڙي لائي.

برهہ جي پڙڪي باهہ بدن ۾، تيز ٻري وئي منهنجي تن ۾،
منَ موهن ڪا منهنجي من ۾، اچي برهہ جي بين وڄائي.

عشق اچڻ سان يار اول ۾، گڏيو مون کي نيئي گِلَ[1] ۾،
سُورن سندي وري منهنجي دل ۾، دونهين ڪائي دوست دُکائي.

منتون هي "مسرور" سنديون، سٽندو سهتو ساڄن اديون،
بخشيندو شل منهنجون بديون، کُوڙيءَ جيڪا ڪئي آ ڪچائي.

(١) گِل = مٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي بنسو (٥)

جڏهن سمجهه تکي، تڏهن سمجهه پئي،
هڪ هاڻ ٿيا، الف ميم ٻئي.

سمجُهه اهائي سمجَهه رکي جا،
سمجهڻ ۾ نا سمجَهه اچي سا،
سمجَهه انهيءَ جي سمجهي معنيٰ،
ٻي سمجَهه سندي سڀ سمجِهه وئي.

جڏهن سمجهه پنهنجيءَ جي نہ ڪا سمجهه هلي،
تڏهن سمجهڻَ پنهنجي، ڪٿي سمجهه پَلي[1]،
ڪُلي سمجهه سندي بازار ڳَلي،
سمجِهي سمجهه اها مون دلجاءِ ڪئي.

هادي هڪ جي سمجهه ڏني،
ٻي سمجهه ڇڏيم ٻِن ٿِن جي ڇني،
هن سمجهه سندي هڪ سمجهه ڳنهي،
ٻي سمجهه ٿيس ٻي سڀ سمجهه ڏئي.

سمجهه انهيءَ جي عجب عبارت،
مُوتُوا[2] جي "مسرور" بشارت[3]،
حال انهيءَ جي ڳالهه ڳجهارت،
سَل نہ ڪنهن کي صاف چئي.

(١) پلي = (مصدر، پلڻ = دل کي جهلڻ، روڪڻ).
(٢) موتوا = موتوا قبل انت موتوا = مرڻ کان اڳ مرُ.
(٣) بشارت = خوشخبري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي ڪونسيو (١)

آءُ هنجون وينــي هاريان، هوت ملندا شالَ وري،
هوت ملندا شال وري.

جيڏيون جانب ريءَ وي، منهنجي ساعت ڪانہ سري،
هوت ملندا شال وري.

هيڪر هوت پسي وي، پوندم نين ٺري،
هوت ملندا شال وري.

آءُ تان مانجهي مُحب جي، چيٽڪ (١) ڪيڙس چري،
هوت ملندا شال وري.

”مسرور“ آهيان يار پنهنجي جي، ڪوتي تـوڙي ڪَرِي،
هوت ملندا شال وري.

(١) چيٽڪ = طلسم، جادو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي كونسيو (٢)

مون وٽ يار اچي ٿي مهمان ميان،
مان سر ته ڪنديس قربان ميان.

قرب ڪيو ڪو يارَ ورڻ جو، جانب مون تي هيڏنهن اچڻ جو،
لڳ الله ڪج ڪو احسان ميان.

جنين جلوو تنهنجو پسيو، هوش عقل سڀ تن جو کسيو،
ڏسي سونهن پڙهن سبحان ميان.

پيالو فنا جو يار پيارج، "مسرور" کي وري ماري جيارج،
ٿيو مُحب منو مهربان ميان.

# ڪافي پهاڙي(١)

اي طبيبان ڪيو ترس، مون کي مرض محبوب جو.
ويچ ونـي وج وات پنـهـنجي، خُوڪ(١) وڏو آهين خَرس(٢).
ڦـٽ ڦلوهان(٣) فـراق جـا. سـاهـ انـدر ٿـم سـرس.
"مسرور" آکي هوتُ اسان کي، اچي دارون ڏينـدو دُرس(٤).

# ڪافي پهاڙي(٢)

سونهن مان تنهنجي پسي، سهٽا ٿيس توتي فدا،
نا ڏنم ڪوئي ڪٿي ثاني (٥) سندو جاني منا.

قرب ڪر ڪاوڙ ڇڏي، ڪا واڳ واري وصل جي،
آءُ هلي منهنجي ڳلي، سهٽا سجڻ نالي خدا.

تو بنا هڪڙي گهڙي، منهنجي سري ٿي ڪين ڪي،
سڏ ستي مون گڏ رهو، پوءِ پَلُ نـ ٿي مون کان جُدا.

دم حياتي عُمر باقي، ٿي نـ ياڪي(٦) يارَ تـون،
پالُ ڪو پنهنجو پلاٽي، هوت هُج مون وٽ سدا.

درد سڀ دل جا وڃن، پـڻ مونجهـ مانـدائي لـهي،
مل اچي "مسرور" سان، سهٽا سُٽي هي التجا.

---

(١) خوڪ = سوئر جو ڦر.
(٢) خرس = رڇ.
(٣) ڦلوهان = ڦوڪٽا. ڦلوڪٽا.
(٤) درس = ديدار، درسن.
(٥) ثاني = مَٽُ، جهڙو.
(٦) ياڪي = بيزار، بي چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پهاڙي(٣)

ديدار دلبر جو ٿيو، اڄ رات يارو خواب ۾.

مون عرض ڪيو مون وٽ هجو، پل نہ ڪو پاسي ٿيو،
دلجاءِ ۾ ڏيرج ڪجو، جانيءَ ڏيو آ جوابَ ۾.

تون پهريون تان ٿي فنا، سر ساهہ پنهنجو ڪر فدا،
سهہ سختيون ماڻي مزا، جو عشق جي آ باب ۾.

جو ڪلهہ مُطالع ٿي ڪيمِ، "مسرور" ڪجهہ دلجاءِ ٿيم،
لا تقنطوا[١] لکيل ڏٺم، ڪيئي دفعا تہ ڪتابَ[٢]

# ڪافي پوربي (١)

مُحب مسافر جيڏيون، ڪا جا ويم لَنو لايون.

ويني ڳلن تي ڳوڙها ڳاڙيان، ڳڻ اُنهن جا ڳايون.
دل کي پيچ پرت جا، پُختا ويا ٿم پايون.
ڪاڪيون ڪيڏ قريبن جي، ويندس پنڌ پُڇايون.
وڃي قريب قراري ٿيڙا، مُئي کي نِتُ مُسايون.
اڱڻ "مسرور" جي الله لڳ، ڪندا ورڻ جون وايون.

(١) لا تقنطوا = (لا تقنطوا من الرحمةالله) الله تعاليٰ جي رحمت کان نا اميد نہ ٿيو. (قرآن پاڪ ، الزمر ٣٩، ٥٣). (٢) ڪتاب = قرآن پاڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پوربي (٢)

صوفين جو سينو مائل، مُحمدي ملت [١] سان،
رهن روز شب ٿا شاغل، مولا جي محبت سان.

هي جسم با شريعت[٢]، معمور[٣] معرفت[٤] سان،
هٿ ۾ حديث[٥] مُصحف[٦]، سٿون پڙهن صنعت[٧] سان.

آواز سُڻي اَلستي[٨]، واصل ٿيا وحدت[٩] سان،
هي حالُ حقيقت جو، تورين طريقت[١٠] سان.

هر حال ۾ سي حاضر، نِرتئون سچي نيت سان،
دسن [١١] دجال[١٢] دُوئيءَ جو، هيجئون وڏي همت سان.

"مسرور" من هي ريذو[١٣]، سامين[١٤] سندي سنگت سان،
پر عيش عشق وارو، ملي درد ۽ دقت سان.

---

(١) ملت = ٻڌي، ميلاپ. (٢) شريعت = ديني قائدو، طريقو. (٣) معمور = ڀريل، سيراب. (٤) معرفت = صوفي طريقي جو چوٿون درجو. سماءُ، سڃاڻپ. (٥) حديث = رسول مقبول جي قول ۽ فعل جي خبر. (٦) مصحف = قرآن پاڪ. (٧) صنعت = هنر، فن. (٨) الستي = (الست بربڪم) چيا مان توهان جو رب نہ آهيان. (٩) وحدت = هيڪڙائي، هڪ وجود. (١٠) طريقت = صوفي طريقي جو ٻيو درجو. رستو، واٽ. (١١) دسن = دسڻ، هيٺ ڪيرائڻ. (١٢) دجال = نوڳي، ڪپٽي، مڪار. (١٣) ريذو = ريجهيل، پرتو. (١٤) سامين = سامي جو جمع، فقيرن جو هڪ قسم، سالڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پوربي (٣)

چالي عجب نرالي مستن جي هر ملت کان،
حالي (١) سي خود خيالي، جيئري بَري(٢) جڳت کان.

حاصل تنين حضوري، ظاهر چريا چلت کان،
ويجهو نہ مگر تن جي، هر ڪوئي حقارت کان.

سريا (٣) ننگا سدائي، قالوا(٤) جي قبوليت کان،
احرام (٥) سبب عاشق، بيزار سڀ بدعت (٦) کان.

مخلص اُهي مولا جا، خاصا گهڻو خلقت کان،
آهن اجا پي البت، سهٽا اُنهيءَ صفت کان.

"مسرور" رهج واقف، تن جي تون طبيعت کان،
آواز سِري اناهو(٧)، سُڻ صاف هر سمت کان.

---

(١) حالي = سالڪن تي حال واري حالت، وجد ۾، بيخوديءَ ۾.
(٢) بري = آزاد.
(٣) سريا = مٿي کان پيرن تائين.
(٤) قالوا = الست بربڪم قالو بليٰ) آءٌ اوهان جو پالڻهار آهيان چيائون تہ هائو آهين (قرآن پاڪ الاعراف ١٧١.)
(٥) احرام = اڻ سبيل ڪپڙو جيڪو حج جي موقعي تي پهريو ويندو آهي.
(٦) بدعت = نئين رسم. دين يا شريعت ۾ نئين ريت.
(٧) سري انا هو = اَلانسان سِري اَنا سِرهو = انسان منهنجو راز آهي مان انسان جو راز آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پوربي (۴)

چـڌ مـڪـرُ هـي مُـلائـا، ريـجهـي تـون راز[١] سـان،
سـڪ ريـت اچـي سـيـائـا، سجدي[٢] جـي سـاز سـان.

هـيـڏي هـوڏي واجـهـائـيـن، حـيـلـو ويـنـو هـلائـيـن،
مـنَ مـِـنَ ڪـيـو مَـتـائـيـن، مـٿـڪـا[٣]مجاز[۴] سـان.

پـنـهـنـجـو نـہ ڪـريـن سـعـيـو، چـو درُ تـڪـيـن پـرايـو،
اِسـقـاط[٥] لـئـہ اجـايـو، ڊوڙيـن جـنـاز[٦] سـان.

يڪ تارُ[٧] دل جـو چـائـي[٨]، ممـتـا ۽ مـوهـہ مـِتـائـي،
اُن پـرچـگـو جـُـڳـائـي، نـاتـو نمـاز سـان.

رک فـڪـر الله هُـو هُـو، پـڙهـہ شُـڪـر الله هُـو هُـو،
ڪـر ذڪـر الله هُـو هُـو، پُرجـهـي پـخـواز[٩] سـان،

"مـسـرور" رهـہ مـدامـي، منجهہ عشق خوش خرامي،
سـپ ڪـنـهـن جـو تـي سلامي، نـِـوڙي نـيـاز سـان.

---

(١) راز = ڳجهہ.

(٢) سجدي = ملائڪن واري سجدي ڏانهن اشارو.

(٣) مٿڪا = تسبيح جا مڻيا.

(۴) مجاز = مغروري، گهمنڊ، نات نخرو.

(٥) اسقاط = خيرات، مئل جي ڪفاري لاءِ، جنازي نماز کانپوءِ خيرات.

(٦) جناز = جنازو.

(٧) يڪ تار = يڪسوئي، هڪ خيال.

(٨) چائي = ڪٽي.

(٩) پخواز = ڍولڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پيلو (١)

جلوو پسائي جانان، چريو چڪن[١] ڪيو تي،
مخمور مست سهڻا، منڙا مگن ڪيو تي.

هن دل کي زوران زوري، زُلفن زنجير وڌڙءِ،
قيدي ڪٽي ورائي، در چهه[٢] ذقن[٣] ڪيو تي.

هي ڏار[٤] ڪجل پاتئه، لالي لَبن کي لاتئه،
ڌاڙي دلين جي خاطر، اهڙو ورن[٥] ڪيو تي.

نازڪ سنڌءِ نزاڪت ڪان، هر گُل کي خارُ آهي،
جيئن خار ۾ خِجل[٦] هي، سُنبل سمن[٧] ڪيو تي.

چا ذوالجلال[٨] هڪڙو، شيدا تو شاهه خُوبان[٩]،
قدسي[١٠] طيور[١١] ڪُلي[١٢]، فَلڪ و زمن[١٣] ڪيو تي.

لوڪون لِڪي تون لالن، پائي ليئو پيارا،
آباد دِل جو اُجڙيل، سهڻا چمن ڪيو تي.

"مسرور" تنهنجو عاشق، ڌس منتظر مَري تو،
ڪجهه بول جيڪي دلبر، اندر دهن[١٤] ڪيو تي.

---

(١) چڪن = چڪنا چور. (٢) در چهه = در = ۾ + چگهه (٣) ذقن = ڪاڏي (درچهه ذقن = ڪاڏيءَ جي چگهه م) (٤) ڏار = ليڪ، سير. (٥) ورن = = نمونو، طريقو. (٦) خجل = شرمسار. (٧) سنبل سمن = گلن جا نالا. (٨) ذوالجلال = عظمت ۽ جلال وارو، ذٽي تعاليٰ جو صفاتي نالو. (٩) شاهه خوبان = حضور محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم. (١٠) قدسي = ملائڪ. (١١) طيور = پکي. (١٢) ڪلي = سيئي. ١٣) فلڪ = آسمان، زمن = زمين. (١٤) دهن = وات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي بلاول (١)

منهنجو حال ڪجاڻ سپوئي، پانڌي پرين ڪي.

هيءَ ڪتابت سورن واري، رکج اڳيون تن روئي.

عرض عجيبن کي الله لڳ، ڪج اچڻ جو اهوئي.

"مسرور" سندي حال هجر جو، ساري سُٽائج سوئي.

# ڪافي بلاول (٢)

لَنو ڪانگل ڪذهن ايندا، اڳڻ اسانجي سي پيارا.

هوندا هميشہ مون وٽ، پوءِ وري نہ ويندا.

اڳڻ آسروند جي، پرتئون پير پريندا.

پال پلاٽي مون تي ڪوئي، هوت اچي هڪ تيندا.

جيڏيون مُحب "مسرور" کي، اچي دوست دلاسو

## ڪافي بلاول (٣)

روز نهاريان ٿي راهون، روئي رَتُ رانجهن جون،
ڪانگل واڏائي ورڻ جي، آڄ ڪائي اوڏانهون.
ڪڏهن ڪوهيارل ڪانگل ايندو، پري پير اورانهون.
مهر ڪندا مسڪين مٿان ڪا، سندم سُٺي هي دانهون.
جيڪس جيڏيون منهنجو هنڙي، اَٿر نہ ٿيون ڪن آهون.
مُحب بنا "مسرور" سندا، ويا وسيلا واهون.

## ڪافي بسنت (١)

وريو ياڳ بَسنتي[١]، گل ڦل ٽڙيا ٿي گلزاري.

عشق بسنتي ويس بسنتي، غنچہ سهاڳ[٢] بَسنُتي،
مُکو مون ڏي مهر منجهارون، لالڻ لاڳ بَسنُتي،
سُهٹي يار ڪئي آستاري.

چوڪُنڊين هي منڙو مهينو، ڦهليو ڦاڳ (٣) بَسنُتي،
اَڻ ڪُت حالُ هاٿي پيو سرتي، بَحرُ اَجهاڳُ بَسنُتي،
برهہ بهادرُ لاتي آ بهاري.

شُڪر ٿيو "مسرور" اسانجو، مَس مسَ ماڳ[٤] بَسنُتي،
موتي ساڳي مُندن تي منڙا ڳائج راڳ[٥] بَسنُتي،
هجئي حياتي جي هڪواري.

---

(١) بَسنُتي= بهار جي موسم جو. (٢) سهاڳ = پيار، وصل. (٣) ڦاڳ = مهيني جو نالو ڦڳڻ، بهار جي موسم. (٤) ماڳ = منزل. (٥) راڳ بَسنُتي = پوربي ناٹ جو راڳ بسنت.

# كافي بسنت (٢)

بنده نواز بَسئُنتي، آيو دلين جا باغ بهاريا.

رهت رنگين ڏس ويس سجڻ جو مُک ممتاز بَسئُنتي،
طرز بَسئُنتي، رمز بَسئُنتي،، واهه ناز بَسئُنتي،
مرد جنهن لک مانجهي ماريا.

ناچو پيهي نينهن جو آيو، پهري پيشواز[(١)] بَسئُنتي،
گيت بَسئُنتي، ڳايئين ويهي، سوزو سازُ بَسئُنتي،
آتڻ [(٢)] سپيئي عشق اُجاريا.

هوءِ هُبڪارا پيا مُلڪن ۾، دور دراز بَسئُنتي،
نِرتئون نينهون نيهي ڪن تا نِوڙي نياز بَسئُنتي،
خاص نشي ۾ وتن خُماريا.

فثُم وجه الله(٣) صاف ڪنن ۾ اچي آواز بَسئُنتي،
رکيو سِرِ "مسرور" انسان جي رانجهن راز بَسئُنتي،
جنهن خوديءَ جا خيال اُڪاريا.

---

(١) پيشواز = جامو، پڙو.
(٢) آتڻ = گڏجي ويهي ست ڪتڻ جي جاءِ، وصال جي منزل.
(٣) فثم وجه‌الله = (فَاَينما تُوَلّو افثمّ وجه الله) پوءِ جاڏي پنهنجي مهاڙ ڪي ڦيرايو تا تاڏي الله جي سامهائي آهي (قرآن پاڪ البقرة ١١٤).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي سهٽي (١)

ڏسي هيٺو حال، ڪندو شال پينر پلاٽي.

دن رات، طلب تات، آهي وات اهائي،
نيندا نال، سُٽي سوال، اٿم آس اهائي.

ساري يارَ، رئان زار، اُجهي ڪارِ نہ ڪائي،
سرتيون سنيال، لهندا ننگ پال، ٿيا سڪندي سال گهٽائي.

بنا يار، نيٺين نارَ، وهن "مسرور" سدائي،
ايندا شال، ڪري پالَ، ڪيندا(١) ڪين جدائي.

## ڪافي حاصلپوري (١)

ايندا اڱڻ اسان جي آري اديون،
آهيان محبت تن جي ماري اديون.

عشق سڄڻ جي ڪيم اياڻو، در در قران واءِ ويڳاڻو،
جيءَ ۾ جَتن جو اٿم جهوراٽو، ڏاڍو برهہ آهي ڪو ڀاري اديون.

پياس پُنهل جي پسڻ جي آهي، آس اندر ۾ اها مون ڪي آهي،
ريءَ محبت ملڻ جي ماتم آهي، ڳٽتين آهيان مان ڳاري اديون.

زوريءَ منهنجو پُنهل نياڻون، مُفت "مسرور" ڪي گوندر گڏياڻون،
نذر(٢) هيءَ ڪين نال نياڻون، هيڪل ڇڏي ويا ڏاري اديون.

(١) ڪيندا = ڪندا (شڪارپوري لهجي مطابق)
(٢) نذر = نہ ٿڪي، بيواهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي حاصلپوري (٢)

اج آهي اڄڻ جو انجام اديون،
آيو پرت وارو پيغام اديون.

بي در وڃان مان دلبر ڪنهن جي، پيس پاناري[١] پرين جي،
ٻاجهه ڪري ايندا اڱڻ منهنجي، تن ريءَ وٽي نه ٿو طعام اديون.

ونـدر واتـون هيءَ ٿـي ووڙي، لـڪيـل ازلي وينـي لـوڙي،
ننڊ ۾ نذر ڪي ويا نهوڙي، پُرجهيم تن جي نه مام اديون.

ڪيچين مون سان ڪيڙو قهر، ورتيون ويـڙم دل جـو دلـبر،
هـاڻـي حـيـاتـي ٿـي آهـه زهـر، نـاهـي نـيـڻـن نـنـڊ آرام اديون.

ڳالهه اجا ڳجهه اندر جي، سا ناهي ٻئي ڪنهن جي سلڻ جي،
”مسرور“ آهي محب ملڻ جي، طلب اها صبح شام اديون.

(١) پاناري = آسري، لڙهه، سامر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي حاصلپوري (٣)

ڏئي جانب ويو ٿم جهوري اديون،
ڇڏي ڇپر ويو هيءَ ڇوري اديون.

سرتيون ڏيو نہ صلاح اوهين ڪا،
پڇنديس پنڌڙا وات وندر[١] جا،
ڪهنديس ڪيچ، نا ساڻ هلي ڪا،
هيءَ جان جتن تان پلُ گهوري اديون.

نند ۾ ڇڏي ويا تہ نذر ڪي،
آگ لائي ڪا مُئيءَ جي اندر ڪي،
سَهِي[٢] نہ سيرن جي، لک واتون وندرکي،
چڙهي اُٺ تي ويو ٿم چوري اديون.

خان پنهل خوشيءَ نہ ويو آ،
بمر بهاني[٣] ساڻ تن نيو آ،
هي ڏيرن ڏاڍو ڏاڍ ڪيو آ،
ڪري ظُلم وني ويا زوري اديون.

"مسرور" پُنهل لئہ روز رڙي ٿو،
گُجهہ اندر ۾ روز گري ٿو،
ڪاڻ ڪيچين جي مفت مري ٿو،
باري اندر ويا ڪا ڪوري[٤] اديون.

---

(١) وندر = لس بيلي ۾ هڪ جبل ۽ نئين جو نالو.
(٢) سهي = سونهين، واقف.
(٣) بمر بهاني = ڏتو يا گشو ڏئي.
(٤) ڪوري = سرن پچائڻ جي بني. آوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي تونڙي (١)

وني رات ويا وَرُ مون ڏيرَ جيڏيون،
ڪو جو هيڙن مون سان وير جيڏيون.

چوريءَ زوريءَ پنهل نيائون، ڪا نه ڪَلَ ڪا مون کي ڪيائون،
اتي اَسر ويل ڪيچ لڏيائون، مان نه جاڳيس ڪين سوير جيڏيون.

پُنهل ايندم پاڻ پيهي، سيرن جي مان ناهيان سهي،
جبل نه جيڏيون جاڙ ڪئي، پٿون تي پيام پير جيڏيون.

باب بنديءَ جي جيڪي لکيو، نيٺ پُڙيو سو ڪينَ ٽريو،
لکيل هيءُ نالو پڙهي ڪو، "مسرور" بنا ٻيو ڪير جيڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي سورٺ (١)

ڪيئن پيو آهين قراري، اي مسافر يار اُٿ،
ڪُوچ تو ٿئي ڪر تياري، اي مسافر يار اٿ.

ڇڏ سمهڻ جو ساءُ[١] ساجهر جهد ڪر جلدي سنير،
ڪر ڦٽي غفلت گينواري، اي مسافر يار اٿ.

ڍِل سياڻا ڇڏ ڪري، پوٽون[٢] ٻجهي تو پنڌ پري،
سر مٿي آ بارُ ڀاري، اي مسافر يار اٿ.

وس اڳي تو نا ڪيو، ڏس صبح آ صادق اجهو،
گُم گينواريئ رات ساري، اي مسافر يار اُٿ.

ويل نا ويهي وڃائج، اُٿ سگهو تنڊڙي وڃائج،
مهل آسا [٣]جي پيلاري، اي مسافر يار اُٿ.

ٻَڌ سمر "مسرور" ناهي، پهر پوياڙيءَ جو آ،
هاڻ ڪر همت هوشياري، اي مسافر يار اُٿ.

---

(١) ساءُ = سواد، مزو، چشڪو.
(٢) پوٽون = ڪثير، جهجهو.
(٣) آسا = آسُر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي بروو (١)

نالِ نذر ڪي رَلينذا، چوري ڇپر[١] نہ ڇڏيندا.

دوست دلاسا دل ڪي، دليون اڇي ڏيندا،
وري مُنهن نہ متيندا.

مهر مان مسڪين ڏي، پرت جا پير پريندا،
هيڪر اڇي هڪ ٿيندا.

مٺان "مسرور" جي جيڏيون، هنڙو هوت ڏريندا،
ورتيون نالِ پوءِ ويندا.

(١) ڇپر = جبل، ڏونگر (ڇپر مِ ڇڏڻ = جبل مِ رولڻ، مصيبت مِ ڇڏي وڃڻ.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي پٽ مجري (۱)

بره ڪيو بيمار، جانب بنا ڪيئن جاليان.

ڏيدن تنهنجن وي ميان دام وڌو، عشق جي آتش آهه اپار،
ڳوڙها ڳلن تي ٿي ڳاڙيان.

لَنوَ تنهنجي لوري جو لاتم وي ميان، هاڻي نينهن ٿيو نروار،
ماٺ ۾ مان ڪيئن گذاريان.

سور اندر ۾ وي ميان سهڻل سائين، آهن لک کي هزار،
توبِن ڪنهن کي ٻڌايان.

"مسرور" چوي وي ميان سهڻل سائين، ماڻهو مون کي ڏين ميار،
سک مان سر تي سهايان.

# ڪافي زلو(١)

پائي قبا(١) بسنتي، دلدار آيو آ،
گُلبدن گُلگون(٢) سڄڻ مننار آيو آ.

واليل(٣) زُلف ڪليل، مُشڪ ۽ عنبر سان مَليل،
و شمس(٤) مورت مشعل، مهہ انوارُ(٥) آيو آ.

انا(٦) دستار اَحمر(٧)، سونهني مٿي جا سرور،
ڪامل وڏي ٿي ڪرفر ڪلهدارُ(٨) آيو آ.

رنج دل دفع ٿيو، ڪو قرب ڪوهيارل ڪيو،
غم الم سڀ وهم ويو، غمخوار آيو آ.

"مسرور" وريو وارو، لڳي موجَ، ويو مونجهارو،
چاندانڻ چمن سارو، گُلذار آيو آ.

---

(١) قبا =چوغو، جامو.
(٢) گلگون = گل جي رنگ جهڙو، ڳاڙهن ڳلن وارو.
(٣) واليل = قرآن پاڪ جي ٽيهين سيپاري جي سورة واليل؛ رات.
(۴) و شمس = قرآن پاڪ جي ٽيهين سيپاري جي سورة الشمس؛ سج.
(٥) مهہ انوار = (مهہ = ماهتاب چنڊ؛ انوار = روشن) تمام گهڻو روشن چمڪندڙ چنڊ. (٦) انا = بيشڪ. (٧) احمر = ڳاڙهي. (٨) ڪلهدار = ڪلنگي دار، مهندار.

# ڪافي ڪاريهر (١)

لاڳ(١) لنگهي ڪي لائق پريا، سائين ڏي تون سڏي،

ٻن(٢) ڏئي ٻيا در مڙيئي، آيس تنهنجي تڏي.

ڪاڏي وڃان مان ٻي در ڪاهي، در اوهان جو ڇڏي.

محتاجي ٻي درَ جي مون ڪي، منهنجا مُرشد مير نہ ڏي.

ميراثي "مسرور" ڪي ٻهرو (٣)، عشق جو ڏئي، وِجهہ اَڏي.

(١) لاڳ = انعام، جيڪو پٽ جمڻ وقت مڱڻهار، حجم يا پِنن کي ڏبو آهي.
(٢) ٻنِ ڏئي = ترڪ ڪري، ڇڏي.
(٣) ٻهرو = حصو، ڀاڱو، فائدو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي راڳ (١)

وڄ ڙي ڪانگل ڪوڙا،
روز ڪوڙا نياپا آڻين ڏئين ٿو.

ڏسي ڏونگر ڏاڍا، راهون اَڻايون،
اوڏانهن ڪين وڃين ٿو،
روز ڪوڙا نياپا آڻين ڏئين ٿو.

ڏي ڪا نشاني، پڪ پوي مون،
جي تون اوڏانهون اچين ٿو،
روز ڪوڙا نياپا آڻين ڏئين ٿو.

ڪانگل تنهنجي ٻَر ٻَر ٻولي[1]،
ڪِوڙي لات لنوين ٿو،
روز ڪوڙا نياپا آڻين ڏئين ٿو.

سنهيا "مسرور" جا، محبوبن ڪي،
ڪانگل ڪين چوين ٿو،
روز ڪوڙا نياپا آڻين ڏئين ٿو.

(١) ٻر ٻر ٻولي = ڪانءُ جي ڪان ڪان ڪرڻ جي عادت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق نامو

## ڪافي (١)

رانجهن ڪا جا رمز رلايوَ، اڳ تہ عشق جي نہ هئي سُڌ ساري.

سورن سنديِ يار پيارا، ڪل نہ هئي ڪا مون کي ڪوهيارا،
پيچ پريت جا جيءَ جيارا، پاڻ اچي کي پرتئون پاتوَ.

پهريون اچي تو لنوڙي لائي، پوءِ پيارل مُنهنڙو مٽائي،
دامُ وجهي دلڙي ڦاسائي، ڳالهہ اها ساجن سَني جاتوَ.

لُونءَ لُونءَ اندر لوري لائي، ڏکي جندڙي ويتر ڏکائي،
برهہ بچائي ديد اڙائي، گهورن سان وري دلڙي گهايوَ.

سور آيا تمر سر تي سنپيري، صبر هٿن کان وجي تو نڪري،
هاٿي تئي تي پٽ تي پڌري، لَنو لڪي جا لالڻ لايوَ.

"مسرور" نہ جاٽي عشق الائي، نينهن برهہ چون تا چاهي،
رمز نهاني[1] پاڻ پڙهائي، ويهي سارِي سجڻ سکايوَ.

---

(١) رمز نهاني = ڳجهي ڳالهہ. لڪل راز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

امداد ربّي عشق آ، مُشڪل اچي ڪنهن مرد وٽ،
سستو نه سو چاڙهه جيئن، سودو ملي بازار هٽ.

ماسي رتيءَ جي روءِ هي، تو اهنج سان اوکو ملي،
پر ڪين ڪي لائق لڳي، نينهڙو نظيرن[١] سان نپٽ[٢].

سِرتي رکي دستار دولهه تون وڏو ٿي دم جهلي،
بي سود وينين بم[٣] ٻڌي، ٻڌجي خلاصو خان ڪٽ.

هن ويس آ توکي وڄايو، جنهن وڏءِ جنجال ۾،
هٽ تي ستي هڪ سر سندي بازي ڪُلي پئي آهه پَٽ.

ڪَنز در قافيه پڙهي، ٿئين مولوي مسند نشين[٤]،
پر فڪر ريءَ "مسرور" ساري آهه گهٽي ٿي ڳالهه گهٽ.

---

(١) نظيرن = ٻڍاڪون هٿندڙن، ثاني يا مَٽُ سڏائيندڙن.

(٢) نپٽ = بنهه، مور، اصل.

(٣) بم = رعب، داب. (بم ٻڌڻ = سيٽ ڏيکارڻ، رعب ويهارڻ)

(٤) مسند نشين = تخت نشين. (مسند = وهاڻو رکي ٽيڪ ڏئي ويهڻ جي جاءِ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

عشق تيو اظهار، پجي، تي عقل ويو بيزار.

عشق آيو مون سرتي ڪاهي،
سرت سموري وئي چڏائي،
صورت جو سردار پسي، سپ هوش ويو هڪوار.

حُسن چڙهائي فوج فرنگي
باڻُ[1] هٽي جنهن دلڙي بَنگي[2]،
برهه چڙهايو بار، وسري ويو گهر ٻارُ.

پريم پيالو بيدل پيارو،
غير اندر جو جنهين اُڪاريو،
خوب چڙهيا خُمار، نشو ثيو نينهن جو تارون تارُ.

"مسرور" لڳي تو زهر زمانو،
ڳل ۾ ڪفني[3] پانم ڳانو،
نينهن ثيو نروار، چڏيو مون سازي سپ سينگارُ.

(١) باڻ = تير. ڪانُ.

(٢) بنگي = ونگي، قابو ڪئي.

(٣) ڪفني = چولو. بنا ٻانهن جي الفي جيڪا فقير پائيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٤)

عشق سندي آزار، ويھڻ ٻيھڻ آرام وڃايو.

ڪوھ[١] طبيب تا مون وٽ آئيو،
موج انهيءَ جو مزو نہ تا ماڻيو،
وڃي وهم ويچار، پاڻ ڪُڏي جي ڪنڌ ڪپايو.

پيرِ مُغان [٢]مون کي ڏنو آ پيالو،
لھي ويو سڀ ڪشت ڪشالو،
"حال سان رھہ همڪنار،" هاديءَ مون کي حق سمجھايو.

وايون ويون ڪُل ٿي وسري،
ڳالھہ صوفيءَ جي اڳ ڪان اڳري،
پيرِ مُغان جي پرت پچار، سُوليءَ آئي سرڙو سنپايو.

عبديت جو لاهي اولو،
ڇڏ "مسرور" دُوئي[٣] جو پولو[٤]،
احد ڪري اظهار، بيدل آهي نانءُ ڌاريو.

(١) ڪوھ = چالاڪ.
(٢) پير مغان = مرشد.
(٣) دوئي = ٻيائي.
(٤) پولو = وهم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٥)

عاشقن کي آ سدائين، يادگيري يارَ جي،
رتِ روئن دم دم ڪري، سي ياد ياري يار جي.

عام جي ليکي چريا هن، کي چوَن ڪاٻڙ(١) کَريا هِن،
گهيڙ(٢) جنهن عاشق گهڙيا هن، سا سُڌ نه ڪنهن اسرار جي.

غرض نا ڪائي اٿن، بس حال هيڪڙائي اٿن،
وات ۾ وائي اٿن، هڪ دم بدم دلدار جي.

ساهه کي سڪ سرس آهي، ٻي نه ڪائي گهُرج ناهي،
هڪ طلب "مسرور" آهي، دائما(٣) ديدار جي.

---

(١) ڪاٻڙ = چريا، گهلا.
(٢) گهيڙ = گهير، چڪر (گهيڙ ۾ گهڙڻ (محاورو) = درياهه ۾ ٽپي پوڻ.)
(٣) دائما = سدائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٦)

آهــي عــشــق تــنــهــنــجــي جــو آزار مــون ڪــي،
تــــوريءَ ڪـــين اچـــي تـــو قـــرار مـــون ڪـــي.

منهنجا من موهن منٺار سڄڻ، ڪر غور اچي غمخوار سڄڻ،
تحقيق توهان ريءَ يار سڄڻ، زهر لڳي ٿو گهر بار مون کي.

آءُ گذجي گذاريون ڏينهن ڪنا، توريءَ ڏک ڏاڍا مون يار ڏٺا،
هاڻي تنهنجي اچڻ جو ڊول منا، آهي رات ڏينهان انتظار مون کي.

پاڻ سکيو ٿا گهاريو سهنجو، آءُ جاليان ٿو هتڙي اهنجو،
آءُ اچي ڏس حال هي منهنجو، ڪيو برهه تنهنجي آ بيمار مون کي.

عشق اوهان جي ڪيس اياڻي، نينهن لڳو تان ٿيس نماڻي،
در در قران ٿي دوست ويڳاڻي، توريءَ ساءُ نه ڏي ٿو سينگار مون کي.

ڪين وٽن ٿا مون کي اَصلا[(١)]، محلا ماڙيون دلبر بنگلا،
جالڻ تن مر تو ريءَ ڊولا، لالڻ ٿيو آهه لاچار مون کي.

"مسرور" سندو منٺار پيلا، سُڻ عرض سڄڻ سردار پيلا،
اي هوت حبيب هڪ وار پيلا، ڏيو ديد سندو ديدار مون کي.

(١) اصلا = اصل، بلڪل به.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٧)

واهہ عشق حضرت تو عجائب معنوي مذڪور ڙي،
ڪي مست موڳا موج ۾، پي مئي تيا مخمور ڙي.

جوشون جليا ڪن جا جگر، ڪي چاڪ سيني در بدر،
ساري صنم ڪي دل اندر، دم دم وڃن وهلور ڙي.

ڪي تا متي واري وسائن، ڪي خوشيءَ واجا وڄائن،
ڪي منا گوندر گذارن، روز شب رنجور ڙي.

آدم حوا ڪان دور ٿيو، سُوليءَ متي منصور ويو،
ڏس عرش ڪان شيطان تڙيو، جيڪو ٿيو مغرور ڙي.

شاهہ حُسين ڪربل ڪُنائون، شمس[١] جي کَلڙي کَليائون،
هئہ هئہ حَسن کي وهُ[٢] ڏنائون، هي پي سندو دستور ڙي.

چا ڪو عطا تو جيئن ڪندو، ڏُک درد جو سڀ داستان،
مان پي گهڻو آن تو سندو، ممنون ۽ مشڪور ڙي.

سِر حُسن آيو چڙهي، فوجان سوين بالم[٣] جَڙي،
ڪنهن زلف پيچي[٤] ۾ اڙي، قابو ڪيوَ "مسرور" ڙي.

---

(١) شمس = محمد شمس الدين تبريز (٥٦٠ هجري کان ٦٤٥ هجري).
(٢) وهہ = زهر.
(٣) بالم = بي خوف، بيپرواهہ.
(٤) پيچي = پيچ واري، ڦاسائڻ واري، گهنڊيدار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٨)

عشق لڳو تم آريءَ جو، جيڪو سورن سبق پڙهائي ٿو.

حال حقيقي راز رندن جو، سير سڄو سمجهائي ٿو.
وهه وا ورد جنهين جو يارو، دم دم جوش جڳائي ٿو.
هن هيٺيءَ جو حال نہ ڪوئي، پنهنجو نينهن نڀائي ٿو.
دونهان درد دکائي ذل ۾، ڦوڪي مَچُ مچائي ٿو.
"مسرور" اڄ تان مهر منجهارون، بيدل برهہ بچائي ٿو.

## ڪافي (٩)

عشق اٿانگو ٻُڏو ڙي جيڏيون، ڪهڙا ڪم ڪمائي ٿو.

ڪاٿي ظاهر شمس و قمر جان، ڪاٿي پاڻ ڇُپائي ٿو.
پاڻ سڏائي سپرين پنهنجا، ڪربل منجهہ ڪُهائي ٿو.
فتوا ڏيئي پاڻ کي پنهنجو، سُوليءَ سر چڙهائي ٿو.
اُڇلي پاڻ آڙاهہ ۾ ان دم، بنگلا باغ بڻائي ٿو.
ڳٺي ڳٺيان ڪيترا، بازيون لک بنائي ٿو.
پاٿي پيو هو پاڻ کي، سختيون سور سهائي ٿو.
نيڪ ۽ بد "مسرور" مڙيوئي، توکان ڪين ڪرائي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

عشق اٺانگي سندو اسان کي، يارو نينهن نچائي ٿو.

هر صورت جو ڪري بهانو، پنهنجو پاڻ پسائي ٿو.

ڪاٿي مومن ڪاٿي هندو، ڪافر ڪٿ سڏائي ٿو.

جذبا جوش ڏياري دل کي، در در گهٽيون گهمائي ٿو.

ڪاٿي ورد وظيفن ۾، پوٿيون ڪٿ پڙهائي ٿو.

آپي[١]عاشق آپي معشوق، ناهه عجب نهائي ٿو.

روپ عجائب رنگ برنگي، پوش[٢] لکين هُو پائي ٿو.

سِرَ تي اڄ "مسرور" سندي، بيدل يار پلائي ٿو.

---

(١) آپي = پاڻ ئي.
(٢) پوش = انساني صورت، جامو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١١)

عشق آيو سر ڪهي، هليو ويو هاٺي حجاب.

سُرڪَ[١] جن سِڪ جي چکي، سِر جي نہ تن پرواهہ رکي،
سي ٿا ڏين لاهي لَڪي، سورهيہ سِري شوقون شتابُ.

هوش مُون هٿ ڪان ويو، ڏُک سور پي ساٿي ٿيو،
عشق جي آتش ڪيو، سينو جگر سازي ڪبابُ.

نينهن هاڻي ڪيئن نهان[٢] ٿي، عام ڪي پل هي عيان[٣] ٿي،
پڙَ[٤] مٿي پير مغان جي، شوق جو پيتم شراب.

هاڻ غم "مسرور" ناهي، برهہ ڇڏيو پوءِ پُلاٿي،
شاهُہ بيدل منهنجو آهي، فيض پرور فيض مابُ[٥].

---

(١) سرڪ = سرڪي، ڊڪ، ڇُڪي.
(٢) نهان = لڪل، ڳجهو.
(٣) عيان = ظاهر.
(٤) پڙ = ميدان، مسڪن، آستانو.
(٥) فيض ماب = فيض ڏيندڙ، سخي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٢)

اڄي عشق سڄڻ جو ٿيو اظهار ميان،
يڄي هوش فهم ٿيو بيزار ميان.

جوت جوانيءَ جي ويندي رهي، سور سوڪڙي ايندي رهي،
دلڙي خُون جگر جو پيئندي رهي، سوا يار مڃي منٺار ميان.

ننڊي ٿي مون ڪي نينهن نهوڙيو، درد اندر ۾ خيمو کوڙيو،
ڪين سَنو ٿئي سرتيون وڇوڙو، هاڻي نينهن ٿيو نروار ميان.

"مسرور" ملندو يار ماهي، لهندم منَ جي سڀ ماندائي،
ڏيهُ مبارڪَ ڏيندو واڌائي، لهي ويندا غم غُبار ميان.

# ڪافي (١٣)

لڳڙي آ درد ڏمال، نينهن نسنگ ٿيو آ نانگو نسري.

حضرت حُسن ڪٽي پالو، ونې فرنگي فوج اُٿالو،
ڏاري چئنچل چالِ،
سورهيه سر تي آيو آ سنيري.

تير اکين جا ماري ڪاري، سورهيه پنهنجي ڪئي آ ساري،
ويئي سُرت سنڀال،
هوش عقل مَتِ ويو سڀ وسري.

برهه بهادر دل کي گهيريو، نادر[1] نينهن ڏنيورو ڦيريو،
سڀ مخفي قيل مَقال[2]،
هاڻي ٿي پئي پَٽَ تي پڌري.

پليان پاڻ، نه ٿي ٿو پليو، جهليان رُوح نه ٿي ٿو جهليو،
عشق وڃايا افعالَ،
وس ڪان ڳالهه وئي آ نڪري.

حالُ پيو "مسرور" حلاجي[3]، مُرشد مليو نيهي ناجي[4]،
لٿا ڏوهه سوال،
دين ڌرم ڪان ويو هان نبري[5].

---

(١) نادر = نادري، انوکو.
(٢) قيل مقال = گفتگو، ڳالهه ٻولهه.
(٣) حلاجي = حلاج وارو، حسين بن منصورحلاج واري ڪيفيت.
(٤) ناجي = نجات حاصل ڪيل، ڇوٽڪارو حاصل ڪيل.
(٥) نبري = مڪمل ڪري، فيصل ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١٤)

حسن رهبر راهہ هدايت، هادي شاهنشاهہُ.

طالب طلسم جا ڀڃ ڀولا، وحدت رک ويساهہ.

اهو ڀيد[١] برهين[٢] جو يارو، عشق کيو آگاهہ.

قاضي مُلان کُلّي آهن، گس[٣] اندر گمراهہ.

"مسرور" غير نہ آڃ وچ ۾، ڄاڻج عين[۴] اللهؐ.

(١) ڀيد = ڳجھہ، راز.
(٢) برهين = برهہ وارو.
(٣) گس = رستي.
(۴) عين = بنا نقطي جي حرف ع، يعني حق جي ذات.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٥)

ڪين ڪي لوڪون لڪي، هي نينهن تي نروار نينهن،
پڻ نہ جهلجي جَهلَ ڪنهين جي، پڌرو پوي پردار نينهن.

جي ڦُريزون پيي ڏئي، پجري وجهي قابو ڪجي،
تہ بہ دري دل جي پجي، تي شوق جو شڪار نينهن.

عشق بازيءَ ساڻ اتڪل، پيچ بازي نا پجي،
ڏس پڌر ڏاهو پيو ڪيئن عشق ۾ عطار[1] نينهن.

جوش ڏيندي ديگ مان، جيئن باق باهر تي اچي،
خُمر تيئن خالص خفي خاصو ڪري تہ خمار نينهن.

سر جنهين "مسرور" مانجهي، نينهن جي نوبت وجي،
سو تئي منصور جان، سُوليءَ مٿي هسوار نينهن.

---

(١) عطار = شيخ فريدالدين عطار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٦)

عشق رهبر راهه بنائي، نا رُلائي در بدر،
رمز وارن سان رهائي، نا گهمائي در بدر.

عشق آ سائي سچن سان، جي تپي لاحد وڃن،
ليڪ جن دل دوئي سمائي، تن پنائي در بدر.

عشق بازي جان گدازي، ليڪ جيڪو سَڌَ ڪري،
سو سدا سر خاڪ پائي، تيز ڪائي در بدر.

سالڪن ريءَ سُڌ اها، قاضي مُلآ ڪي ڪين آ،
چاڪ مجنون جو لڪائي، ڪم ڪمائي در بدر.

صاف سُڻ "مسرور" مانجهي، عشق آ عاليجنابُ،
ماڳ منزل تي رسائي، نا ڦرائي در بدر.

# كافي (١٧)

شڪر مبارڪ لک لک يارو،
عشق پُڪي[١] منهنجي پيو ڙي پيو مِيان.

يُحيي القلب و يُميت النفس[٢]، قرب قريبن ڪيو ڙي ڪيو.
واريتُ فِي قَلبي رَبّي[٣]، غير وجودئن ويو ڙي ويو.
وَهُوَ مُعڪم اينما ڪُنتم[٤]، ساڻ سڄڻ مُون سان ٿيو ڙي ٿيو.
"مسرور" جاڙي ڪاڏي جانب، ڪيئن چوان وري ٻيو ڙي ٻيو.

---

(١) پُڪي = ڪُٽي، حصي (پُڪي پوڻ = ڀاڱ ۾ اچڻ، فال ۾ نڪرڻ، نصيب ٿيڻ).
(٢) يحيي القلب و يُميت النفس = پنهنجي نفس کي ماري قلب کي جيئرو ڪري ڇڏ.
(٣) واريت في قلبي ربّي = پنهنجي دل ۾ پنهنجي ربّ کي ڏٺم.
(٤) وَهُوَ مُعڪم اينما ڪُنتم = اهو توهان سان ساڻ آهي، توهان جتي ٻہ هجو (قرآن پاڪ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٨)

هُلايو هي اديون هر گهر، اڱڻ ۾ عشق آيو سي،
پلي ٻيا پي ٻُڌن پينر، گهٽو لوڪون لڪايو سي.

پُلاٿي پوءُ پڇي پولو، وجهي چاڪن ڳچيءَ چولو،
مِٽائي عام جو اولو (١)، اڱڻ ناچو نچايو سي.

هُئي سُڌ ڪانه ڪا اڳهين، الاهي عشق جي ڪڏهين،
پتو ڏل ۾ پيو جڏهين، تڏهن هي رنگ رچايو سي.

عبادت جو رياضت جو، سچي جڳ جي ملامت جو،
اهو ٻوجهو امانت جو، چُمي چشمن تي چايو سي.

نه تي ڪا ڳالهه سيبائي، سڄڻ سردار جي آئي،
گُلن جا هار ڳل پائي، مِڙي اڄ ڏينهن ملهايو سي.

رهي "مسرور" هڪڙائي، ٻيائيءَ جي وئي وائي،
پڪي دل جو، ڏئي تائي(٢)، متي عرشين اڏايو سي.

---

(١) اولو = وهم، پولو.

(٢) تائي = تاڙي. (تائي ڏئي اڏارڻ = شوق ۾ جذبي کي وڌائڻ لاءِ تاڙي وڄائڻ، جهڙيءَ طرح ڪبوتر کي اڏاربو آهي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٩)

پلا عشق تنهنجا لکين پال پانيان،
سنڌءِ ڳڻ وينې تي ڏينهان رات ڳايان.

ظاهر تہ سختيون سهائين پيارا،
مگر مِهر مخفي پلائين پلارا،
چئي چا ٻين کي سا ٻهڳڻ ٻُڌايان.

سڌا پال پورل تون پنهنجو پلائين،
مون کان کين منهنڙو منا شل متائين،
ڳچيءَ پاند پائي لالڻ تي ليلايان.

سهيليون سيئي مان سهجئون سڏائي،
عطر گل گلابي لبن لالي لائي،
ساعت اچ سڳوري منا تي ملهايان.

"مسرور" آکي، لڳيس تنهنجي لاري[1]،
تڪيو(٢) تنهنجوجاتي پيوهان پناري،
ڪوجهي توڙي ڪمتر تنهنجي سگ سڏايان.

(١) لاري = لڙهہ، آسري. (٢) تڪيو = آستان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٠)

آيو عشق حضرت لڪين لُطف ڳايان،
سبب ڪهڙي سرتيون مان لوڪون لڪايان.

سُڌ سور واري جيڏيون نا اوهان کي،
جيڏيون نور نعمت برهہ تي مان پانيان.

جتيا[١] ۽ متيا[٢] جڙيم جسم تي مان،
پائي عشق الفي[٣] لڳين خاڪ لايان.

هزارين هٿن ۾ ، لڪين ڳچيءَ ڳانيون[٤]،
سندي چير[٥] سورن، پيرن ۾ پايان.

ٻچايو مون بيدل، جيڏيون بره باري،
ڪري تنهن کي ڪچ ۾ ، مان قربئون ڪُڏايان.

"مسرور" مون کي، ڏنو آ عجيبن،
سندو ڏاج ڏڪڙن چُمي سِر تي چايان.

(١) جتيا = (جمع) ، اهو ڏاڳو جيڪو هندو ڳچيءَ ۾ وجهندا آهن.
(٢) متيا = منڪا، داڻا، موتي، (فقير ڳچيءَ ۾ پائيندا آهن).
(٣) الفي = چولو، پهراڻ (جيڪو فقير پائيندا آهن).
(٤) ڳانيون = (جمع) ڳانا، فقير سونهن خاطر پائيندا آهن.
(٥) چير = گهنگهرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢١)

تنهنجا عشق وينني تي ڳڻ ڳايان،
لڪين پال پلايون مان پانيان.

آئي تنهنجي عيد اڳڻ تي، خوشيون خير ملهايان،
ڏيهه مبارڪ ڏيو واڌيون، سر ڪنڊ(١) سينڌ چنايان.

ڪين پُڄان تنهنجي هڪڙي توري، تورا ڪيئن مان لاهيان،
تنهنجي هڪڙي قرب قدم تون، گهوري هي سرڙو گهمايان.

مهر نه سائين "مسرور" تان لاهج، حجت ڪين هلايان،
بانهي ادني ٻاليشاهن، تنهنجي تي سگ سڏايان.

(١) سر ڪنڊ = سرهو ڪاٺ، صندل، چندن.

# ڪافي (٢٢)

عشق وارا عيش ڄاڻن، درد ڏُوڙو ڏُوڏ(١) ڏاڙُ(٢)،
ڏک ٿيو آ ڏاج تن جو، ساز پائن سوز ساڙُ.

نوڪ نيڻن جا ڪُنل، اُلفت ڪنان مانجهي مُنير،
منهن نہ موڙيندا ڪڏهن، توڙي ڪيا هن نينهن ناڙُ(٣)

مات مِ ماڻن مزو سي، مُور دانهن سان دلير،
قرب وارا ڪين ڪن، آزار دل جو آڙ پاڙُ(٤).

سور البت سک ڪنان ٿو سرس سيبائي تنهين،
جي ڪٺي پيي جسم ڪيڙن، عشق جي آتش اُجاڙ.

چپ ڪري "مسرور" تون سک مِ رهج ثابت قدم،
عشق جا لوڏا اگر توکي گهمائن لاڙ (٥) ماڙُ(٦).

---

(١) ڏوڏ = باهہ جو مچ، تاندن جو ڍِڳ.
(٢) ڏاڙ = دانهون رڙيون.
(٣) ناڙ = نابود، چٽ.
(٤) آڙ پاڙ = ڏيوٺ، ادل بدل.
(٥) لاڙ = لاڙ، سنڌ جو هيٺيون حصو .
(٦) ماڙ، سنڌ جو مٿيون حصو. (لاڙ ماڙ= ڏکڻ اتر).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٣)

ورڻو وِرهه[١] عُشاقن، پيو لوڪُ لکن جو وارث،
ڪو مال زر لئه مورک، ويڄهن[٢] وڏن جو وارث.

اصلي ازل ڪان يارو، عاشق صفي[٣] سِوا ڪو،
بينو[٤] پلا نه ڪوئي هن درد ڏَنَ جو وارث.

ڏس بادشاهه جڳت جا، نالا ٻُڄهن نرالا،
ڪو چين ڪو جپان جو، ڪو آ ختن جو وراث.

پُر سوز سُور سازي، ڏُکڙن ڏڄهن سندو،
تحقيق حق جو هڪڙو، طالب آ تن جو وراث.

"مسرور" هال هڙو، ظالم ذليل چوندا،
باطن تہ چوان بيشڪ، فلڪ و زَمن جو وارث.

---

(١) ورهه = جدائي.
(٢) ويڄهن = دوستن عزيزن.
(٣) صفي = پاڪ، پوتر، شڌ.
(٤) بينو = وينو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٤)

آءُ عاشق آگ تي تون مَڄُ ڏسي نا ڪاءُ موت،
ڪيڄ(١) ڪر ڪاري(٢) چڙهي، پر گهر اچي هڪ وار گهوت.

سيج سُوليءَ تي چڙهي، لاڏا لَڪي لاوان لهڄُ،
نُورَ جو منظر پسي، ويندءِ لهي دل جا وَلهُوتَ(٣).

جان ڪان بيجان ٿي، تون سر ڏئي بي سِرِ بَڻي،
ڏس ظهورو ذات جو، ڪثرت سندا سڀ ڪير ڪوت.

ڏڄَ وڏيءَ بيدڙڪ ڏس اسرار لئه آڙاهه ۾،
تا پون ڪامل ڪُڏي، جن کي لڳي چشمن جي چوٽ.

پئه پڌر توڙي تڳا(٤)، هن سير جُون صبح و مَسا،
ماڻِ نتُ "مسرور" موجان(٥)،عام جي رک ڪين اوتَ(٦).

(١) ڪيڄ = جشن.

(٢) ڪاري = پڃري (بدن جو هڏائون پڃرو (ڪاري چڙهي = جسم جي وسوسي کان بالاتر).

(٣) ولهوت = وڪڙ، چڪ.

(٤) تڳا = رسا، نوڙيون، ٻنڌڻ.

(٥) موجان = موجون مزا.

(٦) اوت = بچاءُ (اوت رکڻ = پردو ڪرڻ. پرواهه ڪرڻ).

# ڪافي (٢٥)

اج وري اظهر[١] نوان ڪي عشق جا آثار ٿيا،
خوض[٢] خاصا بي خوديءَ ڪان ثمر[٣] اڇي هڪوار ٿيا.

جذب دل[٤] جي جوش مان، ايندا وڃن هڪبئي مٿان،
سي اڪر اعوام [٥] لئه سڀ هينئڙي جا هار ٿيا.

صدق دل[٦] جي سان سُٺي، جيڪي هليا هن حال تي،
مرد سي مانجهي(٧) مٺيارا [٨] سر ڏئي سردار ٿيا.

هيءَ حقيقت حال واري جن پڙهي پرتئون سڃي،
وهم خطرا تن ڪنان، سڀ دور ڏُک آزار ٿيا.

مهر مُرشد جي مگر، "مسرور" ڪجهه پنهنجي جفا،
طالبن کي ان طرح سڀ دل گهريا ديدار ٿيا.

(١) اظهر = ظاهر، پڌرو.
(٢) خوض = غور، سوچ، ويچار.
(٣) ثمر ٿيا = سهڙيا، رسيا، پهتا
(٤) جذب دل = ڇڪ، اُڌمو.
(٥) اعوام = عام.
(٦) صدق دل = دل جي سچائي.
(٧) مانجهي = سورهيه سياڻو.
(٨) مٺيارا = حسين، خوبصورت، مٺيادار.
(٩) پرتئون = پرت مان، پيار وچان.

# ڪافي (٢٦)

سَوءُ عيش ڪان سرس آ هڪ سور عشق جو،
شاهَن ڪان وڌ آ شان ۾ مزدور عشق جو.

مُلا نہ جاڻي جاهل، پڇيو هلي مسائل،
آهي هي جن کي حاصل، حُضور عشق جو.

ظاهر ڏکيو ڏُکائي، مخفي مزو پسائي،
وهہ واه جو عجب آهي، دستور عشق جو.

ڏُک بار جيڏيون، سڀ سوز سور سرتيون،
سر تي کيو مون سهجئون، منظور عشق جو.

سڀ سير آهي سر لئي، ڳالهہ ڏس دل ۾ ڪٿي،
منصور آ سوليءَ مٿي، "مسرور" عشق جو.

# ڪافي (٢٧)

واهه عشق جي عطائي، جنهن سُرت سڀ گنوائي.
حالت عجب انوکي، سرتي صَرِيح(١) آئي.

چاڪون ڪلِيُس، روئان ٿو، روئان ٿو، ڇو روئان ٿو،
ڪجهه نه پَتو لهان ٿو، حسرت اتم اهائي.

سُک جي سبب ڪليس ڇا، ڏک جي ڪري رُنس ڇا،
مجهول ٿي منجهيس ڇا، هيءَ ڳالهه پي اجائي.

ناهي اگر ائين پي، تڏهين جيئن تيئن پي،
جيئن جو هجي جيئن پي، حيرت جي حد نه ڪائي.

ڇا ٿو ڇوان ڇِنايو، سمجهان نه ٿو سُٽايو،
ٻُڌجي نه ٿو ٻُڌايو، اُلٽي اها آ وائي.

ڳڌجي نه ڳڌ رهڻ سان، ڇُپجي وڃي ڇُهڻ سان،
ڏسجي نه ٿو ڏسڻ سان، ڪهڙي ادا اهائي.

وائيءَ ڪي ور گهٽيرا، قُلزم(٢) جي ڪُن (٣) جا ڦيرا،
”مسرور“ ڪي متيرا، ماڻن مزو خدائي.

(١) صريح = ظاهر، ڏٺي وائٺي.

(٢) قلزم = سمنڊ، عربستان ۽ مصر جي وچ وارو سمنڊ.

(٣) ڪُن = پاڻيءَ جو چڪر، درياء جي پاڻي ۾ اونهو هنڌ جيڪو اونهائيءَ ۾ ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٨)

مِيان عاشقا، ڪير تون آهين.

ڪڏهن ڪافر ڪڏهن گبرُ(١) ڪڏهن قاضي(٢) ڪونائين،
فتوا ڏيئي سُوريءَ تي، شاهه منصور چڙهائين.

پُنهون پاڻ تي يارَ، سسئي جَهنگ رُلائين.
ڪٿي تو چوائين چاڪرُ، ڪٿي رئيس سڏائين.

شاهه حُسين کي ڪربل ڪوني، قُربئون قتل ڪرائين،
شاهه حَسن کي پنهنجي هٿان، پرتئون زهر پلائين.

ڪڏهن تہ اچي "مسرور" سان، لنوڙي تون تو لائين،
ڪڏهن بيدل نانءُ سڏائي، باري برهہ بچائين.

---

(١) گبر = آتش پرست.

(٢) قاضي = نبيرو ڪندڙ.

# ڪافي (٢٩)

لــڙي يــار لــنــگــهــجــانءِ، اَتــي عــشــق آفــت،
گــَـڏائــي تــو گــِـل(١)مِ شــاهــي ءِ شــرافــت.

طُــرهــه دارُ(٢)تــوڙي هــجــي خــان ڪــٿ تــي،
ڏيــئــي نــوڪ خــنــجــر پــوائــيــس پــٽ تــي،
ايــڏي بــرهــه بــيــشــڪ رکــي تــو شــجــاعــت.

چــڙهــي شــوق جــو شــيــنــهــن جــڏهــن نــيــنــهــن نــادر،
چــنــبــو چُــســت مــاري نــاخــون(٣) نــيــش(٤) انــدر،
چُــٽائــن زخــم ســو ڪــنــهــن جــي نــاهــه طــاقــت.

حــســن دل جــو ڏاڙو، هــٽــي حــال ســارو،
وجــائــي رلائــي ڏئــي پــوءِ ڍانــديارو(٥)،
جُــنــبــون ســاري جــڳ جــون ســهــائي مــلامــت.

ســورهــيــه ڪــو ســَونَ مــؤن مــزو مــوجَ مــاڻــي،
ســٿــي ســانــگَ جــيــڪــو اَڏيءَ ڪــنــڌُ آڻــي،
ســهــي سُــور ســرتــي ڏســي راز راحــت.

"مــســرور" ســيــنــو ســپــر پــنــهــنــجــو ڪــيــڙو،
ســڏڙيــا ســهــتــون ڏئــي، ڏســن پــائــي لــيــئــڙو،
گــهــٽــا مُــنــهــن مــتــي ويــا، سُــٽــي هــيءَ حــڪــايــت.

---

(١)گل م = متيءَ م. (٢) طره دار = پڳ وارو. (٣) ناخون = ننهن
(٤) نيش = چهنب، نوڪ، سوئو. (٥) ڍانديارو = ٻڙهو، ڏنڀورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣٠)

عشق جي راهه اٿائي ڏاڍي، طالب ترڪڻ بازي ٿي.

حق حقيقي منزل جي، ڀوڙي[١] عشق مجازي ٿي.

رهت انهيءَ ۾ راز جا واقف، عجب خيال ايازي[٢] ٿي.

هادي بيدل[٣] مُرشد ساڳيو، داتا دُرس درازي[٤] ٿي.

"شبلي"[٥] "شمس"[٦] "عطار"[٧] اُهوئي، بسطامي"[٨] "شيرازي"[٩] ٿي.

وحدت وارو ويسهه رک هڪ، ٻيو سڀ ڪوڙ ڪسازي[١٠] ٿي.

عين الله "مسرور" تون جاڻج، غير وڄؤن ڪيڏ غازي ٿي.

---

(١) ڀوڙي = ڏاڪڻ.
(٢) ايازي = محمود غزنوي ۽ اياز جي الفت.
(٣) بيدل = فقير قادر بخش بيدل روهڙيءَ وارو. (١٢٣٠ - ١٢٨٩ هجري).
(٤) درازي = دولهه درازي سرڪار، سچل سرمست درازا شريف (١١٥٢-١٨٢٦ عيسوي).
(٥) شبلي = جليل القدر مالڪي المذهب صوفي بغداد (٨٦١ - ٩٤٨ عيسوي).
(٦) شمس = محمد شمس الدين تبريزي، عراق (٥٦٠ - ٦٤٥ هجري).
(٧) عطار = شيخ فريد الدين عطار، ڇهين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري نيشاپور ۾ پيدا ٿيو.
(٨) بسطامي = حضرت بايزيد بسطامي، بغداد جو وڏو صوفي. (٧٤٦ کان ٨٧٨ عيسوي).
(٩) شيرازي = شمس الدين محمد حافظ شيرازي، فارسيءَ جو تمام وڏو شاعر. (٦٠٤ هجري).
(١٠) ڪسازي = ويساهه گهاتي، فريب.

# ڪافي (٣١)

لائي عشق لغار[1]، هوت نہ پوئتي هٽجي.

درد منڊن جي دلبرا، هٿي تکي تلوار،
دوست دل نہ ڦٽجي.

ناحق يار نمائيءَ جي، دل ڏکيءَ کي دلدار،
چشمان تير نہ چُٽجي.

"مسرور" جنڌڙي مُحبن تان، صدقي ڪري سؤ وارَ،
سر اڳيون ڪٽي سَٽجي.

# ڪافي (٣٢)

وڃي لوڙهہ، وڃي لوڙهہ، عاشق اهنڪار[2] کي،
وحدت سنڌي درياءَ ۾.

ڪِڏ قُلوبَ مان کُوڙُ ڪُپت، ٻيائي ٻوڙ، ٻيائي ٻوڙ.

لهندين لالڻ يارُ پيارو، پاڻُ پتوڙ، پاڻ پتوڙ.

حِرصَ هوائون هن دنيا جون، سيئي ڇوڙ، سيئي ڇوڙ.

"مسرور" رهج ثابت سڪ ۾، مُنهن نہ موڙ، مُنهن نہ موڙ.

(١) لغار = اثر، سڪ، چوٽ. (٢) اهنڪار = تڪبر، غرور.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٣٣)

سِر ڏئي سُوليءَ مٿي، مرڪي چئج منصور پي.

وَنحن اَقرب[١] ويجهڙو، تون پولُ ڇو پانئين پيو،
ڏس سڄڻ تو ۾ وسي، توکان ته ناهي دور پي.

رک نه سانگو ساهه جو، جي سر ڏئين ساڳيو ٿئين،
تون نظر ٿئين نُور کي، توکي نظر ۾ نور پي.

ڏي سگهو "مسرو" هاٿي، سر اڏيءَ سهڄئون اچي،
سِرَ ڏني سِرُ ٿو ملي، آ عشق جو دستور پي.

## ڪافي (٣٤)

شمع حسن جا شائق[٢] عاشق، ڪاهيو اچن سر ڪاهه، اَلو.

جهلڪ پسي سي جهٽ پٽ ڪن ٿا، صدقي سِر سِر واهه، اَلو.

سَهڄئون ڪاتي ڳَچ ڳِچن جا، اچن منجهه آڙاهه، اَلو.

وينا وِهنجن تيل تَريل جي، قُربئون منجهه ڪڙاهه، اَلو.

نِت نِت نئين حياتي پائن، عاشق عاليجاهه، اَلو.

(١) ونحن اقرب = وَنحنُ اقرب اليه من حبل الوَريد = اسين انسان کي ڪنڌ جي (ساهه جي) رڳن کان به وڌيڪ ويجها آهيون. (قرآن پاڪ) (٢) شائق = شوقين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٣٥)

آهي عشق عجب اوقات ميان، ڪر ڳالهہ صحيح هن سير ۾.

اَلانسان سري و انا سره[١]، پاءِ دروني[٢] جهات ميان.
پي پيالو بيخود ٿي تون، تورڙ سڄي طلسمات ميان.
بُود[٣] منجهان نابود[٤] ٿي نيهي، نفيءَ[٥] مان اثبات[٦]ميان.
مُوتوا قبل انت موتوا[٧]، ڪانہ سٽين سَڪرات[٨] ميان.
"مسرور" هِن هُن ٻنهي ڪان هاٽي، پاتي سُون تہ نجات ميان.

(١) الانسان سري وانا سره = انسان منهنجو راز آهي. مان انسان جو راز آهيان.

(٢) دروني = اندر ۾.

(٣) بود = هئڻ، هست.

(٤) نابود = عدم، نيست.

(٥) موتوا قبل انت موتوا = مرڻ کان اڳي پاڻ کي مار.

(٨) سڪرات = تڪليف. ساهہ نڪرڻ وقت بيهوشي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣٦)

عشقَ ساقيءَ هٿئون هميشه خُمر[١] پيالا طَهَر[٢] پيئون تا،
معنيٰ مامرَ پروڙي ساري، رمز رنديءَ جي رنگ رچئون تا.

ڳالهہ ڳُجهي سڀ ساندي ڳجهڙي، عام سان ظاهر اُٿئون ويهئون تا،
باطن بيشڪ مُلڪ بقا جي، وحدت واري ويڙهي وسئون تا.

صورت مُورت صاف سجائي، ڪڏهن نہ ڪي ڪجهہ ڪُڇئون پڇئون تا،
سودي سيل جي خاطر سچ پچ، پنهنجي مرضيءَ مرئون جمئون تا.

پاڻهي پاڻَ ۾ پاڻُ اڙائي، پنهنجو چرچو پاڻَ پَسئون تا،
درد فراق ۽ هجر جون هوليون، سِرتي سختيون سور سهئون تا.

هي هُو بئي "مسرور" اسان جا، پنهنجي رائي اچئون وڃئون تا،
گهُمون قِرون چا گوندر گهاريون، جو ڪجهہ آهيون پيو نہ ٿيئون تا.

---

(١) خمر = مئي، مڌ. (٢) طهر = پاڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وحدت نامو

## ڪافي (١)

دل ٻُڌو ڪي اڻ ڏٺو يا جو ٿيو امڪان منجهه،
سو صحيح موجود آهي سير سڀ انسان منجهه.

خاص ساري خلق مان، اشرف ٿيو آدم صفي[(١)]،
هن طرح آيت لٿي، شاهد برابر شان منجهه.

ويس پهرڻ ڪان اڳي ٿي، سڀ پرين پُرجهيل[(٢)] پڪو،
آهي ماهر رازادن، هر علم جي عنوان منجهه.

ٿي ويا اوڪا عيان سڀ اسم آدم جي مٿان،
هي ثبوتي آ صحيح قائم لڪيل قرآن منجهه.

راز مِن روحي سندو "مسرور" هي تون سمجهه سرُ،
سرِ اهُو ساڳيو ٿئين جهاتي وجهي ڏس جان منجهه.

---

(١) صفي = پاڪ، پوتر

(٢) پرجهيل = سمجهايل، پڙهايل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

سر جو سانگو لاهي يارَ،
پيرُ اچي هن پڙ ۾ پائج.

قاضي دفتر[١] ڪَنز[٢] هدايا، ٿَپي رک تون ناهي يارَ،
اچي نينهن نانگي سان نينهڙو لائج.

ساقي سڏ ڪيو تہ سچن ڪي، وٺيون ڏٺي تو ورهائي يارَ،
پيءُ تہ پيالا وهم وڃائج.

مُحبت جي ميدان ۾، ڪُڏي پئہ تون ڪاهي يارَ،
غازي ڪُلهن ڪان ڪنڌ ڪپائج.

"مسرور" مانجهي پئہ پڌر تؤن، سُوريءَ سر سلاهي[٣] يارَ،
شوقَؤن شاهي طبل وڄائج.

---

(١) دفتر = فتوائن جا ڪتاب.
(٢) ڪنز هدايا = فقہ جا ڪتاب.
(٣) سلاهي = سلاڙهي، ڪيرائي، ڦٽو ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

سورهيہ سر جو سانگو لاهي، جل ٿل گهمن جوان اَلو،

خُمر خماريا اڪين اوجاريا، مست قِرن مستان اَلو.

عَنصر(١) ڪوُن سي آجا تيڙا، ڪائي خُود ڪي خان اَلو.

جيهي تيهي جي جاءِ نہ جت جت، نيهي چُڻن نيشان اَلو.

پانڻ وڃائي پانڻ تي پيڙا، ساڳي سر سبحان اَلو.

ذات ڇڏي "مسرور" ٿيا ذاتي، لوڙهي وهم گمان اَلو.

---

(١) عنصر = جزو. (هندي عالمن مطابق پنج عنصر، آڪاش، وايو، اگني، جل ۽ پرٿوي آهن. عربي عالمن مطابق چار عنصر آهن: هوا، باهہ، پاڻي ۽ مٽي.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

حيرت جو لَڪُ لنگهياسي، پيو حال همئہ وارو،
اڃي بحر اُن ۾ پياسي، ڪنڌي نہ جنهن ڪنارو.

بيڙي جا باجهہ واري، اڃي اوچتي پڌاري،
سهجئون ڪري سواري، پاٽيءَ جو ڪيم پسارو[١].

جاڏي جو نظر ڌرجي، پاٽيءَ بنا نہ پسجي،
ڦوٽو لهر مان ٻڌجي، ناهي لهر ناڻ نيارو.

حاصل تي نئين حياتي موتي نہ جنهن مُماتي[٢]،
ظاهر تيو نُور ذاتي، هن سير منجهان سارو.

جهاڳي بحر چڙهياسي، ڪاهي ڪين تي رسياسي،
اُتهون اڳي هلياسي، هٽي نينهن جو نغارو.

لنگهي بيخوديءَ جو بندر، جنتي جم نہ ڪو جماندر[٣]،
سڀ سير ۾ ئي هي سر، مُورت جو ويو مُونجهارو.

تيو حال هيڪڙائي، "مسرور" وئي ٻي وائي،
جاچي ڏنو مون جائي، ڪامل آهيان قرارو.

---

(١) پسارو = شيل، سير، گشت.
(٢) مماتي = موت.
(٣) جماندر = حياتي.

# ڪافي (٥)

آهي آدم سِر تہ الله، پولُ نہ تنهن ۾ ٻيو ڪو پائنج.

اَلانِسان سري وانا سره، آهي اِيئن آگاهہ،
رايو رتي نا پنهنجو رلائج.

خلق الادم عليٰ صُورته[1]، چاهي سفيد سياهہ،
هيءَ مُورت معنيٰ سانُ ملائج.

اندر نُور نيارو مخفي، خاڪي ناهيس ناهہ،
اسمي اوتَ کي جوت چلائج.

طالب سر ۾ اٿئي سارو، رمز انهيءَ جو راهہُ،
پنڌ ٻيا کي ڪين پُڄائج.

"مسرور" پوري پيچ تون بلڪل، جسمي پوش پناهہُ،
هي حال جو حُليو عرش اُڏائج.

---

(١) خلق الادم عليٰ صورته = آدم کي خدا اعليٰ صورت تي خلقيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٦)

آهي راڻو حقيقي حال،
مُومل معنيٰ مجاز جي.

سائين آيو عرش تان اُتري، فرش مٿان في الحال،
وَڄڻ[١] وَست[٢] ڪا نياز جي.

ڪَثرت جو هي ڪاڪ ڪرشمو، بازي بيکُ[٣] بَنال[٤]،
ناتر[٥] نسبت آهي ناز جي.

غيرت َغمزو[٦] رمز رُسامو، وهم وجودي وبال[٧]،
سُومل[٨] سمجهائي آ ساز جي.

معنيٰ ۾ "مسرور" محو ٿي، رکج خدائي خيالُ،
رمز پروڙي هِنَ راز جي.

---

(١) وڄڻ = وڃڻ لاءِ.
(٢) وست = شئي.
(٣) بيک = ويس، ڏيک.
(٤) بنال = منجهائيندڙ، وائڙو.
(٥) ناتر = ٻانهي، (مومل جي خاص ٻانهيءَ جو نالو)
(٦) غمزو = اشارو، ناز.
(٧) وبال = جنجال.
(٨) سومل = مومل جي ڀين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٧)

ووڙيــن چــو وٺـــراهـــ،
عاشق اُتي يارُ اندر ۾.

راز انـــدر جـــو هـــرگـــز، ڪـــنـــهـــن ڪـــي ڪـــين ٻـــڌاءِ.

ونـــحـــن اقـــرب جـــو ايـــشـــارو، هـــيـــنـــئـــين ســـانُ هـــنـــڌاءِ.

فـــاايـــنـــمـــا تـــولـــو افـــثـــم وجـــه الله[١] دل ۾ لـــيـــئـــو پـــاءِ.

"مـــســـرور" تـــو ۾ مـــن مـــوهـــن جـــانـــي، طـــرف نـــه ٻـــي واجـــهـــاءِ.

(١) فااينما تولوا فَثمُ وجه الله = پوءِ جاڏي پنهنجي مهاڙ کي ڦيرايو تا تاڏي الله جي سامنهائي آهي (قرآن پاڪ البقرة ١١٤).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٨)

نڪري نور منجهان نروار سڄڻ، پنهنجو عشق اچي اظهار ڪيئہ،
چڙهي عرش سندو اوتار سڄڻ، سهٽا سير جي لئہ سنسار ڪيئہ.

نينهون آدم نامُ ذارايئہ، يونس(١) يحيٰ(٢) پُول پلائُيئہ،
عيسيٰ(٣) موسيٰ(٤) پيد بٽايئہ، سَوَن رنگن جو سينگار ڪيئہ.

چڙهي نازڪ پنهنجو نازميان، ڪٺي نينهن منجهئون تو نيازميان،
رکيو ميم(٥)جو مخفي رازميان، پڙهي اَشهد عبد اقرار ڪيئہ.

تون خويشان خوشي خليل(٦) بٽي، اُجليئہ پاڻ ڪي آڙاهہ ڪٽي،
هي ڳالهہ وئي جا توکي وٽي، وري بي رنگ عجب بهار ڪيئہ.

---

(١) يونس = حضرت يونس رضہ الله عنہ، موصل ۽ دجلہ جي قريب بت پرست اهل نينوا تي نبي نازل ٿيو. ڪيس درياءَ ۾ اڇاليو ويو، مڇيءَ جي پيٽ ۾ ٽي ڏينهن رهيو. قرآن پاڪ ۾ سورة العافات جي آيات ١٣٩ ڪان ١٤٨ ۾ درج آهي، سورة اعظم ٤٨ - ٥٠ ڪان علاوه سندس ذڪر النساء ٦٣- انعام ۽ يونس ٩٨ ۾ آيل آهي. سورة انبيا ۾ ڪين ذوالنون جي لقب سان ياد ڪيو ويو آهي.

(٢) يحيٰ = حضرت ذڪريا رضہ الله عنہ جو فرزند هو، حضرت عيسيٰ ڪان ڇهہ مهينا وڏو هو ۽ سندس ٻارهن ساٿين ۾ شمار ٿيندو هو جنهن کي يوحنا بہ چيو ويندو آهي. قرآن مجيد ۾ سندس ذڪر پنهنجي والد سان گڏ آيل آهي، آل عمران، انعام، مريم ۽ انبيا سورة ۾ سندس ذڪر آهي.

(٣) عيسيٰ = حضرت عيسيٰ عليہ سلام، بيت المقدس جي نواحي بستي يروشلم ۾ پيدا ٿيو، حضور محمد صلعم جن جي پيدائش ڪان ٥٧٥ سال اڳ ۾ جائو. تيهن وڏن عالمن جي فتوا تحت ڪيس صليب تي چاڙهيو ويو.

(٤) موسيٰ = حضرت موسيٰ عليہ سلام. (عهد ٥٧١- ١٤٥١ ق. م) بني اسرائيل جو مشهور پيغمبر.

(٥) ميم = انا احمد بلا ميمي = آءُ احمد آهيان ميم ڪانسواءِ (حديث).

(٦) خليل = حضرت ابراهيم خليل الله عليه سلام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ظاهر زليخا(١) نانءُ ذري، باطن يوسف(٢) هامَ هئي،
هت پنهنجو پاڻ خريد ڪري، واهه جو عجب واپار ڪيئه.

تون ويڙهي ويس عَبيدي(٣) جاني، نازڪ هڪ بيومزيدي(۴) جاني،
وري پائي پاڻ شهيدي(۵) جاني، ڪسبُ(٦) قتل جو اختيارُ ڪيئه.

توکي سيرڪرڻ جي سِڪ جا پئي، تڏهن سانگَ رلايئه سُهٽا ڪئي،
پاڻ کي پنهنجو فتوا ڏئي، سُوليءَ تي هسوار ڪيئه.

سهسين سرتي نانءَ ڏرائي، راضي تي رنج راحت چائي،
مرضيءَ سان "مسرور" سڏائي، درس سچو ديدار ڪيئه.

---

(١) زليخا = مصر جي هڪ وڏي واپاري عزيز جي زال هئي. حضرت يوسف عليه سلام کي جڏهن مصر ۾ غلام بڻائي آندو ويو هو ته عزيز واپاريءَ ئي کيس خريد ڪري گهر آندو هو، جنهن جي زليخا مٿس موهت ٿي پئي هئي.

(٢) يوسف = حضرت يعقوب عليه سلام جو فرزند هو، حضرت يوسف عليه سلام متعلق قرآن پاڪ جي سورهين سورة سندس ئي نالي موسوم آهي، جنهن ۾ سندس نالو جويهه ڀيرا آيو آهي؛ جنهن ۾ کيس کوهه ۾ ڦٽو ڪرڻ جو قصو لکيل آهي، ڀائرن جي حسد سبب کيس کوهه ۾ ڦٽو ڪيو ويو. مصر جي بازار ۾ غلام وانگر خريد ڪيو ويو. سندس مالڪ جي زال زليخا مٿس موهت ٿي پئي. جنهن جي موهه کان منهن موڙڻ سبب کيس قيد ۾ وڌو ويو، ان زماني ۾ فرعون جي خواب جي تعبير ڪيائين. جنهن تي سندس رهائي ٿي ۽ کيس نائب وزير مقرر ڪيو ويو، پنهنجو ڀراڻ پنهنجي والد کي موڪليائين جنهن اکين تي رکيو ته سندس بينائي موٽي آئي. والد جي وفات کانپوءِ مصر جو بادشاهه بڻيو.

(٣) عبيدي = عبد واري، ٻانهي واري، انساني.

(۴) مزيد ي= وڌيڪ، اضافي.

(۵) شهيد ي= شهيد واري.

(٦) ڪسب = ڌنڌو.

# ڪافي (٩)

واهه سيلاني سير ڪرين ٿو، صورت وارو پهري ويس.

ڪاٿي رانجهن[١] نانءُ رکايئہ، ڪاٿي ليلا[٢] ڪاٿي قيس[٣].

ڪاٿي آدم ڪاٿي احّمد، ڪاٿي تنهنجو اسم اَويس[٤].

ڪاٿي خلعت پهرين خاصي، ڪاٿي ادنيٰ چاڪر ويس.

سوين هزارين نانءَ ڌرائي، گهمين وطن پرديس.

ڪاٿي ڪِرشن ڪاٿي ڪنعيو، ڪاٿي گوبند ڪاٿي گٽيس.

”مسرور“ صحيح سڃاتو سارو، لالڻ تنهنجو عجب لبيس.

---

(١) رانجهن = تخت هزاري جو رانجهن، موجو چوڌريءَ جو انون پٽ، ڀائرن جي اٿبٽ سبب، مال مڏي ڇڏيائين، چوچڪ جي ڌيءَ هير سان پيار جو پيچ پيس. سندس محبت ۾ مختلف ويس ڌاريائين، جڏهن خبر پيس تہ هير کي زهر ڏئي ماريو اٿائون تہ اهو ٻڌي پاڻ بہ ساهہ ڏنائين.

(٢) ليلا = خليفي بن امير جي عهد سن ٧٩ عيسوي ڌاري عرب جي سانوري عورت، جا عامر جي ڌيءَ هئي ۽ مجنونءَ جي معشوق هئي.

(٣) قيس = ليليٰ جو عاشق مجنون.

(٤) اويس = حضرت اويس قرني، هڪ ولي، جيڪو يمن جي قرن قبيلي مان هو ۽ هن اڻ ڏٺي حضرت رسول ڪريم صلعم تي ايمان آندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

ڪير آهين پر ڪاڏنهن آئين، چاهي تنهنجو ناءُ نشانُ.

پيهي پاڻ ۾ پس تون پنهنجو، اسم جسم جو ڇوڙ گُمان.

ڪير ٿو ٻولي ڇا ٿو ٻولي، دم دم ۾ رک دم جو ڌيانُ.

وهم وجودي يار وساري، رک تون ساري سُرت سبحانُ.

سر صحيح "مسرور" سُڃاڻج، صورت سڀ ٿي ٻيک ٻهانُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١١)

پيهي ويا پاتال ۾، غوطا هڻي غازي غواص،
حيرت کان تيڙا حال ۾، غوطا هڻي غازي غواص.

جيءَ تي سهي جورو جفا، سُوجهي ڏنائون صورت صفا،
چشمن جي چنچل چال ۾، غوطا هڻي غازي غواص.

سپ وهم ۽ پولا پجي، صورت تيا ساڳي وجي،
غبغب(١) زنخ(٢) خط خال(٣) ۾ غوطا هڻي غازي غواص.

هر هر مرن هر هر جيئن، سَو رنگ صاحب جا ڏسن،
آلاپ طبلي تال ۾، غوطا هڻي غازي غواص.

"مسرور" نعرو من خدا[٤]، مارين جيءَ کان تي جدا،
اسرار ۽ احوال ۾، غوطا هڻي غازي غواص.

---

(١) غبغب = ڪاڏيءَ هينان لٽڪندڙ گوشت.

(٢) زنخ = ڪاڏي، ڪاڏيءَ جي وچ ۾ چگهه.

(٣) خط خال = نڪ نقشو، منهن مهاندو.

(٤) من خدا = مان خدا. انالحق جو نعرو (جيڪو حسين بن منصور حلاج، شيخ فريد الدين عطار ۽ سچل سرمست جهڙن بزرگن هنيو).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٢)

فــي الحــال تــي فــراغــت، صلواة[١] ۽ ذڪـــر ڪــــون،
اســلام ســان نــہ نــســبــت، ڪــٿُ ڪُــفــر جــي اڪــر ڪــون.

چــڏيــاســي لاڳ لاهــي، ســنــســار نــا ســيــبــائــي.
خيشي[٢] نہ جاڻون چاهي، بــيــزار هــر بــشــر ڪــون.

بــرهــون پــڳــاســي پــولا، ســـپ وهــم هــي وچـــولا،
جـــــــاتـــــــو رواج رولا، خــوش خــاص هُــون خــبــر ڪــون.

شريعت ڪان پيي ڦرياسي، هــي هُــو بــئــي چــڏيــاســي،
پــرپــور تــي ويــاســي، "بــيــدل" ســنــدي نــظــر ڪــون.

مــئــخــانــي رُخ رڪــيــوســي، تسبيح ڪي ترڪ[٣] ڪيوسي،
"مسرور" مُنهن مٽيوسي، مــســجــد مــڙهــي مــنــدر ڪــون.

---

(١) صلواة = نماز.
(٢) خيشي = مٽي مائٽي.
(٣) ترڪ = ڇڏي. (ترڪ ڪرڻ = ڇڏي ڏيڻ، تياڳي ڇڏڻ.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٣)

لنگهي اسلام جو لوڙهو، پياسي ڪُفر ۾ ڪاهي،
اڪر ايمان آچوڙو[١]، ذرم ۽ دين ڪجهه ناهي.

ڪيا سجدا پيلي سارا، رواجن ۾ رُلي سارا،
پيا هي وچ ڪُلي سارا، تہ طاعت[٢] سڀ ريا آهي.

ڪيون ٿا چُپ تہ مشرڪ هُون، ڪُڇون، ڪافر تہ لاشڪ هُون،
تذهن مجبور ناطق[٣] هُون، ڏيں پل جان وجي ڦاهي.

اهوئي ڪم مُسلماني، سراسر سير سلطاني،
اُترڏو[٤] پوش[٥] انساني، وڏو سي لا[٦]چئي لاهي.

بنا ڪنهن شڪ شباهت جي، آنا[٧] واري عبارت جي،
بجُز[٨] اهڙي بشارت جي، يلا ڪي ڪجهه بيو چاهي.

يڳاسي يَوَ يرم خطرا، ملائي ڪُلّ سان قطرا،
تياسي پانڻ مان پڌرا، مِٽيءَ جي ڍير ڪي ڍاهي.

رهي "مسرور" هڪڙائي، بڪثرت وحدتي وائي،
صفت سڀ ذات تي جائي، چُنين گاهي چُنا گاهي[٩].

---

(١) آچوڙو = مٽي جو ڦيرو، وهم.
(٢) طاعت = فرمانبرداري، ٻانهپ، بندگي.
(٣) ناطق = ڳالهائيندڙ.
(٤) اترڏو = ٻاهريون، مجازي
(٥) پوش = لباس.
(٦) لا = نہ.
(٧) انا = آءٌ، مان.
(٨) بجز = ڌاران، ڪانسواءِ.
(٩) چنين گاهي چنان گاهي = ڪڏهن ڪيئن تہ ڪڏهن ڪيئن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مسرور نامو
# (الف ب وار ڪافيون)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف الف"

## ڪافي (١)

اَچـي حـال هـڪ وار پـس هـي پـيـارا،
ڪـيـو درد دوُريءَ جـگـرجـيءَ دوپـارا(١).

پَـڪـي اچـج پـيـهـي پـري پـيـر پـيـارل،
پـــلا پـــال پــورل پـــلائـــي پـــلارا.

اچـي وَرَ واهـر، ڪـريـو ڪـا وِلـهـيءَ جـي،
واري واڳ وهـلـو اي ڪـيـچـي ڪـوهـيـارا.

سدائي پيو ساري، سِڪي ساهه مئيءَ جو،
هـر پـل پَـهـر ۾ پـاروچـل پـاجـهـارا.

ڪري ڪرم ڪوئي واحد لـڳ وصلَ جو،
لـــڪـــج وَرَ، ورائـــي دلاســـو دلارا.

مري محب "مسرور" هئـه هئـه هجر ۾،
الله لـڳ عـجـيـبـان سـگـهـو مـل مـوچـارا.

---

(١) دوپارا = ٻه ٽڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢)

ڪليا هَتَ هزاري(١) هرجا،
خاصن جا خُمخانا، مئخانا.

سر ڏيئي اُت سُرڪ پيئڻ لئہ،
مرد اچن مردانا، مستانا.

ڏين ڌرم ۽ ڇوت ڇات جا،
ڀاڙيا ڪَرن بهانا، بيگانا.

همئہ ڪي تا حق سڃاڻن،
جوڳي جُنگ جوانا، فرزانا.

ڪاڻِ ڪَمي سڄ ڪانهي تن کي،
لوڪَ ڇا لائي طعنا، بهتانا.

موکيا(٢) جي ”مسرور“ مُذامي،
يار سان رهن يگانا، عريانا.

(١) هزاري = تمام قيمتي. هزارن جي قيمت وارا.
(٢) موکيا = قبول پيا. پسند پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

ڏ ويا تم سانگَ(١) تي سانگي(٢) اُڏر ڪنياتل(٣) ڪڏهن ايندا.

ڪَڏي ڪانگل واڌايون ڏي، تہ ڪا دلجاءِ دل ڪي ٿي،
سڪان هاريان هنجون جن لئہ، اچي سي درد ميٽيندا.

هجرَ(٤) ۾ حال هيٺو ٿيو، سُٺي سڌ سور بيٺو ٿيو،
پرين پروَس(٥) پروُٺو(٦) ٿيو، سڪان ٿي شل ورتيون ويندا.

ڪُل ئي غم رنج روعاني(٧)، لهي هينئڙي جي حيراني،
ملي "مسرور" سان جاني، ڪڏهن هڪوار هڪ ٿيندا.

---

(١) سانگ تي = سفر تي، پرديس تي.
(٢) سانگي = دوست، هڪ هنڌان لڏي ٻئي هنڌ ويندڙ.
(٣) ڪنيا تل = ڪانءُ.
(٤) هجر = فراق، وڇوڙو.
(٥) پروس = پرائي وس، لاچار.
(٦) پروٺو = پروڻ ٿيل، زخمي.
(٧) رو عاني = منهن، مهاندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

جنهين جانُ جاتو، نہ مُنهن سي مَتيندا،
آڏيءَ ڪنڌ پنهنجو، سورهيہ سي ستيندا.

ڪُڏي ڪاهي پوندا، سي بانڪا [(١)] بهادرَ،
نہ ڏڙڪ دل ڪي ڏيندا، دُرس[(٢)] سي دلاور [(٣)]،
ورثو ولايت وهہ واهہ وٺيندا.

چوغان بازيءَ[(۴)] جو ڪينهو عجيبن،
اُڏاريو آ عرشين مُقابل ۾ مردن،
ڏِکي هٿ ڏِگهيري جوڙا جهٽيندا.

"مسرور" سينو سِپر[(۵)] پنهنجو ناهي،
ڪُچندا نہ ڪوپا تہ چوءِ هي چاهي،
سدائين صبر جون سي چاشون چٽيندا.

---

(١) بانڪا = بهادر، پهلوان.
(٢) دُرسُ = سچ پچ.
(٣) دلاور = شجاع، جرئتمند.
(۴) چوغان بازي = چوگان راند ڪرڻ. (چوگان = فولادي بال کي ڌڪ هڻڻ جي ڪاني) (۵) سپر = ڍال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٥)

مِهر ڪري وج منهنجو ڏيکاري، دلبر دوست پيارا،
هوت هزارا.

اڳڻ اسان جي وِير ورَڻ جو، ڪرڪو پال پلارا،
هوت هزارا.

مست ٿيا هن پَسي اوهان جا، نت نت نين نظارا،
هوت هزارا.

مُحب مَندايون، ڏوهَ ڏِنگايون، معافي ڪر موچارا،
هوت هزارا.

ماندو هان "مسرور" ملڻ لئه، جانب جيءَ جيارا،
هوت هزار.

# ڪافي (٦)

ڪڏهن ايندو ادا ڪانگلَ، پنهلُ منهنجو پري پيرا،
ڪندس قربان سيد تان، سسي ۽ ساهه سؤ پيرا.

فراقن دل ڪئي فاني، ڪري تو ياد يارانـي،
ٿئي ٿو هر گهڙيءَ جاني، جگر جيرا ٽُڪر ٽيرا[1].

ڦٽي روحڙو ويو راتو ڏئي ڏک ڏوڙ[2] جهوراتو[3]،
وتان در در مان ويڳاتو، فقيرن جان ڪيان ڦيرا.

سدائين دل سندم تانگهي، يڳاني يار جي سانگي،
ٿيا منهنجا پکين وانگي، وڻن جي لاءِ واهيرا[4].

منا "مسرور" سان ماٺا، ڪرين ڪهڙا سڄڻ سياٺا،
وسائج تون وري راٺا، اچي پنهنجا پرين ديرا[5].

(١) ٽيرا = ٽڪرا ٽڪرا، ڳيا ڳيا. (٢) ڏوڙ = ڏاڍي ڪوڪ.
(٣) جهوراتو = ڳڻتي فڪر. (٤) واهيرا = آکيرا، پکين جي رهڻ جون جايون.
(٥) ديرا = جايون، ستاڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٧)

ڪڏهن ايندين پري پيرا، اگڻ منهنجا پرين پيارا.

جلائي دل ڇڏي دردن، نه ڪو آرام آ اکين،
جدائيءَ ۾ منا توبن، سدا نيڻئون وهن نارا.

سدا ساري هنجون هاريان، نه ڪائي ڪار ٻي ڪاريان[١]،
رڙي پلپل تي واجهايان، اوهان جا چوطرف چارا.

منا "مسرور" سان هيڪر، اچي مل تون سچا سرور،
اوهان لئه نين مون دلبر، تڪن ٿا رات ڏن تارا.

(١) ڪاريان = ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٨)

شب روز توکي ساريان، پرور پرين پيارا،
توکان جدا تو گھاريان، گوندر ۾ غمگسارا [١].

قسمت ڪيو آهہ باندي، والله وَس نہ آهي،
دم دم ھنجون تو هاريان، تولاءِ جيءَ جيارا.

ماندي مران ملڻ لئہ، آرام نا هي توڙي،
دلبا[٢] ڏٺي ڏتاريان، دل کي گھڻو دلارا.

ويني سٽي ۽ گھمندي، دم دم ۾ يار دلبر،
پل پل پيو پڪاريان، اي هوت حسن وارا.

محبوب مُنھن پسڻ لئہ، روئي طرف توھانجي،
نت نِت پيو نھاريان، تنھنجي اچڻ جا چارا.

سانگي ڪنھين سياڻا، مُنھنڙو منا پسايو،
ڪانگا پيو اُڏاريان، نيڻئون وَھائي نارا.

"مسرور" جو اچي ڪجھہ، ھي حال ڏس تون جاني،
ڳوڙھا ڳلن تي ڳاڙيان، مل دوست دل قرارا.

(١) غمگسارا = همدرد، غمخوار. (٢) دلبا = ڏاتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٩)

جلوو پساءِ جاني، هڪ وار هوت پيارا،
هڻ هڻ تيو هجر ۾، هي جيءُ جگر دوپارا.

ستائين، سهي سگهان نا، هاڻي جدائي هڪ دم،
ڪر معاف رنج راڻا، سڪندي ٿيا سال سارا.

توريءَ نہ آهي ڪوئي، محرم منا ڪو منهنجو،
ڪنهن ڪي ستايان ويڌن(١)، دل جي، سڄڻ سونهارا.

سهڻا سائين سُڻين تون، زاريون ضعيف(٢) جون،
هي حال ڏسي هيڻو، ڪر قياس قرب وارا.

"مسرور" آهہ سوالي، مشتاق(٣) هي مدت کان،
درسن ڏيو ڪو دلبر، گهونگهٽ کولي خدارا.

---

(١) ويڌن = اهنج، آزار. (٢) ضعيف = هيڻي، ڪمزور.
(٣) مشتاق = شائق، آرزو مند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

لِڪي پائين ليا چاڪون،
ڪِلي ڏيڪار مُنهن منڙا.

ڦرون تولاءِ ويگاڻا، ڪرين ڪهڙا منا ماڻا،
رُسامو ڇڏ ڪٺي راڻا، ڏُڪائن ٿا سڄڻ ڏڪڙا.

سمهڻ سک جو ڇڏائي ويو، رطوبت[1]رنگ مٽائي ويو،
خوشيءَ کي غم کُٽائي ويو، ٿيا ن هن حال ڏک جهڙا.

ٿيو سينو ڇڄي تاران [2]، ڦٽي[3] هينئڙو ٿيو ڦاران [4].
جدائيءَ ۾ اوهان ڌاران، سڄڻ مون ڏک سوين ڏٺڙا.

اوهين "مسرور" موجن ۾، سندءِ عاشق آ ڳڻتين ۾،
ٿيو فاني آ فڪرن ۾، دلاسو ڏي سڄڻ سنهڙا.

---

(١) رطوبت = تازگي.
(٢) تاران = تارون تندون.
(٣) ڦٽي = ڦٽجي، زخمي.
(٤) ڦاران = ٽڪر ٽڪر، ڦاڪون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١١)

وجي پيش ڪج پر جي پُرزو پڪيئڙا،
هيٺا هوتن ريءَ منهنجا حال تيڙا.

مري رڙي روز، ماندي محب لئه،
گوندر(١) ڏينهن تن لئه مون گهارڻُ پيڙا.

گڏجي گذاريون، ساجن ڏينهن ڪَنا،
سڪندي سال منا، لالڻ لنگهي ويڙا.

مل اچي "مسرور" سان، چڏ رسڻ راٺا،
سڪ جا ساماٺا (٢)سيني اندر سلڙا (٣).

---

(١) گوندر = غم، ڏک.

(٢) ساماٺا = وڌيا، وڏا ٿيا، ڦوهه ۾ آيا، جوان ٿيا.

(٣) سلڙا = (جمع تصغير) سلو = ٻج مان ڦٽل تازو بوٽڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٢)

ڪُــڏي[١] تـہ پنھنجي سنيار،
دِرُ[٢] آڪيــرو تــاڙ[٣]پکيئڙا.

ويھي آسڻ[٤] تي پچاءِ آرو،[٥]مالڪ توتي ٿي ٻاجھارو،
الف سندو وٺي ويھہ لارو[٦]، ٻي نہ ڪجانءِ ڪارِ پکيئڙا.

جُوٺو[٧] جُڳي گھم نہ بيگانو، سمجھہ سياڻا ٿي نہ ديوانو،
هَل چَل[٨] آهي سارو زمانو، مالڪ ڪين وسار پکيئڙا.

"مسرور" تنھنجا گوھر گفتا، عالم ليکي چرچا گھبا[٩]،
برھہ مچايا پيچ پڙڪا، وينو تند تنوار پکيئڙا.

(١) ڪڏي = جاءِ.

(٢) دِرُ = دِڄ.

(٣) تاڙِ = نهار.

(٤) آسڻ = بينڪ، ماڳ، تڪيو

(٥) آرو پچائڻ = جهوڪ ٻڌي ويهڻ، ويهي رهڻ.

(٦) لارو = پروسو، آڌار.

(٧) جُوٺو = ڌاٺو، چوڳو.

(٨) هَل چَلُ = سفر، ڪُوچ.

(٩) چرچا گهبا = مذاق، مشڪري.

# ڪافي (١٣)

روئـــن ٿـــا نـــيـــڻ نمـــاڻـــا،
تــولـــئـــہ مـــنـــا مُـــئـــيءَ جـــا.

اڱــڻ اســـان جـــي يـــار پـــيـــارا،
پـــلا ڪـــج ڪـــي ڏولـــڻ پـــيـــرا،
اچـــج پـــري پـــرتـــئـــون پـــيـــرا،
رُســـڻ ڪـــٺـــي چـــڏ راڻـــا.

ســـڪ ســـنـــدء آهـــي گـــهـــٺـــي،
تـــوڪـــي جـــدائـــي يـــار وٺـــي،
مـــشـــتـــاقـــن ســـان چـــڏ ڪـــٺـــي،
مـــنـــڙا مـــوهـــن مـــاڻـــا.

واڳ ويـــنـــدي يـــار ورائـــج،
ويهي نہ مون کي سجڻ وسارج،
اچـــي وري تـــون وســـائـــج،
مـــنـــا مُـــئـــي جـــا پـــاڻـــا(١).

ساجن سائين چوٿو سڪائين،
سَرهو (٢) هوندين يار سَدائين،
سيـنـي اندر سڪ جا سائين،
ســلـــڙا واهـــہ ســـامـــاڻـــا.

"مـسـرور" کـي مـوهـن جـانـي،
اچـي پـسـائـج ڏول پـيـشـانـي،
پـرچ اچـي حـاڪـم جـانـي،
ســـڪـــاءِ ڪـــيـــن ســـيـــاڻـــا.

---

(١) پاڻا = جايون ماڳ. (٢) سرهو = خوش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٤)

عجيبن (١) جي طرف ڪون (٢) اڄ نياپا نينهن جا آيا،
جنهين جي موج سپ سرنو(٣)، جلالي جوش جاڳايا.

بهادر برهه جي يارو، سواري حُسن جي شَهَہ (٤) سان،
ٻُڌي مت هوش اُت ٻيئي، گهتوئي دل ۾ گهبرايا.

اچي قاصد قريبن جا صفائيءَ سان سٺايا جي،
سنيها سوز سڪ وارا، سرس سي ساهه سيبايا.

سُڻي سُڌ خير جي قاصد ڪنان، پانيان پِرين پرتئون (٥)،
اڱڻ ۾ سچ اسان جي اڄ قدم جڻ رنج فرمايا.

مٺي محبوب موهن (٦)جي مِڙي "مسرور" جيڏين اڄ،
مبارڪ شڪر شاديءَ جا ملي ڳڌ گيت ڪي ڳايا.

---

(١) عجيبن = (جمع) عجيب = يگانو، محبوب، لاثاني.

(٢) ڪون = ڪان.

(٣) سرنو = نئين سر.

(٤) شهہ = شاهه .

(٥) پرتئون = پريت مان.

(٦) موهن = موهيندڙ، محبوب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٥)

آيا جوڳي آيا، سنت(١) سري(٢) ست(٣) آيا.

نِنيهون نيهي نِسري هنڙي ويرَ(٤) وروڌ(٥) کان وسري هنڙي،
نور منجهارون نکري هنڙي، پرت جا پير ڳهمايا.

پنجن تتن(٦) جو ميل ملائي، صورت مورت بيک(٧) بنائي،
ساز سرندا(٨) ناد(٩) وڄائي، پنهنجا قرب وڌايا.

صفت(١٠) سامين(١١) جي ڪريان ڪهڙي، ليکيان ناهي ليکن جهڙي،
اوريان ناهي اهڙي تهڙي، سڀ کان سرس سوايا.

اُڄ کان ڪين اُجايا ڪڏهين، بُک کان ڪين بکايا ڪڏهين،
ڏُک کان ڪين ڏُکايا ڪڏهين، درد نه ڪنهن ڏمڪايا.

ڏني جنين جي ڏور ڏکندا(١٢)، ويني جن وٽ ورنَ ورندا(١٣)،
سوامي هي "مسرور" سُڳندا(١٤)، مون کي ڏٺي ملايا.

---

(١) سنت = اوليا، بزرگ، (٢) سري = سائين، حضور (لقب). (٣) ست = سچ، حق. (٤) وير = دشمني. (٥) وروڌ = ڪلفت، بکيڙو. (٦) پنج تتَ = پنج شيون، عناصر، (هوا، باهہ، پاڻي، مٽي، آڪاس). (٧) بيک بنائي = ويس ڌاري. (٨) سرندا (جمع) سرندو = تار جو ساز. (٩) نادَ = (جمع) نادُ = ڦوڪ جو ساز. (١٠) صفت = ساراهہ. (١١) سامين (جمع) سامي = سنت، سوامي، سائين، مالڪ. (١٢) ڏور ڏکندا = ڏک دور ٿيندا. (١٣) ورن ورندا = رنگ رچندا. (١٤) سڳندا = خوشبو وارا، سڳنڌ ڀريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٦)

هادي هوت هدايت حق جا، آيا سوامي آيا،
آيا جوڳي آيا.

ويـنـي جن لئـہ وات نهاريم، پـيـر اڱڻ تن پايا،
آيا جوڳي آيا.

وهہ وا ورونهن ويراڳين جا، گوندر غم گنوايا،
آيا جوڳي آيا.

سِرنو(١) سير سريءَ جا ثابت، جوڳين خوش جاڳايا،
آيا جوڳي آيا.

سامين پنهنجو قرب سجائي، رنج قدم فرمايا،
آيا جوڳي آيا.

خاصا خيال خدائيءَ وارا، سبق تنهين سمجهايا،
آيا جوڳي آيا.

عيدان(٢) ٿيون "مسرور" اسان گهر، مولا محب ملايا،
آيا جوڳي آيا.

---

(١) سِرنو = نئين سر.

(٢) عيدان = عيد جو جمع، عيدون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٧)

فڪر ۽ فراق جا مشتاقي(١) ماريا،
ڪائن ماس سندو جگر، پين خون پيالا.

محبت انهيءَ محب جي، مانجهي (٢) مُسايا(٣)،
ڏسي ناز ڪرن نياز اُهي سُورن ستايا.

عشق سندي آگ ۾، تن جگر جلايا،
انهيءَ برهه سهڻي يار جي، گهوٽ لڪين گهايا.

ملڻ لئه محبوب جي، سورهيه ڪن سعيا(۴)،
اَڏيءَ ڏري ڪنڌ، اُنهن سرڙا نوايا.

"مسرور" اهي مُحبن جا، تا روا(۵) رکن رايا،
خاطر خاص پرين جي، سوليءَ سنواريا.

---

(١) مشتاقي = آرزو مند، خواهان، چاهيندڙ.
(٢) مانجهي = سورهيه، سياڻا.
(٣) مسايا = ماريا، ناس ڪيا، اجاڙيا.
(۴) سعيا = ڪوششون.
(۵) روا = لاڳو.

# ڪافي (١٨)

هاءِ هتڙي ڪيئن توکان واعدا وسري ويا،
ياد ڪر ڪجهه يار تن مان قول جي تو ڪاله ڪيا.

هت ڪرين ڪم ڪيهڙا[١] ڪا سوچ ڏس دل ۾ ذري،
هُت مگر هائو ڪري ڪي ٻول تو ٻڌڙا ٻيا.

رات ساري تو گذاري خواب غفلت ۾ ادا،
قول پنهنجا پاڙ اڄ ڪي، ڪاله جا ڪلهه سان ٿيا.

قرب وارن کي ڪڏهن، هن پر جُڳائي ڪينڪي،
سچ سچارا قول سامي پرت مان پاڙن پيا.

ڳالهه هيءَ "مسرور" منهنجي، جي مڃين تو ڪين تان،
ڏس پڙهي انجام[٢] پنهنجي جا اکر جي تو لکيا.

(١) ڪيهڙا = ڪهڙا.

(٢) انجام = عاقبت، قول، وعدو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رديف ب

## ڪافي (١)

عشق عربيءَ جي اديون، ٻيوس ڪيو مون بي حجاب،
ڪَل ڪيان ڪهڙي وري مان دل سندو کولي ڪتاب.

مفت ڇو مُئيءَ کي ستايو، وس نہ پنهنجي بس اديون،
نوڪ نيڻن جي لڳي، دلڙي ڪُسي ٿي آ ڪبابُ.

تن تُنبو تارون رڳون هي جان پنهنجيءَ ۾ جَڙي،
جوڙيو اهڙو عجب مون ريجهہ (١) پنهنجيءَ لئہ رُبابُ.

درد الفت عشق جو من ۾ پيو آ مَچ مچي،
سڀ ويو پينر پُلي، هي جوڙُ جملو ۽ حساب،

سر فرنگي فوج حضرت حُسن جي آئي چڙهي،
منهن ٻسي "مسرور" اُن جو، عقل جو ويو آب و تاب (٢).

---

(١) ريجهہ = وندر.

(٢) آب و تاب = رونق.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

پاڻُ مون پنهنجو پسايو، ناز جو لاهي نقاب،
چو پيلا جاني چُپايو، اَبر[١]م تا آفتاب.

جارَ[٢] مان جهاني وجهي، لالنَ لڪين تو واهه،
هي رڪين راتا ڪيهو[٣] تون، رمزَ رنديءَ جو رُعاب[۴].

در بدر تولئه ديوانو، تو قران مجنونءَ جيان،
رحم ڪر منهنجو ڏسي، تون حال هي خستہ[۵]خراب.

بس فقط هڪڙي نوازش جي نظر ڪر ڪا ننگي[٦]،
دل جي قُر توڪي قبي پر ڪو نہ ڪَٿُ سهٿا ثواب.

سچ سُپاريم[٧]ساهه توکي، جان وتن چا مال و زرَ،
پر ڏِکي پرتي پيارا مفت نا ڪر مهتي هابُ.

روز شب "مسرور" هي رنجور[٨] دل تولئه رڙي،
دم دلاسي جي بجاءِ، دلبر نہ ڪر تون دژڪو دابُ.

---

(١) اَبرُ = ڪڪر.
(٢) جار = ذوق، شوق.
(٣) ڪيهو = ڪهڙو.
(۴) رعاب = رعب، دبدبو.
(۵) خستہ = زخمي.
(٦) ننگي = ننگپال. ڍڪڻهار. سار سنڀال لهندڙ.
(٧) سپاريم = سپارڻ (مصدر) حوالي ڪيم، سپرد ڪيم.
(٨) رنجور = غمگين، رنج ٿيل، ڏکويل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٣)

اڄ پيارا، دل قرارا، مل خدارا، اي حبيب،
ورهه [١] وارا، ڪيو اوسارا [٢] ڪن پڪارا [٣] اي حبيب.

سگهڙو سهڻا، محب مهڻا، تن ڪي پاڻان منهن پساءِ،
ڏس ڪوهيارا، تن تو ڌارا، جگر پارا، اي حبيب.

مون ڪي روئندي ويا لنگهي ۽ تڪيندي هن طرح،
راتين تارا، ڏينهن چارا، سال سارا، اي حبيب.

زهر پانيان تو بنا سڀ ويس پايان ڪيئن وري،
سي دوبارا، سڀ زنگارا[٤]، ڪيم ڪارا، اي حبيب.

جي اَچو سهڻا سگهو نت مون سڏايو تان پسان،
هي هزارا، خوش نظارا ۽ مُنارا، اي حبيب.

هاءِ هي "مسرور" ڪيئن رنجور راتيان ڏينهن رڙي،
غمگسارا، موت يارا، وهن نارا، اي حبيب.

---

(١) ورهه = جدائي، وڇوڙو.
(٢) اوسارا= پار، روڄ.
(٣) پڪارا = پڪارون، دانهون.
(٤) زنگارا = زنگ لڳل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رديف ٻ

## ڪافي (١)

مون ٻري موتين سنڌي هي چوهه مان اُڇلائي ڇاٻ (١)،
ميڙ تن مان حاج سارو، ٻر ڪٽي گودو (٢)ءِ ٽاٻَ (٣).

جهُد (٤) ڪر ڏس گوءِ غازي (٥) ٽا وجن توڪون ڪنيون،
تون ٽڪل ڪائين ٻلا ڇاڪون ٽُڏن جا ٽيڙ ٽاٻَ.

پٽ ٻئي اڪيون اندر جون هوش رک همت نه هار،
لعل نا لڏِ ٻر لڪي توڙي هجي ڊسَ (٦) ريت(٧) ڊاٻ (٨).

مهل ٽي هيءَ مرد ڏس، جو هو وجن ميڙيو مَڏي،
پوءِ ڪندين تون چَپَ ڪڍي، مُنهن ڇٻي ڇٻ ڇاٻَ ڇاٻَ.

حسرتا "مسرور" جي منڍيءَ مٿان غازي اچي،
سِر ڪندا صدقي جتيِ، تون اُت ڪندين ڇا گهور گهاٻ.

---

(١) ڇاٻَ = وڏي ٻندي، ڊٻڪي (ڪٺڪ جي ٽيلين مان ٽالهيءَ جي نموني نهيل توڪري)
(٢) گودو = ڪيسو، گيدو.
(٣) ٽاٻ = ٻگوڻ جو نهيل ٻورو.
(٤) جُهدُ = جتن، جاکوڙ.
(٥) غازي = جنگ ڪتي ايندڙ سورمو.
(٦) ڊس = ڊسڻ.
(٧) ريت = واري.
(٨) ڊاٻ = ڊرَ، مِني، ڏُوڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

نت پون سرتين سندي ٽا جهيڙ(١) ڪان جيئڙي ۾ جُهبَ (٢)،
ٿـي ڏئـي اُڏمـا اُٿـي جـيـئـن دل مـنـجـهـارون آڳ اُبِ(٣).

آءُ تـہ پِرَ جـي پـوئـنـان رڙهـنـدس اديـون رنـدڙو(٤) ڪـنيـون،
پـل پـيـادي ڪـي پـوي جـو گـهـوم ڪـان پـيـرن ۾ گـهـبَ (٥).

سُـور سـپ اڳـهـين وراتـي مـون سـهـايـا سـاهـہ ڪـي،
پوءِ مون ڪي ڇا ڪندي ڏونگر ڏڪي جي لوٽ (٦) لُبَ (٧).

پـؤ ڏيـو پـيـنـر پـلا ڇـو، ڪـين مـڙنـدس مـور مـان،
سـور اڄ بـڪ جِـي پـلِـي آ سـوز واريءَ ڪـي سُـڙبَ (٨).

راهـہ سـان "مـسـرور" رڙهـنـدو رهـہ سـدائـين رات ڏيـنـهـن،
ڪـيـچ ڪـهـنـدي مَـرُ پـوَن، ڪـنـدي پُـنـيءَ جـي مـنـجـهـہ ڪُـبَ.

---

(١) جهيڙ = مانڌاڻ، فساد، جنگ.

(٢) جهبَ = جهوبو، ولوڙ.

(٣) اب = گرمي، ڪوساڻ.

(٤) رندڙو = رستو، رَندُ.

(٥) گهبَ = زخم، لڦون، گهاءَ.

(٦) لوٽَ = پڪيڙ، وڏو پيٽ، سطح.

(٧) لُبَ = ويڻ، عتاب، جُٺ.

(٨) سُڙبَ = تڪليف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

وَر وڪڙ وارن سڄڻ جي مِ ڦٽي تي يارَ ڦٻُ،
پرَ جيئن ٻٽجي ڪنگي[1]، تنهن ريت سان زهدارَ[2] ڦٻُ.

اَڻ ڳهڙي ڪاني ڪنهين جي ڪين ڪڏهين ڪم اچي،
پاڻُ چيرائي چڱي پَرِ هوش سان هوشيارَ ڦٻُ.

ڏِس تہ ڪيڏو قرب تي ڪنگي قريبن جو لهي،
ڳالهہ سا دل مِ ڳٽي عاشق اُنهيءَ اسرارَ ڦٻُ.

سهج مان سهٽو جڏهن سينگار لئہ ساعت ڏئي،
زلف لٽڪيل ساڻ لڳندي برزخ[3] گلزار ڦٻُ.

جي مزو "مسرور" تون منصور[4] جو ماڻڻ گهرين،
تان ستي سانگا سِيبئي سر ڏئي بردار[5] ڦٻُ.

---

(١) ڪنگي = ڦڻي.

(٢) زهدار = زاهد، متقي.

(٣) برزخ = ٻن جاين جي وچ ۾ پردو، موت بعد قيامت تائين رهڻ وارو عرصو.

(٤) منصور = حُسين بن منصور حلاج. (٢٤٤ هجري کان ٣٠٩ هجري) شهر بيضا جي اتر اوير ۾ قريہ طور ۾ ڄاتو، اناالحق چوڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس سوليءَ چاڙهيو ويو، سندس هٿ پير ڪاٽيا ويا، مڙهہ کي ساڙيو ويو ۽ مٽيءَ کي دجلہ ۾ وهايو ويو.

(٥) بردار = سوليءَ تي.

# رديف ٻ

## ڪافي (١)

لادوا هي دردُ فرقت، جنهنجو آ دارون(١) نہ دٻُ (٢)،
تنئي ڦڪين مان ڪين فرحت آ دوا بيسود سڀ.

وصل جو شربت پيو هي قُرص (٣) تسڪين دلربا،
اهڙو نسخو چؤ طبيبا، سو اوهان وٽ آ الٻُ (٤).

العَطش (٥) آواز آمد يار جي خاطر خيال،
ڪين تو ٻوڙا ٻڌين گُڙ گُڙ ڪري جيڪا گرٻُ(٦).

سور منهنجي جا ميان نالا نرالا تون ڪٿي،
چو ڏکائين تو پيو ڏاها ڏيئي ڏهڪارُ ڏٻُ (٧).

سوز سازي ۾ سندم "مسرور" سينو ويو سڙي،
جيئن سُڪايل آ ڳني (٨) جو واءُ ڪان ڳردار ڳٻُ (٩).

---

(١) دارون = دوا، علاج،

(٢) دٻ = اڪين جي دوا، ستي. (دارون نہ دٻ = جنهن تي ڪابہ ستي ڦڪي اثر نہ ڪري، جنهن جو ڪوبہ علاج نہ هجي)

(٣) قرص = گوري (دوا).

(٤) الٻ = اڻ لڀ.

(٥) العطش = اُڃ.

(٦) گرٻ = پيٽ.

(٧) ڏٻ = ڏنڀ.

(٨) ڳني = ڳنو، ڪمند.

(٩) ڳٻ = ڳر (ڪمند جو ڳر).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

بخش مون بيدل [١] سخي تون عشق جو آزار سَڀُ،
پرت مان پهراءِ پڻ صوفين[٢] سندو سينگار سڀُ.

رازَ رسَ جو جام ڪو هادي هٿن سان مون ڏيو،
ديد باطن جي کُلي، جيئن ٿي عيان اسرار سڀ.

حال ڏاڳو[٣] موج مٽيا، قرب ڪَفني[٤] مِهر مان،
ڪر عطا نالي خدا، جوڳين سندو جنسار سڀ.

درد ڏوڙو سوز ساڙو روح راڙو روز شب،
سر مٿان منهنجي رکو هي برهه وارو بارُ سڀ.

مهر ڪر "مسرور" تي نالي مِني محبوب جي،
ساهُ سِر تنهنجي مٿان صدقو ڪيان گهر بار سڀُ.

---

(١) بيدل = سنڌ جو وڏو عالم بزرگ ۽ شاعر، فقير قادر بخش "بيدل": (١٢٣٠ هجري کان ١٢٨٩) سندس درگاهه روهڙي ۾ آهي.

(٢) صوفي = پاڪباز، پارسا، سلوڪ وارو فقير.

(٣) حال ڏاڳو = فقيراڻو ويس، (ڪفني، گوڏڙي، رلي، ڪشتو، لٽ، لوٽو وغيره)

(٤) ڪفني = يڪي ڪپڙي مان سبيل چولو، جبو، جامو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## كافي (٣)

بخش مون بيدل سخي تون، عشق جو آزار سپُ،
پرت مان پهراءِ مون، صوفين سندو سينگار سپ.

ڏي پيالي کي پري هادي هٿن، ساڻ پنهنجي،
تان ڏسان مخفي اهو عين اليقين[(١)] اسرارُ سپ.

غير جئن اندر مان منهنجي کورجي ٻاهر وڃي،
جانِ تي جڙجي وڃي، جوڳين سندو جنسار سپُ.

عرض منهنجي کي اگهائي، ڏيو لقا پنهنجي حضور،
سر سندا ڏي قرب وارا، برهه وارو بارُ سپ.

تنهنجي در تي آ صدا، "مسرور" پينو ۽ گدا،
بادشاها کر نظر تان هيءُ ڇُٽي جنجارُ[(٢)] سپُ.

---

(١) عين اليقين = ڏٺل، شاهدين سان حاصل کيل ڄاڻ، اکين سان ڏسي يقين کرڻ.

(٢) جنجار = جنجال، تکليف، مصيبت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رديف ت

## ڪافي (١)

امـــدادي اج اچـــڻ جـــي پـــورل پـــلاٽـــي رات،
اونـداهـ مـان ٿـي مـتـجـي سـهـڻي سُـهـائـي رات.

بيشڪ برات (١) ڪان پي سرتيون سَوائي (٢) رات،
هـر جـاءِ جـلـوي يـار ڪـان ٿـي روشـنـائـي رات.

مُشـڪـل جـي ڪـئـي پـرين حـاجـت روائي(٣) رات،
مـنـهـنـجـي رنـجـيـده روح کـي راحـت رسـائـي رات.

دک سـور سـب لـهـي ويـا تـيـزي سَـرهـائـي رات،
دل ساهـ کي سرسُ هيءَ سرتيون سيبائِي (٤)رات.

"مـسـرور" چـئـه مـزي جـي ڪـهـڙي نـه آئـي رات،
اهـڙي هـونـدم سـڳـوري شـالا سـدائـي رات.

---

(١) برات = شب برات.

(٢) سوائي = وڌيڪ، واڌاري، اُتم.

(٣) حاجت روائي = مشڪل ڪشائي، مطلب جي تڪميل.

(٤) سيبائي = سيبائڻ (مصدر) = وڻڻ، پسند اچڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

عـجـيـبـا اچـڻ جـي ڪـيـو ڪـا عـنـايـت،
سگهو سڏ سُڻي تيو هيـڏيءَ جي حمايت ·

تنهنجي شوق جي شينهن مون کي نهوڙيو،
انـدر ۾ بـهـادر بـرهـ خـيـمـو کـوڙيـو،
اچـي عـشـق هـاڻـي اڏائـي عـمـارت.

مـنـا خـون مُـئـيءَ جـو گـلابـي مـوچـارو،
سـڙي سـوز ۾ تـيـو ڪـڙهـي هـاءِ ڪـارو،
رهـي نـا بـدن ۾ رتـي زور طـاقـت.

حُـسـن هـوتُ حـمـلـو ڪـري آيـو ڪـاهـي،
ڪٽي سوپَ سورهيہ سوريءَ تـو سلاهي (١)،
مُهاڏي ۾ منهنجي ناهي هاڻ حاجت (٢).

ضُعف (٣) خلط(٤) سودا وجي روز وڌندو،
"مـسـرور" پـلـپـل وجـي زور پـونـدو،
مَتي ڪين مطلق (٥) پنهنجي عشق عادتَ.

---

(١) سلاهي = سلهاڙي، ڳنڍي، هلائي.
(٢) حاجت = طاقت.
(٣) ضُعف = ڪمزوري.
(٤) خلط = مزاج ( خلط چار آهن بلغمي، سودائي، سفرائي، خوني).
(٥) مطلق = اصل. صفا.

# ”رديف ٿ“

## ڪافي (۱)

جلوو تنهنجو اچي ٿو، جاني نظر ۾ جت ڪِٿ،
هر شاخ گُل ۾ شايع [1]، برگ [2] و شجر ۾ جت ڪِٿ.

ڪعبہ و بت خانا چا، مسجد ولي ميخانا چا،
تون جابجاءِ جلوه نُما، ديرو [3] مندر ۾ جت ڪِٿ.

ڪولي ڏنم دل جي دري، وحشي طَيور [4] وَه وري،
غِلمان [5] چا حورو پَري، جِن و بشر ۾ جت ڪِٿ.

پيهي ڪيم پسارو، وستي شهر جو سارو،
نوري [6] تنهنجو نظارو، آ بحر و برَ ۾ جت ڪِٿ.

چا رنگ مان ڳايان ڳٽين، واه واه منا، مون کي وٽين،
هر رنگ تون رعنا [7] ٻٽين، لال و گوهر ۾ جت ڪِٿ.

جاڏي پيو واجهايان، نازڪ ٿئين نمايان،
تارن سين ۾ تابان [8]، شمس و قمر ۾ جت ڪِٿ.

”مسرور“ چاڻُ [9] چاتو، توکي صحيح سڃاتو،
پهريون جڏهن تہ پاتو، پنهنجي اندر ۾ جت ڪِٿ.

---

(۱) شايع = پڌرو، ظاهر. (۲) برگ = پن. (۳) دير = بتخانو. (۴) طيور = پکي. (۵) غلمان = بهشت جا حسين ڇوڪرا. (۶) نوري = نور وارو. (۷) رعنا = گل جو قسم، خوشنما. (۸) تابان = روشن، چمڪندڙ. (۹) چاڻ = علم، معرفت، آگاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ”رديف ت“

## ڪافي (١)

خوش ٿا وتن سامي سدا، جهڙا ڪتيءَ (١) تهڙا چيت (٢)،
سانوڻ سرءُ ويساکُ(٣) چا، جهڙا ڪَتيءَ تهڙا چيتَ.

وهه مرد مردانا اُهي، تازا سدا توانا اُهي،
سُرهي سخن(٤) صبح و مَسا(٥)، جهڙا ڪَتيءَ تهڙا چيتَ.

اُڄ بک بئي ڏک سور ۾، ڪنهن پيچ پؤتي پوُر ۾،
نت بوش (٦) بيپرواهه پيلا، جهڙا ڪَتيءَ تهڙا چيتَ.

خوش عيش ۾ نا ڪن خوشي، وهسي وڃن نا غم ڏسي،
نا ڪشت ڪنهن قائل ڪيا، جهڙا ڪتيءَ تهڙا چيت.

شب روز صابر صبر ۾، شاڪر سدائين شُڪر ۾،
هر حال ۾ راضي ٿيا، جهڙا ڪتيءَ تهڙا چيتَ.

هڪ حال ۾ هردم رهن، لُوهان لُڪان(٧) توڙي لڳن،
”مسرور“ هي مانجهي مَيا(٨)، جهڙا ڪَتيءَ تهڙا چيت.

---

(١) ڪَتي = سنبت جو اٺون مهينو، خريف - (ستن نديڙن تارن جي ميڙ وارو نکٽُ) خزان جي پڇاڙي، بهار جي آمد. (٢) چيت = سنبت جو پهريون مهينو ربيع. (جهڙا ڪتيءَ تهڙا چيت هجڻ = سدائين هڪ جهڙو هجڻ.) (٣) ويساک = سنبت جو ستون مهينو (٤) سُرهي سُخن = وڻندڙ وچن، سڳنڌ ڀرئي قول. (٥) صبح و مسا = صبح شام، هر وقت. (٦) بوش = نرڄو. (٧) لوهان لڪان = (جمع) ڪوسو واءُ، لُڪَ. (لُوهان لُڪان لڳڻ= (اترادي لهجو) = سخت جهولو لڳڻ. (٨) ميا = (صفت) تازا توانا، ڏٺا مٺا، متارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رديف ث

## ڪافي (١)

جَڙَت سان جهومر گهڙائي، پاءِ تون ڇڏ هوڏ هٺُ،
مال زر سارو مَتائي، هَسَ ڪڙيون ۽ هارَ وٺ.

تين لڄي لاشڪ مبادا، مهل ان مجلس جي ڏينهن (١)،
جيئن جُڙي تو جيڏيون، ايندو ڪري ڏس ناهُہ نٺُ.

سمجهہ ڏرَ دل ۾ تہ جيڪا جو سُڄي آ بيسَمَر،
سا نہ وڃ سرتين سونهين، جنهن کي جو آ گهٽو نہ گٺُ.

سمجهہ هائي ٿي سيائي، ڏوڙ ڏڙ کي ڪين لاءِ،
مُفت پيئي ٿي پرين بيسود تون ڇالاءِ ٻَٺُ (٢).

صاف ڪر دل جو سجوئي غيرُ ڪوناريءَ (٣) وجهي،
جئن ٿئي سونو صفا، چانديِ چٽي ۽ جِست مٺُ (٤).

مون چئي توکي چڱائي، مهل موچاريءَ متان،
ڏس وري "مسرور" تون ڪجهہ، ڏين ٻين کي ڏوڙَ ڏٺ(٥).

(١) مجلس جي ڏينهن = قيامت جي ڏينهن. (٢) ٻَٺُ = ڪورو.
(٣) ڪوناري = ڪُپي (جنهن ۾ سون چاندي پگهارجي) (٤) مَٺ = قيٺ (ٻن ڪمزن بہ ڌاتن جو ميلاپ). (٥) ڏوڙَ = دانهون. (٦) ڏٺُ = مٽ، لڦاءُ.
(ٻين کي ڏوڙَ ڏٺ ڏينِ = ٻين کي مٽيون ڏينِ يا ٻين کي دانهون ڏينِ)

# ”رديف ث“

## ڪافي (١)

زور دم ذاران زُغا مارڻ (١) ادا آهي عبثُ(٢)،
فَقر (٣) جو فرَ (۴) ريءَ، فنا پائڻ(٥) ادا آهي عبثُ.

ڏک پُنيان سک ٿو ملي، هي خود خدا جو حڪم(٦) آ،
ريءَ جفا(٧) موجون مزا ماڻڻ ادا آهي عبثُ.

بيخوديءَ ۽ بي فنائي حال ريءَ حلاج جي،
گيت موجِ من خدا ڳائڻ ادا آهي عبثُ.

مير مرشد جي مدد ري، ڪنهن بہ حيلي سان مگر،
سر مٿان آيل قضا ٽارڻ ادا آهي عبثُ.

دم بہ دم ”مسرور“ دم ذاران الستي امر(٨) تي،
قول (٩) هي قالوا بلـيٰ پاڙڻ ادا آهي عبثُ.

---

(١) زغا مارڻ = ٻناڪ هٽڻ، (تير ڪمان ڪشڻ) (٢) عبث = اجايو، ڏکيو.
(٣) فقر = فقيري، درويشي (۴) فَر = زيب، زينت. (٥) فنا پائڻ = صوفي طريقي موجب مرڻ کان اڳ مري وڃڻ، فنا في الله جي منزل ڪانپوءِ بقا الله جي منزل تي رسڻ. (٦) حڪم= فرمان (قران شريف جي سورة المنشرح ٩۴ جي آيت نمبر ٦ ڏانهن اشارو اِنّ مَعَ العُسرِيُسراً= بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي.) (٧) ريءَ جفا =جفا ڪشيءَ ڪانسواءِ. (٨) الستي امر = ازل واري ڏينهن خدا تعاليٰ جو حڪم: الست بربڪم= آءٌ اوهانجو رب ناهيان. (٩) قول=ازل واري ڏينهن ڪيل قول، قالوا بليٰ= هائو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف پ"

## ڪافي (١)

هڪ ڏاءَ [١] تنهنجي ٿو ڏجان، ٻي ڪنهن جي ڏرَ[٢] جو ناهہ ڏپُ[٣]،
ڪهڙو ٻـہ جـي ڪَرڙو هـجـي، حـاڪـم زَبَـر[٤] جـو نـاهـہ ڏپ.

دل ۾ پـيـو دائـم وسـين، سـهـٺـا قـسـم تـنـهـنـجـو اٿـم،
ڪـنـهـن ڀـوت راڪـس ديـو ۽ جـن و بـشـر جـو نـاهـہ ڏپُ.

هـي سـاهـہ آ تـو وٽ سـجـڻ، هـن جـسـم خـاڪـيءَ ڪـي وري،
اونـداهـہ سـوڙهـي قـبـر جـي ڪـنـهـن ڀـي خـطـر جـو نـاهـہ ڏپُ.

چـاهـي ڏئـين جـنـت ٻَـريـن مـون يـا ڪ دوزخ ۾ ڏريـن،
هـڪ تـون هـجـين آڏو اکـين [٥]، سختي سَقَر [٦] جـو نـاهـہ ڏپ.

هـن حـال ڪـان هـڪـوار چـا، سَـؤ وار، مَـر مـنـصـور جـان،
"مـسـرورَ" ڀـلُ مـارِن مـون ڪـي، ڪـنـهـن دادگر [٧] جـو نـاهـہ ڏپُ.

(١) ڏاءَ = هيبت ڪان، ڏهڪاءَ ڪان. (٢) ڏر = هراس، خطري. (٣) ڏپ = خوف انديشو. (ڏاءُ، ڏر، ڏپ، خطر هڪ ئي معنيٰ وارا لفظ آهن) (٤) زبر = زبردست.
(٥) اکين = اکين جي. (٦) سقر= دوزخ، باهہ. (٧) دادگر = داد ڪرڻ وارو، منصف .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي(٢)

ڳُهرج ٿم تنهنجي ڳهٽي، ڪجهه مالُ زَر جو ناهه ڪَپُ،
چا لهي اُيري ڪٽي، شمس و قمر(١) جو ناهه ڪپُ.

جاءِ ڳر جنت ملي، ليڪ مون منظور ناهه،
هڪ طلب تنهنجي رڪان، حور و قَصر (٢) جو ناهه ڪپُ.

تو سُٺان جيڪي سُٺائين تون لطيفي لات(٣) سان،
ڪَن ٻڌي تو ڏي ڪيم، ٻِي ڪنهن خبر جو ناهه ڪپُ.

يارَ مَٿُ تنهنجي پسيني، ناهه ڪجهه عطر و گلابُ،
زلف، مشڪين بس اٿم، مُشڪ(٤) و عنبر(٥)جو ناهه ڪپُ.

عشق بازيءَ ۾ ايازي (٦) آ قدم ”مسرور“ جو،
ڪم اٿم محمود(٧) سان، لعل و گوهر جو ناهه ڪپُ.

---

(١) شمس و قمر = سج ۽ چنڊ. (٢) حور و قصر = بهشتي عورت ۽ محل. (٣) لطيفي لات = نازڪ ٻول. (٤) مشڪ = ڪاري رنگ جو خوشبودار مادو، جيڪو تبت، تاتار ختنا ۽ ختن ۾ هڪ قسم جي هرڻ جي دن مان نڪرندو آهي. (معشوق جي ڪارن خوشبودار وارن کي زلف مشڪين چوندا آهن) (٥) عنبر = ناسي رنگ جي خوشبوءِ، (ڪن جو چوڻ آهي مانگر مڇ جي پيٽ مان نڪري، ڪي چون ته هڪ قسم جي جهنگلي ڏڳي جو ڇيڻو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته ميڻ ٿئي.) (٦) ايازي = سلطان محمود غزنويءَ جي پياري غلام اياز جهڙي ثابت قدمي. (٧) محمود = تعريف ڪيل. ساراهيل، پيغمبر صلعم جن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ج“

## ڪافي (١)

اي طبيبا ڇا ڪندين مون درد ماريءَ جو علاج،
ناهه بس سُهٽل سوا ڪو آهه زاريءَ جو علاج.

هي سنڌءِ اڪسير سُرمون ڪين ڪُجهه ڪندو مگر،
اوچتي آمد عجيبن اشڪباريءَ جو علاج.

ڪجهه خميره[١] مان نه ٿيندو خير جو مون کي قرار،
بُڌ فقط خط يار جو، آهه انتظاريءَ جو علاج.

مُفت [٢]واري ورق[٣] تون نُسخا پڙهين نادان ٿو،
ڏس ڪٿي ڪو دَرج آ ڇا وِرهه واريءَ جو علاج.

مُور ڪنهن معجون ڪائڻ سان نه ٿيندي مُون شفا،
قُرص تسڪين[٥] تنهن سندو آ مُونجهه ماريءَ جو علاج.

عَرق مُشڪ (٦) و عرق عَشبه (٧) آ اجايو اَنجبار،(٨)،
ديد جو دارون ولي آ بيقراريءَ جو علاجُ.

عشق جي ناسُور کي، ”مسرور“ ڇا مرهم ڪندي،
وصل جو بُرڪو (٩) مگر آ، زخم ڪاريءَ جو علاج.

---

(١) خميره = دوا جو قسم. (٢) مفت = اجايو (٣) واري ورق = ورق ورائڻ، پنا اٿلائڻ. (۴) معجون = دوا جو قسم. (٥) قرص تسڪين = سڪون ڏيندڙ گوري. (٦) عرق مشڪ، (٧) عرق عشبه، (٨) انجبار = دوائن جا قسم. (٩) بُرڪو = سفوف، پائوڊر، ٻورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

هن سير ۾ سامي وڪرُ هڪ خاص وحدت[١]جو وٺج [٢]،
ڪثرت [٣]منجهان وحدت [٤] اندر تون پڻ قدم قربئون ڪڻجُ.

سچ پچُ سَچن ڪي سِڪ وڌيءَ، ساقي ڏئي تو سَڏ ڪيو،
تون پي وِرهَہ [٥]جي پيءُ وٺي، بيسر صفا بيخود بڻجُ.

ڪو فڪر اُن جو ڪين آ، هٿ پير جي هن حاج ۾[٦]،
اي ليڪ[٧] دل سان، دوستن جي، پار ڏي ناٽيو تَٽجُ.

هت ڪجهه هلن هٿ پيرنا، ڏس نانگَ[٨]جو نازڪ هلڻ،
هي حال منهنجي جي خلاصي، ڳالهه تون دل ۾ ڳٽجُ.

هتَ ۾ ڪري هن حال کي، عاشق سچي عطار[٩]جان،
"مسرور" مانجهي مردُ تون، تان نينهن جو نعرو هڻجُ.

---

(١) خاص وحدت = وحدت الوجود، دنيا جي سموري موجودات کي خدا تعاليٰ جو وجود ڪري مڃڻ. (٢) وَٺجُ = (امر) پسند ڪر. (٣) ڪثرت = گهڻائي. (٤) وحدت = هيڪڙائي، (٥) ورهہ = برهہ. (٦) هٿ پير جي هن حاج ۾ = جيڪڏهن زماني جو ڪم ڪار آهي. (٧) ليڪ = ليڪن. (٨) نانگ جو نازڪ هلڻ = سيني ڀر سرڪڻ، روح کي سُرڪائڻ. (٩) عطار = عطر وڪڻندڙ (شيخ فريد الدين عطار. فارسيءَ جو صوفي شاعر، نيشاپور ۾ ٤٧٢ هجري ۾ ڄائو. زندگي علم ۽ عرفان جي تحصيل، مشائخ جي خدمت، نفس جي تهذيب ۽ علم پرائڻ ۾ گذاريائين. آخر ۾ پاڻ بہ مقام ارشاد تي رسيو: مصر، دمشق، هندستان، ترڪستان ۽ مڪي جي سياحت ڪيائين، غزلن جو ديوان، تذڪرةالاوليا ۽ منطق الطير سندس مشهور تصنيفون آهن. ٥٨٦ هجري ۾ تاتارين هٿان شهيد ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ج"

## ڪافي (١)

بحمدالله[١] بهاريءَ ڪان وري گلشن بهاريو اَج،
سندم من مغز موتئي جي تہ خوشبوءِ ڪان خماريو[٢] اَج.

بهاريءَ جي سبب بلڪل بہ بُلبل اَج اُڏي بيخود،
ڪري گل گل مٿان گهمرا[٣]، ڪلي تي خوش ڪيڪاريو اَج.

عجائب اُن بهاريءَ جي، سويرو صُبح جي ويلي،
خزان ڪان حال خستہ هيءَ، هينئڙو هير ناريو اَج.

اچي آواز قُم قُم[٤] جو، ڪري بلبل جڏهن قُلقل[٥]،
چتن[٦] چيهن جي چهہ چهہ پڻ، مُئل دل کي جيئاريو اَج.

لکين احسان مالهيءَ جا، مڃان مان، جنهن وٺي محنت،
وڇائي فرش فيروزي[٧]، چمن سهڻو سينگاريو اَج.

لَنئي تي لات هي پکين، بهار آمد لئہ گلشن ۾،
ڍنڍورو عام مجلس جو، پرين آهي ڏياريو اَج.

اُبهرو ائين اچي بلبل چيائين باغ ۾ سگهڙو،
مِيان "مسرور" مُطرب[٨]لئہ توکي سُهڻل سنياريو اَج.

---

(١) بحمدالله = الله جي تعريف سان (٢) خُماريو = سرشار ٿيو، پُرڪيف ٿيو.
(٣) گهمرا = ڦيرا، دفعا. (٤) قُم قُم = اُٿ اُٿ. (٥) قلقل = بلبل جو بولڻ
(٦) چتن = طوطن. (٧) فرش فيروزي = ساوڪ، سبز، چبر سان ڍڪيل.
(٨) مطرب لئہ = ڳائڻ لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف جهہ“

## كافي (١)

ويسلو(١) ٿي ويھہ نا، پنھنجو سُڃاڻج پاڻ ڪجھہ،
ھي اٿي مُلمون (٢) مٿيءَ جو، سمجھہُ(٣)، جو ٿي ساڻ ڪجھہ.

ڇا ھُئين ۽ ڇاٿي آئين، ڪير آن، ڪاڏُنھن اچين،
جاچِ ھي جھاتي وجھي، حيلو (٤) ڪري تون ھاڻ ڪجھہ.

ڏس پروڙي پاڻ ۾، مَن عَرف واري مام(٥) کي،
الانسان سِرِه سرِي اَنا(٦)، اُھڃاڻ ڪجھہ.

ڇو وري سجدو فرشتن، ڪيئن ڪيو ڪنھن کي ڀلا،
سر اُھو آھين صحيح جاڻج اُھوئي ڄاڻ ڪُجھہ.

نقل کي ڇڏ، ڪڻ نظر تون، اصل پنھنجي نسل ڏي،
ڪيئن اچي ڪوزي(٧) سمايو، موج جو مھراڻ ڪجھہ.

ڪيرُ ڳالھائي ڏسي ”مسرور“ ٿو ويھي اُٿي،
اِسم جي ڏس اوٽ ۾، ڏاھي مٿيءَ جو ماڻ ڪجھہ.

---

(١) ويسلو = ويسارو، غافل. (٢) ملمون = بناوتي، ظاھري ڏيکاءُ (اِڳھہ تي چڙھيل سونو پاڻي) (٣) سمجھہ = (امر) غور ڪر. (٤) حيلو = ڪوشش (٥) من عرف واري مام= راز، جنھن پنھنجي نفس کي ڏٺو، تنھن پنھنجي رب کي ڏٺو؛ (حديث: من عرف نفسه فقد عرف ربه) (٦) الانسان سره سري انا = انسان منھنجو راز آھي مان ان جو راز آھيان. (٧) ڪوزو = لوٽو، ٿيو.
(٨) مان= ايمان، ننڍ، ھٺ.

# "رديف ج"
## ڪافي (١)

دل شهر عجب جو سير ڪري، سڀ ساڻ ملي همنام تي وڃ،
محلات گگن ۾ پير ڌري، هڪ گام وڌي گمنام تي وڃ.

هي سير عجائب آهه ٻلي، جو عيش اتي سو ڪونه ملي،
نت قرب سندو تو ڪات هلي، هن ڪات هٿئون قتلام تي وڃ.

هت آهه تہ تنهنجو نانءُ نہ ڪو، آ جاچ ڪري جڳ عام تڪو،
هي ڏس تہ پيو تي هاڻ پڪو، ويساهه ڪري وريام(١) تي وڃ.

تو غيب جي اندر غيب رهي، لا ريءَ نہ ڪي لاريب رهي،
جت عيب نہ ڪوئي زيب رهي، نيهي تون اُتي نشڪام(٢) تي وڃ.

هت لا(٣) جي تکي تلوار ڪري، "مسرور" سري ڌڙُ ڌار ڌري،
لا- لاجي سدا للڪار ڪري،. ست پت(٤)۾ رهي سنام(٥) تي

---

(١) وريام = بهادر.
(٢) نشڪام = بي خواهش.
(٣) لا = نفي.
(٤) ست پت = سچ پچ .
(٥) سنام = ستن وصفن وارو، حيات، علم، ارادو، سمع، بصر، ڪليم ۽ قدرت رکندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٢)

سُٽي ناهہ (١) سامي، رڙهيا ڏانهن رُج،
رسيا رنگپور (٢) ۾، سُتت جهاڳي سُج.

اچي پير پاتئون، اُنهيءَ جاءِ جت،
نڪي ٻولي ٻئي جي، نہ ڪو پاپُ پُج(٣).

نہ ڪنهن ڪشت (٤) قائل(٥) ڪيا ڪي ڪڏهن،
ٻُڪن جا ٻهادر، اُجايا نہ اُج.

منجهئون ڪين(٦)ڪيئي، لڌئون لعل لوچي،
ورهائن سي وينا، ڪيو جوڳي (٧)جُج.

منجهئون ناهہ نسرج (٨)، تون "مسرور" مانجهي،
ڪيو جيئن جوڳين، هٽي پاڻ مُج.(٩).

(١) ناهہ= نہ، لا.
(٢) رنگپور = لقاءَ وارو ملڪ.
(٣) پج = ثواب.
(٤) ڪشت = تڪليف.
(٥) قائل = مڃائڻ.
(٦) ڪين = ڪجهہ بہ نہ (Nothing).
(٧) جج = خوشيءَ جو ٻت.
(٨) نسرج = (امر) نسرڻ، ايرڻ، سرجڻ.
(٩) مج = ڳاهہ جو قسم جنهن ڪي وٽي واڻ ناهبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ڄ“

## ڪافي (١)

در تنهنجي آيس منا، پائي پلوَ ۾ ڪوڙ ڪَڄُ،
ننگ پرور هڪ نظر سان تون ڪندين سو صاف سڄ.

ڪر سگهو سعيو صنم، پارس لڳايو لوهہ کي،
دان لئہ در در رلي، هائي ٿيو هان يار هڄُ (١).

تون اُجهائين وصل واري آب سان ان کي اڃي،
جو محبت جو متو آ، دل اندر دلدار مَڄُ.

هاءِ هي خيلا ڪيان ٿو، پر وجي لالڻ لٿو،
مان پِتَلَ پنهنجي مٿان لايان پيو جو روز رَڄُ (٢).

در تنهنجي ”مسرور“ ناقص، دائما ليلائي ٿو،
تون پِلا ڪج پالُ ڪو، مون ۾ اٿيئي عيب ڳڄُ.

---

(١) هَڄُ = (هڄ ٿيڻ) ٿڪجي پوڻ.

(٢) رَڄُ = ملمون (خاص طور ڳهہ تي چڙهيل سونو پاڻي).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ڇ“

## ڪافي (١)

نڪي ڇُل ڇپر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ،
وڃي ورُ وِندر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ،

جنهين لاءِ ڏُونديں ڪِ ڳولهين پيو،
اَٿي سو اندر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ.

سيو سير تنهنجي آ سيني سمايو،
ڳِهڙي ڏسج گهر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ.

ڇڏي زُهد تقويٰ، مگن رهہ مدامي،
اِلاهو(١)اکر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ.

ڳِهڙي پاڻ ۾ پَس، وري ماڳُ مسجد،
مَڙهيءَ يا مندر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ.

پُنهون پاڻ آهين، ڇو سسئي سَڏائي،
ٻُڇيءَ مثل ٻر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ.

سَٽي سانگُ سر جو، تون ”مسرور“ مانجهي،
پئي ڏِس پڌر ۾، نہ ٻيا پنڌ پُڇ.

(١) الاهو = اُن ڪانسواءِ ٻيو ناهي (فقط اُهو آهي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ح“

## ڪافي (١)

تـوکـي پـريـن پـيـارا، سـاريـان ٿـو سـنجهـہ صـبـح[١]،
ڳُـونـدر ۾ غـمـگـسـارا، گهـاريـان ٿـو سـنجهـہ صـبـح.

قـسـمـت ڪـيـو آ بـانـدي، والله نـہ وس هـلـي ٿـو،
هـئـہ هـئـہ هـنجون هجر ۾، هاريان ٿو سنجهہ صبح.

رهـي نـہ ٿـي روئـڻ ريءَ، مـانـدي جـا آ مـلـڻ لـئـہ،
آءُ، دل کـي هـزار ٽـوڙي، ڏتـاريـان ٿـو سـنجهـہ صـبـح.

سُـتـي ويـنـي ۽ گـهـمـنـدي، دم دم ۾ يـار دلـبـر،
پرتئون اوهان لئہ پلپل، پُڪاريان ٿو سنجهہ صبح.

ڪنهن سانگ سڄڻ سانگي، مُنهڙو منا پسايو،
روئي طرف توهان جي، نهاريان ٿو سنجهہ صبح.

”مـسـرور“ کـي بـہ هـيـڪـر سـڏڙا سـٽـي سـڏايـو،
ڪانگا طرف توهانجي، اُڏاريان ٿو سنجهہ صبح.

---

(١) سنجهہ صبح = شام ۽ صبح (ساجهر سوير) صبح شام.

# ”رديف خ“

## ڪافي (١)

خاصا پيا پرتئون پڌر، تنهنجو پَسي دلدار رُخ،
خود ڪان ٿيا پڻ بيخبر، تنهنجو پسي دلدار رخ.

خيمي(١)ڪڪر جي ۾ اچي، منهن سر بئي ويڙهي پيا،
شرم ڪان شمس و قمر، تنهنجو پسي دلدار رخ.

خلوتَ(٢) ۾ خوش خاطر تنهنجي، بخشي خدا آ بيحساب،
اُمَت(٣)سنديائي سر بسر، تنهنجو پسي دلدار رُخ.

خالق فقط هڪڙو نہ ليڪن، خلق جملي اِنس وجن(٤)،
عرشي(٥) پيا عبرت اندر، تنهنجو پسي دلدار رُخ.

خوش حال همدم محويت ۾، فرض سنت نفل(٦) پڻ،
پُلجي ويو واجب(٧) وتر(٨)، تنهنجو پسي دلدار رخ.

خلقي عجائب خلق ڪان، خالق سندءِ خوش خوءِ(٩) عجب،
شيدا(١٠) ٿيو صاحب صدر(١١)، تنهنجو پسي دلدار رخ.

خاموش خستہ حال(١٢) ۾ ”مسرور“ آ مجنونءَ جيان،
مخمور ٿيِزس مست تر، تنهنجو پسي دلدار رُخ.

---

(١) خيمي ڪڪر جي ۾ = ڪڪر جي خيمي ۾، بادلن جي اوٽ ۾. (٢) خلوت ۾= ايڪانت ۾، علحدگيءَ ۾. (٣) امت= نبي سڳوري جا پوئلڳ، مخلوق. (٤) انس وجن = انسان ۽ جن، (ظاهر نظر ايندڙ مخلوق ۽ غيبات). (٥) عرشي = عرش وارا، ملائڪ. (٦) فرض، سنت، نفل = نماز جون رڪعتون. (٧) واجب = نماز جون رڪعتون، جنهن جي انڪاريءَ کي منڪر ۽ ڇڏڻ واري کي فاسق شمار ڪيو ويندو آهي (٨) وتر= رڪعتن جو نالو، جيڪي جيڪڏهن رهجي وڃن تہ ان جو قضا ڪري پڙهڻ واجب آهي. (٩) خوش خوءِ = اخلاق (١٠) شيدا= عاشق. (١١) صاحب صدر= خود خدا پاڪ ذوالجلال. (١٢) خستہ حال= پريشان حال، ڏکويل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف د"

## ڪافي (١)

بـرهـ جـو آ بـار بـاري، ڪـو اُنـائـي جـوان مـرد،
خَلق جي خَندهٔ خواري[١]، سر سَهائي[٢] جوان مـرد.

سڀ سَڌون[٣] ۽ سانگ[٤] لاهي، ڪو هزارن مان هِڪو،
عـشـق جـي ايـوان[٥] انـدر، پـيـر پـائـي جـوان مـرد.

سوز جي سُرڪي پيئڻ لئہ سر اڏيءَ سهجئون ڏري،
ڪنڌ پي پنهنجو ڪُلهن ڪان، ڪو ڪپائي جوان مرد.

آ چـوڻ سـنـهـجـو مـگـر، اوڪـو رهـڻ اُن تـي ٿـيـو،
نـيـنـهـن جـو نـازڪ تہ ڪـو نـاتـو نـڀـائـي جـوان مـرد.

ٻيڙيون[٦] ڪـوئـي ٻـيـائـيءَ جـون ڀـڃـي مـنـصـور جـان،
جـنـد پـنـهـنـجـي قـيـد هـسـتـيءَ ڪـان ڇڏائي جوان مرد.

سـڌڙيـن جـو هـت ٻـيـهـڻ "مـسـرور" آهـ بـلـڪـل محـال،
سـچ تہ سـبـحـانـيءَ سـنـدو ڪـو گـيـت ڳـائـي جـوان مـرد.

---

(١) خنده خواري = ٺٺڪار.
(٢) سرسهائي = برداشت ڪري، سرتي کڻي.
(٣) سڌون = خواهشون.
(٤) سانگ = لڳ لاڳاپا.
(٥) ايوان = پِڙ، ميدان.
(٦) ٻيڙيون = هٿ ڪڙيون (ٻيائيءَ جون ٻيڙيون ڀڃڻ = شرڪ جي شڪنجي کي ٽوڙڻ، دوئيءَ جي قيد کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ڏ“

## ڪافي (١)

دل اندر پيهي ادا تون گوش ڌر گفتار ٻُڌُ،
قرب وارا سڻ قصا، ٻي نا وري اخبار ٻڌ.

ڪن ڪرين ڪاڏي اجا، هيءَ تان حَقي هُونگار ٻُڌ،
جي ويئي وسري وري، سي تان ڪبل اقرار ٻڌ.

مرغ لاهوتيءَ [١] سندي، لتڪار [٢] ۽ للڪار[٣] ٻڌ،
طبع ڪي جا تَر [۴] ڪري، سا تال واري تارَ ٻُڌ.

هر گهڙيءَ همدم رهي، هُو هُو [٥] اها هوشيار[٦] ٻڌ،
دم دمادم دم سندا، ڪلياڻ [٧] ۽ ڪوهيار [٨] ٻڌُ.

مُنهن وجهي ”مسرور“ مونن، امر ۽ انڪار[٩] ٻُڌ،
هن دروني دم سندي، درياهه جا ڏڏڪار ٻُڌ.

---

(١) مرغ لاهوتي = روح. (٢) لتڪار = ٻچڪار، ٻولي. (٣) للڪار = سڏ.
(۴) تر = ٻري، پُر ڪري (٥) هوهو = ذڪر جو آواز، هونگار. (٦) هوشيار = سجاڳ، هوش ۾ رهندڙ. (٧) ڪلياڻ = شادمانا (هڪ راڳ جو نالو جيڪو رات جي وقت ڳائبو آهي.) (٨) ڪوهيار = ڏولڻ، دلدار، سنڌي راڳڻي ڪوهياري (ڪلياڻ ۽ ڪوهيار ٻڌ = آنند جا آلاپ ٻڌ، ڏولڻ جا وصال ماڻ.) (٩) امر ۽ انڪار = نفي ۽ اثبات، لاالله الاالله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ڏ“

## ڪافي (١)

سُڻ دل، سجڻ کي سڪ وچئون، سر ساھ واري ساڻ سَڏ،
ٻي ڪا زباني زور زاري، طالبا تڪرار ڇڏ.

دنيا سندا سانگا سَتي، ماڻهن ڪنان مُنهنڙو مَتي،
پُورج اها اک ٻي پَتي، جيئن ڪو لَکي نا لوڪُ هڏ.

گوندر گهڙيون گهارين جڏهن، بادل برهہ ٿيندو تڏهن،
پوندو وسي سو ٻيي ڪڏهن، تون رمز هڪ سان روح گڏ.

دلبر سندي ديدار لئہ، لائق رَهائڻ ينار لئہ،
دل جي اندر ديدار لئہ، پر ڪا ادا اوطاق اَڏ.

دم سان ادا تون دمُ وَنگي، جهاتيون وجهڻ جڳ جون ڇڏي،
”مسرور“ حد بيحد لنگهي، تون مُلڪ لاحد ڏانهن لَڏ.

# ”رديف ٻ“

## ڪافي (١)

چيبگڙو (١) تي ڳالهه چيڙي راهه ويندن کي نه رنڊ (٢)،
راز دل جو راز محرم ريءَ ڪنهين سان ڪين وَنڊ (٣).

حال هي سَچ تو سندو، سانڊي نه سگهندو ڪو ٻيو،
مُفت هڪ هڪ ساڻ ويهي پيچي (٤) نا مارِ پنڊ (٥).

هٿ گهمائي کي وري تنهنجو لهن تَر ياءُ (٦) تا،
سُڻ، سجاڻين کين ٿو، جي لوڪَ جي لاهين جهنڊ (٧).

هيءَ حقيقت حال جي جنهن ۾ نه خَس (٨) آهي خلاف،
هٿ رکي هيڪر نه تون هي هيانوَ پنهنجي ساڻ هنڊ (٩).

رهه سدائين صبر ۾، ”مسرور“ يا گوشي رهي،
جوش پنهنجي جا تون پنهنجي من مٿاهون چوهه چنڊ(١٠).

---

(١) چيبگرو = کيچلو، ترڙو، هلڪڙو.
(٢) رنڊ = رنڊاءِ.
(٣) ونڊ = ورهاءِ، ٻڌاءِ.
(٤) پيچي = پائيوار، سائي.
(٥) پنڊ = غلطي (پنڊ مارڻ = غلطي ڪري ويهڻ).
(٦) ترياءُ = دل جو راز.
(٧) جهنڊ = پيدائشي وار. (جهنڊ لاهڻ = منتو ڪوڙي چڏڻ، پنهنجو ڪم ڪڍي وٺڻ) .
(٨) خس = ڪک، ڏائو.
(٩) هنڊ = هنڊاءِ، غور ڪر.
(١٠) چوهه چنڊ = ڪاوڙ ڏيکار. رعب ڪر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ڏ“

## ڪافي (١)

ڳنڍ(١) ڪا نالي ڏٺيءَ، ياري سچيءَ جي يار ڳنڍ (٢)،
جيئن نہ چڪ سان ڀي ڇڇي جو، سو وري هڪوار ڳنڍ.

توَ(٣) طلب جي ساڻ تون، اُن کي ڪري سائين سڏو،
راز جو ريهو (٤) ڏئي، توڙئون ٽُٽل هيءَ تار ڳنڍ.

هڪ نظر سان ننگ پرور، عشق جي اوتي (٥) ڏئي،
چاڪُ (٦) هيءَ چولِي ٿيل، مُرشد سخي سردار ڳنڍ (٧).

شوق جو شيشو ٿيو آهي، شڪستو شور ڪان،
ڪا سچِي سائين تنهين کي لنوَ لڳائي ڏار(٨) ڳنڍ.

مهر ڪر ”مسرور“ تي نالي مني محبوب جي،
دم دروني ساڻ(٩) پنهنجي، دم سندم دلدار ڳنڍ.

---

(١) ڳنڍ = ٻَڌُ، جوڙ. (٢) ڳنڍ = ڳانڍاپو، لاڳاپو. (٣) توَ = گرمائش، گرمي، تپش. (٤) ريهو = ٽانڪو ( ريهو ڏيڻ = ملائڻ، ڳنڍڻ) (٥) اوتي = ڪپڙي ڪي اندرين پاسي ورائي سبيل ڪناري، بخيي جو هڪ نمونو (اوتي ڏيڻ = سبڻ، ڳنڍڻ.) (٦) چاڪ = ڦاٽل. (٧) ڳنڍ = سبي ڏي (چاڪ چولي ڳنڍڻ = عيب ڍڪڻ) (٨) ڏار = لار (شيشو ڳنڍڻ لاءِ ان کي پگهارڻو پوندو آهي. شيشو جڏهن ڏار ڪري هلندو تہ اڳين جيتري سان ملندو/ ڳنڍبو آهي) (٩) دم دروني ساڻ = خفي ذڪر سان، باطني حواسن سان، سلطاني ذڪر سان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ذ"

## ڪافي (١)

لکان تو رت جگر جي مان، قريبن ڏانهن هي ڪاغذ،
مُطالع ڪان سو مُحبن جي، مُشرف شل ٿئي ڪاغذ.

لِکي سڀ درد دستانو، ٻَڌي ڪنڌ ۾ ڪبوتر کي،
روانو تو ڪريان روئي، سڄڻ جي پار ڏي ڪاغذ.

اُڏر اي ڪربلا قاصد، ڪبوتر پار پرين جي،
پلائي ڪر پلا سگهڙو، نمائيءَ جو تہ ني(١) ڪاغذ.

ڪري سجدو نوائي سر، ادب ۽ عاجزيءَ سان پڻ،
رکج آڏو عجيبن جي، وڌائي وک اڳي ڪاغذ.

خدا ڪارڻ ادا قاصد، پُڄائج سو سُنت مونکي،
وراٿيءَ ۾ وري ان جي، جڏهن لالڻ لِکي ڪاغذُ.

مري "مسرور" تو ماندو، ملڻ جي لئہ منا جاني،
زباني عرض ڪج ان پر، پرين جڏهين پڙهي ڪاغذُ.

(١) ني = کڻي وڃ (نيڻ مصدر).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ر"

## كافي (١)

ڪير آهين ڏس سمجهه سياڻا، عينَ(١) اندر جا ڪولي يارَ،

ڪير اُٺي ٿو ڪير ويهي ٿو، ڪير ٿو ٻوليون ٻولي يار.

هُنئون هلي هِت آئين جيئن جو، ڦير اهو لَهُه ڦولهي يار.

ڪير مري ٿو ڪير جيئي ٿو، ڪيرٿو ڪنهن کي ڳولهي يار.

سِر صحيح "مسرور" سڃاڻج، اسم جسم جي اولي(٢) يار.

(١) عين = اکيون. (٢) اولي = آڏار، پاسيرو رکي، اوٽ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢)

جيءُ آئين نِتُ جوڳي جيئڙا، ڏيان خفي [١] ڪــو دل ۾ ڏار.

جو ڪجهہ آهين هوندين سوئي، جُونڻ جنم [٢] جو وهم وِسار.

سـوداگـر ٿـي آئـين سـيلانـي، ڪـانـہ هـئـي ٻـي تـوکـي ڪـارِ.

تـرڪ تـنـا ڪـر [٣] طـبـعـي سـارا، جـوت جـلـي ڏس آرؤن پـارِ.

اکـر انـا [٤] جي اونـهـي معـنـيٰ، ويـهـي هـيـنـئـين سـان ويـچـار.

مـسـتـقـبـل ۽ حـال مـاضـيءَ ۾، حـاضـر هـر جـا آن هـر وار [٥].

سمجهي سر "مسرور" تون سارو، مان ڪيو پيو مانجهي گهارِ.

---

(١) خفي = لڪل، ڳجهو.

(٢) جونڻ جنم = جمڻ، ٻيهر جمڻ، جمڻ مرڻ، آواگوان، پنر جنم.

(٣) ترڪ تناڪر = سيئي عناصر ڦٽا ڪر.

(٤) اناّ = اناالحق (مان حق آهيان).

(٥) هر وار = هميشہ، سدائين، جتي ڪٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

ڪري الاهي توهار يار، جوڳي چڙهيا جَبروُت(١) تي،

لوڪ سندا لاڳاپا لاهي، انگ ڀڀوتي رنگ رمائي،
برهه اُنائي بارَ يارَ.

محبت وارا مُول نہ مڙندا، لاهوت (٢) لنگهي باهوت (٣) مر بيهندا،
لڳڙن عشق لغار يار.

ناسوت(٤)منجهارون نيهي نڪري، هلي هاهوت(٥) ڪان اڳي ٿيا اُسري،
سوامي(٦) سخن سچار يار.

"مسرور" ٿيڙو بخت سوايو، مقصد من جو الله پُڄايو،
لٿڙا غم غبار يار.

---

(١) جبروت = خالق ۽ مخلوق جي حقيقت جاڻڻ، حقيقت، يوگ مارگ، سلوڪ جي ٽين منزل. مرتبہ وحدت، مرتبہ صفات، حقيقت محمدي.

(٢) لاهوت = الاهي ظهور، معرفت، برهم گيان، عالم ذات الاهي، جتي سالڪ کي فنا في الله حاصل ٿيندو آهي، صوفي طريقي جي چوٿين منزل، لاهو الاهو.

(٣) باهوت = ناسوت جو اهو سٺر جيڪو فنا ۽ حق جي احديت حاصل ٿيڻ کان پوءِ ٿيندو آهي.

(٤) ناسوت = مذهب جي پيروي، دنيا، شريعت، بوڌ گيان، تصوف جي پهرين منزل، عالم بشريت.

(٥) هاهوت = لاهوت کان مٿي جي منزل، سلوڪ جي پنجين منزل، اهو مقام جنهن طرف ڪُنت ڪنزاً مخفياً اشارو ڪري ٿو.

(٦) سوامي = مرشد، پيشوا، وشنو جو هڪ صفاتي نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

سمجھہ سالڪ ٿي سياڻو،
حرص دنيا جو نہ ڪر.

آھہ دنيا بي بقا بس چار ڏينھن چَٽڪو فقط،
ڪين نيندين پاڻ سان تون اي ادا ڪجھہ مالُ زر.

حرص ھن دنيا سندو، ڪين ايندُءِ ڪم ميان،
عشق ري اَفراد (١) تنھنجي، آ حياتي دربدر.

لوڀ لالچ ڪي وجھي، وحدت سندي درياھہ ۾،
ھار ھمت ڪينڪي، ڪيڏ ڪوڙ ڪي ساھي ڪمر.

درد وارن ريءَ نہ ڪنھن سان دوستي دانَھہ(٢) رکج،
بحث ڀي ان سان نہ ڪج، جو برھہ کان آ بيخبر.

ھيٺ ڦٽ خلقت سندي تون سِر مٿي سالڪ سھي،
عشق اُلفت جو ائين ٿي، ڏس مزو پئجيَ پڌر.

دم حياتيءَ جا تہ سيڪو، ٿو ڪري پورا مري،
موت کان "مسرور" اڳ ۾، آھہ مرڻ افضل مگر.

---

(١) اَفراد = بيڪار.

(٢) دانَھہ = داناءِ، سياڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٥)

عجب رنگ ڏنم يار، جوڙي جوڙَ جبارَ،
ڏاڍو شهر ۾ سُڪر سٽائي، گرهَ گرهَ سان ٿار.

انب پڪا ڪي ڦاروان، ٻيا ڪيوڙا ۽ ڪَچنارَ (١)،
روح ڏني تن خوش ٿئي، ڪاڏي چڙهن خمار.

ڏاڙهون ته ڏاڍا ڏيهه جا، ٿيا منڙا مزيدار،
لالڻ تن ڪان لڙي نه لنگهجاڻ، واسُ ونج هڪوار.

جمون عجائب سنگتڙا، ٿيون باداميون بِسيار (٢)،
"مسرور" مخفي آهه اهو، عالم ڪان اسرار.

---

(١) ڪچنار = وڻ جو هڪ قسم، جنهنجا گل ۽ گونج ياجيءَ طور به ڪم ايندا آهن. (٢) بسيار = تمام گهڻيون، جهجهيون.

# كافي (٦)

سالڪ ادا ڪجهہ سمجهہ ذار،
چڏ چوڪراٽي ڳالهہ ڪي،

چڏ مَڪر ڪڍُ ڪپت، اندر ڪي اُجار يارَ،
سالڪ ادا ڪجهہ سمجهہ ذار.

واذڪرِ اسمَ ربڪَ، (١)ياد ڪر وينو يارَ،
سالڪ ادا ڪجهہ سمجهہ ذار.

ذي چڏي هَٺ هوڏ ڪي، ڪنهن جي ڪر نہ پچارَ،
سالڪ ادا ڪجهہ سمجهہ ذار.

فَاماالیتیم فَلا تقهَر(٢)، ڪنهن جي دل نہ آزار،
سالڪ ادا ڪجهہ سمجهہ ذار.

"مسرور" اندر عشق جو، مَچُ منا تون ٻارِ،
سالڪ ادا ڪجهہ سمجهہ ذار.

---

(١) واذڪر اسمِ ربڪَ= ۽ پنهنجي پالڻهار جو نالو ياد ڪر. (قرآن شريف: المزمل ٧٣).

(٢) فَاماالیتیم فَلا تقهَر = تنهنڪري يتيم تي تون ڏاڍ نہ ڪر (قرآن شريف سورة الضحيٰ ٩٣- آيت ٩).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٧)

هيئن نہ جاني هجر ۾ تون برهہ جا بيمار ، مار،
واڳ وهلو يار سگهڙو، هوت ڪا هڪوار، وار.

هجر هن هاجو هٿي، تن من ڪيو سارو تباهہ،
غور ڪر غمناڪ جو، ڪو وهم غم غمتار، تارِ.

دل جگر جيرو جلي، جاني تيو آهي ڪباب،
قرب ڪر ڪاوڙ ڇڏي، هي من منا مننار، نارِ.

لهر لوڏي هن مجازي، موج جي ڪان لڳ خُدا،
باجهہ جون بانهون ڏئي، بيدل سخي پوتار، تار.

ڪا ملڻ جي ڪر منا، ڪاوڙ ڇڏي "مسرور" سان،
تو ڪريان روئي رڙي، تنهنجي پئي پيزار، [1] زار.

---

(١) پيزار = جتي، پادر، پاپوش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٨)

دلــربــا ڏي ڪــو دلاســو، لــڳ خــدا دلــدار يــارَ،
هــن وڇــوڙي نِــيــو نــهــوڙي، مــل اچــي يــڪــبــار يــارَ.

انـــتـــظـــاري بـــيـــقـــراري درد ســـر لاتـــي ڏَڙي (١)،
مـل اچـي مـون سـان مـنـا تـان غـم لـهـن غـمـتـار يـار.

دل لُــتــي لالــڻ وئــين، مــان مــفــت هــت مــانــدي مــران،
غــور ڪــر غــمــگــين جــو، نــالــي خــدا غــمــخــوار يــار.

مـن مـوهـن مـنـهـنـجـا مـنـا ، مـخـفـي اچـين تـو خـواب ۾ ،
ڏي ســجــڻ نــروار تــي، ديــدار مــون هــڪــوار يــار.

مـهـر مـان پـيـرا پـري، سـاجـن اچـي لـهـ سُـڌ سـگـهـو،
تـي جـڏي تـوريءَ جـيـئـان مـان، مِـل اچـي مـنـتـار يـارَ.

مـن مُـوهـن تـنـهـنـجـي مـلـڻ جـي، دُرس تـو جـاٺـي ڏٺـي،
رات ڏيـنـهـان روح ۾، آ ســڪ گـهـٽـي ســردار يـار.

مل اچي "مسرور" سان، سؤ پِيرجون باسيم سُڪان(٢)،
پـڻ ڪـنـدس قـربـان تـوتـان سـاهـ سـر سـؤ وار يـار.

---

(١) ڏڙي = بکيڙو، گوڙ، هُل.

(٢) سکان = منت. (سک باسڻ = نذر ڏيڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٩)

دلـبـرا نـالـي خـدا ڏيـڪـار مـون ديـدار يـار،
جـيءُ جـدائـيءَ جـهـوريـو، نـيـڻـون وهـن ٿـا نـار يـار.

آءُ اگـڻ مـنـهـنـجـي مـنـا تـون پـرت مـان پـيـرا پـري،
برهـ جي بيماري جي، سوڌل لهي وڃ سارَ [١] يار.

رات ڏينهان تات آ. تنهنجي ملڻ جي مون منا،
آءُ هلي هڪوار تون، جاني ڪري جنسار [٢] يار.

هاءِ هئہ هئہ هر گهڙي، هيهات [٣] ۽ فڪرات [٤] آ.
نـانءِ مـولا جـي اچـڻ جـو، ڪـو ڪـيـو اقـرار يـار.

حسن تنهنجي جو منا، همسر [٥] نہ ڪوئي ٿو ڏسان،
آ خدا مادح [٦] بہ تنهنجو، سونهن جا سردار يار.

هـٿ بـڌي جـانـي مـنـا مـان هـر گـهـڙي آزي ڪـريـان،
عـرض سـڻ ”مـسـرور“ جـو، نـالـي خـدا غـمـخـوار يـار.

---

(١) سار= سار سنڀال.
(٢) جنسار = هار سينگار.
(٣) هيهات = هاءِ هاءِ.
(٤) فڪرات = (فڪر جو جمع) ڳڻتيون.
(٥) همسر = مٽ، ثاني.
(٦) مادح = تعريف ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

اُتـــي ڪـــا تـــنـــدڙي تـــنـــوار،
جاڳي جارَ (١) مَون منهنجا جوڳيئڙا.

اڱـتـون سـالـڪ سُـخـن سـچـارا، سـخـت ٻُـجـهـي سـرڪـار،
اُتـــي ڪـــا تـنـدڙي تـنـوار.

الله هُـو هُـو. هُـو هُـو الله، هـيـنـئـڙي ۾ هُـونـگـارِ،
اُتـــي ڪـــا تـنـدڙي تـنـوار.

سـمـهـڻ اڳـي ئـي سـرس پـيـو آ، غـافـل تـي نـه گُـذار،
اُتـــي ڪـــا تـنـدڙي تـنـوار.

"مـسـرور" بـيـدل شـاهـه جـي درتـي، ٻـانـهـون ٻـڌي ٻـاڪـار(٢)،
اُتـــي ڪـــا تـنـدڙي تـنـوار.

(١) جار = ذوق، شوق.
(٢) ٻاڪار = رڙيون ڪر. پڪارِ، سڏ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## كافي (١١)

موج ڪئي ملهار (١)،
سارنگ (٢)رنگ لايا.

جنهن لئه سڪيا سون ڏينهن گهڻيرا،
آيو سرتيون ڳايو سهرا،
پائي ڳچيءَ ڳل هارَ،
وهوا موج ڪئي ملهار.

عالم جو ٿيو بخت سوايو،
قربئون ڪڍيو ڏُرت(٣) ڏولائو (٤)،
ڏيهه منجهان ڏاتار،
وهوا موج ڪئي ملهار.

مڙي اچو سرتيون سڀيئي،
ڳايو ٿورا گڏجي ويهي،
هاديءَ جا ته هزار،
وهوا موج ڪئي ملهار.

گاهه ٿيندا ٻي وڻ گلزاري،
ٿيندي بهاري چوڌس چوڌاري،
هرهنڌ هوءِ هبڪار،
وهوا موج ڪئي ملهار.

"مسرور" آکي محب مون ملندا،
ملي مون سان خوش ٿي کلندا،
لهندا غم غبار،
وهوا موج ڪئي ملهار.

(١) ملهار= برسات جي موسم، برسات جي موسم جو راڳ. (٢) سارنگ = جهڙالو، ميگهه، مينهن. (٣) ڏرت = افلاس، تنگي. (٤) ڏولائو = ڏک ڏاڪڙو.
(ڏرت ڏولائو ڪڍيو = ڏڪار، آفت ٽڙيو، سڪار آندو.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٢)

مُحبن سان ملي يار،
اوريندیس ڳالهيون اندر جون.

چوهي چولي درياءَ جي،
مون کي لنگهائيندو پارِ.

سوا تات تنهين جي جيڏيون،
ڪانـ اُجهي(١) بي ڪار.

دردَ دفع ڪندو دل جا،
سو سپاجهو سَتار.

"مسرور" جن لئہ آهيان اداسي،
ملنداسي هڪوار.

(١) اجهي = اڪلي، (مصدر، اجهڻ = اڪلڻ.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٣)

بَهَرِ خدا[١] دلبر، اچ اڳڻ منهنجي انوّر[٢].

توکي سدائين ساريان، ساري هنجون مان هاريان،
پئي ڪانگڙا[٣] اڏاريان، هوت توڏي هَر هَر.

تنهنجي ملڻ جي جائي[٤]، آهي وات منهنجي وائي،
جاني نہ ڪر جدائي، هلي آءُ ڊول هيڪر.

ديدار لئہ پياسو، آهيان منا اُداسو[٥]،
ڏي ڪو اچي دلاسو، پيارا پري تون پَروَر،

"مسرور" جِي منا، سڻ سجڻ هيءَ التجا،
ڪا مِهر ڪر بهرِ خدا، پيارا ڪريو پنهنجي نظر.

---

(١) بهر خدا = خدا جي واسطي.

(٢) انور = تمام چمڪندڙ، روشن.

(٣) ڪانگڙا = ڪانگ (تصغير)

(٤) جائي = سچ.

(٥) اداسو = اداس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١۴)

يار سهڻل جا سور، سرتيون مون کي سخت ستائن.

حسن جي جلوي هوش وڃايو،
گهائي دلڙي گهور(١).

وس ڪان دل وڃي تي نڪتي،
پون ٿا پلپل پور.

مولا شال ملائيندو،
محبن سان ”مسرور“.

(١) گهور = تيز نگاهه. (گهورن سان گهائڻ = ناز وارين نگاهن سان مارڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (١٥)

ڏوليا ڏڪڻ هار، مُعافي ڪر ميار [١]،
دائي آهيان در تنهنجي جي، بانهي خدمتگار.

پنهنجي ڪجو ڪا مهر موچارا، عيبن ڏي نہ نهار.

بيحد ڪيم بُڇايون [٢]، سائين لک هزار.

ڪني ڪوجهي آهيان تنهنجي، گندي گنهگار.

"مسرور" لڳو لَڙهہ[٣] اوهانجي، سونهن پريا سردار.

(١) ميار = خطا، ڏوهہ.
(٢) بڇايون = بڇڙايون.
(٣) لڙهہ = پناري، آسري.

# ڪافي (١٦)

سارنگ آيو يار، ڪري ويس وسڻ جا.

ڪالهاڪُون جو اچن ٿا سنبريا، طرف اوپر ڪان بادل پريا،
لهندو سنڌ جي سارَ.

ڪڪريون ڪئين اچن ٿيون تڪڙيون، هاڻي پون ٿيون ڦُڙ ڦُڙ ڦُڙيون،
ڪرم ڪيو ڪَلتار[١].

روهڙيءَ تي اتس دل جو رايو، سيوهڻ هلڻ جو ڪري ٿو سعيو[٢]،
وچ تي لائيندو للڪار.

"مسرور" آڪي سانگي ساريان ٿي، سدا سارنگ جيان هاءِ هاريان ٿي.
نيڻن مان نت نارَ.

(١) ڪلتار = ڪرتار، ايشور.
(٢) سعيو = جتن، ڪوشش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ڙ"

## ڪافي (١)

پير پُرجهي ڪٽج هوريان، ڪر ڦِتي طبعي (١) تڪڙ،
اڪ پَتي هل هوش سان آڏو اَٽي ڪيڙي ۽ ڪَڙُ.

سور سختيون صبر ذاري، سمجھ سمجھئون سرَ متي،
عشق جي دستور موجب، رِند نا ڪن رِيھ (٢) رڙِ.

طبع تي هي ناروا، هر هر هلائي حڪم جو،
چُست ٿي چهبڪ ڪٽي تون مرد ٿي موذيءَ ڪي تڙِ.

ويل ٿي هيءَ وٺ ڪمائي، وقت نا ايندو ٻيو،
مَرڪندين (٣) مردن جي ميڙي (٤) ڪجھ اگر هونديءِ جي هَڙِ.

مج چيو "مسرور" هاٿي، نيم ڪاري(٥) ڪم چڏي،
ساز سوني(٦) جي مٿان، ياقوت موتي لعل جڙ.

---

(١) طبعي = نفساني.
(٢) ريھ = ڪوڪ، رڙ.
(٣) مرڪندين ( مصدر مرڪڻ) خوش ٿيندين.
(٤) ميڙي = ميڙ م.
(٥) نيم ڪاري = اڌورو ڪم، مينا ڪاري.
(٦) ساز سوني = سونو ساز، دل من، خيال.

# ”رديف ز“

## ڪافي (١)

سڀ چون سولو پيا، پر اوکو آ حضرت مجاز[١]،
گهير هن گهرندو ادا، سچ رندُ [٢] ڪوئي رمز باز.

پير پُرجهي پاءِ تون کو، پوڳ ڪجهہ نا پانءِ تون سو،
لنوَ لڪي ڪا لاءِ تون جو، راند هيءَ ڪا ناهي رازُ.

چُست تي چاڙهي چڙهج، مُحڪم[٣]ڪمر ٻڌج، ڀڳڻ[٤] ٻڌج،
سور وارن کون سکج، هي تون سبق سوز و گدازُ[٥].

راهہ تي رمزي گهٽي، ڪر عجز آزي اڻ گٽي،
چا هتي سگهندو هٽي، سچ ڪير ڪوئي دم دراز [٦].

هن حد لا محدود کي، پاتو جنهين مقصود کي،
سا خبر محمود کي، جائي پيو شيدي اياز.

موت کان جو اڳ مري ٿو، هٿ تذهن اُن تي ڌري ٿو،
قرب پنهنجي سان ڪري ٿو، حسن حضرت سرفراز[٧].

چا! هجي ڪو مرد غازي، تہ بہ ڪرائي عشقُ آزي،
سڀ سندو حضرت مجازي، عشق آهي ڪارساز[٨].

هوش[٩] حيلي جو اکر، ”مسرور“ مانجهي ڏوڙ ڌر،
هن حال جو نيهي[١٠] مگر، ڪجهہ مول مطلب آهہ نياز.

---

(١) مجاز = تمثيل، فرضي، اترڏو. (٢) رند = صوفي، مست، بيپرواهہ.
(٣) محڪم = پڪو، پڪي ارادي سان. (٤) ڀڳڻ = گهٽن گٽن وارو. (٥) سوز وگداز = درد ڏک، همدردي ۽ نرم مزاجي. (٦) دراز = وڏو. (٧) سرفراز = سربلند، عزت وارو. (٨) ڪارساز= سڀئي ڪم پورا ڪرڻ وارو. (٩) هوش حيلي جو اکر= مايوسي، عقل سان ڪيل ڪوشش جي باوجود پيدا ٿيل مايوسي.
(١٠) نيهي= نينهن وارا، عاشق.

# "رديف س"

## كافي (١)

عجب يار جو آهي رنگين لباس،
سڃاڻي تہ کو کيس معنيٰ شناس.

حقيقت ۾ حاڪم، اسير- مجاز(١)،
ٿيو پاڻ محمود(٢) مَتجي اياز (٣)،
رکي اسم احمد(۴) ۾ ان ريت راز،
رهي راز ۾ مست موکي (٥) مواس (٦).

سوين پنهنجا نالا سڏائي ٿو يار،
ڪري ڪين سگهجي انهن جو شمار،
مگر يارمنهنجو سو عالي وقار،
سڏائي علي(٧) ڪٿ تہ ڪاٿي عباسُ(٨).

ڪٿي اسم آدم ڪٿي نوح نامُ،
ابيچند، (٩) قاضي،(١٠) ڪنيو(١١) ۽ شيام(١٢).

ڪٿي مست(١٣) سڏجي ڪٿي مسترام(١۴)،
ڪٿي رامچندر(١٥) ڪٿي رامداسُ(١٦).

---

(١) اسير مجاز= حسن جو قيدي. (٢) محمود = غزنيءَ جو بادشاهہ سلطان ناصرالدين ابن سبڪتگين. (٣) اياز = سلطان محمود غزنوي جو پيارو غلام. (۴) احمد = حضور پاڪ محمد صلي علي عليہ وسلم جو اسم مبارڪ، جنهن سان سندن والده ماجده مبارڪ کين سڏيندي هئي. (٥) موکي = موڪيندڙ، آزادي ڏيندڙ. (٦) مواس = بيپرواهہ، چنچل. (٧) علي = حضرت علي مشڪل ڪشا رضہ الله عنه. (٨) عباس = ابوالفضل العباس بن علي رضہ الله عنہ، عباس علمدار جي لقب سان مشهور آهي. سندس ولادت ٢٦ هجريءَ ۾ ٿي ۽ نوجوانيءَ ۾ شهداءِ ڪربلا لاءِ پاڻي پري ڪٿي ايندي کيس شهيد ڪيو ويو. سندس حق لاءِ جان نثاري عزم ۽ شجاعت دنيا لاءِ وڏو مثال آهي. (٩) ابيچند = حضرت بو علي قلندر جو نظارو (١٠) قاضي = قاضي پير محمد، شهنشاهہ بيدل سائينءَ جو نظارو. (١١) ڪنيو = فقير محمد محسن بيڪس سائين جو نظارو. (١٢) شيام = ڪرشن ڀڳوان. (١٣) مست = سرشار، بيخود. (١۴) مسترام = مجذوب. بي فڪر. (١٥) رامچندر = راجا دسرت جو وڏو پٽ. هندن جو اوتار. (١٦)رامداس = ڀڳوان جو ٻانهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خزان ۽ بهاري ٿيو ان جو سير،
عجب پيد اُن جو عجب آهه پير(١٧)،
ڪٿي عيش عشرت ۾ گهاري ڇُڳير(١٨)،
ڪٿي بي مزي ۽ گذاري اداس.

ٻئي حال ان جا، جدائي وصال،
ڪٿي آ رسيلو(١٩) ڪٿي آ ڪلالُ(٢٠)،
ڪٿي دل جو ماٺي ٿو مطلب بحال،
ڪٿي نا اميد ۽ نماڻو نراسُ.

پڙهي ڪٿ ٿو پوٿيون (٢١) ته ڪاٿي قرآن،
ڪٿي ٻار ٻيڙو ته ڪاٿي جوان،
چلي چال جيڪا هي صاحب سبحان (٢٢)،
نه سمجهي سگهي سو هي هوش و حواس.

سندم يار جا سچ عجائب هزار،
ڪجن جيئن ته پاڻيءَ جا ڪيئي اُچار،
نه پاڻي ٻيو گر ندي ڏار ڏار،
ڪٿي سڏجي سنڌو(٢٣) ته ڪاٿي بياس (٢٤).

---

(١٧) پير = نوع، نمونو. (١٨) ڇڳير = ظري وارو، ڪلنگيدار. (١٩) رسيلو = رس وارو، مزيدار. (٢٠) ڪلال = رڪو، اڻ رتل. (٢١) پوٿيون = هندن جا مذهبي ڪتاب. (٢٢) سبحان = خدا تعاليٰ کي پاڪائيءَ سان ياد ڪرڻ، خدا وند ڪريم. (٢٣) سنڌو = سنڌو درياءُ، سنڌوندي. (٢٤) بياس = پنجاب جي پنجن ندين مان هڪ نديءَ جو نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي نانءُ ناظم (٢٥) ڪٿي عبد (٢٦) جوش (٢٧)،
ڪٿي سڏجي عاشق (٢٨) سو خانہ بدوش(٢٩)،
ڪٿي نانءُ اختر (٣٠) رهي پرده پوش (٣١)،
ڪٿي آهہ يڪتا(٣٢) سو صاحب قياس(٣٣).

ڪري مات "مسرور" رهڻي رهاءِ(٣٤)،
اُهو آ اُهو آ اِهو گيت ڳاءِ،
نہ خالي جڳهہ تي ڪا ان ڪان سواءِ،
متي هين هرجا آ ان جو نِواس (٣٥).

---

(٢٥) ناظم = سنڌيءَ جو نامور شاعر، مرحوم عبدالوهاب ناظم فقير.

(٢٦) عبد = مرحوم عبدالفتاح عبد عاقلي (شاعر)

(٢٧) جوش = ميان غلام عباس قادري جوش، ماهوار اديب سنڌ لاڙڪاڻي جو ناشر.

(٢٨) عاشق = ميان واحد بخش عاشق مرحوم (شاعر)

(٢٩) خانہ بدوش = بدوي ميان فقير غلام علي مسرور صاحب.

(٣٠) اختر = معروف شاعر مرحوم خليفو محمد اختر هالائي.

(٣١) پرده پوش = لڪل.

(٣٢) يڪتا = معروف شاعر ميان علي گوهر يڪتا مرحوم.

(٣٣) صاحب قياس = رحم وارو انسان.

(٣٤) رهڻي رهاءِ = زندگي گذار.

(٣٥) نواس = ماڳ مڪان، آستان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢)

آيا پرين اڱڻ، مان، ٻلهار [١] ڪيئن نہ ٿيندس،
قربان هڪ لڱا ڇا، لک وار ڪيئن نہ ٿيندس.

مليو مون کي خزانو، اڻ کٽ آ عشق وارو،
دنيا ڪنان مان هاڻي، بيزار ڪيئن نہ ٿيندس.

لالڻ اچي جا لاتي، لنو سا لِڪڻ جي ناهي،
ناتي پو نينهن واري، نروار ڪيئن نہ ٿيندس.

دم عشق پنهنجو ماريو، بيخود رهي خوديءَ [٢] کان،
سوريءَ مٿانهون سهڄئون [٣] هَسوار [۴] ڪيئن نہ ٿيندس.

لاشي مٿانهون منهنجي الفاظ قُم بَاءذني(٥)،
پڙهندو پرين جڏهن تان بيدار ڪيئن نہ ٿيندس.

ڇم ڇم جو ڇير مان جئن قُم قُم [٦] پويم ڪن تي،
مدهوش پي هجان تہ بہ هوشيار ڪيئن نہ ٿيندس.

روزِ الست[٧] پيتم، "مسرور" پُر پيالو،
تنهن ڪيف [٨] ڪُهني [٩]سببان، سرشار ڪيئن نہ ٿيندس.

---

(١) ٻلهار = فدا، نثار. (٢) خودي = ڪبريائي، خود مختياري. (٣) سهڄئون = لاڏ مان، خوشيءَ مان. (۴) هسوار = سوار. (٥) قم باءذني = منهنجي حڪم سان اٿ (حضرت پيران پير دستگير جو مُردن کي حڪم.) (٦) قم قم = اٿ اٿ. (٧) روز الست = ميثاق واري ڏينهن، جنهن ڏينهن تي روحن کي خدا تعاليٰ چيو هو: الست بربڪم (ڇا مان اوهان جو رب ناهيان) تہ روحن چيو هو: قالو بليٰ (هائو). (٨) ڪيف = سرور. (٩) ڪهني = پراڻي، قديم.

# ڪافي (٣)

جــي درد اَتــي دل ۾ تــه ڪــو طــبــيــب ڏِس،
پــر سِــرُ ســتــي اول ۾، نــانــگــا نــصــيــب ڏس.

سِڪ جي سُتي وني پوءِ، ڪاڙهو تون قرب جو پيءُ،
ڦــڪــيــون ڦــڪــي فــراق جــون، چــرچــو عــجــيــب ڏس.

گوريون تون هي گِلا جون، وٺ عشق جي عرق سان،
ڪُشــتــو ڪــائــي قــرار جــو، جــهــنــگــل مُــهــيــب (١) ڏس.

الــفــت ســنــدو مُــفــرحّ،(٢)ڪــائــي تــون پــيــٺ پــالــج،
سِــرڪُــش (٣) ائــيــن امــر ۾، عــاشــق اديــب ڏس.

جــوشِ جــنــون جــو جــوهــر ۾ شــوق وارو شــربــت،
پــي ســوئــي پــنــهــنــجــي پَــرِ ۾ ڪــامــل قــريــب ڏس.

ناياب نسخو تولئه، طِب اڪبريءَ (۴) مان گولهيم،
"مــســرور" بــس مــفــيــد آ، مــخــزن مُــجــيــب (۵) ڏس.

---

(١) مُهيب = گهاٽو، پوائتو.
(٢) مُفرح = فرحت ڏيندڙ.
(٣) سِرڪش = قاتل، سر وننڌڙ (زهر)
(۴) طِب اڪبري = طب جو وڏو ڪتاب.
(۵) مجيب = قبول پيل، مخزن مجيب = قبول پيل ڪتاب، قرآن مجيد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

تو مُنجان [۱] ڳوڙهن سان ڌوئي يار هي رومال ڏسُ،
وَرُ سگهو وارث وري، عاشق سندو احوال ڏس.

مست تون خود موج ۾، راتا رهين تو روز شب،
ليڪ هي عاشق ويچارو، حال ڪان بيحال ڏس.

هاءِ هي تنهنجي جدائيءَ ۾ منا منهنجا پرين،
سر مٿان منهنجي جُهلِي، جاني پيل جنجال ڏس.

سوءُ سلامن سان نشاني ، تو ڏيان هي رت رڱي،
خون جي ڳوڙهن سان جنهن جو هر پلو هي لال ڏس.

ڪين ڪر "مسرور" سان ماٺا پيارل پرچ اَچ،
ڪو پَلاٽي پال پي، منهنجو نہ تون افعال ڏس.

---

(۱) منجان = موڪليان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٥)

چاتِي (١) جو ڪا چکايَوَ، مخمور ڪَيئن نہ ٿيندس،
هي پالُ جو پلايوَ، مشڪور ڪيئن نہ ٿيندس.

محروم رهان ڪيئن مان، سائين سنڌءِ نظر ڪان،
آءُ پي پلا بِرهہ سان، پرپور ڪيئن نہ ٿيندس.

شب روز تنهنجي شفقت، مون تي رهي نهايت،
لوڪن ۾ تڏهن البت، منظور ڪيئن نہ ٿيندس.

بچيوَ بره اٿانگو، ڪنهن جو رڪان چو سانگو،
نروار تي مان نانگو، مشهور ڪيئن نہ ٿيندس.

اي هوت حسن وارا، نُوري(٢) سنڌءِ نظارا،
پلپل پَسي پيارا، "مسرور" ڪيئن نہ ٿيندس.

---

(١) چاتي = اها دوا يا معجون جيڪا آگر سان چٽي وجي. (چاتي جو ڪا چکايوَ = (مخاطب) عشق جي سواد کان جو واقف ڪيوَ.

(٢) نوري = نور پريا، نور جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٦)

جوڳيئڙن لئہ، ساميئڙن لئہ،
مان جوڳڻ جڳ ۾ ٿيندس.

جو دم جيئندس جيڏيون جڳ ۾،
ياد ڪريو رت رئندس.

جنهن وات ويا ساميئڙا،
وات اُها ڪڏ ويندس.

"مسرور" ملي ساميئڙن سان،
سور اندر جا سليندس.

# ”رديف ش“

## كافي (١)

منُ موهن منهنجو منجهايو، عشقَ تنهنجي عقل هوش،
جنهن ڏئي جذبا جَڳايو، آهه جُنوني دل ۾ جوش.

عشق جا اَرباب ڏس، تنهنجي ملڻ لئه رات ڏينهن،
ٿو ڦران در در ديوانو، شهر ۾ مان سياهه پوش [١].

هجر ۽ هيهات ۾، پڻ تات ۽ فڪرات ۾،
عيش ۽ آرام دل جو، پُلجي ويو ٿم ناڻءَ نوش [٢].

ڪر ملڻ جي ڪا منا نه ته دل هٿن ڪان ٿي وڃي،
جو مچائي ٿو پيو هي دردُ دل، دل ۾ خَروش [٣].

سورُ ڏک "مسرور" جو، لالڻ وڃي هيڪر لهي،
قرب مان جي ڪا گهڙي، هيڪر اچي ٿينَ هم آغوش.

---

(١) سياهه پوش = ڪارا ڪپڙا پائي.

(٢) ناڻءَ نوش = ناموس.

(٣) خروش = ممن، فساد، بکيڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ص"

## ڪافي (١)

خَلق ڪان خوش خُلق(١) آ، دلبر منو دلدار خاص،
ذڪر هي تَنزيل (٢) ۾، موجود آ نروار خاص.

ڪو ٿيو ٿيندو نہ ڪو ثاني سڄڻ جي شان سان،
آسرو اهڙو اڏينن ۽ يتيمن يار خاص.

ڪجهہ رتيءَ ماتر نہ آهي غم قيامت جو ڪڏهن،
سِر ڪنيو سهٽل سجوئي، پيِچ لَڳن(٣) جو بار خاص.

هي لقب لولاڪَ(۴) وارو، شاهہ جي آ شان ۾،
هوت ڪي هر حال ۾ مولا ڪيو مختيار خاص.

ڪين ٿو "مسرور" گهرجي، مون ٻيوڪجهہ پي فقط،
دائمي ديدار جو درڪار ٿم ديدار خاص.

---

(١) خلق = اخلاق (خوش خلق = بلند اخلاق وارو).

(٢) تنزيل = قرآن شريف.

(٣) پيچ لڳن = پويان هلندڙن، غلامن.

(۴) لَولاڪ = رسول صلعم جن جي تعريف (جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ هي آسمان نہ خلقيان ها.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ض“

## ڪافي (١)

رس[١] داد دلبر لڳ خدا، الفت سندو آهيان مريض،
هن درد جي ڏي ڪا دوا، الفت سندو آهيان مريض.

دک سور سودا زور ٿيو، هن شوق کان شَهه شور ٿيو،
مون کي ڪيو فُرقت فنا، الفت سندو آهيان مريض.

هي حال هيڪر ڏس اچي، جو من اندر ٿو مَچُ مچي،
ڪر ڪا مِهر موهن منا، الفت سندو آهيان مريض.

دم دم لڇان ليلائيان، پهگڻ گهڻو پاڏائيان،
ڏي ڪو دلاسو دلربا، الفت سندو آهيان مريض.

ڏس حاذقن[٢] حيلا ڪَئي، سهتا ڪيا سنيون ڏئي،
شاها نه تن مان ٿي شفا، الفت سندو آهيان مريض.

”مسرور“ جا سڏڙا سُٺي، پرچي پرين گهونگهٽ کٺي،
دلبر ڪيو درسن عطا، الفت سندو آهيان مريض.

---

(١) رس = پهچ.
(٢) حاذقن = (جمع) حاذق = تجربيڪار، علاج ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢)

طالب آهيان تنهنجو منا، غلمان[١]جو ناهي غرض،
سڪ سوز جو بس ٿم سَمر، سامان جو ناهي غرض.

بي شرع ڄاڻي جي مون کي، کي بند ڪن مُلا مگر،
قيدي ٿيس ڪاڪُل[٢]سندو، زندان[٣]جو ناهي غرض.

شب روز هر پل پهرُ مون کي، تات تنهنجيءَ ڪان سواءِ،
نيڪي بدي ۽ پاپ يا، پُن دان[٤] جو ناهي غرض.

مون کي نه تا گهرجن منا، دين ۽ دنيا ٻيئي،
ڪافر ٿيو آن عشق جو، ايمان جو ناهي غرض.

تصوير تنهنجي جو تصور، روح جي ٿيڙم ورِونهه،
دل جي تڏهن ڪجهه وندر لئه، بُستان[٥] جو ناهي غرض.

"مسرور" پل مارِن مون کي، سؤ وار سچ منصور جان،
هن دور دنيا جي ڪنهين ديوان[٦] جو ناهي غرض.

---

(١) غلمان = غلام، دلپسند ڇوڪرو.

(٢) ڪاڪُل = وارن جي ڇڳ.

(٣) زندان = قيد.

(٤) پن دان = خيرات.

(٥) بستان = باغ.

(٦) ديوان = دولتمند.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ط“

## كافي (١)

بَم[١] ٻَڌي، ٻي ڏيانُ ٽي، سچ دمُ دَمائڻ آهہ غلط،
قرب ذاتيءَ ريءَ ٻيو ڪُلّ، ڪم ڪمائڻ آهہ غلط.

هن رمز واري راهہ ۾ سِرُ خود پنهنجو سعيو ڪري،
ستگر سندي هٿَ ڏسَ[٢] سوا، وکڙي وڌائڻ آهہ غلط.

زور سان دم دم خيالي طبع جي رائي لڳي،
ريءَ حلاجي حالَ جي اَنا [٣] اَلائڻ آهہ غلط.

گودڙي گيڙو مٽيا ۽ پوش پائڻ سان نہ پر،
جڳت ڌاران جوڳ جي، جوڳي سڏائڻ آهہ غلط.

هن درد جي درياهہ ۾ طالب ادا هٿڙا هٽي،
اڇلائجي اول ۾ پوءِ، حيلو هلائڻ آهہ غلط.

هاڻ تون ”مسرور“ مانجهي بس زبان کي بند ڪر،
ڳالهہ هيءَ ڳُجهہ جي ڳري ٻي کي ٻڌائڻ آهہ غلط.

---

(١) بم = آڪڙ، رعب.
٢) هٿ ڏس = هٿ وٺي سمجهائڻ ۽ اکين سان ڏيکارڻ.
(٣) انا = مان (منصور جي انا الحق چوڻ ڏانهن اشارو.)

# "رديف ظ"

## كافي (١)

عشق حضرت نا رکائي، سِرَ سامان جو لحاظ،
ديد ڏئي ڏرتيءَ ڏرائي، دين ايمان جو لحاظ.

ڏس مجازي مرد ڪيئن لحظي اندر لوڙهي ڇڏيو،
صاحبِ شرع و طريقت شيخ صُنعان جو لحاظ.

بيقراريءَ جو جنهين تي بارُ هي باري وجهي،
نا ٿئي مُطلق تنهين کي مرد مهمان جو لحاظ.

وَهَه وري حاليت حلاجي سر جنهين بخشي ته سو،
غش رهي ڪجهه نا ڪري تحرير نعمان جو لحاظ.

مان ڪيو "مسرور" ڏس هن عشق حضرت جي عطا،
تو نوازي، نا ڪري ڪو نسب نيشان جو لحاظ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢)

وهه واهه آهي مزي جي، گفتار لفظ-لفظ،
ڪلهه جا مون سان ڪَيڙَي، منار لفظ، لفظ.

ڏاڙو هنيون ڏُتاري، دم دم سان دل نمائي،
سا ناز نخري واري، للڪار لفظ، لفظ.

خاصيون سپيني خبرون، هن عشق جي اوتر جون،
ڪولي ڪٿي بڌايون، دلدار لفظ، لفظ.

هي جو مون سان منزا، مخفي ٿيا ملاقي،
پنجي وٿي شهر ۾، پچار لفظ، لفظ.

اڄ مُحبن کي وات ويندي، هوريان هوريان هلڻ مان،
سمجهي صفا صحيح مان، هيءَ تار لفظ، لفظ.

ساري عدوَ (١) جي سازش، اڄ معلوم ڪئي، مون کي،
پازيب جي پيروليءَ، چمڪار لفظ، لفظ.

خوش خبر جي سدائين، توڏي ايندي ڪتابت،
"مسرور" بس پڙهج سا، اخبار لفظ، لفظ.

(١) عدوَ = بدخواهه، ويري، مخالف.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ع“

## ڪافي (١)

جي ٿئين جوڳي تہ پوءِ سينگار ڪان ڪر تون وِداع(١)،
هٿ ڪٽي ڏوئي ٻئي سنسار ڪان ڪر تون وداع.

رهہ اها تون رهت جا آهي رهي رندن چڱي،
رهج گونگو گيان ۾ گفتار ڪان ڪر تون وِداع.

هي اکيون، ڪَنَ اي ادا چَپَ بند ڪج بلڪل ڀلا،
ٻُڌ چِڏي ٻوڙي جيان اخبار ڪان ڪر تون وداع.

سُڻ هني هڪ سر صحيح، ٻولي اندر ٻهڳڻ جيڪو،
ساز ٻئي سُرَ سارنگيءَ ستار ڪان ڪر تون وداع.

مان ڪيو ”مسرور“ گوشي پيوگهڙيون گهارج ائين،
هن دنيائي دور جي سڀ يار ڪان ڪر تون وداع.

---

(١) وِداع = الوداع، رخصت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف غ"

## ڪافي (١)

دلبرا دوريءَ سندو هي، دل منهنجي تي آهه داغ،
وڃ پياري پرت مان ڪو، وصل جو، وارث اياغ [١].

هڪ هڪ جدائي ۾ منا ساعت نہ ٿي منهنجي سري [٢]،
تو سوا جاٽي خدا بَرُ تي پانيان بُستان باغ.

تي مران ماندي اديون مان منتظر ۽ بيقرار،
ڪالهہ جو قاصد ويل هڪ هڪ اجا موٽيو نہ زاغُ [٣].

ويو ويڙهي خفقان [٤] سودا ،ڪين ٿو پيو ڪم سجهي،
هن جدائيءَ جوش ڪان آهي چڪر ۾ دل دماغ.

تيا سال "مسرور" کي هيئن ڏينهن گهاريندي ڏُکيا،
روح ۾ لک راتڙيون ۽ چست پڻ ڪندي چراغ [٥].

---

(١) اياغ= شراب جو پيالو.

(٢) سري = گذري.

(٣) زاغ = ڪانءُ، ڪانگ.

(٤) خفقان = اضطراب.

(٥) چراغ چست ڪرڻ = ڏيئو ٻاري رکڻ، ياد ۾ گذارڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ف“

## ڪافي (١)

اَج تنهنجو طبع تي تازو هي حال مُنڪَشِف،
بِ ب ڪان ويس پُلجي آڏو تيو الف.

ڏي ڪو جواب جلدي دانا، دل جهلي،
ڪيان پير ڏگها ڪاڏي ڪعبو تيو هر طرف.

پَس پيش زير بالا، ڪابي تُوڙي سَجي،
جاڏي نظر نهاريان، هڪڙوئي هڪ حرف.

نا اسم فعل ان ۾ نا جوڙُ جنس جو،
حاليت نه رهي پڻ ڪو ضمير(١) نا ظرف(٢).

جان پاڻ کي پسان ته به ساڳيو اکر سڌو،
ان الف، عناصرن کي هڪدم ڪيو حذف.

هي حال آ حلاجي ”مسرور“ مزي جهڙو،
پر وقت هن کي آهي هڪڙي گهڙي شرف.

---

(١) ضمير = گرامر موجب اسم جو جانيشن، مخفي، پوشيده.

(٢) ظرف = گرامر جي اصطلاح ۾ فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لاڳو ٿي، ان جي ريت، قدر، انداز، وقت ۽ جاءِ يا طرف ڏيکاريندڙ لفظ.

# ”رديف ق“

## ڪافي جوڳ (١)

هي حال دل جو اي ادا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق[١]،
هڪ دل ٻُڌي، ٻيو دلربا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

آهي ائين مشهور تان دل جي اندر سانديل سُخن،
جيڪي ٻـ آ دُر[٢] بي بها، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

چو متيءَ سان ايئن مَتائين بي بها ماڻڪ ڀلا،
سُڌ سمجهه ذرِ[٣] خاطر خدا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

جا ڳالهه ڳجهڙي ڳجهه سندي سهٽي سَلي[٤] لوڪون لِڪي،
سا تون ڪري واڪا وڏا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

جو دم بدم دل جي اندر تو دوُد[٥] دردن جو دکي،
سو ساندِ سيني ۾ سدا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

سڀ سوز سازو درد دوزو (٦)، صبر سان سَهُه سر متي،
هيءَ عشق جي عاشق عطا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

توکي اها تنهين پوي، هن حال جي خاصي خبر،
تي فڪر ۾ فاني فنا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

هيءَ ريت رندن جي رهي، ”مسرور“ هٿ ڪر حال کي،
نِتُ مان ۾ مانڃ مزا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

---

(١) ٻاق = ٻڌاءِ، ظاهر ڪر، سل. (٢) در = بي بها موتي. (٣) ذر = ذارِ.
(٤) سلي = ٻڌائي. (٥) دود = دونهون (٦) دوزو = پيٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ق“

## كافي (١)

كون و مَكان[١] جو مالڪ آهي جناب عشق،
فائِق [٢] ۽ فيض گنجُور [٣] فيضماب عشق.

سچ چند ڪان گهٽو ئي سَرس سو سدا،
عالم تي آهي روشن آفتاب عشق.

ساٿي سدا سچن سان هر حال رنج و غم ۾،
گمراهہ جو آهي رهبر ثاقب شهاب[٤] عشق.

آهي هڪوئي هڪڙو ثاني نہ سندس ٻيو ڪو،
مُشفق[٥] سدا مهربان آ معليٰ القالب[٦] عشق.

هادي حقيق حق پڻ هر جاءِ حاضر ناظر،
ڪُلّ شيءِ تي آهي قادر ۽ ڪامياب عشق.

هي جڳ جهان جملي ”مسرور“ ان جي رعيت،
لاريب سچ صحيح سو آهي اَرباب [٧] عشق.

---

(١) ڪون و مڪان = دنيا جهان.
(٢) فائق = فوقيت وارو، بلند، عمدو، مٿانهون.
(٣) فيض گنجور = وڏو فائدو رسائڻ وارو.
(٤) ثاقب شهاب = چمڪندڙ ۽ منور ستارو.
(٥) مشفق = شفقت وارو، مهربان.
(٦) معليٰ القالب = بلند ۽ برتر لقبن وارو.
(٧) ارباب = ڏينهن جو مالڪ، ربّ تعاليٰ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ڪ“

## ڪافي (١)

اَتي نفس نَحس بڇڙو رولي ڪيڏي تو رِڪَ (١)،
دلبو ڏئي دسي تو جاتي (٢) ڏسي تو چِڪَ (٣).

پرجڻ جو آ نہ بلڪل، بڪيو هي بي حياءُ،
پرورش لاءِ پنهنجي، ڊڊلي (٤) لائي تو ڊِڪَ (٥).

رايو رکي ڪو پنهنجو، ڪٿي ڳاٽُ هي جي هرهر،
ٻڏي ٻوڙ ڪنڌ ۾، ٻاري وجهيس ٻِڪَ (٦).

دلبا ڏئي دنيا ۾، هيءَ تو اڙايئي پر،
ڌوتي(٧)مڪار دنيا، جوني(٨) اتيئي جِهڪَ(٩).

هٿ ڪان هنيلو هوڏي، هيئن هيٺ لهندو البت،
ابتڙ تون ڪر انهيءَ جي هِڏڪ(١٠) پجيس هِڪ.

”مسرور“ مڃ نصيحت حيلو ڪجانءِ هيڪر،
سچي اٿئي سيني ۾ سائينءَ سندِي جي سِڪ.

---

(١) رِڪ = سَٽُ، ڪرفتي
(٢) جاتي = جتي.
(٣) چِڪ = چِڪڻ، گپ، گند.
(٤) ڊڊلي = پنيءَ پٺجي وجڻ.
(٥) ڊِڪ = راڙ، رنپ. (ڊڊلي ڊِڪ لائڻ = پويان پٺجي وجڻ. تابع ڪرڻ)
(٦) ٻِڪ = مصيبت (ٻِڪ وجهيس = درياه جي ڪپر ڪي جيئن پاڻي ڪائيندو آهي، تيئن گم ڪريس).
(٧) ڌوتي = ڌاڻڻ، دغا باز. (٨) جوني = ڪوڙي.
(٩) جِهڪ = اونهي کڏ. (١٠) هِڏڪ = عادت، علت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ک“

## ڪافي (١)

اُتي جُھوءِ(١) سنجھي جَندڙو، مَڪڙيءَ(٢) کي لائي مَڪُ(٣).
پر پوءِ نہ کي ٿيندو، پيٽو تہ ڪيو ڪو ڪَکُ(٤).

اُڪريءَ ۾ ڇڙي داٽا، ڇَڄ ۾ ٻہ وري ڇنڊي،
ھي پرت منجھان پيھي، اَڇِتو(٥) تہ اُڊاري(٦) رک.

ھِت ھُت تہ رلي پٽڪي، اگ وقت وڃايو تو،
وڃھہ ھاڻ اُتي ڪم ۾، ٻانھون تہ ڏگھيري ٻَک.

ڪجھہ سمجھہ سياٽي پي، سستيءَ کي ڪٽي ڇڏ تون،
ھي ڪم نہ اتي ايندءِ، جت ڪوبہ نہ ڏيندءِ ٻَکُ(٧).

”مسرور“ مدد ڪنھنجي، ڪائي نہ ڪري سگھندين،
اُت جِند ڇڏايئہ جي، تو جڻ تہ ڪٽيو ڪو لڪُ.

---

(١) جُھوءِ = ڦيراءِ، ھلاءِ.
(٢) مڪڙي = جنڊ جي مٿان ڪانيءَ جي نھيل.
(٣) مکُ = تيل (مک لائڻ = تيل ڏيڻ).
(٤) کک پيٽو ڪرڻ = محنت ڪرڻ.
(٥) اڇتو = صاف.
(٦) اڊاري = (اڊارڻ مصدر) جنڊ جي تانئر مان اتو ڪيڻ).
(٧) ٻکُ = دان.

# "رديف گ"

## كافي (١)

عـجـب عـشـق آيـل، رسـايـو آ رنـگ،
ڪري ڪيئن تو قائـل، رکـي ڍول ڍنـگ.

ڏسي پاڻ پرتئون تو پنهنجو تماشو،
وهائـي سـو وهـ واهـ عـجـب الـتـو انـگ.

سسئي [١] هير [٢] سُهڻي [٣] سهي سور طعنا،
پـيـون پَـٽ پَـڌر سـي چـڏي نـانءُ نـنـگ.

---

(١) سسئي = راجا دلوراءِ جي دور ۾، ڀانبيرواه جي پر تي نائون نالي ڀانڀڻ جي گهر ۾ جائي. سندس انگ هڪ مسلمان (پنهونءَ) سان لکيل هو، جنهن ڪري کيس پيتيءَ ۾ وجهي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائون. پيتي لڙهندي ڀنڀور جي محمد ڪتيءَ کي ملي. جنهن سسئيءَ کي نپائي وڏو ڪيو. ڪيچ مڪران جي حاڪم آري ڄام جي پٽ پنهونءَ سان سندس شادي ٿي، شاديءَ رات پنهونءَ جا ڀائر پنهونءَ کي موٽائي وٺي ويا. جنهن جي ڪڍ سسئي ڀنڀور ڇڏيو ۽ جهنگ جبل جهاڳيائين ۽ جبلن ۾ ئي پراڻ ڏنائين.

(٢) هير = پنجاب جي علائقي جهنگ سيال ۾ چوچڪ جي گهر ۾ جائي، تخت هزاري جي رانجهوءَ سان سندس نينهن ٿيو، پر سندس شادي سعد خان سان ٿي. عشق جي شان ۽ خوشبو کي برداشت نه ڪري هير کي زهر ڏنو ويو.

(٣) سهڻي = سترهين عيسوي صدي ڌاري، تُلا نالي ڪنڀار جي گهر ۾ جائي، مائٽن سندس شادي سندس سوٽ ڏم سان ڪرائي پر سهڻيءَ جو نينهن ميهار سان هو، جنهن سان ملڻ لاءِ درياءَ پار ڪري ويندي هئي. هڪ ڏينهن نڻانس سندس پڪي جي جاءِ تي ڪچو گهڙو رکيو، جنهن سبب ميهار سان ملڻ لاءِ درياءَ ۾ لٿي ته ڪچو گهڙو ڀُري پيو ۽ سهڻي درياءَ جي ڇولين ۾ وصال ماڻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُتي سيج سيتل(۴) سان مومل(۵) مُني،
رُنـو راج راڻـو(٦) پـيـو زور زنـگ (٧).

ونـي هـار ويـنـي وجـائـي سـا وَرَ كـي،
لُڇي هانءِ لِيلا(٨) پڇي جيئن پتنگ (٩).

اها مامَ (١٠) مانجهي پروڙي پريـنءَ جي،
كيو مان "مسرور" چوريج چنگُ (١١).

---

(۴) سيتل = كومل، ستر واري، سومل: مومل جي ڀيڻ جا جادوءَ جي فن ۾ هوشيار هئي.
(۵) مومل = پندرهين صدي عيسوي ڌاري لداڻي (جيسلمير) جي هڪ سردار راجا نند جي گهر ۾ جائي، راجا نند کي ڪل نو ڌيئر هيون. پيءُ ڪان مليل جادو جو ڏند وجاڻڻ ڪان پوءِ مومل لداڻي جي ڀرسان ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي طلسمي رنگ محل بنائي رهڻ لڳي، جتي سندس محبت راڻي ميندري سان ٿي. هڪ رات پنهنجي ڀيڻ سومل سان ستل هئي، جنهن جي شڪ ۾ راڻو ساڻس رسي ويو، مومل پنهنجي ستر جي ثابتيءَ لاءِ باهه جو وڏو مچ ٻارائي ڏاگهه تي چڙهي.
(٦) راڻو = امر ڪوٽ جي حاڪم همير سومري جو وزير هو ۽ سندس سالو به هو، مومل جي حسن ۽ عقل جي تعريف ٻڌي ڪاڪ ڪنڌيءَ جو سفر ڪيائين ۽ پنهنجي ڏاهپ سان ڪاڪ جو طلسم ٽوڙي مومل ماڻيائين. مومل سان رسامي جي ڪري جڏهن ڪيس خبر پئي ته مومل ڏاگهه تي چڙهي آهي ته پاڻ به پتنگ وانگر، ان آڙاهه ۾ ٽپو ڏنائين ۽ پنهنجو ساهه صدقي ڪيائين.
(٧) زنگ = ڪَٽُ، ڪَسُ.
(٨) ليلا = ديبل ڪوٽ مڪلي ٽڪري جي ڀرسان واري راجا چنيسر داسڙي جي زال هئي. ڊِت (ڏڄ) جي راڻي ڪنگهار جي ڌيءَ ڪونئرو جي هڪ هار تي، هرڪجي وَرُ سندس حوالي ڪيائين. انهيءَ نو لکي هار جي ڪري چنيسر جي دل تان ڪري پئي، باقي زندگي روح راڙو ڪيائين، نيٺ مري مهت لڌائين.
(٩) پتنگ = پروانو. باهه جي مچ يا روشنيءَ کي ڏسي انت آٿيندڙ ساهوارو، عاشق.
(١٠) مام = ڳجهه، راز.
(١١) چنگ = وات وٽ ڏندن ۾ جهلي آڱر سان وڄائڻ جو ساز (چنگ چورڻ = پنهنجي ڌن ۾ مست رهڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ڳ"

## ڪافي (١)

اُتي جاڳ، اُتي جاڳ، وقت تو وجيئي،
سالڪ ادا سمجھ ذار.

ڦِتي ڪر نند، اُتي اوڙ(١) ميان،
تي سجاڳ، تي سجاڳ.

نند نشاني عاشق ميان،
آهي نياڳ، آهي نياڳ.

هتي ڏينهن قيام جي تون،
لهين لاڳ (٢)، لهين لاڳُ.

"مسرور" سمر(٣)اڳي لئہ ناهج،
هي نہ تي ماڳَ، نہ تي ماڳ.

---

(١) اوڙ = (اوڙڻ مصدر) دل جو حال ڪر، ڏک سک بيان ڪر. (٢) لاڳ = عيوضو، محنتاڻو. (٣) سمر = سامان.

# ڪافي (٢)

اُٿي ڙي جوڳي جاڳ،
صبح ٿيو ٿي سمهڻ ڇڏي ڏي.

سمجهه سياڻا چيتن(١) لائي،
اٿي ننڊ نياڳ.

جُهدؤن(٢) نام جپي(٣) وٺ پوءِ تان،
ماڻين سيج سهاڳ (٤).

متان اُيري ڏينهن، ڏکي تون،
ڏسين ڏک ڏهاڳ(٥).

هي جڳ آهه "مسرور" مڙوئي،
مانجهاندي جو ماڳ(٦).

---

(١) چيتن = ڌيان، چتَ.
(٢) جهدئون = ڪوشش وٺي.
(٣) جپي = پوڄي، وردُ ڪري.
(٤) سهاڳ = سياڳ، ڀاڳ (سيج سهاڳ ماڻڻ = عيش ۽ آرام حاصل ٿيڻ).
(٥) ڏهاڳ = اڀاڳ، نياڳ.
(٦) مانجهاندي جو ماڳ = ٿوري وقت جو نڪاڻو.

# ڪافي (٣)

رُسائن جي راڻو، جُنيون(١) تن جو جوڳ(٢)،
پَلئہ پل سي پائن روئڻ رنج روڳ.

ڪيو هئہ هئہ هٿي هٿ مومل مُني،
رکيو راز جو جنهن ولهيءَ هڪ وڇوڳ(٣).

ڏسي نياز نوريءَ جو صاحب سَمي،
ڪيو معاف تنهن جي مُلڪ تان انوڳ(٤).

رکيو ڏِڍُ(٥) ليلان سُهڳ(٦) جو صحيح،
وئي هار وَرُ سا قُرائي تي قوڳُ(٧).

رکج ياد نُڪتو هي "مسرور" مانجهي،
محبت ۾ اصلي وجهي ينڳ(٨) يوڳُ(٩).

---

(١) جنيون = عقوبتون، خواريون، ملامت، ڦٽڪار.
(٢) جوڳ = سزا، نصيب.
(٣) وڇوڳ = جدائي، ڦوڙائو، وچ وارو لڪل .
(٤) انوڳ = انون حصو.
(٥) ڏِڍ = آسرو، ٽيڪ.
(٦) سهڳ = سهاڳ، سياڳ.
(٧) ڦوڳ = بي فائدو، اجايو (ڦوڳ ۾ ڦرائڻ = اجايو پاڻ ڦرائڻ).
(٨) ينگ = نشيدار بوٽي، سکو.
(٩) يوڳ= مذاق، چرچو. ينگ واپرائيندڙ شخص. سنجيده ڳالهہ کي بہ يوڳ سمجهندو آهي (ينگ يوڳ وجهڻ = (اصطلاح) ڦيتاڙو وجهڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف گهہ“

## ڪافي (١)

روح ۾ راتيان ڏينهان مون، تنهنجي آهي تار تانگهہ[١]،
تو بنا جاڙي خدا بي، ڪانہ ٿم منتار تانگهہ.

جو دم هوندس جيئرو منا، يا مُئي ڪان پوءِ پِي،
بس فقط رهندي مون کي، ديدار جي دلدار تانگهہ.

حور جنت، دين دنيا، عشق ايمان ۽ صحت،
وڃ انهيءَ عطيي ڪنان، سمجهان سندءِ صد بار تانگهہ.

سپ فنا جا فيض هيءُ، مون هر پلڪ حاصل آهن.
جوش ڏياري نت نوان جئن هر گهڙي هر وار تانگهہ.

ڏس عجائب دم وڏو، طاقت تصور جِي رکي،
هڪ دم ڪري همدم وري، تَرڪي[٢] پيا تڪرار تانگهہ.

رهجي اچي ”مسرور“ جي، شل يار ياراني ائين،
آسرو مون لئہ اَجهو آهي تڳا آذار تانگهہ.

---

(١) تانگهہ = چِڪ، سڪ، اڪير.

(٢) ترڪي = ترڪ ڪري، ڇڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف گَ“

## ڪافي (١)

مُلڪ ۾ پنهنجي ميان، توکي سوين سردار سَگَ(١)،
مُنج(٢) واري ماڳ تي، مارن سندي هيءَ مِير مگَ(٣).

ظلم جڏ زوري ڪٽي، ڪجهہ سوچ ڏِس دل ۾ ڪري،
سئو سڪندر جيهڙا، داخل ٿيا ڌرتيءَ ۾ ڌِگَ(٤).

سومرا سردار تون، ايڏي ابوجهہ سان نہ ڪر،
سُڻ سنائن ڪين ڪنهن کي، جي چوائن مرد چگَ(٥).

بافتا بخمل سنڌءِ پڻ پَٽَ پٽيهر ڪيمخاب،
ساهہ سبائن نہ سي، سهٽا اگر ٿن رنگ رگَ(٦).

شل ڪندو ”مسرور“ سگهڙو ڏينهن سو ڏاتر(٧) وري،
تان پسي هڪ وار مارون آءُ نري(٨) ٿينديا س ٻگَ(٩).

---

(١) سگَ = رشتا.
(٢) مُنج = موڪل.
(٣) مگَ = مگينديِ.
(٤) ڌگَ = بهادر، زوراور.
(٥) چگَ = چڱا.
(٦) رگَ = رگيل.
(٧) ڏاتر = ڏيڻ وارو، خدا تعاليٰ.
(٨) نري = ٺڏي ٿي، خوش ٿي. نرڻ = (مصدر) ٺڏو ٿيڻ. پرسڪون ٿيڻ.
(٩) ٻگَ = خوش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف ل“

## ڪافي (١)

خيالَ (١) سان هي خيالُ(٢) آهي، رک خيالَ(٣)تي قابض خيالُ (۴)،
خِيالَ (٥) لاهي خيالُ لائي، لهه خيالَ جوخاصو حوال،

خيالَ (٦)ڪندي خيالَ لئه، هن خيالَ ۾ گذريئه عمر،
پيو پڇين خود خيال تي، تون خيال جو سڀ ڪان سوالُ.

خيالَ هن مون خيالَ ڪي ئي، خيالَ تي پيڙا خيالَ،
خيالَ سي خارج اتئي ڪُلَ، خيالُ هڪ آ خوشخيالُ.

خيالُ ڪر ڪو، خيالَ پر، تيءُ خيالَ تي خاطر جمع،
خيالَ وارا، خيالَ ان مون، پس خداوند ذوالجلالُ.

ڳالهه سڻ ”مسرور“ منهنجي، هيءَ، خلاصي خيالَ جي،
خيالَ ريءَ تون خيالُ رکجان خيالَ مون لهندين خَيالُ (٧).

---

(١) خيال = توجه، ڌيان.

(٢) خيال = خدا جو خيال، تصور.

(٣) خيال = دم جو خيال.

(۴) خيال = ڌيان.

(٥) خيال = دنيا جو خيال، وهم.

(٦) خيال = ويچار. فڪر.

(٧) خيال = خدا تعاليٰ جو وصال. (جنهن لاءِ سچل سائين فرمايو آهي ته مٿن تان اڪ خيال هان، ليسان، نال خيال دي).

# ڪافي (٢)

سرتيون سانگين ريءَ، جيڏيون هوتن ريءَ،
ساعت پانيان سالُ.

ڪاڪيون ڪَڙهي ڪارو ٿيو،
رت رڳن جو لالُ.

پانڌي پِرَ ڪي وجي سٺائج،
هي سورن جو احوال.

نينهن نهوڙيو جيڏيون،
برهه ڪيو بيحال.

موهن ريءَ "مسرور" سندو،
جالڻ آهه جنجال.

# ڪافي (٣)

مفت چو ماري مٽا ، پنهنجو وڃائين حال قال[1]،
اصل[2] ڏس پنهنجو پلا ، جنهن جو نہ مٽ ڪوئي مثال.

دل سڃاڻج پاڻ تون، ماري مٽيءَ جو ماڻُ[3] تون،
هي صفا سچ ڄاڻ تون، تان ذات تنهنجي لا يزال[4].

وقت تو پنهنجو وڃائين، شاهه[5]تون ڪنهن کي تو پائين،
جو پڇين تو سوئي آهين، پاڻ تون صاحب جمال.

سڌ ڪيم توسان ڪري، جنهن ۾ تفاوت نا ذري،
ڳالهه منهنجي هيءَ ڳري، ڳوتي ڳٽي[6] ڪر ڪو خيال.

پول نا پانئج ٻيو، دل جي اندر پائج ليئو،
جي گهرين خاصو پيو، "مسرور" محبن جو وصالُ.

(١) حال قال وڃائين = برا حال ڪرين، ارمان ڪرين.
(٢) اصل = حقيقت.
(٣) ماڻ = ماڻو، لاڏ، (مٽيءَ جو ماڻ مارڻ = جسم جا انگل آرا ختم ڪرڻ).
(۴) لايزال = سدائين، مدام رهندڙ.
(٥) شاهه = وڏو، بادشاه، حقيقي بادشاه.
(٦) ڳوتي ڳٽي = سوچي سمجهي، ڳڻ ڳوت ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (۴)

ڪنڌ ۾ ڪشتو [1] منا پائي رلهي، تون ڪين رُلُ،
هٿ ڪري هڪ وَرُ [2] پلا ات شوق جو لائج شُغل.

مان ۾ تنهن در متي، جي تون گذارين تان پلا،
پاڻهين پائين پَلوَ ۾، من سندو مقصود ڪُلُ.

آ مڙئي موجود هت، ٻي وارِ تون چاڪون وجين،
چو پيو دانهون ڪرين، در در ڪتي دانهہ [3] ڏُهل.

هيءَ حقيت حال جي، توسان ڪيم خاصي ڪَري،
رک يقينون يار ان تي، ڪين ڪنهن ٻي پول پُل.

عشق ۾ "مسرور" تنهنجو نانءُ هر جا ويو هُلي،
گرچ تي مشهور دنيا ۾ ويو "ديوان گل" [4].

(١) ڪشتو = هڪ زهريلي دريائي ناريل جو ڪوڪو. گداگرن جي پنڻ جو ٿانءُ،
(ڪنڌ م ڪشتو ءِ رلهي پائي رلڻ = دردر جا ڌڪا کائڻ، اجايو وقت وڃائڻ).

(٢) وَرُ = مالڪ.

(٣) دانهہ = سياڻا.

(۴) ديوان گل = شاعريءَ جو مجموعو.

# "رديف م"

## ڪافي (١)

نينهن تون نا ميان ڳٽين، تَقطيع (١) لئہ تڪڙو تمام،
عقل م اڙجي پوين پوءِ عشق تي ڪيئن تو انعام.

ترجمن مان تِر بہ هڪڙو، ڪين ورندو ڪو وري،
مفت گوندر م گذارڻ صاف سو سوداءُ خامُ.

جئن تہ فَعلن فاعلاتُن ريءَ نہ ڪجهہ تو پڙِ پيو،
هي فن(٢) اڪثرمون ڏنواج ڪلهہ تہ آهي خاص وعام.

هِت هُتي ويهي هٽي لافُون (٣) وجائين وقت تو،
تار سان تون تي يگانو، ياد ڪر موهن (٤) مُدام.

عشق وارو عيش جي، "مسرور" ماڻڻ تو گهرين،
مڄ نصيحت مون سندي ڪر هٿ ٻڌي سڀ سان سلام.

(١) تقطيع = ٻج گهڙڻ، شاعريءَ جي وزن بحر جاچڻ وارو عمل.
(٢) فن = شاعراڻو فن، علم عروض.
(٣) لافون = ڪوڙ ٻناڪون.
(٤) موهن = موهيندڙ، ڪشش ڪندڙ، مفتون ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢)

چو سرد آهون سوز مان اي دل پرين ٿي دم بدم،
لاتقنطوا[١] سي نيث ملندا، چو ڪرين چالاءِ غم.

هي ياد ڪر منهنجو چوڻ، مَهمير [٢] توڙي لک مڙن،
پِر ريءَ پسڻ جي، روح پيي، ٿيندو نه هَڏِ راهي عدم [٣].

پلپل پُڇين رملي [٤] نجومي[٥]، جوتشي[٦] مُلاّ پيو،
هي سڀ دلائل دور ڪر پڻ فڪر فردا [٧] جو ختم.

ڪر صبر تون سهه سور دُک، جو هي مڙئي آ امتحان،
واڪا وڏا رڙيون ڪرڻ، بُڌ، هي ڪَچَن جو آهه ڪم.

انجام سو وَلَسوف [٨]وارو، پاڻ پاڙيندو پرين،
هن موج ۾ "مسرور" رهه تون نت پيو خندان خُرم.

---

(١) لاتقنطوا = (لاتقنطوا من رحمةالله) الله جي رحمت مان نا اميد نه ٿيو.
(٢) مهمير = دلير، داناءَ.
(٣) عدم = فنا جي ملڪ.
(٤) رملي = اڳڪٿي ڪندڙ. (رمل = هڪ علم جو نالو جنهن جي وسيلي غيب جي خبر ٻڌائجي.
(٥) نجومي = (نجم = ستارو) ستارن جي اثرن جو حساب لڳائيندڙ .
(٦) جوتشي = ستارن جو علم ڄاڻيندڙ. (جوتش = آسماني ستارن ۽ گرهن جو علم)
(٧) فردا = سڀاڻي.
(٨) ولسوف = (ولسوف يعطيڪ ربڪ فترضيٰ) اينرو الله توکي ڏيندو جو تون راضي ٿيندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

دم دم ۾ ذڪر دم جو، دم ريءَ آ ڪهڙو دم،
سڀ ڪم ۾ فڪر غم جو، غم ريءَ آ ڪهڙو ڪم.

جي ڪَنز دُر(١) پڙهي ڪو، داناءُ ٿيو تہ چا،
آهي سا فهم ڏاران سڀ سمجهہ سُڌ عدم.

ڏنڌا جهان ۾، توڙي ٿيا لکين،
واپار سڀ بيو آ، وحدت ڪان پوءِ تَمُ (٢).

تقويٰ(٣) تي زُهد (٤) تي ڪي زاهد رکن جي زور،
بينا ڪري بهانو بيسود سي تہ بَمُ (٥).

اوکو عيان ٿيو سڀ "مسرور" مون مٿان،
هن بحر عشق جي مان پيتم جو جام جمُ(٦).

---

(١) ڪنز دُرَ= فقہ جا ڪتاب.

(٢) تم = تمام، ختم.

(٣) تقويٰ = پرهيزگاري، خدا جو خوف.

(٤) زهد = پارسائي.

(٥) بم = رعب، آڪڙ.

(٦) جام جم = اهو پيالو جنهن ۾ آئيندي جو حال معلوم ٿي سگهندو آهي.
(حڪيمن، جمشيد بادشاهہ لاءِ تيار ڪيو هو)

# ڪافي (۴)

عشق وارن عيد ڪئي، اڄ خشڪ ملان خار ۾،
پيو سڙي ڪامي پڇي، اندو انهيءَ آزار ۾.

هيءَ سٺي خاصي خبر دانهون ڪري سنسار ۾،
ٿو لکي عرضيون اجايون ليک لک اخبار ۾.

جو ڪري بيشڪ ڪري، ڪجهه نا اٿن اختيار ۾،
دم بدم آهن سندم ديدان مني دلدار ۾.

مهمير هي مانجهي ميا ٿيا وصل جي ويچار ۾،
ڏس هي مُلو هتِ مري پيو مصطفيٰ جي مار ۾.

ڇڏ مُلان شوخي اجائي، آءُ لنگهي اعتبار ۾،
ڪر ڦِٽي تون هتُ هيا [1]، رک هڪ يقينو يار ۾.

پي پيالو تان پَوئي ساري خبر خمار ۾،
مَج چيو "مسرور" جو تون پئه نه بيءَ پچار ۾.

---

(١) هيا = پِٽيا، پٽيلَ.

# ڪافي (٥)

واڳ وهلو (١) وارِ، فاني ٿي ويس فڪرات ۾،

يارجاني ڪج اچڻ جي، چڏ چنڻ جي، ڪرڳنڊڻ جي،
رات دن آريءَ (٢) ملڻ جي، بي نه وائي وات ۾.

هاءِ حيراني اٿم، دل دوست ديواني اٿم،
وهُه عيش سڀ جاني اٿم، مون تار تنهنجي تات ۾.

جلد جاني ڪر ورڻ، جنجال آهه توبن جيئڻ،
رات ڏينهان آ روئڻ، مون هجر جي هيهات (٣) ۾.

ڪر ڪا مهر "مسرور" تي، دلبر دل رنجور تي،
موهن منا معذور تي، تون وقت دم سڪرات ۾.

---

(١) وهلو = جلدي، تڪڙو.

(٢) آري = هوت، پنهل، محبوب.

(٣) هيهات = هاءِ افسوس.

# ڪافي (٦)

جاني ڪا جو ٻاري وئين، آڳ مون اندر ۾.

دام دل کي ڊولڻ پائي، رمزن سان ھي روح ريجھائي،
جھانيون پائي ڪاتيون لائي، جانب وئين جگر ۾.

اندر آڳ عشق جي، ڀڙڪو ڏئي ڪو ڀڙڪي،
ھيءَ زندگي زھر ٿي، سھڻا سندءِ فڪر ۾.

ڳوڙھا ڳلن تي ڳاڙيان، راھون تنھنجون نھاريان،
ٻلپل ٻئي ٻُڪاريان، توريءَ منا ھجر ۾.

جو دُود دل ۾ دکيو، ھر پل وجي ٿو وڌيو،
"مسرور" جو آھ ڏکيو، گھارڻ گھڙي صبر ۾.

# ڪافي (٧)

ڪري چُپ سَهُه ستم بلبل، نه ڪر فرياد پڃري ۾،
پئي ڏس قدرتي پلپل، سيو روئداد پڃري ۾.

نه آهي ماڳ هي تنهنجو، گهڙي دم ليڪ پرڪا[١] لئه،
ڪيو آ بند توکي هت، ڪٺي صياد [٢]پڃري ۾.

اجايو تي ڦرين ڦٿڪين، مٿو ماري ڦَٿين سِر تي،
عبث نڪرڻ تنهين جو، جا پيبل فولاد پڃري ۾.

تصور گل سندو ليڪن رکي، دل جي اندر دم دم،
ڪيو گُت گُت، وجائج تون، اَنحد نادُ[٣] پڃري ۾.

ڪري تون صبر شڪرانو، رهج راضي رضا تي نِتُ،
طرح تنهن سان ٿئي البت، دلاسو داد پڃري ۾.

اڙي جوڳي(۴) جلاوطنيءَ ۾ رهه، "مسرور" ۽ شادان،
سدائي عشق توسان ساڻ آهه اُستاد پڃري ۾.

---

(١) پرڪا = پرک، امتحان.

(٢) صياد = شڪاري، ماري.

(٣) انحد ناد = آواز جو قسم، دائمي ذڪر يا سلطاني ذڪر جو آواز.

(۴) جوڳي = پرسرام جوڳي: فقير مسرور جو دوست، جيڪو ورهاڱي جي لڏ پلاڻ ۾ هندستان هليو ويو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ن"

## ڪافي (١)

آءُ اگڻ من موهن جاني، تولڻ پيئي نهاريان،
ڪانگ اُڏاريان.

راتيان ڏينهان پئي روح پنهنجي ۾، هار هنجن جا هاريان،
ڳوڙها ڳاريان.

دم دم ۾ مان دلبر سائين، سهڻل توکي ساريان،
هوت سنڀاريان.

واڪا ڪريو پئي واڻن تي مان، ڪيچي تي ڪوڪاريان،
يار پُڪاريان.

اسمَ تنهنجي جو يار اندر ۾، ويني اکر اُچاريان،
پرت تي پاريان.

تنهنجو مان "مسرور" فراقي، گوندر ۾ تو گهاريان.
حُجت نه واريان.

# ڪافي (٢)

جسم جي پڃري ۾، مان پَرَ ڪوليان، لڪين ٻوليون ٻوليان،
جاني ٻوليان.

پاڻ پسان پيو پاڻ کي پنهنجو، جاڏُنهن اکڙيون کوليان،
جاني کوليان.

هُتئون هِتي مان ڇاتي آيس، ڦير اُهو تو ڦولهيان،
جاني ڦولهيان.

پنهنجو پاڻ پسڻ هِت آيس، ڳالهه نه ٻي ڪا ڳولهيان،
جاني ڳولهيان.

"مُرغ"(١) آهيان "مسرور" لاهوتي(٢)، ڇهنب ڪئي چپ چوريان،
جاني چوريان.

(١) مرغ = پکي.

(٢) لاهوتي = اِلاهي عالمَ جو روح.

# ڪافي (٣)

تنهنجي ديدن ڪيا ديوانَ[(١)]، جنَ مَلَڪ انسانَ ميان.

حضرت حسن تنهنجو هزاري، ڪري وصف سگهي ھيءَ ڇا ويچاري،
سوين سنڌءِ ثنا خوان، پرندا توڙي حيوان ميان.

حسن تنهنجو نور جو تجلو، شاهه شمع جو جڻ ڪو شعلو،
مانجهي لک مستان، دارا[(٢)]جيها لک دربان ميان.

جبريل جاني تنهنجي در تي، خاصو خادم سواءِ زر جي،
گولا اڳيان غلمان، حوران بہ ڪيو حيران ميان.

توحيد ڪلمو قمريون[(٣)]توتي، جاني پڙهن پيون ڪنڌ اونڌي،
ڳُت ڳُت ڪيو سبحان، بلبلون منجهہ بُستان ميان.

ڪري وصف سنڌءِ ڇا، "مسرور" سگهي، جوسوز هجر ۾ وهلور[(٤)]وجي،
ڪئي قادر منجهہ قرآن، ساري صفت سنڌءِ بيان ميان.

(١) ديوان = ديوانو.
(٢) دارا = ايران جي هڪ بادشاهہ جو نالو.
(٣) قمريون = (جمع) قمري = هڪ پکي، جيڪو ڪبوتر جهڙو نرم سياءُ وارو ٿيندو آهي.
(٤) وهلور = ماندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

آيو جوڳي[١] پرتئون پهري، خاڪي خاص لباس ميان،
ڪاٿي مالڪ روءِ زمن جو، ڪاٿي ريواداس[٢] ميان.

آيو سانگي سير جي، ڪنهن قرب ڪاٿانڊو[٣]ڪيو،
نالو نينهن نماڻو[۴]، ڏسي آستان آڪاس ميان.

واهه پيڊ عجب برهين، سڀ سير ۾ سمايو،
ڪٿي تقويٰ ورد ۾، ڪٿ جٽيا ڳل ردراس[٥]ميان.

ڪاٿي صابر شاڪر ٿيو، ڪاٿي تہ آهي چشم زار،
ڪٿ قراري تخت تي، ڪٿي نانگو ڦري نراس ميان.

ڪاٿي عالم فاضل ٿيو، ڪاٿي جاهل بيخبر،
ڪاٿي مُعلم مولوي، اجا ڪٿ ڪري اپياس ميان.

هي حيرت جهڙو حالڙو، جوڳيءَ سندو جاچي ڏسج،
هيڪر وڃائي حسرتا، هي هوش ۽ حواس ميان.

سهسين نالا سر پنهنجي، جوڳيءَ جا ئي ڏرايا،
"مسرور" ساڳي صورت ۾، احمد ڪٿ عباس ميان.

---

(١) جوڳي = جيڪو پنهنجو ڏيان ڌڻيءَ سان ملائي، ڪامل، زاهد.
(٢) ريواداس = فقير ريواداس.
(٣) ڪاٿانڊو = اوسيئڙو.
(۴) نماڻو = نماڻو فقير.
(٥) ردراس = ڳتونيءَ جا داڻا، دوا طور ڪم ايندڙ هڪ قسم جو پسارڪو وکر.

# ڪافي (۵)

جاني تنهنجي ڪاڻ، پــچــا يــان پــتــون پــاڻ،
جـــاڻـــي ٿـــو الله، صـدقـو ڪـريـان سـاهـ،
سـر گـهـوري گـهـمـا يـان.
مــفــت وئــين مــاري، ڳــڻــتــين چــڏيم ڳــاري،
واڳ وطــــــــن واري، اڱــڻ مــنــهــنــجــي آءُ،
تـولـئـہ پـيـا سـڻ آهـيـان.
روئـــي روئـــي رت، لـــڳـــن چـــڏيـــو ســـت،
مـلـنـدو جـانـب جـت، ڏاڍو اتـــم چـــاهـــــ،
ويـــنـــي قـــارون پـــا يـــان.
ڪـنـي تـوڙي ڪوجهي، "مسرور" آهيان مُحبن جي،
ڪـندا نـذر پـنـهـنـجـي، مـجـال مـنـهـنـجـي نـاهـ،
سـيـنـو نـہ ٿـي سـاهـيـان.

# ڪافي (٦)

آهي مُحبن جي منڙي بات ميان،منهنجا دانهہ ماٺهو ديس جا.
مولا مـلائـيـنـدو شـال انهن سان، هردم اها ٿم تات ميان.
عرض عجيب ڪي آهہ اهوئي ، رهي وجي هڪڙي رات ميان.
بـول جـنـهـين جـو بـلـبـل ڳـنـڪـو، واهـ وٽـي هيءَ لات مـيـان.
"مسرور" ڪوئي فڪر نہ ڪر تون، پرين ايندا پريات ميان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۷)

پارس پرين آهين اڳي پوءِ منهنجو،
هاڻي لوهي کي، سڄين (۱) نہ سڄين ميان.

واجب آهون ڪرڻ اسانکي،
مرضي تنهنجي،مڃين نہ مڃين ميان.

اڄها آندم ڪپهہ گڏ ڪڪڙا (۲)،
تنهين کي وٽئي تون تُڃين(۳)نہ تڃين ميان.

روحڪ روحي(۴) ساهہ سيبائين،
پري پنهل توڙي، وڃين نہ وڃين ميان.

"مسرور" توکي صحي سڃاتو.
پولو ميم(۵) جو، پڃين نہ پڃين ميان.

---

(۱) لوهي کي سڄين = لوهہ کي سون ڪرين، نسبت رکين.
(۲) ڪڪڙا = وونڻن جو ٻج (ڪپهہ گڏ ڪڪڙا = ڪڪڙن واري ڪپهہ، اڻ تڃيل ڪپهہ.)
(۳) تڃين = صاف ڪرين.
(۴) روحڪ روحي = حضور صلعم جي حضرت علي ڪرم الله وجه لاءِ حديث (لحمڪ لحمي، جسمڪ جسمي، روحڪ روحي = منهنجو ماس تنهنجو ماس آهي، منهنجو جسم تنهنجو جسم آهي، منهنجو روح، تنهنجو روح آهي.)
(۵) ميم = انا احمد بلا ميمي ڏانهن اشارو. يعني "مان احمد آهيان ميم کانسواءِ." حديث قدسي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٨)

ڪوڙي ڪچي بدڪار، ڏولڻ سائين تنهنجي آهيان.

اوڻ اجهومون تنهنجوآهي،ٻي در وڃان مان ڪهڙي ڪاهي،
توهه تڳان(١) تو تار، توريءَ وسيلو ڪونه ٿي پانيان.

مُحب ڪجو هن نڌر ڪي پنهنجِي، جيهي تيهي آهيان تنهنجِي،
لهج سار سنيار ، سينو سهٽل ڪين ٿي ساهيان.

در نه دلبرتنهنجو ڇڏيندس،جيسين جيئندس منهن نه مٽيندس،
مون منجهه عيب هزار، توريءَ طرف ٻي ڪهڙي ڪاهيان.

لَڙِهه(٢)لڳوهان لام اوهانجي، "مسرور" سهٽا سامَ توهان جي،
تنهنجِي اٿم آڌارَ، توريءَ نه ٻي ڪا واٽ واجهايان.

(١) توهه تڳان = لطف ڪرم جي آسري جيئان.
(٢) لڙهه لڳو هان لام = پروسي ۽ اميد آسري تي پيو هان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٩)

حسن وارن جي ٻانهي آهيان، جوڙ جنيءَ ڀي[١] تن جي ناهيان.

ويسُ پائي پيا پاڻهي پنهنجو، نِتُ نِتُ ڪرن نمايان[٢].
ڀيرا ڪيو سي پروَن جا، سيف[٣] سَتِن سر واهيان[٤].
نوان نوان سي ناز ڪري، ٻرهين ٻارن ٻاهيان[٥].
راتيان ڏينهان آيل تن جا، ڳڻ ويني ٿي ڳايان.
"مسرور" مُلهه خريد تنين جو، سينو کهڙو ساهيان[٦].

---

(١) جوڙ جني ڀي = جنيءَ جي برابر ٻه.
(٢) نمايان = ظاهر.
(٣) سيف = تلوارون.
(٤) واهيان = وهائن (سيف ستن سر واهيان = سرتي تلوارون وهائن)
(٥) ٻاهيان = ٻاهيون.
(٦) سينو کهڙو ساهيان = کهڙي ريس ڪريان، کهڙي برابري ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

ديدان اهي ڏاڍي خاطر سهڻا سدا سنبريون وتن،
سوَ لک هزارين هڪ نظر جهٽ پٽ دليون جهٽيون وٺن.

جذب مان جاني جنهين سر، ڪجليون[١] اهي ڪاهيون اچن،
غش رهن مدهوش سي، لحم[٢] سر لاهيون سٽن.

لاڏليون لالن تنهنجون، ناز پروريون[٣] پلن،
سرِ عُشاقن جي سوين، بار برهن[٤] جا وجهن.

اکڙيون تنهنجون موهن منا، اُذن[٥] ايڏا تيون رکن،
خيال خوشين کان ڪدي، محويت ڏي مُنهن ڏين.

مستي پسيو "مسرور" تن جي، ڏس مري مانجهي جيئن،
وحدتي پيا وجد[٦] ۾ سي، ڏانهُن جنهن ڏاهيون[٧] ڏسن.

---

(١) ڪجليون = ڪجل واريون، ڪجل پاتل.
(٢) لحم = گوشت.
(٣) ناز پروريون = ناز سان نپيل، پليل.
(٤) برهن = غمن.
(٥) اُذن = حڪم.
(٦) وجد = مستي، جوش.
(٧) ڏاهيون = سياڻيون، اکيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (١١)

مون کي شوق شيدا ڪيو، جيڪا ڳالهه ڪئي جيڏن،
ڏوراپا هن ڏکيءَ کي، پلا پينر تيون ڏِين.
ياد ڪيو نينهن نماڻا، راتيان ڏينهان رُئن.
اڳن "مسرور" جي جيڏيون، شالا پيرو ڪن.

## ڪافي (١٢)

نينهن چائي نازَ مان پيڪان (١) پنبڙين جا هڻن،
دام دل کي پيچ پيچان زلف زوريءَ تا وجهن.

جهاتيون پائي وري سي ڪاتين سان تا ڪُهن،
تير پالا تيز ماري دل جگر جيرو ڦٽن.

پنبڙيون پيڪانَ بَڙچون(٢)صاف سيني ۾ ستن،
صبر ڏاري نا سگهان توڙي رڙان ته به نا رهن.

هي وري نيزا (٣) نِگهَه جا چست تي جاني چُڻن،
واءِ ويچارا وِسوڙيل(٤)ڪُجهه نه تاعاشق ڪُڇن.

درد مان دانهون ڪريان پر ڪين تا سهڻا سُڻن،
دل سندم دستور ڪنهن، ڏاڙو هنيو ڪيئن تا لُٽن.

تِل به تنهنجون ڪين کي آهون تيون اُتهين پچن،
مثل ويريءَ جي پيا "مسرور" کي سهڻا ڏسن.

---

(١) پيڪان = تير جي چهنب. (٢) بڙچون = (جمع) لوهه جي لٺ، پالو.
(٣) نيزا = (جمع) پالو، برڇي، انگاس. (٤) وسوڙيل = منجهيل، ابوجهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٣)

سدا سور سهڻل سندا تا ستائن،
اندر درد دونهان تا دم دم دکائن.

نہ ڪو حال محرم نہ تم هاڻ همراهہ،
سوا دوست، سئو لک تا ڏکڙا ڏکائن.

مران مُفت ماندو ملڻ لاءِ هردم،
لکا لک تا فطرانا (١) رمتا (٢)رسائن.

اتم ڪرم کوتا کهڙو ڏوهہ کانگل،
منا ناز مَون، نا اکر هک الائن(٣).

کري مات "مسرور" سهُ سور سُهمان (۴)،
حسن وارا کنهن سان رس (۵) نا رسائن.

---

(١) فطرانا = (جمع) فطرو، قرباني، صدقو.

(٢) رمتا = (جمع) گذرندڙ، واٽهڙو.

(٣) الائن = چون، ڳالهائن.

(۴) سهمان = ڏوراپا، طعنا، مهڻا.

(۵) رس = قرب (رس نہ رسائڻ = نوڙ نہ نباهڻ)

# كافي (١٤)

سگھو ساقي ڀري ساغر پرت جو مون پيارج تون،
ڪري پُر نور سينو صاف اندر جي ڪس اُڪارج تون.

ڀلي تون بيگ بيپرواه، نڪا تو ڪاڻ آ ڪنھن جي،
مگر منٿڙا مڃي منت سڏي گڏ گھوٽ گھارج تون.

ڪنھين سانگي سڄڻ سانگي، پسائج منھن منا مون کي،
اتم ھيءَ آرزو البت نہ ويھي ور وسارج تون.

نماڻي تي نوازش روءِ آغا ڪا عنايت ڪر،
لکي ڪو پرت جو پرزو جڏي جيءَ کي جيئارج تون.

صبا سؤ سؤ سلامن سان سندم پرزو ڏٺي جي لڳ،
مٺي مخدوم جي اڳيان ادب سان عرض ڪارج تون.

ٻڌي قاصد ڪبوتر کي پيارا خط خدا ڪارڻ،
سڪايل جي طرف سھٽا وري سگھڙو اُڏارج تون.

پيارا يار تولئہ پِيرَ دم دم تي پڇايان مان،
سگھو ايڏانھن سڏيو يا اڱڻ مون واڳ وارج تون.

پسي گُل گُل ڪيو قلقل (١)، اھو "مسرور" مالھيءَ سان،
تہ بلبل باغ مان بلڪل تڙي نا مير مارج تون.

(١) قلقل = بلبل جو آواز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١٥)

تولئہ ڦرون ويڳاڻا، تون ٿو لڪين اسان کون،
ڏورون ڏسي تون منهنڙو چو ٿو ڊڪين اسان کون.

اي هوت حُسن وارا، آءُ مل منا خدارا،
رُخ تي نقاب پيارا، چو پيو ڇڪين اسان کون.

طالب هون خاص تنهنجا، ناهيون قسم ڪنهين جا،
سوري پلوَ (١) تون پنهنجا، چو پر ڏڪين اسان کون.

حيلو پنهنجو هلائي، توکي وتُم (٢) ورائي.
چو پاڻ تون ڇڏائي، دلبر ڏڪين اسان کون.

(١) سوري پلوَ = پلوَ سورڻ. (اصطلاح) پاسو ڪرڻ. ( سورڻ = سيبڻ، هنائڻ)
(٢) وتم = ورتم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٦)

جوڳيئڙن جا الا، ساميئڙن جا الا، ڳران ٿي ڳُڻ ڳايون،

محب مسافر مون وٽ هيڙا، ڪيچ ويا ڪلهه ڪاهيون.

ڳجهڙيون ڳالهيون ڳٺن واريون، سرس سي ساهه سيبايون.

سيلاني ٿي سانگي آيا، وطن ويا سانگ سڌايون (١).

جيءَ منهنجي کي جوڳيئڙا، جيڏيون ويا جهوري لايون.

ٿيندس جوڳياڻي جڳ ۾، پنڌ جوڳين جا پچايون.

"مسرور" ساري ساميئڙن کي، نيڻ وهن نير واهيون (٢).

(١) ويا سانگ سڌايون = ناتو توڙي روانا ٿي ويا.

(٢) واهيون = نديا واهه.

# كافي (١٧)

آيو اڱڻ منهنجي عجيب الا، اڄ مان تي ڪيان عيد اديون.

قادر ڪڍيو وڇون وڇوڙو، مُحب ملاقي مون سان ٿيڙو،
قرب اهوئي ڪيچين ڪيڙودرس (١) پسيم جو ديد اديون.

ڪري جدائي گوندر (٢) گڏي، ڇپر(٣) ويا ها مون کي ڇڏي،
سي ڀال ڪري آيا تڏي، ڪيائون ناٿي ريءَ خريد اديون.

حال هجرجو سرتيون سڄڻ سان، سان،لائي ڳل مان اورينديس تن سان،
"مسرور" سندو اڄ موهن سان، ٿيو وصل وقت سعيد (٤) اديون.

---

(١) درس = درشن، ديدار .

(٢) گوندر = غم.

(٣) ڇپر= جبل، ڏونگر. (ڇپر ۾ ڇڏي ويا = مصيبت ۾ وجهي ويا)

(٤) سعيد = ڀاڳ واري، نيڪ، مبارڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١٨)

اشـاري عـين دلـبـر جـي، مـوالـي مـام ۾ آهـيـون،
خماري خمر اطهر [١] جي، هڪي ئي جام ۾ آهيون.

قبائي [٢] قرب جي هينان، لڪل ان لام ۾ آهيون،
رڪي اَلَ اوٽ رندن جي، اجهل [٣] جڻ عام ۾ آهيون.

شهنشاهه شوق سان شامل، گڏوگڏ گام ۾ آهيون،
سدائي ذڪر ذاتيءَ جو، ڏما ڏم ذام ۾ آهيون.

سلامت وحدتي واصل، سدا آرام ۾ آهيون.
پڪا [٤] نت قول قالواء جي، اسين انجام ۾ آهيون.

ازل جي ڏينهن کان يارو، اسين احرام (٥) ۾ آهيون.
ميان "مسرور" نينهن جي نرالي نامَ ۾ آهيون.

---

(١) اطهر = پاڪ، پوتر.
(٢) قبا = جبو (قبائي= جبي جي جي، ان اوليائي تحت قبائي وَلا يُعرفهُم غيري = بيشڪ منهنجا دوست منهنجي جبي جي اندر آهن ۽ غير انهن کي نه ٿا سڃاڻي سگهن.
(٣) اجهل = اڻ جهل.
(٤) پڪا = پختا.
(٥) احرام = پاڻ تي ڪن جائز ڪمن جي حرام ڪرڻ واري حالت، حج جي موقعي تي بدن تي ويڙهڻ لاءِ اڻ سبيل چادر، جنهن سان گوڏ ٻڌي بدن کي ويڙهبو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٩)

چاڪون تون سهڻل سائين ياڪي (١) يار تو گذارين.

ڪڏهن پلا وي دلبر ڏنو نہ ڪو دلاسو،
نہ ڪو عرض ڪو سُڻين تو نہ ڪي نيڻن سان نهارين.

سهڻل سائين هيڏي چاڪون اوري نا اچين تو،
پريان بيهي پيارل دلڙي پيو ڏتارين.

"مسرور" ڪان منا تون چو رُنو گهمين تو،
جي ملين تو ڪٿ تہ بہ ڪلي نہ تو ڪيڪارين.

(١) ياڪي = بي پرواهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٠)

ڪـٽـي نـيـڻ نـازڪ طـرف جـنـهـن نـهـاريـن،
هـزاريـن لـڪـين سـاڻ دلـين جـا مـاريـن.

سـدا تـون سـيـبـائـين، ويـنـو جـيـئـن واجـهـائـين،
ولـي گـهـنـد (١) پـائـين، قـتـل عـام ڪـاريـن(٢).

نـيـنـان اهـي نـيـرنـگـي، جـذبـو رکـن ٿـيـون جـنـگـي،
فـوجـان جـنـهـين فـرنـگـي، ڪـروڙيـن هـزاريـن.

مـطـيـع (٣) مـلـڪ ڪـن ٿـيـون، طـرف جـنـهـن چـڙهـن ٿـيـون،
رتـي نـا رهـن ٿـيـون، ڏاڙيـلـيـون (٤) ٿـو ڏاريـن.

بـيـهـي تـون بـازر ۾، چبوتري(٥) چـوڌر ۾،
"مـسـرور" جـيـهـون پـل ۾، دلـيـون سـو ڏتـاريـن.

---

(١) گهند پائين = ماٺو ڪرين، ناز نخرو ڏيکارين.
(٢) ڪارين = ڪرين.
(٣) مطيع = تابع، ماتحت.
(٤) ڏاڙيليون = ڏاڙا هڻڻ واريون، اکيون.
(٥) چبوتري = ويهڻ لاءِ مٿانهين جاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢١)

اکين جا ڏئي اشارا، مستان پيي ڪري وئين،
ور ور ڪري تون وارا، حيران پيي ڪري وئين.

نازڪ نقاب لاهي، دلڙي سندم دٻائي،
منهنڙو وري متائي، گريان (١) پيي ڪري وئين.

پرون سندي نياري، قهري هٿي ڪٽاري،
گهونگهٽ ۾ ڏئي ڏيکاري، ديوان(٢) پيي ڪري وئين.

هيڏي ڪيئن سڄڻ جا آيئه نه ٻاجهه تلُ (٣) ڪا،
غمگين دل جو چئو چا، ارمان پيي ڪري وئين؟

ويريءَ جان وير پائي، دل جو چمن اُجاڙي،
سيني جگر کي ساڙي، برياڻ (٤) پيي ڪري وئين.

"مسرور" کي ڏکن جو، بوجهو(٥) ڏئي غمن جو،
لالڻ اهو لکن (٦) جو، احسان پيي ڪري وئين.

---

(١) گريان = روئڻهارڪو.
(٢) ديوان = ديوانو، مستانو.
(٣) تلُ = تر، ٿوري.
(٤) برياڻ = پڪل.
(٥) بوجهو = بار.
(٦) لکن = لَکَ جو جمع، تمام گهڻو.

# كافي (٢٢)

ادا قاصد قريبن جا، پلي آئين پلي آئين،
ڏسي توکي نران ڏاڍو، سجڻ مون ساهه سيبائين.

بڌي بانهون کيان زاريون، حياتي هي ته گڏ گهاريون،
کري بوليون تون باجهاريون، پيو تو روح ريجهائين.

سنبت(١)جا خط ڏئي هيکر، وري بوليون کري بيهر،
دلاسا تون ڏئي دلبر، عُشاقن کي تو ازمائين(٢).

پرينءَ جي ڏي ته کل کائي، ورڻ جي کا هُين وائي،
هلون نت هاڻ چو جائي، وجائي تند ترسائين.

سگهو وڃ هاڻ تون سهجئون(٣)، ڇئيج هوتن منهنجي طرفئون،
پرين "مسرور" سان پِرتئون،(٤) اڃي لنوڙي سچي لائين.

---

(١) سنبت = سانباهو، هلڻ جي تياري.

(٢) ازمائين= آزمائين.

(٣) سهجئون = خوشيءَ مان.

(٤) پرتئون = پرت وچان. محبت مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ڻ"

## ڪافي (١)

دل ڪٽي موقوف(١)ڪر ريءَ ڪوٺ ڪنهن جي در وڃڻ،
وات ويندي ٻين سندي پڻ گفتگو ڪي ڪَنُ ڏيڻ.

قدر گُل جو باغ ۾، بازار ۾ ڪهڙو پلا،
اُن جيان توکي جُڳائي، رهت رنديءَ ۾ رهڻ.

برهه جي آ باب پهرين ۾ نَفي نيهِي ٿيڻ،
ڪر ڦٽي هاٿي تہ تون هٿ هوڏ هستي ۽ هڻڻ.

طبع(٢)جو هي اَسپ تازي(٣)، تيز تنهن کي ڪين ڪر،
وس ڪري واڳون تنهين جون هيْر(٤)تنهن هوريان هلڻ.

مهل موچاريءَ ڪنهين تي، هي سخن "مسرور" سُڻ،
ڪم اچڻ وارو اٿيئي، ياد ڪر منهنجو چَوڻ.

---

(١) موقوف = منسوخ، برخواست، برطرف.

(٢) طبع = نفساني خواهش.

(٣) اسپ تازي = تازي گهوڙو.

(٤) هير = هيراءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف و"

## ڪافي (١)

ب ب جي چڌ بات، هڪ الف سندو، ون تون لارو.

رايو نہ رکجي، راز نہ چئجي، مِني ڏاڍي مات،
صبر شڪر جو گهِن[١]تون چارو.

ڪاءُ غوطا، گم تي غازي، ماري ڪر تون مات،
موذي نفس نڪارو.

قسم الله، آهہ تو ۾ الله، پاءِ دروني [٢]جهات(٣)،
سيرُ سِرَ ۾ اٿئي سارو.

"مسرور" نينهُن وڏي آهہ نعمت، عشق عجب اوقات،
سمجهي سالڪُ ڪو سڪ وارو.

(١) گهن = ون.
(٢) دروني = اندر.
(٣) جهات = جهاتي.

## كافي (٢)

عرش اُتان جو تڙجي نڪتو، شُوم[١] تڏهن شيطان ٿيو،
هوڏ هَٺايُس هاجي ۾، جو نِبريل [٢] نافرمان ٿيو.

يوسف بچيو وس ڪان ويندي، جڏهن مٿس بُرهان [٣] ٿيو،
هوش ڪسيو جو هن ڪان هاڻيءَ، نحس[٤] تڏهن نادان ٿيو.

جنهن تي ڏمري ڏيهه ڏٺي، سو غفلت ۾ غلطان ٿيو،
جنهن تي راز رباني سوئي، سالڪ سرت سُبحان [٥] ٿيو.

اشرف صورت آدم واري، اعليٰ اُن جو شان ٿيو،
توڙي پيدا پاڻ ڪيو تہ بہ آگي جو احسان ٿيو.

ڪين مڃي جو مورک ٿورو[٦]، وحشي سو حيوان ٿيو،
ان جي اهڙي حال مٿانهون، عجب وڏو ارمان ٿيو.

---

(١) شوم = منحوس. نياڳو.
(٢) نبريل = ڪمبخت. ڦتل.
(٣) برهان = روشن دليل. يقيني ثابتي (دليل ۽ برهان ۾ هي فرق آهي جو دليل عام آهي ۽ برهان خاص.)
(٤) نحس = منحوس.
(٥) سبحان = ثنا جي لائق. ساراه جو مستحق.
(٦) ٿورو = احسان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حال انهن جو پس تون جن کي پانئڻ(٧) ۽ ايمان (٨) ٿيو،
تڙجي نڪتا ديس مان جڏهين دم سندن دهمان(٩) ٿيو.

مُوحد (١٠) وارو مُشرب عالي، مردن جو ميدان ٿيو،
سانگو سر جو ڪين ڪري، سورهيه سو سلطان ٿيو.

توبهہ زاري خام خودي کان، هاديءَ جو فرمان ٿيو،
هوڏ ۽ هٺ تان ڪين لهي سو بندو بي ايمان ٿيو.

ڪين چڏيو "مسرور" ادب کي آخر تان انسان ٿيو،
اَلا نسان سري وَنا سره (١١)، توڙي سر سبحان ٿيو.

---

(٧) پانئڻ = هستي، خود پسندي.
(٨) ايمان = گيرب، گهمنڊ، تڪبر.
(٩) دهمان = ڪوڙو، من گهڙت
(١٠) موحد = خدا کي هڪ ڪري ڄاڻيندڙ، توحيد پرست.
(١١) الانسان سري ونا سره = انسان منهنجو راز آهي ۽ مان ان جو راز آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣)

اي منا هي جو مُڪو ڪو پِرت جو پيغام تو،
آءُ سُڻ ڪو عرض پيي هوندس منا مان غلام تو.

هاڪ تنهنجي حُسن جي ڀهڳڻ ٻُڌي شيدا(١) تيس،
رات ڏينهان وات وائي، ورد منهنجو نام تو.

تير تنهنجي عشق جو، جاني لڳو اندر جگر،
ديد بخشي دلربا، دل کي وڌو آ دام تو.

عارُ (٢) تو آئين پيو مسڪين کان چاڪون وري،
اي منا "مسرور" وت هوندو سدائين مقام تو.

# ڪافي (٤)

ناحق مون ناقص تي، خفي تون ٿئين ٿو،

اچي اوطاقي ٿينديءَ جاني، جن لئہ فالون وجهين ٿو.

هاٿي اچان تو اوڏنهن جاني، ڪاوڙ مُفت ڪرين ٿو.

ايندءِ اڄ "مسرور" اُهي ٿي، جن لئہ رت روئين ٿو.

---

(١) شيدا = عاشق.
(٢) عار = حجاب. (عار تو آئين = شرمائين ٿو.)

# كافي (٥)

جلوو پسائي جاني، دلبر تون دل لٽين ٿو،

جادو نگاهہ نيڻن، ڦهري ڪمان ڀِرون،
پيڪان تير پنبڻن، سيني اندر سٽين ٿو.

واہ ناز هي نيارا، دلڙي لٽين دلارا،
عاشق ڪُهين ويچارا، مارڻ مان چا وٺين ٿو.

منهنڙو پسائي جانان، دانهہ ڪرين ديوانا،
زُلفن جون وجهي دامان(١)، چو پوءِ مُنهن مٽين ٿو.

هيءَ سينڌ جا سنواريئہ، ڇڻ ڪا ترار ڪاريئہ (٢)،
سر جي مٿان سنپاريئہ(٣)، سهٽا سسي ڪٽين ٿو.

"مسرور" سانڻ ماٺا، هاٿي نہ ڪر سياٿا،
قتيل جي اگِهُ نماٺا، تن کي وري ڦٽين ٿو.

---

(١) دامان = دام، جار.

(٢) ڪاريئہ = هلايئہ.

(٣) سنپاريئہ = ڪنيئہ، اپي ڪيئہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٦)

انهن عينن جي اشاري، دلبر دليون لُٽيون ٿو.

هڪ گهور چشم تنهنجي،
بيوس ڪيو آهه مون کي،
پنبڻين جا تير جوڙي،
چالاڪ ٿي چُٽيون ٿو.

نيڻن جا باز بحَري (١)،
چُنگل(٢) ماريائون زَهري،
ويتر هي ڪانَ قهري،
سيني سنوان سَٽيون ٿو.

اکڙين جا ڏئي اشارا،
راتا ڪي رمز وارا،
"مسرور" جي پيارا،
دلدار دل لُٽيون ٿو.

(١) بحري باز = ڪارين اکين وارو باز.
(٢) چُنگل = چنبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٧)

ڪڏهن ايندين منا، توکي سدائين ساهه ساري ٿو.

پرين لنوَ تو اهڙي لائي، نه آ نيڻن کي ننڊ ڪائي،
رڙان ٿي روز شب جائي، وڇوڙو يار ماري ٿو.

ڳران ٿي روز ڳٽينُ ۾، منا تون مست موجن ۾،
فراقي روح فِڪرن ۾، غمن ۾ مفت گهاري ٿو.

مري "مسرور" ٿو تولئه، سدا ڳُجهه ۾ ڳري تولئه،
لڪين دانهون ڪري تولئه، هنجون رت روز هاري ٿو.

# ڪافي (٨)

من ماندو ڪري هئه هئه، جو هوت هٽي ويو ڪانُ ٿهر جو.

هئه هئه هيءُ اوريان ڪنهن سان، اديون درد اندر جو.

ڏکائي تو مُئي کي ڏاڍو، جيڏيون زخم جگر جو.

"مسرور" ڏاڍو ڏک اهو ٿم، ڏيرن جي تہ ڏمَر جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٩)

منو دلبر ادا قاصد، ڪڏهن باغ ۾ ايندو،
خزان جو ڏُرت (١)ڏولائو(٢)، اَلَم(٣) اندوه سڀ ويندو.

خزان هي حالُ خَستہ (٤) ڏس ڪيو هن باغ ۾ بلڪل،
ڏسي روئان ڪڏهن واري عجيبن جو اچڻ ٿيندو.

سُڪي بي ساهہ ساٿان ٿي پيا گوندر ڪَنان بوٽا،
ڏسڻ سان هوت هڪواري بهاري تن کي بخشيندو.

چَتون مينا پنور بُلبل وتن ٿا واءِ ويڳاڻا،
گهڙيءَ ۾ تن سندا گوندر اچي محبوب ميٽيندو.

پلا هن باغ ۾ پورل، قدم ڪو رنج فرمائي،
دلِ محزون (٥) کي "مسرور" تسڪين دلربا ڏيندو.

---

(١) ڏرت = غضب، افلاس، ڏپ.
(٢) ڏولائو = ظلم، ڏک، مصيبت.
(٣) الم = درد، غم.
(٤) حال خستہ = مفلس، تنگ دست، خراب حال.
(٥) محزون = غمگين، درد ڀري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

سرتيون سانگين لئہ، من گھٽو ماندو.

هيڪر هلي جيڪر، پسان پرين کي،
پر ڪا پلڪ ناهيان، سورن ڪان واندو.

نياپو جيءَ جياپو، مُڪو محبوبن،
خط چڱي وقت، ڪٽي قاصد آندو.

"مسرور" جن لئہ، گھاريان ٿو گوندر،
شال ڪري پال، اچي ٿيندم هيڪاندو.

# ڪافي (١١)

ڪڏهن لوڪون پرين ڳُجهڙو، اَلائيندين تہ چا ٿيندو،
پلا جي پال پورل ڪو، پَلائيندين تہ چا ٿيندو.

ڏسان ٿو دَست شفقت(١)جو، سندءِ سهٽا سِين تي مان،
تہ پوءِ هٿ مهر جو مون تي، هَلائيندين تہ چا ٿيندو.

حِنائي(٢)هٿ پرين تنهنجا، خدائي رنگ سان آهن،
اجايو خونُ منهنجو تن، مِلائيندين تہ چا ٿيندو.

مران ٿي مان اڳي ماندي، منا پوءِ تون جدائيءَ ۾،
اجايو جيءَ جڏي هن کي، جلائيندين تہ چا ٿيندو.

اچي تون اوچتو ڪنهن دم، منا جاني پاڻي جهاتي،
رُنندي کي ڪتي راتا، ڪلائيندين تہ چا ٿيندو.

سندءِ عاشق پسان ٿو، جن سونهين سِرِ تاجُ سلطاني،
تڏهن "مسرورُ" پي تن سان، رَلائيندين تہ چا ٿيندو.

---

(١) دست شفقت = رحم وارو هٿ، ٻاجهہ، مهرباني.
(٢) حنائي = مينديءَ رتا.

# ڪافي (١٢)

مان ۾ ڪر هڪ مطالع [١]پرت وارو پَرت[٢] پيو،
ڪين ڪي ويهي وجائج تون اجايو وقت پيو.

تون ڳنڍين سُت پَت سدائين اونڌ وَٽي(٣) آر سان،
دل [٤] مطابق پانهنجي هئه هئه پرين ٿو پَرتُ پيو.

ڪين مُڙ ميدان کان، مُنهن مرد ڏي، منصور جان،
جو پڄين ڏاها ڏسي سُور آڏو سخت پيو.

نڳَ نڳيءَ وارو ڪٿي ڪجهه ناهُ تون ناهي ميان،
جو پُلائين خلق کي ڪوڙو ڪدي نِتُ ڪَبَت[٥]پيو.

چڏ قصا ڪوڙا ڪُلي تون، وٺ حلاجي[٦]حال کي،
وهم سڀ واري ٻيا، هڪ حال سان رهه مست پيو.

ڪر ڦِنو "مسرور" تون نيم ڪاري[٧] ڪَم سگهو،
ساز سوني جي مٿان، ڪج جواهر جڙت پيو.

---

(١) مطالع = پڙهڻ.
(٢) پرت = ڪاغذ، صفحو.
(٣) اونڌو ٽٽي = مايوسي، غم وڃان.
(٤) دل = مرضي.
(٥) ڪبت = ٻن سٽن وارو، تڪ بنديءَ وارو بيت،
(٦) حلاجي = حسين بن منصور حلاج وارو.
(٧) نيم ڪاري = اڌوگابرو.

# ڪافي (١٣)

تيو لُطف ايزد[١]، صنم تو ڏسان پيو،
مگر مِهر مُنهن ۾ عدمُ[٢] تو ڏسان پيو.

الائي ڇو چاڪون، تيو حشر آهي،
منجهان شوخ چشمن[٣]، گرم تو ڏسان پيو.

ڪجاڻ سنگدل ڪي، خدا موم دل،
سراسر مان ان مان، ستم تو ڏسان پيو.

لکي شال مون ڏانهن احوال ڪوئي،
پنو هٿ پرين جي، قلم تو ڏسان پيو.

عبارت مان معلوم البت ٿئي ٿو،
رقيبن ڏي رُقعو[٤]، رقمُ[٥] تو ڏسان پيو.

ڇيو هٿ ٻڌي مون حبيبن ڪي اُٿهين،
ڏڪان ٿو اوهان جو حَشَمِ[٦] تو ڏسان پيو.

مگر مِهر "مسرور" تي پي ڪجو، جيئن،
سڄي جڳ تي تنهنجو، ڪرم تو ڏسان پيو.

(١) ايزد = خدائي.
(٢) عدم = ڪجھ بہ نہ.
(٣) چشمن = اکين.
(٤) رقعو = خط.
(٥) رقم = لکيل.
(٦) حشم = حشمت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٤)

دنيا ۾ اج ڏُوئي جو، ڪاهي دَجالُ (١) آيو،
هي عرش ڪان عجائب، يارو حوالُ (٢) آيو.

هاڻي رکو هوشياري، غافل ڇڏيو گينواري (٣)،
تَهدل ڪريو تياري، جيئڻ جنجال آيو.

اج پاڻ پليو پنهنجو، ڪوئي نہ رهيو ڪنهن جو،
هاڻي ابوجهن اهنجو، بچڻ محال آيو.

گوءِ ڪٽو هي غازي، وچ تي پئي آ بازي،
دولهہ (٤) سخي درازي (٥)، مهدي (٦) مثال آيو.

"مسرور" گهار گوشي، سُڻ سچ چوان تو توکي،
اج وات ساڻ مون کي، هي خوش خيال آيو.

---

(١) دجال = تمام گهڻو ڪوڙ ڳالهائيندڙ، ٺوڳي، فريبي (قيامت کان اڳي پيدا ٿيندو اهل دنيا کي پنهنجي فريب ۾ ڦاسائيندو. ڪيس حضرت عيسيٰ عليہ السلام قتل ڪندو، اسلامي عقيدو).

(٢) حوال = احوال.

(٣) گينواري = سستي.

(٤) دولهہ = گهوٽ.

(٥) درازي = حضرت سچل سرمست درازي.

(٦) مهدي = هدايت ڪندڙ. هادي، رهنما.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٥)

سگهوئي مُحب منٽا، پرين مُنهن پسايو،
ڏئي سور سهٽا، جڏي چو جلايو.

ٻئي ٻانَ ٻهڳڻ هنيوَ جيءُ جوڙي،
وڌءِ دامر دل ڪي زورا زُلف ڇوڙي،
لوڏي ٻانهن لالڻ، قهر تو ڪمايو.

ڪري قرب ڪوئي، سگهو واڳ واري،
ڀري پير پِرتئون، اچو مون اوتاري،
ٿڪيءَ ساڻ ٿورو، لَڪي[1] يار لايو.

سدا توکي سهٽا تي ساريان سنياريان،
رڙي رتُ[2] اوهان جون تي راهون نهاريان،
نہ قاصد اوهان جو عجيبا ڪو آيو.

"مسرور" تنهنجو سهٽا سگ[3] سڏائي،
ڀلا ڀال ڀورل ڪو پنهنجو ڀلائي،
ڪنهين سعد[4] ساعت هجر ڪان ڇڏايو.

---

(١) لڪي = ڪرم ڪرڻ وارو.
(٢) رڙي رت = رت روئڻ، رت رڙڻ.
(٣) سگ = ڪتو، دربان.
(٤) سعد = سني، سڀاڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٦)

بـــارُ بـــرهـــ ســـر آيـــو،
مون کي ڪين ڪنهين سمجهايو.

راتيان ڏينهان آ رُئڻ اکين کي، ڪئن ٻڌايان وجي مان ٻين کي،
راز ربــوبــيءَ آ رنــگ لايــو.

عـشق سـچو آ مشـڪل بـازي، آهـ حقيقي ياڪِ مجازي،
صـوفــي ِســرُ آ ســوايــو.

حال حقيقي جي تون جاڻين، خيال دوئيءَ جوڪين کي آڻين،
تـوکي پـيـد پـرم پَرمـايــو.

"مسرور" سانگو سرجو لاهي، در حبيبن جي وڃ تون ڪاهي،
پــانــد ڳـچــيءَ ۾ پــايــو.

# ڪافي (١٧)

مون سان لالڻ نينھڙو لايو،
اوھين سرتيون نا سمجھايو.

دم دم مونکي طعنا مھڻا، ڏيئي ڪين ستايو،
مون سان لالڻ نينھڙو لايو.

ڪاڪيون پيچ پريت جو، پنھل پختو پايو،
مون سان لالڻ نينھڙو لايو.

عشق سڄڻ جي جيڏيون، اندر مچ مچايو،
مون سان لالڻ نينھڙو لايو.

منھنجو نينھن نھوڙي، عقل ھوش پلايو،
مون سان لالڻ نينھڙو لايو.

"مسرور" آڪي بار برھ جو، مون ڄمي سر تي چايو،
مون سان لالڻ نينھڙو لايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (١٨)

سرتيون ڪين سري، منهنجي موهن رٺءِ،
مون کي يار ملايو.

جيڏيون جانب لئه سدا ساهه سِڪي،
ايندا پير پري، ڪندا سوال سجايو.

هردم دلبر جيڏيون هينئڙي منجهه هُري،
نه ڪي ڪار ٿئي، صبر سڪ وڃايو.

پانڌي هوت پنهونءَ کي، وڃي نياپو هي ڏي،
"مسرور" هت ٿو مري، تنهن کي پاڻ پَسايو.

## ڪافي (١٩)

ماري مفت مُنيءَ کي مننار ويو،
ڏئي هوت هٿن سان آزار ويو.

ڪنهن سان اوريان حال اندر جو، هيڪل ڇڏي غمخوار ويو.

ڏونگر ڏورڻ آيم جيڏيون، وڃي جان جنجل ۾ يار ويو.

"مسرور" آکي محب مون ملندا شال، نانءُ وڃوڙو گارُ[1] ويو.

(١) گار = گم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٠)

دلبر دلدار،
محب منٺار،
گوليءَ ساڻ گذاريو.

تنهنجي تات، هجر هيهات، ڪيو مات اسان کي،
چاڪ چوري، جان گهوري، دل ۾ درد دکايو.

تنهنجي ڪاڻ، پُڇان پاڻ، سوين پاڻ[1] دلبرا،
اچ يار، صورت سردار، مِنل مَنهن نه مَٽايو.

محبت مِير، تولئه دل ڏير[2]، پچان پِير پرانهان،
اچي پاڻ، نذر ساڻ، جاني نينهن نڀايو.

"مسرور" مشتاق، آهه عُشاق، تنهنجي فراق ڪيو فاني،
ايندين جاني، ڪري مهرباني، ٿيندم بخت سوايو.

(١) پاڻ = وٿاڻ، آستانا، جايون.

(٢) دل ڏير = دلجاءِ ڏيڻ وارا. ڏيرج ڏيڻ وارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”رديف هہ“

## ڪافي (١)

يار توهان ڌار، مون کي ساعت سالُ آهہ،
ساعت سال آهہ، جيئڻ جنجال آهہ.

مل اچي مون سان منا، وڇوڙو وبال آهہ،
سوا تنهنجي سُهڻل منهنجو بچڻ پي محال آهہ.

سرتيون اچي پڇن مون کان، ڪيهو[1]تو احوال آهہ،
روج راڙو نند نہ ڪائي مون سندو هي حال آهہ.

دل سندو جاني منا، معلوم توکي سوال آهہ،
خط بہ فقط يار جو ”مسرور“ چڻ وصال[2] آهہ.

(١) ڪيهو = ڪمزو.
(٢) وصال = ميلاپ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "رديف ء"

## ڪافي (١)

هـــــادي نـــــــانءِ الله،
پـنـهـنـجـو مـون پـانڻ پـسـاءِ.

پنهنجي ڪرڪا مِهر موچارا، منهنجي عيبن ڏي نہ واجهاءِ.
فـائـق لـگ(١)، فـنـا(٢)جـو، پـري جـام پـلاءِ.
سـري روحـي خـفـيءَ جـو(٣)، سـارو سـيـر ڪـراءِ.
"مـسـرور" آڪـي هـادي سـائـين، بـيـدل بـرهـہ بـچـاءِ.

(١) فائق لگ = فيض جي صدقي. (٢) فنا = فنافي الله. (فقير جي منزل، جنهن ۾ مريد: مرشد ۽ رسول اڪرم جي وسيلي الله تعاليٰ جي ڌيان ۾ هوندو آهي).

(٢) سري، روحي، خفيءَ جو = سر، روح ۽ ڀيد جو. (انساني روح پنهنجي اصل ۽ حقيقت ۾ روح اعظم آهي ۽ روح اعظم، مظهر ربوبيت، ذات الاهي آهي. جهڙيءَ طرح ڪائنات (عالم ڪبير) ۾ تمام گهڻا مظاهر ۽ اسماء آهن، اهڙيءَ طرح انسان (عالم صغير) ۾ بہ تمام گهڻا مظاهر ۽ اسماء آهن، جن جا اصطلاحي نالا هي آهن: سر، خفي، روح، قلب وغيره.)

نوٽ: نفسي، سري، روحي، خفي، اخفيٰ: اهي پنج لطيفہ سڏبا آهن، ڀيٽ ڪان تارونءَ تائين انهن جا مختلف مقام آهن.

# ڪافي (٢)

اڪر بس الف تي توڪي، نہ ب پ ۾ ڪڏهن اڙجاڻ،
هلي مڪتب محبت جي، سبق نِتُ سُور جو پڙهجاڻ.

نِڪارو نفس آزارِي، اَٿــي ڏاڍو بدون(١) بچڙو،
تَسيحا(٢)تون ڏئي تنهن کي، انهيءَ ئي طرز سان تڙجاڻ.

ڪڏي دل مون دوئي هيڪر، ڳچيءَ گيڙو وجهي الفي(٣)،
ڪٿي پوءِ حال ڏاڍا(٤)هي، بدن تي جار(٥)مان جڙجاڻ.

ڏسي ڏونگر ڏکيو ڏاڍو، نہ دَهلِج،(٦)دل ٻڌي هيڪر،
هٽي نعرو اها چاڙهي ادا تون چُست تي چڙهجاڻ.

دعويٰ درس(٧) دنيا جي ڦِٽي ڪر ڪُل ڪتابن کي،
ڪٿي يڪتار ڊولڻ لئہ پيو صبح ومَسا(٨) رڙجاڻ.

سراسر سوز دل جي مان، نصيحت جا ڪيم توڪي،
رڳُن ۾ مثل موتين جي اها "مسرور" جي مڙهجاڻ.

---

(١) بدون = اٿجاڻ، جهنگلي.
(٢) تسيحا = اڃ، بک.
(٣) الفي = چولو، فقيرن جو پهراڻ.
(٤) حال ڏاڍا = فقيراڻا تيڙ، (ڪننا، ڪولابا، رلي، گودڙي، ڪشتو، لٺ، لوٽو وغيره)
(٥) جارمان = شوق ۽ جذبي وچان.
(٦) دهلج = ڊڄ.
(٧) درس = سبق.
(٨) صبح و مسا = صبح ۽ شام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٣)

كوڙي اڳي لئه كماءِ،
وڃي وقت هليو هاءِ.

نَحن اقرب[١] ويجهڙو، طرف ٻئي نه واجهاءِ.

وَفي اَنفسكم اَفلا تُبصرون[٢]، دل ۾ ليئو پاءِ.

جيفت[٣] دنيا سان، لالڻ دل نه لاءِ.

"مسرور" اندر عشق جو، منا مڃ مچاءِ.

(١) نحن اقرب = (و نحن اقرب اليه من حبل الوريد) اسين انسان کي ڪنڌ جي رڳن کان به نزديڪ آهيون: قرآن شريف.

(٢) وَفي انفسڪم افلا تبصرون = يقين ڪندڙن لاءِ زمين ۾ نشانيون آهن ۽ اوهان جي جند ۾ به، پوءِ نه ٿا ڏسو ڇا؟ اوهان جي روزي آسمان ۾ آهي (قرآن پاڪ: سورة الذاريات ٥١ ، آيت نمبر ١٩- ٢٠- ٢١)

(٣) جيفت = ڍوڻ. (الدنيا جيفة و طالبها ڪلاب = دنيا ڍونڍ آهي ۽ ان جا طالب ڪتا آهن - حديث شريف).

## ڪافي (۴)

اچي پيارل پاڻ پساءِ، ڪاوڙ ڪرين چالاءِ.

خبر خان پنهونءَ جي، ڪانگل ڪا تہ ٻڌاءِ.

پري پير پريت مان، پنهنجو نينهن نڀاءِ.

ٻاجهہ ڪري تون ٻيهر مون سان، لالڻ لنوڙي لاءِ.

محب منا "مسرور" ڏي، وهلو واڳ وراءِ.

## ڪافي (۵)

سنبت [۱] ڪيو ساٿيو، هاڙهي هلون هوءِ.

قافلو وڃي ڪاهي ڙي، اوهين سُنت ڪيو ساهيڙي،
هِت تہ تنهنجو چاهي ڙي، آخر هلنديونءَ اڳي پوءِ.

سمجهہ سياڻا سوچ ڪري، هيانوَ مٿان تون هٿ ڌري،
هُت آئين ڪهڙا قول ڪري، هِت وينين وساري لوءِ [۲].

پِرتوُن پاڙج قول قرارا، عاشق صادق سخن سچارا،
"مسرور" مانجهي مرد مٿيارا، غازي ڪٿڃ گوءِ.

(۱) سنبت = تياري.
(۲) لوءِ = وطن، ڳوٺ.

# ” رديف ي“

## ڪافي (١)

لنوين ٿو ڪانگلڙا لاٽيون، لُڏي تون يار لامن (١) تي،
نـ پرچي پر ڪنهين پَرِ ڙي، سڙي دلڙي سلامن تي.

سنيها تون سوين آڻي، ڏنئہ تي پانُ ٿو جاڻي،
ٿئي پڪ ڪيئن پوءِ هاڻي، وري تنهنجي ڪلامن تي.

سوين راتيون سوين ڏينهڙا، سنيهن تي لنگهي ويڙا،
اڃي بانور(٢) مون ڪيئن منڙا، اجا اهڙن انجامن تي.

لهي هي رنج روحاني، تڏهن ”مسرور“ جو جاني،
اڇڻ جي يار احساني، ڪندا جڏهين غلامن تي.

(١) لامن = ٿارين.
(٢) بانور = اعتبار.

# ڪافي (٢)

ديد ڏئي دل دوست لُٽي وئين، محب منا دل جاني، يوسف ثاني.

سُتي ويني ساءُ نہ آهي،
برهہ لاتي بيراني(١)،
هئہ حيراني.

در در تولئہ دلبر سائين،
مست قران مستاني،
وو ديواني.

موتي مُنهنڙو محب پسائج،
عجب ڪري احساني،
ماٺي جواني.

نالي تنهنجي جَڳِ هُلي هان،
لعل لَڪي لاٽاني،
هوت حقاني(٢).

موت منل "مسرور" مري ٿو،
ڪيس فراقن فاني،
قسم رباني.

(١) بيراني = اڻ تڻ، بيقراري.
(٢) حقاني = حقيقي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (۳)

اي طبيبا ناهہ تو وٽ، ڪا دوا بيمار جي،
ڪل ڪيهي توکي پلا آ، عشق جي آزار جي.

وڃ وري منهنجي نہ ڏسُ نبض اي نادان وري،
نا ٻيو ڪو مرض مُطلق[1]، تار آهہ بس يار جي.

درد دل جي ڪي هُيا مُفرح[2] ۽ معجون[3] ڪجهہ،
ڇا ڪندو چاتو اهو، يا چاشني اَنجبار[4] جي.

ڪو ڀوت جو واسو چوي، ڪو چوي جادو اثر،
نا ٻئي ڪي سڌ صفا سچ، اُلٽي انهيءَ اسرار جي.

ويندس مري "مسرور" يا ملندس الائي محب سان،
رات ڏينهن اُٽڻ اٿم، بس دل اندر دلدار جي.

---

(۱) مطلق = قطعي، اصل.

(۲) مفرح = فرحت ڏيندڙ.

(۳) معجون = گهوٽيل دوائن جو مرڪب.

(۴) انجبار = شربت. (فرات نديءَ تي پيدا ٿيندڙ ٻوٽي، جا رت کي بند ڪرڻ ۾ ڪم آٿيندا آهن.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

اسان حق[١] جي ڳالهہ الائي[٢]وي،
ڪنهن هيانوَ سان ڪين هَندائي [٣]وي،
آهي جُونُ[۴] اها يا جائِي[٥] وي،
رهي حسرت[٦]هاءِ اهائي وي.

اسين جڳ جو بلڪل چاهيون ڀلو،
رکي رمز رنديءَ جو نينهن نلو[٧]،
عام خوديءَ جو ماريل[٨] اُٿلو،
رهن رنج، ڪرن رُسوائي[٩]وي.

اسان رمز عجب جو راز رکي،
ڏاهن[١٠] ڏني سي ڏور[١١] ڏُکي،
تن خارج [١٢] نفس جي خيال لڳي،
طبع[١٣] تہ مفت تپائي وي.

(١) حق جي = سچ جي، اناالحق جي (٢) الائي = چئي، ٻڌائي. (٣) هندائي = ڪم آندي، ڪتب آندي (هيانو سان هندائڻ = دل و جان سان مانڻ، چوڙڻ، قبول ڪرڻ).
(۴) جون = ڪوڙ. (٥) جائي = سچ.
(٦) حسرت = شوق، تمنا، سڌ. (٧) نلو = نج، خالص.
(٨) خوديءَ جو ماريل = خود نمائيءَ ۾ قاتل، خود پسندي ۽ تڪبر ۾ جڪڙيل.
(٩) رسوائي = بدنامي.
(١٠) ڏاهن ڏني سي = سياڻن ڪي ڏني سين.
(١١) ڏور ڏکي = ڏکي ڳجهارت.
(١٢) خارج نفس = ذات جي انحرافي ڪندڙ، مرتد، اصليت کان پري رهندڙ.
(١٣) طبع = طبيعت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين گودڙيا(١) غير نہ آهيون هڏ،
نہ ڪي طرف طمع(٢) جي تاڻيون(٣) هڏ،
نہ تن سان روح رهاڻيون هڏ،
جن جي ديهي(٤) دوئي دٻائي وئي.

جاڻي ڪوئي جاڻڻ وارو،
البت اُن ڪي ڏيون اشارو،
ورنہ اسان جو وجي چا يارو،
جيئن جنهن کي وٿي ڪري سا ئي وئي.

جن ڪي جاڻڻ وارو تي جاتو مون،
اج صحيح تن ڪي سڃاتو مون،
تيو افسوس اندوهہ(٥) اوراتو(٦) مون،
سچ ڳالهہ "سچل"(٧)جي سيبائي وئي.

ڪر مات تون هاڻِ "مسرور" ميان،
ڪيئہ پرت(٨)جا پورا دم سين سان،
وري اهڙي ڳجهہ جي ڳالهہ ڪرڻ سان،
وات نہ ڪج هڏ وائي وئي.

---

(١) گودڙيا = چتين لڳل. ڦاٽل رلهيءَ وارا فقير. (٢) طمع = لالچ. (٣) تاڻيون = گهلجون. ڇڪجون (طمع جي طرف نہ تاڻيون = لالچ جي پاسي نهاريون بہ ڪونہ.) (٤) ديهي = جسم، بدن. (٥) اندوهہ = ارمان، اڊڪو، رنج. (٦) اوراتو = راڙو، ماتم. (٧) سچل = فقير عبدالوهاب فاروقي دولهہ درازي سچل سرمست جنهن پنهنجو تخلص سچل، سچو. سچيڏنو اختيار ڪيو هو، (١٧٣٩ عيسوي کان ١٨٢٦ عيسوي). (٨) پرت = پريت، دنيا مر آيل مظهر الاهي سان ڪيل پريت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٥)

حيران حُسن تنهنجي، لالڻ ڪيو لڪن ڪي،
سهڻا! سايي اوهان جي سرمست ڪيو سوَن ڪي.

نينهون نقاب لاهي، سڀ ساهدار دلبر،
بيتاب تاب ڪان ڪيئہ، سيماب(١) جيان سيپن ڪي.

شمس و قمر حيا ڪان، بادل جو برقعو پاتو،
تي رشڪ(٢) روءِ پسندي، باغِ ارم(٣) عدن ڪي.

اي يار چوري چپڙا، ڪي جو اکر آلايَئہ،
هڪدم رَسي حيراني، طوطي شيرين سخن(٤) ڪي.

هڪوار زلف مُشڪين(٥)، چوڙي پرين پيارا،
ڪيڙءِ خراب خارج، مشڪ خَتا(٦) خُتن(٧) ڪي.

"مسرور" جي اڱڻ ۾، پيرا پري پرت مان،
ڪنهن وقت سرخرو ڪر آقا تون انجمن ڪي.

---

(١) سيماب = پارو.

(٢) رشڪ = ساڙ، حسد.

(٣) باغِ ارم = جنت جو نالو، جيڪا زمين تي شداد نهرائي + عدن= شهر جو نالو.

(٤) شيرين سخن = خوش گفتار، فصيح، منو ڳالهائيندڙ.

(٥) زلف مشڪين = خوشبودار وار.

(٦) مشڪ ختا = نيپال، تبت، تاتار، ختا ۽ ختن جي شهرن ۾ ملندڙ ڪستوري، ختا جي شهر ۾ ملندڙ مشڪ، جيڪو هرڻ جي دن مان ملندو آهي.

(٧) ختن = تاتار جو شهر، جتان جي هرڻ جو مشڪ مشهور آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٦)

مسافر هوش ڪر هائي، زمانو نيٺ آ فاني،
وسارج ڪين ڪي دل تان، سندم هي لفظ لاثاني.

نمي هل[١] هر ڪنهين سان تون چڱائي تو چوان توکي،
اهو سوڪم[٢] سمرُ ناهج، چڏي هٺ هوڏ حيواني.

اها اولاد ذن دنيا سندي آهي فقط زينت[٣]،
رکڻ ڪو آسرو تن تي نسوري آهه ناداني.

هتين خالي حبيبن جي اڳيون بيهي بڪيندين چا،
وکر ڪو وٺج وحدت جو[٤]، شغل ڇڏ هاڻ شيطاني.

هتي اوّل اهو ٿيندو، پُڇاڻو پنج وقتيءَ[٥] جو،
ادا ڪر عجز[٦] سان ورنه پرائيندين پريشاني.

ڪري وٺ ڪم چڱا هائي، اڳي لئہ نتُ هٽين هٿ تون،
هتي "مسرور" محشر ۾، ادا ٿيندين تون ارماني.

(١) نمي هل = نوڙت ۽ نياز سان هل.
(٢) سوڪم = فائدي وارو.
(٣) زينت = سينگار. (انماالمال والبنون زينت الحيواة الدنيا. قرآن پاڪ)
(٤) وکر ڪو وٺج وحدت جو = هيڪڙائيءَ جي سودي جو واپار ڪر.
(٥) پنج وقتي = پنج وقت نماز.
(٦) عجز = عاجزي، انڪساري.

# ڪافي (٧)

پيچ ڪوت خوديءَ جو(١) هامَ هٽي(٢)، پڻجي نه خوديءَ ۾ خامُ(٣) نه ٿي،
گهرَ شهرَ عجب ۾(٤) گام ڪٽي(٥) ڪجهه اوت(٦)ڏٿي گهم عامُ نه ٿي.

سپ آهه مٺيءَ جي جوڙ ڪچي، تون راز ربوبيءَ رنگ رچي،
مئي مست جُڙي پئه مرد مچي، اي ليڪ صراحي جام نه ٿي.

رهه رهت، جا خاص آهه رهي، ڪر عيش خدائي ڪاڻ لهي،
هي ويس ڪري درويش نهي، ڏن مال ڦُرڻ لئه دامُ نه ٿي.

هٿ جوڙ ڪنان(٧) ڪر پاڻ پري، هن حال وچان ڪجهه ڪين وري،
انسان ڪنهين ۾ آس ڪري، اميد نه رک ناڪام نه ٿي.

"مسرور" اڙائي چشم اُٽي، رهه هاڻ يگانو گوءِ ڪٽي،
ڪٽ سات سڏائي اڳواڻ بٽي، تون ناڻ ڪڏي بدنام نه ٿي.

---

(١) ڪوت خوديءَ جو = تڪبر وارو قلعو، فاني جسم جي گهمنڊ جو.
(٢) هام هٽي = اقرار ڪري، دم ماري.
(٣) خام = اناڙي، نالائق.
(٤) گهر شهر عجب ۾ = پنهنجي اندر ۾.
(٥) گام ڪٽي = قدم ڪٽي.
(٦) اوت ڏٿي = پاسيرو ٿي، دنياوي شوق کان پري رهي.
(٧) هٿ جوڙ ڪنان = خوشامد کان.

# ڪافي (۸)

خاصو رکين جي خيال اميري، فهم [۱] فقيري ائين بہ ناهي،
توڙي لک مريدي پيري، فهم فقيري ائين بہ ناهي.

شعر چوڻ تہ شرڪ ڪرڻ آ، مفت اجايو مٿو هڻڻ آ،
محبت قرب زبان جي شيري، فهم فقيري ائين بہ ناهي.

ڏاڙهي مُوڇ مٿي جي صافي، در در ڳائڻ گيت ۽ ڪافي،
عام چوي ٿو ڪهڙي دلگيري [۲]، فهم فقيري ائين بہ ناهي.

ڄاڻ قافيہ [۳] علم عروضي [۴] منطق [۵] مسلہ ڪنز قدوري [۶]،
ڪشف ڪرامت روشن ضميري [۷]، فهم فقيري ائين بہ ناهي.

ڳانا ڏاڳا گيڙو پائڻ، "مسرور" نغارا [۸] ناد [۹] وڄائڻ،
خاصي ڄاڻ خود پذيري [۱۰]، فهم فقيري ائين بہ ناهي.

---

(۱) فهم = ادراڪ، ڳيان، سمجهہ.
(۲) دلگيري = پريشاني.
(۳) قافيہ = شاعري جو اهو ٽُڪ، جو رديف کان اڳ ۾ بدلبو رهندو آهي.
(۴) علم عروضي = موزون شعر ناهڻ جو علم.
(۵) منطق = علم جو نالو، صحيح دليل آڻڻ جو علم.
(۶) ڪنز قدوري = فقهي معاملن جا ڪتاب.
(۷) روشن ضميري = بصيرت.
(۸) نغارا = نقارہ، دهل کان وڏو ساز، نغارو.
(۹) ناد = ڦوڪ جو ساز، مينهن جي سڱ، سمنڊ جي وڏي ڪوڏ يا سپ ۾ ڦوڪ پري آواز ڪڍبو آهي، سنک.
(۱۰) خود پذيري = خود نمائي، ڏيکاءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٩)

دوست دلبر غمگسار، مِهر ڪر مسڪين تي.

توکون جدا ڄاڻي خدا، سِڪ ۾ سڄڻ تولئہ سدا،
رت رئان تو زار و زار، مهر ڪر مسڪين تي.

هڪ هڪ هجر ڪيڙس هلاڪ، سوز ڪان سينو آ چاڪ،
نيڻون هاريان نار يار، مهر ڪر مسڪين تي.

حسن تنهنجي جي ثنا، ٻهڳڻ ٻُڌي ٿيڙس فدا،
يڪبار بيوس بيقرار، مهر ڪر مسڪين تي.

گهوري گهمايان مال زُر، واريان نہ توکان ساهہ سر،
گهر ٻار پيي توتان نثار، مهر ڪر مسڪين تي.

"مسرور" تولئہ ٿو مري، منجهہ غمن گوندر ڳري،
پلپل ڪري تنهنجي پچار، مهر ڪر مسڪين تي.

# ڪافي (١٠)

ڪڏهن ملنديَن پرين پرور،
سدا توڪي سنيارين تي.

اگهڻ مِهرؤن(١) اچ منهنجي،
هلي پِرتئون پُنهل پنهنجي،
ڪيو ڪوڪان طرف تنهنجي،
پئي ڪانگا اُڏارين تي.

فراقن مان ڪيس فاني،
قُران تي مُحب مستاني،
اچي ڏس حال مون جاني،
گهنگهر(٢) ڏينهڙا گذارين تي.

اگهڻ "مسرور" جي هيڪر،
ورڻ وائي ڪيو دلبر،
پري سڏڪا سڄڻ سَرور،
رڙي راهون نهارين تي.

(١) مهرئون = مهر مان، مهرباني ڪري.
(٢) گهنگهر = مونجهارو (گهنگهر گذارڻ = ڳڻتي، فڪر ۽ انتظار م گذارڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١١)

نماڻي دل رڙي دلبر،
اوهان کي نت سنياري ٿي.

سوا تنهنجي آ حيراني،
فراقن دل ڪئي فاني،
اچي مل يار لاثاني،
جدائي ڊول ماري ٿي.

وئين لوري سڄڻ لائي،
رقيبن جي لڳي رائي،
نماڻي نين نتُ ڇائي،
هنجون هي هاءِ هاري ٿي.

سگهو سهڻا اڳڻ منهنجي،
اچج قربئون پرين پنهنجي،
ڪري ڪوڪان طرف تنهنجي،
ڪُنل ڪانگا اڏاري ٿي.

سڄڻ توتار لائي ڪا،
نہ اُجَهي ڪار جائي ڪا،
ورڻ جي وار وائي ڪا،
جدائي جانِ ڳاري ٿي.

منا "مسرور" جون آهون،
ڏٺي لگ تون سڄ دانهون،
پري سڏڪا سندءِ راهون،
منا هيءَ نت نهاري ٿي.

# ڪافي (١٢)

سبب ڪهڙي سڄڻ سائين،
پرين دلڙي پليئہ پنهنجي،
اها عادت اڳي راڻا نہ ٿي،
سهڻا سليئہ پنهنجي.

ڪيا هون [١] وِرهہ ويچارا،
ڪرين نا قرب ڪوهيارا،
وجي شايد تو دل وارا،
ٻئي ڪنهن سان رليئہ پنهنجي.

پرين لاتوَ جڏهن لنوَ ڙي،
تڏهن سُڌ نا ڪيوَ اهڙي،
منا منهنجي لُٽي دلڙي،
ڪٺي هاڻي جهليئہ پنهنجي.

سڄي سڏ يار لاثاني،
سگهو "مسرور" سان جاني،
ملڻ جي ڪر ڪا احساني،
گهڻي هاڻي هليئہ پنهنجي.

(١) ڪيا هون = ٿيا هون، ٿيا آهيون. ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٣)

ڪاڏي وڃان مان ڪاهيون، دلبر اوهان جو در ڇڏي،
ديرو سنڌءِ در سامهون، ڪيڙم اچي گهر تر ڇڏي.

دم دم تنهنجون ديدان پسي، هر هر پيو تو حج ڪريان،
ڪعبي ڏي ڪهڙي ڪم وڃان، همڙو حج اڪبر ڇڏي.

نڪري ملت مذهب ڪنان، توڙي تڳا صُنعانَ(١) جان،
منهن تنهنجي مٺخاني ڪيڙم، مسجد مڙهي مندر ڇڏي.

هڪ حرف تنهنجي نانءَ جو، مان رات ڏينهان روح ۾،
تو پڙهان پيارا پرين، دنيا جو سڀ دفتر ڇڏي.

"مسرور" بس تنهنجي طرف، فرض هي جائي فقط،
قائم ڪيو سجدو يڪو، واجب سنت وتر ڇڏي.

---

(١) صنعان = شيخ صنعان.

# ڪافي (١۴)

مسڪين سانَ ماٺا، منٺار ڇڏي ڏي،
آءُ پرچ پرين پاڻان، تڪرار ڇڏي ڏي.

مون سان رهو مُدامي، هم جان هوت همدم،
آغيار [(١)] سندي حُجت، اي يار ڇڏي ڏي.

توکي ڏسي ٻين سان، لونءَ لونءَ اندر لڇان ٿو،
دستور هي دورايو [(٢)]، دلدار ڇڏي ڏي.

هتڙا ٻڌي اوهان کي، منٿڙا ٿو منت ڪريان،
ڪاوڙ غصو غريب سان، غمخوار ڇڏي ڏي.

"مسرور" سان ملڻ جي، سگهڙو ڪا ڪر سياڻا،
ٻيا وسوسا وهم سڀ، ويچار ڇڏي ڏي.

(١) اغيار = غير، اوپرو.

(٢) دورايو = ٻٽو خيال، وهم وسوسو.

# ڪافي (١٥)

سرتيون ساهه ساجن کي، دم دم ٿو ساري،
دم دم ٿو ساري، پل پل پڪاري.

آهون الاهون ڪري، سهٽل سنياري،
سُهٽل سوا سرتيون، مُني گوندر گذاري.

هجر ۾ هوت بنا، گهايل ٿي گهاري،
پيرا پري پرت مَون، شل ايندم اوتاري.

اگڻ "مسرور" جي جيڏيون ايندا، واڳ سگهو واري،
سڏڪا پري ساجن جون، هيءَ ٿي واٽون نهاري.

# ڪافي (١٦)

جانب ڏئي وئين جڏيءَ کي،
بار برهه جو ڪو بارِي.

سڪ تنهنجيءَ ۾ وي سانول سائين الالا، تڪيندي تولئه تارا،
مون روئندي رين گُذاري.

تنهنجي اچڻ لئه وي دلبر سائين الالا، وينيَ تي ڪانگ اڏارايان،
رات دن اٿم انتظاري.

نيڻ ڪٿي ناز مان وي سهڻل سائين الالا، اندر مچ مچائي،
لائي وئين بيقراري.

"مسرور" آکي آءُ پيارل سوڊل سائين الالا، ڪري ڪرم ڪوئي پنهنجو،
هي نڌر تي وو نِڪاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٧)

ڪئي تي يار بيزاري،
چني چاڪون سجڻ ياري.

سڀ گهڙي رنين راتا،
چوين تو چو نه سو پاتان،
نه ڪر مون سان منا ماٺا،
اچي ڏي دوست دلداري.

سوا تنهنجي گهڙي هڪڙي،
نه ڪا نيڻن کي آ ننڊڙي،
فراقي تي رڙي دلڙي،
پسايو پاڻُ هڪواري.

چوان چا مان وري هاڻي،
سياڻو آهين سڀ ڄاڻي،
جواڻي شل سدا ماڻي،
معافي ڪر خطا ساري.

پري سڏڪا پرين پرور،
سدائين ساريان سرور،
اچي "مسرور" سان دلبر،
ڪيو ڪا هاڻ غمخواري.

# ڪافي (١٨)

اڇي اوڇتي دل، سڄڻ سان اڙي،
وڳي نينهن نوبت، لڳي ڏُم ڌڙي(١).

نه وس ۾ اڇي دل، هٿن کان وئي،
مجازي محبت جي مستي چڙهي.

اندر پور پريَن جا پل پل پون،
نه واندي وِرهه کان رهي دل گهڙي.

ٻري دل ۾ ڪورو، ٻرهه جو ٻُپيڙُ،
ويو دل سان سينو، جگر گڏ سڙي.

نه تو عيش "مسرور" اُڄهيم ڪو،
لڳي هاڻ تي هيءَ حياتي ڪڙي.

(١) ڌم ڌڙي = ذوق شوق، جوش خروش. لڳي ڌم ڌڙي = آنڌ مانڌ پيدا ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٩)

عـــجـــيـــبن ســـان دلـــڙي، اڙي وئـــــي اڙي،
نِـگـهـَـہ جـيـئـن جـو نـاگـهـہ(١)، لـــڙي وئـــي لـــڙي.

پـيــا پـيــچ پـخـتـا، ڇـڏائـڻ سـي مـشـڪـل،
وڪـــــڙ زلـــــف ۾ دل، ڪَـڙي وئـي ڪَـڙي.

نـــہ اُڪـــڙِي وري جـــا، لـــڳـــي جـــانِ ۾،
عـــجـــب مـــيـــخ اهـــڙي، جـــڙي وئـــي جـــڙي.

ڏنـــو ڪـــونـــہ دلـــبـــر، دلاســـو وري،
انـــهـــيءَ ســـور ۾ دل، سَـڙي وئـي سـڙي.

ڪـري مـان "مـسـرور"، سـهـہ سُـور تـون،
اهـــا لـــيـــڪ جـــي لِـــڪ(٢)، پُڙي(٣) وئـــي پُـــڙي.

(١) ناگهہ = اوچتو.

(٢) لِکَ = لکت، تحرير.

(٣) پڙي = پوري ٿي (پاڙڻ مصدر).

# ڪافي (٢٠)

ڀڄڻ، اهڙو ڀاڻُ، جيءَ ۾ ھنيو تي جانب جوڙي.

سُتي گهمندي ساجن سائين، سوز تنھنجو تم ساڻُ،
مشرق هَئي جي[١] مغرب ڊوڙي.

تار وهي ٿو موج منجهارون، نينھن تنھنجي جو نِيانَ[٢]،
بعضي[٣] تاري بعضي ٻوڙي.

پيچ پرت جا پختا پيَڙا، پورل پلا سي هانَ،
ڪير سگهي ٿو چِني ۽ چوڙي.

جت ڪت مُحب "مسرور" ڪي، پرين ڏيکارين پاڻُ،
ڪين وڃان پوءِ مُنھنڙو موڙي.

(١) هئي جي = هجي يا توڙي.
(٢) نياڻ = ڊورو، چشمو.
(٣) بعضي = ڪڏهن.

# ڪافي (٢١)

دلڙي ويو آهه ڪسي ڙي ڪسي ڙي، او دلبر يار او ڍولڻ يارُ،
آيل مُئيءَ جي.

ڪاڻ نه مون کي لوڪ جي آهي، لڄ شرم سڀ ڇڏي مون لاهي،
پل ڏيهه مٿم پيو هسي ڙي هسي ڙي.

مُحب ملڻ لئه دم دم سنبران، روز رتِان لڪ دل ۾ رتيان،
وات نه پر ڪو ڏسي ڙي ڏسي ڙي.

جانب جي لئه روز رڙان تو، دم دم پلا مان ياد ڪريان تو.
اکين مينهن محبت جو وسي ڙي وسي ڙي.

"مسرور" صدقو وڃان سيّد تون[1]، گهوريان سر هي قدم تون،
اچي ٽرن برن تي رسي ڙي رسي ڙي.

---

(١) تون = تان.

## ڪافي (٢٢)

متو مارين چو مُلڙو ايڏو، چاهي پر پي چاهي ڙي،
اسين خدا جا خدا اسان جو، آهي پرَ پي آهي ڙي.

ڪٽي ڪلڙي ون اسان جي، لاهي پر پي لاهي ڙي.

ڪوئي پَوءُ اسان ڪي ڪنهن جو، ناهي پر پي ناهي ڙي.

جملا جوڙ ڳنڍين تون پنهنجا، ناهي پر پي ناهي ڙي.

منصور جيان "مسرور" ڪي چاڙهيو، ڦاهي پر پي ڦاهي ڙي.

## ڪافي (٢٣)

تپي پار وجي پياسي،
شر چند(١) ڪان چتاسي.

هي سر ساجن اڳتون، نرتئون(٢) نذر(٣) رکياسي.

شوري (٤) جام شراب جا، پي جام پُر تي وياسي.

هادي سندي نظر ڪان، مخمور مست ٿياسي.

"مسرور" سر سوليءَ تي، هيجون ڏين هلياسي.

(١) چند = مڪر.
(٢)نرتئون = ڪڏي، نرت منجهان.
(٣) نذر = پيتا، نذرانو.
(٤) شوري = شور واري، تمام تيز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٢٤)

نہ ويهي دم فقيريءَ جو، ڪتان هئہ هئہ پرايو سي،
حياتي سڀ اميريءَ جو، پئي تي پهُہ پچايو سي.

هوائي شوق حرصن ۾، گذاريم جم گناهن ۾،
سنواريم نا ثوابن ۾، جماندر[١] گُم گنوايو سي[٢].

اتم هي هانءُ ويسارو، متئون آيو جڏهن وارو،
املهہ ويلو وري يارو، هتن مان هئہ وڃايوسي.

اڳي ڪل ڪانہ ڪا پيئي، هتئون هيِ هُو ويا بيئي،
وڃايم وقت سڀ ويهي، نہ ڪجهہ اڳ ئي ڪمايو سي.

نہ مون ڪيڙا چڱا ڪم ڪي، وڃايم عمر هيءَ ويني،
مگر "مسرور" موهن ڪي، سدا سوزون[٣] تي ڳايوسي.

(١) جماندر = سڄي ڄمار.
(٢) گم گنوايوسي = وڃايوسي.
(٣) سوزون = سوز منجهان، ڏک کان.

# ڪافي (٢٥)

ڪٿي اچ شوق، مان شاهي [١]، گدائيءَ [٢] سان مَٽائي سي،
ڏئي مَتڪيءَ [٣] ۾ دل ڏاهي، ڏکيائيءَ سان مٽائي سي.

محبت جي وني مستي، هٽائي سي ڪُلي هستي،
عقائد علم جي تختي [٤]، چريائيءَ سان مَٽائي سي.

ڪري عزت کي بيزاري، ڪنئي سي خلق جي خواري،
سدا يارن جي چوياري، تنهائيءَ سان مَٽائي سي.

ملي آ عشق آگاهي، رهي گم گار گمراهي،
اندر جي ڪفر اونداهي، سهائيءَ سان مَٽائي سي.

ستي "مسرور" سر صافي [٥]، فقيري هڪ ڳڌم [٦] خاصي،
رمائي [٧] رنگ سنياسي [٨]، صفائيءَ سان مَٽائي سي.

---

(١) شاهي = شهنشاهي، اميري.

(٢) گدائيءَ = فقيريءَ.

(٣) مَتڪيءَ ۾ = واڌاري رقم ۾.

(٤) عقائد علم جي تختي = علم ۽ عقيدن جي لکت.

(٥) صافي = سچو.

(٦) ڳڌم = ورتم، خريد ڪيم.

(٧) رمائي = ڦيرائي.

(٨) سنياسي = سنياس وارو، دنيا کي ترڪ ڪرڻ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (٢٦)

كٿي اڄ شوق مان شاهي، گدائيءَ سان مَٽائي سي،
وٺي مستي محبت جي، هٺڻ هستي هٽائي سي.

وڃي درياءِ وحدت ۾، ڏُٺو(١)هي ڊونڊ لوڙهيو سي،
ذري پُرزي ٻچيل باقي، وِسوڙن(٢)کي وٺائي سي.

اڙي لوڪو خدا جي لڳ، سنايو ڇو، مڃيو سي پر،
مٿي تي ڳالهه مڙني جي، اسان پنهنجي گهٽائي سي.

بدل بريان (٣) لکين عاشق، ڏٺم دلدار جي در تي،
اسان پي نوڪ نيڻن ڪان، وڃي دلڙي ڦٽائي سي.

تيا حيران حيرت ۾، اهي ”مسرور“ جن کي جو،
ذري هن ذوق واري جي، سڌي ڇاتي ڇٽائي سي.

---

(١) ڏٺو = ڊوهي، نڳ.

(٢) وسوڙن = وهمين.

(٣) بريان = پڪل، سڙيل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢٧)

هلي آءُ ڍولڻ جاني، قسم تني رباني،
ڏکيا توريءَ ڏينهن لنگهن ٿا.

اڱڻ آسروند جي آءُ منا،
جاني ڪر احساني.

هاءِ هجر ۾ وري ڍولڻ سائين،
ڪئي آ دل ديواني.

توريءَ منا "مسرور" ڪي،
هئه هئه آهه حيراني.

# ڪافي (٢٨)

اچي مِل دوست دل جاني،
فراقن آءُ ڪيس فاني.

سدائي رت روئڻ ڏاران، نہ آهي ڪارِ ٻي ڪائي،
هلي آءُ تون ڳليءَ منهنجي، اتم تولاءِ حيراني.

پري پيرا منا پرتئون، لهج ڪا ڪَرَ(١) ڪُنل جي پي،
وسارج ڪين ڪي ويهي، منا پنهنجي ٻَڌل ٻانهي.

وڇوڙي جي سهڻ جي مون، نہ طاقت ڪا رهي سهٺا،
اچڻ جي هاڻ هڪواري، ڪيو ڪائي مهرباني.

ڪري "مسرور" سان ڪاوڙ، گذارين يارَ تو ياقي(٢)،
خدا جي واسطي سگهڙو، پسايو پاڪ پيشاني.

(١) ڪَرَ = خبر، سنيار، ڪَلَ.
(٢) ياقي = اڪيلو، ڇڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٩)

بـنـا ديـدار ديـوانـي،
رهان تي رات ڏينهن جاني.

جيئن بلبل ڪري گُهمرا، مثئون گُل جي سوين پيرا،
تيئن تي مان ڪيان ڦيرا، ڳچيءَ پنهنجي وجهي ڳاني.

مُني هئه هئه مري ماندي، منا منجهه هجر هيڪاندي،
ٿيس بيوس هتي باندي، اچي مل دوست لاثاني.

خدا ڪارڻ منا دلبر، سڪايو ڪين ڪي سرور،
پسايو مُنهن پرين پرور، لهي هيهات حيراني.

اڱڻ منهنجي ڪڏهن ايندين، اچي هڪ وار هڪ ٿيندين،
منا ملندين ڪي نا ملندين، ڪيو آ فڪر هن فاني.

جدائي يار تي ماري، الله لڳ آءُ اوتاري،
هنجون "مسرور" نت هاري، اچڻ جي ڪر ڪا احساني.

# ڪافي (٣٠)

اج رات پنهنجي يار سان ٿيڙس وجي ملاقي،
وڇون ويو وڇوڙو، ڪو غم نہ رهيو باقي.

جن لئہ هُيس مان ماندي، ڪيم پئي پڪارون،
پرٿئون پري سي پيرا، ٿيڙا اچي اوطاقي.

ٿيان مان مست جاني، پي پرت جو پيالو،
سگهڙو پري سو ساغر، مونکي پيار ساقي.

"مسرور" مون مبارڪ، ڏي ٿو تہ ڏيهہ سارو،
مليو آهہ يار جاني، اج تار(١) ڪُلي تاقي(٢).

---

(١) تار = پريل، پرپور.

(٢) تاقي = پاسراتي، (تاقي تار ڪلڻ (اصطلاح) عشق ۾ پرپور ٿي وڃڻ يعني محبوب جي ملڻ سان دل جون دريون بہ سجيون ڪُلي ويون ۽ عشق ۾ تمتار ٿي ويون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣١)

دل فرض ٻڌجي سهٽا، واجب فقير کي،
فاقي جو فرض اول، گهرجي گنڀير کي.

قناعت ۽ يڪانگي، رياضت سان رهي پڻ،
آپيت لاءِ پنڌو، مهٽو مُنير[١] کي.

واجب ۽ فرض تن تي، بس فڪر ۽ ذڪر آ،
ڏي ڪن نہ پنهنجو ڪڏهين ٻئي ڪنهن نظير[٢] کي.

سڀ ڪنهن نشي ڪرڻ جي، بلڪل آهي منع،
سو پي نهي پيو تو، روشن ضمير کي.

دل جي ڪنن سان ويهي "مسرور" جي اها،
حسرت سڻي حڪايت، سمجهاءِ سَرِير[٣] کي.

(١) منير = روشن خيال.
(٢) نظير = مثال.
(٣) سرير = جُسي، جسم.

## ڪافي (٣٢)

پُوري ڪندا من جي، شل جيجل آس جاني.
سرتيون اگڻ منهنجي، ايندا ڪري احساني.
سونهن برابر ساجن جي، مَٽُ نہ ڪيان ڪو ثاني.
”مسرور“ مُوهن يار مٺان، ڪنديس سر قرباني.

## ڪافي (٣٣)

ويجهو منهنجي وسي ٿو، دلبر نہ دور آهي.
ڏک سور ۽ سختيون سهڻ، عشق جو دستور آهي.
پيالو پريت جو مون، پيتو پرپور آهي.
اندر آڙهہ عشق جو، جلوو جيئن طور آهي.
”مسرور“ اثر نالي، سڀان سُرور آهي.

## ڪافي (٣٤)

حيف تنهنجي حال تي، ڪيئن لڄ چڏي تي لاهي،
مَنجي بينين مال تي، نگ جو نمونو ناهي.

اندر ته من ڪي مس جان ڪارو چڏيئه ڪرائي،
باهر ڪرين ٿو بولبون، تون باجهه سان باڏائي،

عام جي اڳيان هلين، نياز نِوڙت پائي،
ڪم ڪرين ڪهڙا تون، لوڪ ڪان لڪائي.

گيڙؤ جو گودڙيَن جان، رنگ بينين رمائي،
نالو نشان تن جو، لاشڪ وڃءِ لجائي.

هيءُ حال هاڻي توکي، سچ پچ نه ٿو سيبائي،
"مسرور" طبع تنهنجي، لائق سزا جي آهي.

## ڪافي (٣٥)

قرب ڪري اڄ اڱڻ ۾ آيا، ڏور هيا جي ڏيهي،
پنهنجا وَڙَ وڏا تن ڪيڙا، نه ته آءٌ نه انهيءَ وڙ جيهي.

آئي تن جي عيد ڪئي مون، ڳالهه ڪيان سا ڪيهي.

مام ڏئي تن محبت واري، رمز سان دلڙي ريهي.

مولا اڄ "مسرور" ملايا، ناٿ (١) نصيبن نيهي.

(١) ناٿ = مالڪ. سوامي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣٦)

مهمان ساڻ ياري، آهي رکڻ ڪچائي،
هرگز نه رکجي اُن سان، پلجي به آشنائي.

اکڙيون عجب ازائي، دل جان پي ڦاسائي،
لوري جگر ۾ لائي، جلدي ڪَرن جدائي.

دل ۾ دغا رکي ٿو، مطلب جو سو ٿئي ٿو،
ويندي نه سُڌ ڏئي ٿو، عادت تنهين اهائي.

ناحق هي نينهن لاتم، ڏک سور پلئه پاتم،
پڪ ساڻ تن جي جاتم، سڀ ريب(١)جي رسائي.

وطنيُ سڄڻ سيبائي، توڙي گهٽو ڏکائي،
ڪو جو خلاف پائي، آ ڳالهه تنهن اجائي.

"مسرور" هاڻ پنهنجي، گهارڻ پئي آ اهنجي،
پوندي نه مور منهنجي، ڪجهه مهر تن کي ڪائي.

(١) ريب = فريب، ڪريب، مڪر، دولاب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣٧)

ڪاڪيون ويا تم ڪالهہ، جوڳي جڙ لائي[١]،
هاريان تي جر جال [٢]، ڪنياتل[٣] اڏائي.

ڪري ميڙيون منايان، سرتيون سڏائي،
ڏئي مُهت[٤] منهنڙو، پرچي پسائي،
پلا پنهنجا پال، پيري پلائي.

توري تڪيس تاڪ[٥]، واتون واجهائي،
چِڪي پيڙم چاڪ[٦]، پانڌي پچائي،
هيٺا تيم، حال، سُڌڪي سِيڏائي[٧].

ويَڙا وات وندر جي، ڪهڙي الائي،
دردن جا دل ۾، دونهان دکائي،
لاهوتي[٨] سي لال، وينا مُنهنڙو متائي.

هٿا روح ورونهن جي، ويا مون من منجهائي،
"مسرور" تن جي تات، پيئي تي تڳائي،
ڪنهن سان هي احوال، اوريان ورائي.

---

(١) جڙ لائي = پيچ پائي، محبت جي ميخ هڻي.
(٢) جر جال = تمام جهجهو پاڻي،، اڪين مان وهندڙ ڳوڙها.
(٣) ڪنيا تل = ڪانءُ.
(٤) مهت = عزت، مانُ.
(٥) توري تڪيس تاڪ = ماڳ، منزلون ڳولهي تڪجي پيس.
(٦) چڪي پيڙم چاڪ= زخم وري تازا ٿي پيا.
(٧) سيڏائي = واجهائي.
(٨) لاهوتي = سچا عاشق، لاهوت لامڪان جي خبر رکندڙ فقير.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣٨)

ويو رُسي رنج مان، شل مولا ملائي.

دل ڪسي دلبر ويو، لوري مون لائي،
ڏکن جوشن جيڏيون، ڇڏيو جيئڙو جلائي.

روئي رت اکين مان هي واتون واجهائي،
ڪوڪان ڪيو ڪيچين لئه ڪانگ اُڏائي.

چرخو چندن عاج جو، پيجو قيرائي،
راڻل بنا روح ڪي، ڪجهه نه سيبائي.

ڪاوڙ ڪرڻ غريب تي، تن نه جُڳائي،
"مسرور" ويندس موهن ڏي پاند ڳچيءَ پائي.

# ڪافي (٣٩)

دريءَ مان اچ وجهي جهاتي، ڪيئہ دل يار ديواني،

لڪي ليئا پائي پيارا، مُنئہ مشتاق ويچارا،
اچي مل محب موچارا، فراقن مان ڪيس فاني.

ڪِلي اک جي ڪري ڪيڪر، لُتي دلڙي وئين دلبر،
ڪٽي گهونگهٽ وري هيڪر، ڪيئہ بسمل[1] منا جاني.

زبر[2] زلفن ڪمند[3] وڌڙءِ، نمائي قيد دل ڪيڙءِ،
نہ ڪوئي ترس يي پيڙءِ، ڦِران تي هاڻ مستاني.

ڪڏهن "مسرور" سان ملندين، ملي منهنار هڪ تيندين،
اچڻ جي پَڪَ پرين ڏيندين.، ڪري ڪائي مهرباني.

---

(١) بسمل = اڌ ڪُٺل.

(٢) زبر = زبردست.

(٣) ڪمند = ڦاهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٤٠)

ترس ڪونہ پيوئي، ڪوهيارل ڪُنل جو.

ڏاج ڏڪيءَ ڪي يار پيارا، ڏڪن جو ڏنوئي،
ترس ڪونہ پيو ئي.

زلفين وَنگ وجهي، قابو دل ڪيوئي،
ترس ڪونہ پيو ئي.

"مسرور" جِي ماٺن سان، لالڻ دل لٽيوئي،
ترس ڪونہ پيو ئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٤١)

عجب دل عجيبن سان اڙجي وئي،
ڦِڪل[١] سانڀ ڦيري ۾ ڦڙهجي [٢] وئي.

پيا ونگ ڏانوڻ، مُني دل مني،
وڪڙ زلف پيچيءَ ۾، ڪڙجي وئي.

مجازي محبت جي سيني سنئين،
لڳي ميخ لوهي جان جڙجي وئي.

نہ ڪو وس ڪنهين جو نہ ڪو مون سندو،
لِکي لوح تقدير پُڙجي وئي[٣].

خواري ملامت ۽ طعنا سدا،
مٿئون لوڪ جي لَعن[٤] مڙهجي وئي.

لڳي موج "مسرور" مستي ملي،
هُئڻ هوڏ هستي تہ تڙجي وئي.

---

(١) ڦڪل = اٽڪل .

(٢) ڦڙهجي = جهلجي، ڦاسي.

(٣) پُڙجي وئي = پوري ٿي

(٤) لعن = لعنت، ملامت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٤٢)

ٻانـــڌي پُنهل ڪي چئج زباني،
ماندي مري تنهن ڪي پسايو پيشاني.

پـرزو وجـي هـي ٻِـرَ ڪـي پـسـائـج، حـال سچـوئـي تنهن ڪـي سڻائـج،
جيـئـن چـوان مـان تـيـئـن تـون سـڻائـج، هـونـديـس تـنـهـنـجـي ٻـانـهـي.

سدا سـرتـيـن جـا سُـهـمـان سـهـان ٿـي، ڪنهن ڪي ڪوهيارل ڪين چوان ٿي،
هي حال تہ ڪنهن ڪي ڪين ڪيان ٿي، آءُ تــہ اوريـــون ٻـــاڻ ۾ جـــانــي.

حـال اهــو "مـسـرور" سـنـدوئـي، وجـي ڪـج تـون هـاڻ سـيـوئـي،
هـــن نـــڌر تـــي هـــاڻ اهـــوئـــي، ٿـورو ڪـر، چـئـہ وات زبـانـي.

# ڪافي (٤٣)

آءُ مِل محرم منهنجا جاني قسم توکي آ رباني،
وو ڏولڻ جاني، گولي آهيان مان ٻانهي.

سونهن توهان جي سهڻل سائين، ڪيڙي دل ديواني،
وو ڏولڻ جاني، مَت نہ ڪيان ڪو ثاني.

نوريءَ مون کي دل جا دلبر، هئہ هئہ اٿم حيراني،
وو ڏولڻ جاني، مول وٺي نہ ٿي ماني.

اُلفت تنهنجي مچ مچايو، چا چوان مان زباني،
وو ڏولڻ جاني، ڪيو فراقن آهي فاني.

"مسرور" ماندو مُحب ملڻ لئہ، ماڻين جند جواني،
وو ڏولڻ جاني، آءُ ڪري احساني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان

- (•) داستان سسئي ۽ پنهون.
- (•) داستان عمر ۽ مارئي.
- (•) داستان ڄام سمو ۽ گندري.
- (•) داستان مومل ۽ راڻو.
- (•) داستان هير ۽ رانجهو.
- (•) داستان بيڪس.
- (•) متفرق بيت.

منهنجو تہ سانگين سان، شل الله ڪندو ميلو،
ٻيرون چوندِيس پاند ۾، وجي تہ جيڏين سان،
سيئي سلبنديس اندر جا، ڏکڙا ڏوٿين سان،
"مسرور" مولا مهر ڪندو، ملنديس مارن سان.
"فقير مسرور"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان سسئي ۽ پنهون

(١)

اول نانءُ الله جو، جنهن جوڙيو هي جنسار،
پيدا قادر قدرت سين، ڪيا عالم ارڙنهن هزار،
تِهان نور نبيءَ جو، ٿيو عالم ۾ اظهار،
ان لئہ عجب طرح سان، سينگاريئين سنسار،
صاحب رَبّ ستار، وسي هر وجود ۾.

(٢)

تنهن قادر جي قدرت جو، ڪيهو ڪيان مذڪور،
ڪي دنياوي ڌنڌن ۾، مست گهمن مغرور،
ڪي چريا وتن چت ۾، راتيان ڏينهان رنجور،
ڪي ساري سپيرين ڪي، وڃن پيا وهلور،
ڪي ان ئي پهر عجيب سان، موجن ۾ "مسرور"،
سرتيون، مون ڪي سور، آهي هوت ٻروچ جو.

(٣)

هئہ هئہ هوتن لئہ، مان وتان ويڳاڻي،
گهمان ٿي گهٽين ۾، ناقص نماڻي،
ڪڏهن تہ سياڻي، پينر هيس پنيور جي.

(٤)

آيم ڏير ڏکيءَ جا، سي جوڙا جُنگ جوان،
جيءَ ۾ جوڙيم جايون، مون ڪِلي ڪيڪاريا خانَ،
مون ڀانيا مهمان، پر هيا مُدعي مئيءَ جا.

(٥)

اديون، پيچ پنهل سان، ويم اوچتي اڙجي،
ڏاڍن آءُ ڏيرن جي، هُئي مصلحت نا سمجهي،
هُيَن جا من ۾ سا رکيائون ڳالهہ ڳجهي،
آڏيءَ رات اُٿي، هَنج مان هوت کڻي ويا.

(٦)

وجهي ٻَڪ ٻروچ کي، سرتيون آءُ سُتيس،
آءُ ٻــ آڌيءَ رات جو، جائي(١) نا جاڳيس،
ننڊ نڌوريءَ جيڏيون، ڪاهل آءُ ڪيس،
اجا جو اُٿيس، تہ هوت نہ نهي هنج ۾.

(٧)

پَٽي(٢) نيڻَ پَسان، تہ هوت نهي نہ هنج ۾،
نڪي پانَ پنهل آ، نہ تي ڏيرَ ڏسان،
مهتي موٽي اکيون، تي سرتين سوالَ ڪيان،
تہ اٿم ننڊ اجا، ڪي جاڳان تي، جائي چئو.

(٨)

مِڙي جيڏيون، سرتيون، اچي وينم وَٽ وني،
هو تہ ڪاهي ويا ڪيچ ڏي، هائي ڪر مانَ مُني،
صبر ريءَ سُني، صلاح نہ اٿئي، سسئي!

(٩)

مان تہ ڪنديس ڪيئن، اديون پُلاتي آنءُ،
هئہ هئہ هاتي هانءُ، ڦُٽي تو قارون ٿئي؛

---

(١) جائي = پڪ سان، (٢) پَٽي= کولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

كيان پنهل جا پارَ، پلئُ پائي منهن تي،
واري سِر وسائي، ويني پَٽيان وارَ،
نٿڙي لاهي نَڪَ مان، ڳَلَ چِنان تي هار،
نيٺئون هاريان نارَ، هئه هئه، هوت ٻروچ لئه.

(١١)

ڪاٿئون ڪوهيارا، تون وري آءُ وهلو،
تڙقي ڦتڪي تولئه، جگر تيو پارا،[١]
لاهي پيو لبيس،[٢] ڪپڙا ڪيم ڪارا،
نيٽن مان نارا، روئي رت وهائيان.

(١٢)

هئه هئه هوتَ ٻروچَ، وارثَ منهنجا وَرَ،
مولا لڳِ "مسرور" جا، سڏڙا سڻ سرورَ،
جال وهايان جر، تو ريءَ هوتَ هجر ۾.

(١٣)

موت منا مانديءَ ڏي، تون سرور سڏ سُڻي،
سينو پِني سڄڻان، مان ڪيو پاڻ پَٽي،[٣]
ڪوهيارا ڪيچ ڏٺي، ڳولي ڳڏيو پاڻ سين.

(١٤)

ماندي مران جيڏيون، هوتن لئه هاٺي،
تن من منهنجو، ڪاڪيون[٤]، جن لئه تو تاٺي،
الله تنهين آٺي، موتائي ماڳن تي.

---

(١) پارا = ٽُڪرَ ٽُڪر (پاره پاره)

(٢) لبيس= پوشاڪ، وڳو.

(٣) پَٽي = مٽي خاڪ (پٽي ثي وڃڻ = مٽي ثي وڃڻ، ذرا ذرا ثي وڃڻ)

(٤) ڪاڪيون = جيڏيون، سرتيون، ساهيڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٥)

اديون، ويندبس اوڏهين، جاڏي روح سندو رايو،
هتي جيءُ جَڏيءُ جو، آهي جوشن جلايو،
دعا كيو دل سان، ٿئي سفر سجايو،
منان پاڏايو: منهنجو لهي لاش لکن مان.

(١٦)

اديون، الله امانِ، پرتيون سپ پيرن کي،
سندوَ لڄ شرم جو، نبي نگهبان،
وريو ايندبس ور سان، کريو نا ارمان،
موتي آءُ مهمان، تيندبس اوهان جي، اديون.

(١٧)

اديون، الله توهارَ، پرتيون سپ پيرن کي،
موكلايان ٿي "مسَرور" چوي، سيني لڳي سَؤ وارَ،
تکڙي ويندبس تن ڏي، تَنَ مِ جن جي تار،
ڏئي بانهون بيهر باجهہ سان، هاري هنجُن جا هارَ،
منان پوئنان منهنجي پارَ، اوهين کيو کي، کاکيون.

(١٨)

هليس هوت پنهل ڏي، كتي سورَ سمر،
جهاڳي بحر برَ، چڙهندبس هيكر چوٽ تي.

(١٩)

كتي پير پنهل جو، هليس حال في الحال،
سَهائي اڱڻين ساهہ کي، كُلي كاف(١)، كشال،
ماتي موج وصال، سَرهي تيندبس، سرتيون.

(١) كاف = جبل

(٢٠)

پرانهون پنهلَ يارَ، واڪا ويچاريءَ جا،
سٽي موتج سگهڙو، موڙي اُنَ مهارَ،
ڪيچي قُربدارَ، ننگ نهاري پنهنجو.

(٢١)

ڏونگر ڏاڍايون ڪري، وڏم پير ڦٽي،
ڪيو ناڙُ[١] نهوڙي، اُج بک اونڌَ وٽي[٢]،
چڪيس پيو چُرڻ ڪان، تيون وڌو واءُ سَٽي،
هاٿي ڪيچي شال ڪَٽي، رَسي غم غريب جا.

(٢٢)

ڪري لَڪَ لَڙياس، رکي سڪ سڄڻ جي،
هئه هئه هوتن لئه، مُنهي آءُ مياس،
ويهان ويهڻ نه ٿئي، بيني بيوس ٿياس،
وهلو شل ٿيندياس، هيڪاندي حبيب سين.

(٢٣)

ڪري لَڪَ لڙياس، پسڻ خاطر پِرَ جي،
پَسي هوت پنهونءَ کي، بيني بيوس ٿياس،
جيڏيون شل ٿيندياس، هيڪاندي اُن هوت سان.

(٢٤)

رڙهندي ريهان ڪندي، گوڏن، پر گڙڪان،
هَنيو پاڻ پَهڻ تي، لالڻ لئه لَڙڪان،
ووءِ ووءِ ڪندي وتان، حَبَ مِ هوتَ پُنهونءَ لئه.

(١) ناڙ ڪرڻ = چٽ ڪرڻ، نابود ڪرڻ
(٢) اونڌ وَٽي= آنڌ مانڌ، پريشان ڪري.

(۲۵)

اُيـريـو ڏيـنـهـن ڏکـن جـو، ڏوريـان تـي ڏونـگـر،
سـاڙيـو نـئـي سـريـر کـي، کـوسـو واءُ قـهـر،
هڪ هيٺي، ٻي هيڪلي، تين پيادي، ڪا نـہ پهر،
نـہ ڏسجي پير پهڻ تي، نـہ ڪا جتن جي جُهونگر،
چَريـن جـان چـيـخـان ڪـنـدي، وارا ڏيـان ور،
ڊيرا[۱] تـيـون ڊکـٽـيـون، گـِرڪـي گـوڏن پـر،
ڪاهي رسج ڪيچ ڏئي، مان تڪيس ٿوري[۲] ٿر[۳]،
ڊُلڪيو[۴] اَچن ڍِکرَ[۵]، حَبَ م هوتَ پنهونءَ لئـہ.

(۲٦)

آئـي رات رنـجـائـي جـي، دوڙو[٦] درد وڌيـو،
نـڪـي تـارو اُڀ م، نـڪـي چـنـڊ چـڙهـيـو،
ڪـنـوڻ ڪِـنـوي آئـي، مَـٿـئـون ڪـارو جُـهـڙ جُـڙيـو،
راڙيـن رعـد[۷] مَـلـڪَ جـي، نـهـوڙي نِـيـو،
هَـتـيـس ڪـين هـلـڻ ڪـان، تـوڙي وڏ ڦُـڙو وسـيـو،
"لاتـقـنـطُـوا مِن الـرَّحمـة الله"[۸]، دلاسـو دل ڏنـو،
دهـشـتـنـاڪ درنـدن، اچـي چـوڌاري ويـڙهـيـو،
سمر سِڪ بروچ جو، مون سان زبري[۹] زور[۱۰] هُيو،
هيءُ هـيـنـئـڙو نـا هَـٽيـو، پـسـي هيبت حَب جي.

---

(۱) ڊيرا= ڊيري جو جمع. ڌاڳي يا ڏور جو ويڙهيل ويڙهو يا گولو (ڊيراٽيون= ڊهي پون.)
(۲)ٿوري= ٿورڻ، جهاڳڻ. (۳) ٿَر= سُڪي زمين، واريءَ سو. (ٿر ٿورڻ= واريءَ جو پنڌ جهاڳڻ)
(۴) ڊُلڪيو (مصدر ڊُلڪڻ)= بيهوش ٿيو. هيٺائيءَ وڃڻ. (۵) ڍَڪَرَ= غشي (ڍَڪَرَ اچڻ= ماندو ٿيڻ.) (٦) دوڙو = ٻيڻو. (۷) رعد= وڄ جي گاج (نالو ملائڪ جو) (۸) لا تقنطوا من الرحمة الله= الله جي رحمت کان نا اميد نـہ ٿيو (قران شريف. الزمر ۳۹- ۵۳) (۹) زبري= زبرو، طاقتور، برجستو. (۱۰) زور= گهڻو.

(٢٧)

هيبت حَب جبل جي، جيڏيون ڏسن جي،
تہ پاٹيهي سچي سي، هوند ڪرن ها حَب ۾.

(٢٨)

جن ڪي سِڪ سچي، تن ڪي ڊپ نہ ڊاءُ،
هزارين حَب جهڙا، توڙي تپي ڏيڪارين تاءُ،
اُج بُک ڪانہ اُنهن کي، نہ ڪي لڳي ڪوسو واءُ،
پهڻ تين پِترٽي، پُنهل پوش پناهُ،
تکڙو ڪري تاڪيد جيان، درندن جو دٻاءُ،
پنهونءَ جو پرلاءُ[1]، پيو هُن پر حَب جي.

(٢٩)

بڌي سندرو سِڪ جو، هليون جي هيڪرَ،
سڏاٿيون[2] سُج ڏي، چڙي شوق شهرَ،
پهتيون جام پنهل کي، جهاڳي بحر ۽ بَرَ،
"لاخوف عليهم ولا هُم يحزنون"[3]، لٿن خوفَ خطرَ،
"اللهُ وَلي الذين آمنوا يُخرِجُهُم منَ الظلمات اِلي النورِ"[4]،
ڏوري ڇڙهيون ڏونگرَ،
هوت پنهل هر هر، پَسيو رهن راز ۾.

(١) پَرلاءُ= پڙاڏو، گونج، آواز جي موٽ. (٢) سڏاٿيون= روانيون ٿيون، سفر تي نڪتيون. (٣) "ولا خوفٌ عليهم ولا هم يحزنون"= ۽ نڪي ڪين ڪو ڀؤ آهي ۽ نڪي اهي غمگين رهندا. (قرآن شريف: سورة البقرة،٢، آيت ٢٦٢.) (۴) "الله ولي الذين آمنوا يُخر جهم من الظلمات اِلي النور= الله مومنن جو سنڀاليندڙ آهي، ڪين اونداهيءَ مان سوجهري ڏانهن ڪڍندو آهي. (قرآن شريف: سورة البقرة،٢، آيت ٢٥٧.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٤)

ديهي ڏرتيءَ داخل ٿي، جيئن جو نظر ڪيَم،
هڪدم حيرت ۾ اچي، وس پنهنجي ڪان ويم،
ٿي قراري ڪند ۾، جاچي جو ڏنم،
لوچي اندر لڏم، پتو هوت پنهونءَ جو.

(٣٥)

ديهي ڏرتيءَ داخل ٿي، جيئن جو ڪيم نهار،
تہ پنج نگَ[١] ديهيءَ دَرَ تي، چاري[٢] هن چوڌار،
جن تي روهہ رُلائيو، اندن جي آچار،
ڏک ڪشالا ڏاڪڙا، ٿي حيلا ڪيم هزار،
همت هاديءَ جي سان، ٿيا ڏَنيلَ[٣] ڏارون ڏار،
لٿا غمَ غبار، لڌم رَندڙو روح ۾.

(٣٦)

ديهي ڏرتيءَ داخل ٿي، ويهي ڪيم ويچار،
طبعي هيبت حَب جي، تَرڪ ٿيو تڪرار،
پائي قرب قرار، سُونهين ٿيڙس سات جي.

(٣٧)

ديهي ڏرتيءَ ۾ لنگهي، پاتم جيئن ليئو،
ڏنم ڏيهہَ ڏِيئو، پَرتوو[٤] هوت پُنهل جو.

(٣٨)

ديهي ڏرتيءَ ۾ لنگهي، نونو[٥] ٿيس نهال،
پَسي جوت جمال، مَحو ٿيس محيطَ[٦] ۾.

---

(١) پنج نگَ = پنج حواس: اکيون (ڏسڻ)، ڪن (ٻڌڻ)، نڪ (سنگهڻ)، هٿ (ڇهڻ)، ۽ وات (چکڻ). (٢) چاري = پهريدار. (٣) ڏَنيلَ = ڏکاريل.

(٤) پَرتوو = سوجهرو، تجلو.

(٥) نونو = نوبنو، تازو توانو.

(٦) محيط = قبضي ۾ آڻيندڙ، الله تعاليٰ جو صفاتي نالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١)

گوندر نا گڏ، چپر نا چڏ، ورتيون وج ٻاروچا ٻانهي پنهنجي.

وسارڻ نہ لائق يار اوهان کي، هيءَ نذر هَڏ،[١] توڙي آهي ڏڏ،[٢]
تہ ٻہ ڪوتِي ڪَري آهي، خان، اوهان جي.

پَکَڙو پِرين تون پنهنجو، اوري اچي اَڏِ، يا سِڪايل کي سڏ،
تَنَ ۾ آهي تارَ تَوهان جي.

چپر چڏي "مسرور" کي، لالڻ نا لَڏ، گولي هيءَ نيئي گڏ،
پَسان دم دم صورت اوهان جي.

---

(١) هڏ = هرگز

(٢) ڏڏ = هيٺي، ڪمزور.

## ڪافي (٢)

جانبَ، جَت جو اتم جيءَ ۾ جهوراٽو،
گهارِيان ٿي گوندر، ووءِ ووءِ ويڳاٽو.

مٺي سيج، سرتيون، سُتي آءٌ جو پئي هُيس،
لَهي خواب خوفؤن، ڏيئي پڙڪو اُٿيس،
ڏسان ڪون ڏيهي، هاري هوتاٽو.

اڳ ئي ڏڌَيلَ هيس ڏاڍن ڏکن جي،
آئي ياڳ پاڳي جُدائي جَتن جي،
وري درد دؤڙو[1] سِرنو[2] ساماٽو.

تيو قارَ قاکون جهجي جيءُ جيرو،
ويو عيش اُجڙي، لايو درد ديرو،
گوهر گل دل جو، ڪاڪيون ڪوماٽو.

لکيو انگ، "مسرور"، پاڙيان ٿي پنهنجو،
چَلي ڪون چارو، لڳو عشق اهنجو،
پلئه پند پَتيون،[3] آيم اوراٺو[4].

---

(١) دؤڙو = ڊيٺو.
(٢) سرِنو (سرِنَو) = نئين سر.
(٣) پَتيون = رستا.
(٤) اوراٺو = اولاٺو، ڳٺتي. (اورڻ، ڏورڻ، جهاڳڻ).

# ڪافي (۳)

ڏاڍي ذات بي مهاب[۱]، جيجان آهي جَتن جي،
ڏاڍي ذات بي مُهابُ.

پلؤ اڙائي پنهنجو، تيس مُفت مان مهٽي هاب،
ڏاڍي ذات بي مُهابُ.

بيرحم بيقياسَن چوان، ڪاڪيون ڪيئن نہ قَصابُ[۲]،
ڏاڍي ذات بي مُهابُ.

آخر ڏينهن قيام جي، ڏيندا حق حساب،
ڏاڍي ذات بي مُهابُ.

ڏئي ويا "مسرور" ڏکيءَ کي، عمر جو تہ عذاب،
ڏاڍي ذات بي مُهابُ.

(۱) بي مهاب (بي مهابو)= ڪنور، بي لحاظ، بيرحم، سنگدل.

(۲) قصاب = ڪاسائي، بيرحم.

# ڪافي (۴)

ڪيچ ڪوهيارل سڏائو، واءِ، اڄ رت تي رُئان،
ڏوهه ڪنهن جو ڪونه آهي، مون پَئي پنهنجي هٿان.

جي سُمهان ها ڪين مان، تان هي قصو بڻجي ڪٿان،
هي ڪشالا ڪاف پيي، اچٽا هئا منهنجي مٿان.

هاڻ بس پيرين پيادي، ڪڏ تنين ڪيچين پوان،
ڪين ترسايو مون ڪي تان، جيئن وجي تن ڪي پڇان.

اُن طرف توڙي، اديون، بگهيَڙ بلائون ٿي ٻُڌان،
پر ڪٿي سپ ڪاف هيڪر، ور پنهنجو ووڙي لهان.

ڪاڻ ڪوهيارل اِهي مان، سور سپ سِر تي سهان،
هاءِ، هتڙي هوت ريءَ، ٿي زهر جو پيالو پيان.

دوست ريءَ، "مسرور"، گوندرِ، مفت ٿي ماندي مران،
ڪيچ ڪاهي هوت ڪي، اڪئين ڏسي هيڪر نران.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۵)

مون کي ڪين وٺي ٻي بات اديون،
منهنجو پنهل ويو آ پريات، اديون.

ڏاڍن ڏيرن ڏاڍ ڪيو وي، قياس تنين کي ڪونه پيو، وي،
لَڪيم[۱] لِڪُ نہ انهن جيڪو رکيو، وي، مُئيءَ کي ڪري ويا مات، اديون.

راتيان ڏينهان، هاءِ، هجر ۾، پيئي ڳران ٿي ڳجهہ اندر ۾،
لڳي ٻاهہ برهہ جي جان جگر ۾، آهي هوت بنا هيهات،[۲] اديون.

ڪهڙي ڳالهہ ڪيان مان سورن جي، ٻي خان پنهل جي پورن جي،
وينو ڏار تي ڏاهو ٻرين جي، ڪائي ڪانگ لنوي ٿو لات، اديون.

هائي ويل نہ آهي ترسڻ جي، دل ناهي ڪنهن جي جهلجڻ جي،
”مسرور“ آڪي مُحب ملڻ جي، سدا وائي آهي وات، اديون.

---

(۱) لَڪيم = لَڪاپيم، پانيم، جاتم.

(۲) هيهات = افسوس.

# ڪافي (٦)

وَر ونــي مــنــهــنــجــو ويــا ، ڏاڍي ڪــئــي ڏيــرن مــون ســان،
ڪـونـہ آهـي حـال پـائـي، ڪـيـئـن ڪـيـان، ڪـاڏي وڃـان.

هِـجـر ۾ مـان هـوت ريءَ، رت ٿـي رڙان راتـيـان ڏيـنـهـان،
مَـت نـہ مـون کـي ڪـا ڏيـو، اڄ پاڻ ڪـيـئـن پـنـهـنـجـو پَـلـيـان.

ڪـيـچ جـا وڻ ويـجـهـڙا ، شـل آءُ وڃـي اڪـئـيـن ڏسـان،
وڙ ڪـنـدو مـولا وري، هـيـڪـر وڃـي تـن سـيـن مِـلان.

پـاڻ سـڀ پـنـهـنـجـو پَـلـيـو، مـتـيـون نـہ مـون کـي ڏيـو اوهـان،
ڪـانـہ ڪـا مـون سـان هـلـي، بـس بـي نـہ ٿـي بـولـي بـڌان.

مُـفـت ٿـو مـانـدو مـري، "مـسـرور" هِـت مُـحـبـن بِـنـان،
ڪـا دعـا دل سـان ڪـيـو مـون، تـان وڃـي پِـر کـي پـسـان.

# ڪافي (٧)

هئہ هئہ چوريءَ جَت منهنجو چائي ويا،
الا، جان جگر جلائي ويا.

ڏاڍن ڏيرن ڏاڍ هي ڪيتو،
دل ۾ ڏُودَ(١) ڏُکائي ويا.

ڇڏي ڇوريءَ کي ڏيرَ تہ ڏاگها(٢)،
ڪيچ قطارون ڪاهي ويا.

"مسرور" آکي، وي جيڏيون،
لوري جيءَ ۾ لائي ويا.

# ڪافي (٨)

آڏيءَ رات لَڏي، الا، پنهل ڪيچ وئي ويا.

وجڻ ويل ويري، وي ميان، ويا گولي ڪين گڏي،
آڏيءَ رات لَڏي، الا...

سُتي هو سنيري ويا، وي ميان، چوريءَ کي تہ ڇڏي،
آڏيءَ رات لَڏي، الا...

پينر هِن "مسرور" جي وي ميان، ايندا شال تَڏي،
آڏيءَ رات لَڏي، الا...

(١) ڏُود = دونهون (جمع: ڏُودَ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (۹)

زوريءَ نيو خانَ پنهل کي، ڪاڪيون تن ڪيچن،
جيجان ووءِ جَتن، تَرس نہ پيو ڪو تن.

ونئي وَرُ ويا، ڏئي ڏاج ڏکن،
ويندي، رهنديس ڪينڪي، ڪَيِ تنين ڪيچن.

نينڻ نماڻا منهنجا، راتيان ڏينهان روئن،
هجر ۾ هوت پنهل لئہ، پينر بس نہ ڪن.

"مسرور" سندي، سرتيون! سانگي سار لهن،
پرتئون اگڻ پير پري، آڏرُ ماںَ ڏين.

## ڪافي (۱۰)

جيڏيون جانبَ ريءَ، گوندر گذاريان،
گوندر گذاريان، پلپل پڪاريان.

اديون آريءَ جام جي، روئي راهہ نهاريان،
سُڏڪا پري ساجن کي، سرتيون سنياريان.

ايندم اج اديون، مان اگڻ ٻُهاريان،
هر هر هوت پنهل لئہ، مان سيج سينگاريان.

هئہ هئہ ڪيو هنجون، هوتن لئہ هاريان،
"مسرور" پار پرين ڏي، مان ڪانگ اُڏاريان.

# ڪافي (۱۱)

جڏهن هوتُ ويس پرديس پري،
تڏهن واڪا ڪَيو ٿي مفت مري.

سُتئين، وهم مُني سپ لاهي ڙي،
نڪي سُرِبُر سمجهيئه ساهيڙي،
حيفُ حالَ تنهنجي تي آهي ڙي،
جاڳئين چو نه سويرو جارُ[(۱)] ڪري.

هي جو محبَ تيس مهمان اچي،
سمجهيئين ڪين ته ويندا پوءِ اڳي،
هٿئون پيس پنهنجي، سُني پاڻ سنجهي،
پوءِ ٿي ڏيرن تي مُني ڏوهه ڌري.

هاڻي هوت بنا مَرُ حيران وتي،
هلندي هيڪر تن ڏي ڪاف ڪتي،
سهندي سور سپيئي ساهه مٿي،
جَري جُور ڪئي آ ڪنهن ذوق ذري.

پنهنجي ڳالهه نه تون "مسرور" ڳڻين،
ڪُلي بازي غازي گوءِ ڪٽين،
هرڪا مهل موچاري هٿڙا هڻين،
جڏهن ايل پنهوار جي ايندي اَري[(۲)].

---

(۱) جار= سڪ، اُڪو.

(۲) اري = مصيبت ۾ (اري ۾ اچڻ = مصيبت ۾ ڦاسڻ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (۱۲)

لائي وري لائي ويا، لوري يار.

نند ۾ نهوڙي سُتل كي، چڏي ويا وو هاءِ تَتل كي،
كيچي ادا منهنجي پنهل كي، چائي وري چائي ويا،
اُٿِي چوري، يار!

ويرِي وني ويا وَرُ مون چوري، نند ۾ چڏي هاءِ ندوري،
چاڙهي پنهل كي اُٺ تي زوري، كاهي وري كاهي ويا،
چڏي چوري، يار!

"مسرور" محب شل مولا ملائي، آهون عاجز جون الله اگهائي،
جانب جَتَ ويا چوريءَ چائي، گهائي دلڙي گهائي ويا،
ڏئي جهوري، يار!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۱۳)

جيجان تن جَتن سان، منهنجي توبهہ توبهہ زاري.

ڪين ڪيائون قياس ڪُنل جو، هيڪل چڙي ويا ويچاري.

ڪنهن سان ڪريان ڪوهيارل ڏاران، سُڌ سورن جي ساري.

چاڪون چڙي ويا آيل مون کي، جيڪس هُيڙس ڏاري.

"مسرور" ويندس پار پرينءَ ڏي، پائي ڳچيءَ ڳل ڳاري.

# ڪافي (۱۴)

آيل انهيءَ هوت سان، حُجت ڪيهي هَلان.

چئي چا چوان ڙِي، جوشن منجهہ جَلان.
سمجهي ڪين سگهيس مان، آيل تن جون الان[(۱)].
جيجل جَتَ بروچ سوا، ڪنهن کي سور سَلان[(۲)].
ڪاهي ڪيڏ "مسرور" پنهل جي، سات سان وڃي رَلان[(۳)].

(۱) الان = ڪوڙيون ڳالهيون، لڪائڻ جون ڳالهيون.
(۲) سَلان = چوان، اوريان.
(۳) رَلان = مِلان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٥)

سوين سور ويڙا، ولهيءَ[1] ڪي وڪوڙي،
سگهو موت سهٽا، نيو نينهن نهوڙي.

تييا سَنڌَ ساٿا، پنهل تو پڇاڻان،
سُڌَڙي لهه سياٽا، ورهه تو ولوڙي.

ڪنديس سڀ سنڀاليون، ڳِرين لڳي[2] ڳالهيون،
هلي آهه ڪاليون، وصلَ سان وڇوڙي.

جهوريءَ ۾ جُهران تي، ڏکن ڪان ڏُکان تي،
سي سنڌن ۾ سنوان تي، ويڻا جاءِ جوڙي.

"مسرور" تو ريءَ، جُهري منجهه جهوريءَ،
ڇڏڄ ڪين ڇوريءَ، ورج واڳ موڙي.

---

(١) ولهي = بي وارثي.

(٢) . ڳِرين لڳڻ = ڳلي لڳڻ، ڀاڪر پائڻ، ڳرهاٽي پائڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١٦)

جيڏيون جَتَ تہ ويا ٿَمر جاڙ ڪري،
موٽي مانَ[١] وصل جو ڪو واءُ وري!

آيا ڳالهہ ڳنٺي ڪا ڏير ڳجهي، مون مصلحت تن جي نا سمجهي،
ويا وَرُ مون وٽي آڏيءَ رات اُٿي، هيءَ ڏوہڻ ڏاري ڏار ڪري.

مان ڪيچ تہ ويندس ڪاهي ڙي، جتي هوت پنهل منهنجو آهي ڙي،
مون سان ڪانہ هلي ڪا ساهيڙي، متان اڳتون اديون ڪا اُج مري.

پٽرَ پٽون منهنجا پير ڪيا رَد[٢] واءُ لڳي راهون سير[٣] ڪيا،
ڪيڏا لوح لڪئي تہ انڌير ڪيا، پئي ڳوڙها ڳاڙيو ڳجهہ ۾ ڳري.

آهي هيٺو حال "مسرور" سندو، هِن خستہ دل رنجور سندو،
شل وارو وري معذور سندو، ڏسي لانگها[٤] اٺانگا تو ڏِيل[٥] ڏري.

---

.(١) مانَ = شال، جيڪر.
(٢) رَدِ واءُ لڳي = ردي، خراب هوا لڳي.
(٣) سير = گهٽا، جهجها (راهون سير ڪيا = رستا گهٽا ٿيا).
(٤) لانگها = لَنگهہ، گسَ، رستا.
(٥) ڏيل = بُت، بدن (ڏيل ڏرڻ = بدن ڪنبڻ، ڊپ کان بدن جو ٿڙڪڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۱۷)

ڪاڪيون ڪيڏي ڪري ويا، پنهنجي ڏير پڄاڻي،
ساجهر بارَ پري ويا، هيڪل ڇڏي هيءَ نماڻي.

زوريءَ چوريءَ پنهل نيائون، ڪهل ڪُني تي ڪانہ ڪيائون،
ڏوٻڻ ڏار ڏري ويا، ووءِ ووءِ، ڄاڻي واڻي.

ٻاب ٻنديءَ جي ٻارڻ ٻاري، آڌيءَ رات اُٺي، مُئيءَ کي ماري،
ڏيهون[1] ڏُور پري ويا، وارث ڪري ويڳاڻي.

"مسرور" لائي لنوَ، لُڄ[2]لوري، ڏئي ڏکيءَ کي، جَلُ، ٻَڄُ[3] جهوري،
حَبَ جي پار سُري ويا، ڪنيو اُٺ تي آرياڻي.

---

(۱) ڏيهون = ڏيهہ کان.
(۲) لُڄ = لوڄ، آنڌ مانڌ.
(۳) جَلَ ٻَڄَ = جلڻ ٻڄڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٨)

جيجل، جَتَ ٻروچ لئہ،
منهنجي دل ڪري دانهون.

ويندي رهنديس ڪينڪي، آيل اوڏانهون.

سرتيون، ور منهنجي ڪي، زوريءَ نيائون.

روئي هوت ٻروچ جون، روز تڪيان راهون.

مفت "مسرور" ڪي جيڏيون، گوندر گڏيائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٩)

جانبَ جَتَ لئہ تي هان جيجل جوڳياڻي،
رويو راتيان ڏينهان، پاڙيان پِرت پراڻي.

هِتئون ويندِيس، وي، موتي نا ايندِيس، وي،
دائم در جو پرينديس، پورهيتِ تي مان پاڻي.

يَرِ مان ڪٿي ياتي، ويڙا جُپ چپاتي،
گيران[1]، جُز[2]، نہ مون جاتي، بولي ٻاروچاڻي.

اتم آسون رب ۾، آريءَ جام عرب ۾،
هيڪلڙيءَ ساڻ حَب ۾، سيد تيندو ساڻي.

"مسرور" ڪهڙو ڪريان، هي حال ڏکن جو مان،
ييئر، پوري هيءَ تان، سورن لئہ ساماڻي.

---

(١) گيِران = ڪٿ، ڪٿي وڃ.
(٢) جُز = هل.

# ڪافي (٢٠)

هڻ هڻ هوتن ريءَ هِنتڙي،
ڪاڪيون ڪيئن ڪندياس.

اُتي اسر ويل جو، ڪَڏَ ڪيچين جي ڪَهندياس.
مَٿئون جانبَ جَت جي، گهرَ تڙ گهوريندياس.
پيرا ڪنيو پِر جا، ڏونگر ڏوريندياس.
”مسرور“ مُحب مِني لئہ، ٿَر بَرَ ٿوريندياس[1].

(١) ٿوريندياس = ڏوريندياس، جهاڳيندياس (وڏو پنڌ، ٿورو ڪري پائيندياس)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (۲۱)

اديون آريءَ جام جي محبت هان ماري،
محبت هان ماري، شل هوت ايندم هڪ واري.

سڄڻ سندي مون اڇڻ جي آهي، رات ڏينهان انتظاري،
ساري سهٽل يار کي، ٿيا نار نيڻن مان جاري.

سورن جو هي حال سڄو، بي طعنا خلق خواري،
ڪنديس عرض عجيبن کي، من ڪا محب ڏين دلداري.

ڇا ڪئون ڇڏي مون ڇپر ويا، وو، جيڪس هُيڙس ذاري،
"مسرور" ويندس پار پنهل ڏي، پائي تہ ٻڪچيءَ ۾ ٻاري.

# ڪافي (٢٢)

منهنجو هينئڙو آحيران،
هئه هئه هوت بنا!

پينر شهرُ پنپور جو، پانيان بيابانُ.
نينديس نِرتئون[1] يار ڏي، سورن جو سامانُ.
ڪاتئون ڪونه ملي تو، ڪاڪيون، درد سندو درمانُ.
پنهنجو هاٿي شال پَلا ئي، آري کو احسانُ.
دلبر آئي دور تي ويندو، گوندر جو گهمسانُ.
"مسرور" ڪنديس محب مٿان، ساهه سِري قربانُ.

(١) نِرتئون = نِرت سان، ڏيان سان، هيج مان، ڪڏي.

## ڪافي (۲۳)

جيڏيون هوت ٻروچ جا،
مون کي پلپل پون پور.

جاڳيس ڪين سوير ڀلا، سُتي ڏٺي ويا سُور.
مون سندو ڪو ترس ڀلا، ڪين پيو تن مور.
هُو "مسرور" موجن ۾، آءُ وجان وهلُور.

## ڪافي (۲۴)

ڪِلندا شال پَسان، الا،
دلبر هِن ديدن سان.

ٿَرن ٻَرن ۾ خانَ پُنهونءَ ڪي، ڳولي شال لهان.
ڏاڍين آءٌ ڏيرن کي، ميڙي منٿ ڪيان.
"مسرور" وارث وَر پنهنجي کي، ڏوري آءٌ ڏسان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢٥)

ڏج پيش پنهل کي روئي، هي دردن جو دفتر.

مُئيءَ کي ماري ويا، ترس نہ پين ڪوئي،
سُتي سنيريا سفر.

اَڏر پکيئڙا پار پرينءَ ڏي، حال ڪجان سيوئي،
ماندي مران تي شام سحر.

"مسرور" آکي، جيڏيون، ايندم اگهَ سوئي،
جنهن جي اتم آس اندر.

## ڪافي (٢٦)

الله اگهائي، مولا اگهائي، اديون، منهنجيءَ آد کي.
جيڏيون، جانب جَت کي، چوريءَ ويا چائي،
ڪاڪيون، ڪريو ڪا دعا، منهنجو ويو ورائي(١).
هوتن ريءَ هجر ۾، مُئي ويني ڏکڙا ڪائي،
موتيو کين ڪوهيارل، ويو لوري مون لائي.
"مسرور" آکي محبن سان، شل مولا ملائي،
رويو رت اکين مان هيءَ، واتون تي واجهائي.

---

(١) ويو ورائي= وڃڻ واري کي موٽائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان عمر ۽ مارئي

(١)

هيڪاندي هُياس، مارن ساڻ ملير ۾،
قسمتَ "قيد الماء"[١] جي، ڏارون ڏار ڪياس،
اڇي آءُ پَياس[٢]، هاٿي هَٿِ همير جي.

(٢)

سنبري هڪ ڏينهن سرتين سان، نڪتيس نظاري،
مَتيون پَرڻ مارن جون، سِرَ تي سينهون سينگاري،
اوچتو عمر چام جي، وَرِ چڙهيس واري،
سڏيم گهڻو ساٿين کي، هار هنجن هاري،
پر عُمر نہ سُٽيا ساري، واڪا ويچاريءَ جا.

(٣)

دانهون درد فراق مان، حيلا ڪيم هزار،
تہ نِين نہ نماڻي نار کي، ادا، اوني سوار،
مِهر ڪر "مسرور" تي، ميان سومرا سردار،
پر مُڙيو ڪين منٿن سان، هليو موڙي اُٺ مهار،
آءُ بہ پرين جي لئہ پار، ڪيندي پهتيس ڪوٽ ۾.

(٤)

آٿي عمر ڪوٽ ۾، قابو قيد ڪيو،
هاٿي وَسُ وجڻ جو، ويچاريءَ ويو،
جُسو جان زنجيرن ۾، سوگهو ساهہ ٿيو،
تهان پوءِ پيو، جنجل جالڻ ڏينهڙا.

---

(١) قيدالماءَ = داٿي پاڻيءَ جو قيد (جتي داٿو - پاڻي آهي)
(٢) پياس = پيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

جنجل جالي ڏينهڙا، ويندي شال وري،
ڏسي ڏوٽيئڙن کي، پوندم نين نري،
کوٽي يا کري، سانگين سندي آهيان.

(٦)

عمر گهر عيدان، شاديون تيون شُغلَ،
شاد تنهين شرنائيون، دَرِ ويهاريا دُهلَ،
هيءَ هلايائين هُلَ، تہ مارئي مُنڌ[(١)] تي منهنجي.

(٧)

سوگهي زور زنجيرن ۾، پئي هيسَ پٽ مٿي،
اُتاريو اَسُرَ جو، عمر جام اچي،
تہ مونجهو ڪيڙءِ مارئي، ڪهڙي وهمَ وڌي،
اڄُ ڏسڻ توکي ڏيهہ جا، ايندا ماٺهو ميڙ ڪري،
مُنڌَ تون ويهہ مَٿي، جو راڻي آهين راڄَ جي.

(٨)

راڻيون سياڻيون، سوين تو وٽِ سومرا،
سونهن سيج بندن[(٢)] تي، راڻين جون راڻيون،
اسين پائي پَٽون پٽ تي، رلهيون پُراڻيون،
اهي باراڻيون، بوليون ڪَرِ بِين سين.

---

(١) مُنڌ= عورت، زال.

(٢) سيج بند = سهڻو بسترو.

## ڪافي (۱)

منهنجو تہ سانگين سان، شَلَ الله ڪندو ميلو.
پيرون چونڊِيندِيس پاند ۾، وجي تہ جيڏين سان.
سپ ئي سلينديس اندر جا، ڏکڙا ڏوٿين سان.
"مسرور" مولا مهر ڪندو، ملنديس مارن سان.

## ڪافي (۲)

سانگيئڙن کي نيئي سَليان سَليان، سورَ سيئي الو يلو اَلا.
موڪل ميرَ عمر ڏي مونکي، ماروئڙن سان نيئي مِلان مِلان.
وجني وطن ويڙهيچن سان، خوش ٿي مان کِلان کِلان.
"مسرور" ملڪ مليرِ ڏي، هيجون شال هلان هلان.

# ڪافي (۳)

بيوس هاءِ قسمت ڪيس قيد آئي،
ڪوئي وسُ وِلهيءَ جو هلي ڪونه هائي.

پري پنڌ رهيا، ڏِس ڪٿي مير مارون،
ڪٿي آءٌ پئي هان، ڪريان تي پُڪارون،
آندو زور مُئي ڪي اَمر[1] آب دائي.

ڪونهي ڏوهہ ڪنهنجو ڪرمن[2] لکيو ايئن،
مَنجهئون سوزَ سانونُ اکڙين ڪيو ايئن،
تَڪِن روز روئي طرف سي ابائي.

"مسرور" سمجهہ تون، سدا رهہ صبرَ ۾،
ڏکيا ڏينهن گذري، ويندا دم پهرَ ۾،
مارو نينڌ ملندا، اڄُ ڪي سيائي.

---

(۱) اَمُر= حڪم، تقدير، قضا.

(۲) ڪرمن = قسمت، لکئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (۴)

سِڪ اٿم منجهہ ساهہ،
ادا اباڻن جي مونکي.

نہ ٿا وڻن تنهنجا باغَ بهاري، شالا ڏسندمِ اباڻي واڙي،[(۱)]
عرضُ اگهائيندو الله.

اباڻن ڪارڻ اکڙيون روئن، مَن مارو پيغام مُنجن،[(۲)]
ويني نهاريان راهہ.

"مسرور" تي ڪر ڪائي مِهر، ميل مارن سان مُئيءَ کي عمر،
شرم رکج هي شاهہ.

(۱) واڙي = بني کيت.
(۲) مُنجن = موڪلين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۵)

ڪمزا مھٽا مارُن ڪي ڏيان،
لڪئي لوح قلم(۱) ڏنھُن پانيان.

سور عمر تنھنجا ساھ اندر اٿم،
سي ڪنھن کي ڪين ٻڌايان.

ادا زي عمر مان مارن جي،
ھي لوئي ھڏ نہ لاھايان.

عُمر اباڻا ساري سدائين،
وينٺي نير وھائييان.

"مسرور" روئي مارن لئہ مان،
وينٺي پلوَ پُسايان.

---

(۱) لوح قلم = ازلي انگ لکيل. تقدير.

# ڪافي (٦)

منهنجي مارن جي مَڱَ نه جهلِ امير،
ڏي تون ڏمرُ[(١)] لاهي، موڪل مير حمير.

مُنڌ نه هت جهلين، ماري مال ونين،
هيئن هڌ نه ڪرين، دبائي دِلگير[(٢)].

چڱن ڳالهِ چئي، سُڻ سا گوشُ[(٣)] ڌئي،
قيدڻ ڪنهن نه ڪئي، زائفان منجهه زنجيرَ،

ڪائڻ هي نه ڪيئان[(۴)]، جيسين مير جيئان،
منهنجو قوت ميان ڳاڳيون[(٥)] ڳم[(٦)] ڳنديرَ[(٧)].

پانئج پيڻَ حقي[(٨)]، پنهنجي صاحب سڪي[(٩)]،
ڪرِ تون پَڪَ پَڪي، پڇي مير وزير.

تنهنجا تيل قُليل، ساءُ[(١٠)] نه ڏينم سيل[(١١)]،
مارون مون اٺگيل[(١٢)]، ڌوئن وار نه وير.

تنهنجا زيور زريون، پانيان پڪان پريون،
ڪُهه (١٣) هي سونيون سريون، ورُ، سي[(١۴)] هس تم مير.

---

(١) ڏمر = قهر، ڪاوڙ. (٢) دلگير = هيٺا. (٣) گوش = ڪَنُ. (۴) ڪيئان = ڪاوان. (٥) ڳاڳيون = ڳاڳيءَ جو جمع، برسات ۾ ٿيندڙ ٻوٽي. (٦) ڳم = ڏٿ جو هڪ قسم، گاهه جو هڪ قسم. (٧) ڳنڊير = گاهه جو هڪ قسم (زمين تي چٽ هٽي بيهي، مال وغيره ڪائي) (٨) حقي = حقيقي. (٩) سڪي = ويجهي، سڳي، سچي. حقيقي. (١٠) ساءُ = مزو. (١١) سيل = سئر، نظارو. (١٢) اٺگيل = طبيعت جا ضدي، جوانمرد، ڦڏئي، اٺانگا، هنيلا، هوڏي (١٣) ڪُهه = ڪڏ ۾، ٻنِ. (١۴) ورُ = ڦير، ڦند، گمراهه ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرڪي هرگز نہ وسان،[١] چاهي دل ناچسان[٢]،
ڏت[٣] سان ڏوتي اسان، پيئون پاڪ پنير[٤]،

هت ڪان هاج وئي، واهرَ ڪنهن نہ ڪئي،
پازَنَ اَوس[٥] پئي، لکي جا تقدير.

ست جي ڳالهہ ڳٺيان، اگتئون شالَ وٺان،
ويني هَڪَل هٺان، حاضر حضرت پير.

دل تي تچڪي اُبري، از خود دانهن تي نڪري،
مُورؤن نہ تي وِسري، سرتين جي تصويرَ.

خوديءَ منجهہ پيئي، دڙڪا مُنج[٦] نہ ڏيئي،
مارون منهنجا اگيئي، هيٺا هن حقير[٧].

ڪهڙي ڏوهہ ڏڪاٽي، قيدنَ ڪيئہ آٽي،
بخش پلا هاٽي، جيڪا پئي تقصير[٨].

"بدوي" بس ڪر هاٽي، سانجهيءَ اج سياٽي،
ساجهہ صبح تاٽي، ملندي من دل ڏير[٩].

---

(١) وسان = وس پڄندي. (٢) چسان = ذائقو چکيان. (٣) ڏت = جهنگ جي گاهہ مان پيدا ٿيل اناج ۽ ڦلَ ڦُل. (٤) پنير = نندي ٻير جيڏا داڻا، پنير ٻوٽي جو هڪ ڦل. (٥) اوس = پڪ، ضرور. (٦) منج = موڪل، روانو ڪر.
(٧) حقير = خسيس، ڏڪاريل، غريب.
(٨) تقصير = قصور، ڏوهہ.
(٩) ڏير = صبر، دلاسو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۷)

منهنجي مارن جي، ڪڻُ نہ اوٽَ[۱] عمر،
مُنج واري مڱَ تن جي، دانهہَ[۲] لڳ داوَرَ[۳].

اُچائن[۴] تا جي ٿي، سَنوان گهمن نہ سي ٿي،
ڏرتيءَ ڏبيا ڪيئي، ظالمَ زوراورَ.

مَج تون منتَ زاري، ڇڏ هيءَ دل آزاري،
اَٿي ربّ قهارِي، سوجهي[۵] ڪر نظرَ.

ڪِينَ[۶] ڪيئن کِيان،[۷] وڳا ڪِينءَ ڪيان،
تنهنجا ٻنِ ڏِيان، جهومڪَ ۽ جهومَرَ.

"بدويءَ" ساڻُ پلاٿي، ڪَر تون عمرَ ڪائي،
سمجهي خيال خدائي، ٿورو لائج ٿر.

(۱) اوٽ = پٽ، پاراتو، آهَہ. (۲) دانهہ = داناءُ، عقلمند، سياڻو. (۳) داور = انصاف ڪندڙ. (۴) اچائن = تپائن، آزارن. (۵) سوجهي = سمجهي، ويچار ڪري، ڏيان سان. (۶) ڪينَ = ڪاڏا، طعام. (۷) ڪيان = ڪاوان.

# كافي (٨)

منهنجي مارن جي ڏي ڪا ڪانگ خبر،
اچن تا، يا ايندا، ڪي هيا منجهه سفر،

ورهيه تي مون ويٽا، ڏني ڏوٽيئٽا،
ساري سانگيئٽا، جال وهايان جر.

هتئون جي ويندي‌س ڏنَ(٨) ڏوٽن(٩) ڏينديس،
هيڪر هڪ ٽينديس، اٿم آس اندرَ.

اڏري ڏينم واڏائي، جائي تي دلجائي،
ڪنياتل (٣) خبر جي ڪائي، بولِي بول بيهَرَ.

هتي وطن وارن، سرتين ۽ سنگهارن،
ڪئي تي ڪا مارن، پورهيتِ جي پَچَرَ.

وينين چا ڪون وساري، دل تون(٤) وارثَ(٥) واري،
هِت مان هَنجون هاري، واجهايان هر هر.

ڪڙا ڪوتَ يَجان، اڏري هوند وجان،
هجن ها جي اجان، بازُن بدران پرَ.

"مسرور" رڙي روئي، لڪيو ليڪَ جوئي،
پاڙي پرتئون سوئي، پَسنديس شال پنهورَ.(٦)

(١) ڏنُ = ڏِنلُ لقاءُ. (٢) ڏوٽن = ڏوٽين، (واحد، ڏوٽي = ڏٽ تي گذران ڪندڙ، مارو ماڻهو) (٣) ڪنياتل = ڪنياتو، پيغام پهچائيندڙ ڪانگل، ڪانءُ. (٤) تون = تان (٥) وارث = ڪانڌ، ڪانڌي، ڌڻي، سرپرست، عزيز، مائٽ.
(٦) پنهور = پنهوار، ڌنار، ٻڪرار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (۹)

مـنـهـنـجـا مـارن ريءَ، ڏکـيـا لـنـگـهـن ٿـا ڏيـنـهـن.
عُـمـر ابـاڻـي پـار ڏي، مـولا وسـايـا مـيـنـهـن.
مـانـدي مـارن بـنـا کـنـدي، مـنـجـهـه کـوٽـن کـِيـئـن.
مُـنـج مـوٽـائـي ”مـسـرور“ کـي، آنـدوءِ عـمـر جـِيـئـن.

## ڪافي (۱۰)

ڏکـيـا ڏيـنـهـن لـنـگـهـن، مـنـهـنـجـا مـارن ريءَ،
ڏکيا ڏينهن لنگهن، اندر مچ مچن.

راڙو راتـيـان ڏيـنـهـان، نـاهـي نـنـڊَ نـيـڻـن،
يـاد کـري سـانـگـيـئـڙا، آگـم کـيـو اکـين،
ڏکيا ڏينهن لنگهن.

هـڪ جـدائـيءَ جـهـوريـو، ٻـيـو سـاڙيـو آ سـورن،
عـمـر ابـاڻـي پـار جـا، اونـي شـال اچـن،
ڏکيا ڏينهن لنگهن.

”مـسـرور“ آکـي مـاروئـڙا، دم دم يـاد پـوَن،
شـل ڏسـان ڏوٽـيـئـڙن کـي، مـنـهـنـجـا نـيـڻ ٺـرن،
ڏکيا ڏينهن لنگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (١١)

منهنجا سانگي وسن خوش خيال، آءُ هتِ ويني نيرَ وهايان

آندمِ عمر جيڪا اوڏانهون، لوئي اها مان لال،
ادا اباڻي هَڏِ نہ لاهيان.

ڪوٺن منجھہ ڪوڪان(١) ڪيو، جَرَ وهايان جال،
سڏ ڪا پري وات واجھايان.

"مسرور" چوي مارن ريءَ، ساعتَ پانيان سال،
گھڙيءَ گھڙيءَ تي گوندر گھاريان.

## ڪافي (١٢)

ادا ڙي عمر مارن جا، پلپل پُور پون،
پلپل پور پون، نِت نِتُ نيڻ روئن.

عمر تنهنجا باغ بهاري، طُول وِهاڻا ڪين وڻن،
وجي چوندينديس پاند ۾، پيرون سان سرتين.

عمر ڪُٺي تون زوريءَ آئين، ڪيئہ قابو منجھہ ڪوٺن،
ناهي قرار ڪُنلِ ڪي ڪوئي، سِوا تن سانگين.

"مسرور" اتم آس اِهائي، ويندس شالَ وَطن،
خوش ٿي ڪِلندس ادا، ڏِسي تن ڏوٿين.

(١) ڪوڪان = ڪوڪون، رڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۱۳)

وطن وڃڻ جي آس ٿم اندر ۾، ڇل ايندم، اوني امير مارن جو.

عمر نا وهنديس توسان مان ڪٽ تي،
خوش ٿي ڪلنديس پريَن سان پَٽ تي،
هنڌُ اهو آ هِڪُ، مير مارن جو.

سدا عمر سانگي ٿي ساريان،
دم ذار تن ريءَ گوندر گذاريان،
پکڙو پسائيندو ڇل، پيرُ مارن جو.

تنهنجا ڪاج مليدا(۱) وِهه ٿي پانيان،
سَتُرَ(۲) واري اها لوئي نه لاهيان،
ڪائڻ آهي ٻاگيون ڳنڊيرَ(۳) مارن جو.

ميل عمر "مسرور" ڪي مارون،
پلپل ڪري ٿو جن لئه پڪارون
ڏسي منهن هيڪر حقيرِ، مارن جو.

(۱) مليدا = سٺيا طعام.
(۲) سَتَرُ = ڍَڪُ، پردو.
(۳) ڳنڊير = گاه ڪپ هڪ قسم (زمين تي ڇت هٽي بيهي)

# ڪافي (١٤)

عمر ساهہ ساري سانگيئڙا سدائي،
ڏينهان رات تن جي اتم واتِ وائي.

عمر آءُ عدل تي، ڪيدي ڇڏ قيدن مان،
نمائي ندوري، بي ڏوهي بندن مان،
الله لڳ اجهل[١] سان پلا ڪر پلائي.

ساراهين جي پنهنجا، عمر محل ماڙيون،
تنين ڪان وٽن وڏ، ويڙهيچن جون واڙيون،[٢]
وساريان سي ڪيئن، مان جٽي جن جي جائي.

سِگَرَ[٣] ساڳُ[٤] ڳاڱيون، ڪُنيبيون[٥] جي ڪِين ٿا،
ڪاڏهون[٦] تن ڪي ميوا، مزوهي ڏِين ٿا،
پيرون[٧] جن پٽن جا ڏنا خان ڪائي.

وڃان شَل وطن تي، آيسِ آءُ جهڙي،
"مسرور" دل جي تہ اتم، آس اهڙي،
سَتي[٨] شل سَنتَ سان، اماڻين اِلاهي.

(١) اجهل = ڪمزور، نباڻي. (٢) واڙيون = (جمع) واڙ = لوڙهو، ڪڪائين جاءِ جي چوڌاري ڍنگرن جي پناهہ. (٣) سگر = ڪنديءَ جي وڻ جي ڦري. (٤) ساڳ = سائي ڀاڄي، سرنهن جو ساڳ پليءَ جو ساڳ (٥) ڪنيبيون = برسات ڪانپوءِ واريا سي زمين مر پيدا ٿيندڙ هڪ قسم جو اڇو ٻوٽو. (٦) ڪاڏهون = ڪيئن. (٧) پيرون = ڪبڙ جو ڦر. (٨) ستي = پاڪدامن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٥)

ڪر عمر احسان هاٺي ڇڏ ڪٺي ٻِي ريڙهه پيڙَ،
پَٽُ نہ پھريندِيس ڪڏهن، لاهي اباڻي لال ليڙَ[١].

ظلم ڇڏ زوري ميان، ڪرِ مهر، ڏي موڪلَ مونکي،
ڊڄُ ذرا ڪي حشر جي، ڏاها تہ تون ڏِنهن[٢] پو پيڙ.

هت اسانجي ماڳ تي، مولا وسايا مينهڙا،
ڦوڳ ۾ لاٿيون ڦلاريا، ڪڪوريا ڪندا ڪريڙ.[٣]

رات ڏينهان سرتيون، ساري سَڌن سُڌڪا پري،
آهه گهٽي منهنجي اچڻ جي، هت اباڻن ڪي اوسيڙ[٤].

مِهر ڪر "مسرور" تي، تون ميلِ مارن سان عمر،
ڪڍُ دغا دل مان ٻيائيءَ جي ڪٽي تون خان ٻيڙ.[٥]

---

(١) لال ليڙ = ڳاڙهي لوئيءَ جو ٽڪر.
(٢) ڏِنهن=ڏينهن.
(٣) ڪريڙ = ڪرڙ.
(٤) اوسيڙ = اوسيئڙو.
(٥) ٻيڙ = بنياد، پيڙهہ.

# ڪافي (١٦)

رات ڏن مون تات، آهه سانگين سندي،
هيهاتِ ۽ فڪرات، آهه سانگين سندي.

جيئن ڪٿي آئين جتان تون، اچ اُني مون ڪي چِڏي،
بس عمر ناهي اڪين ڪي بند مر وينئي سُتي،
وائي سدائي وات، آهه سانگين سندي.

هي سلوٽا ۽ سوادي، ڪاجَ ٻِن تنهنجا ڪيئن،
بافتا زر بفت ۽ بخمل ڏسي پلجي وڃن،
هرگز نہ هي مرجات[1]، آهه سانگين سندي.

ڪيئن وهان مان پاڻُ، تن ريءَ هت پَلي،
ڪونہ ٿو "مسرور" مارنُ، جو بہ تان وَسُ ڪو هلي،
بيڪس نمائي ذاتِ، آهِ سانگين سندي.

---

(١) مرجات = مَرڪُ، وڙُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٧)

اُڏر ڪانگل پارِ اباڻي، وڃي سانگين ڪي ڏيج سلامَ.

سوا سانگين جي مونکي، ادا ننڊ آرام،
ناهي گهڙي ڪا قادر جاڻي.

هجن پَرَ پکين جا، تان، ڪنهن تہ بهاني بامَ(١)،
وڃان اڏامي اوڏنهين هاڻي.

جن سان جاليم ڏينهن گهڻيرا، وساري سي وينام،
اداڙي ڪانگلَ مونکي اماڻي.(٢)

"مسرور" چوي مارن ريءَ، هيڏا حال تِيام،
سدا سرتين لاءِ دل ٿي تاڻي(٣).

(١) بهاني بام = حيلي بهاني. (٢) اماڻي = موڪلي، روانو ڪري.
(٣) تاڻي = تانگهي، چڪي، سٽون ٿي ڏئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١٨)

آيـــا كـــي پـــيـــغـــامَ، مـــون وٽ مـــارن جـــا.

اڄ عـمـر آيـا اباڻـي پـارَ ڏنـهُـن، سـرتـيـن جـا تـه سـلامَ.

مُنج[١] مـوٽـائـي مـاڳ تـي مـيـان،ٻيا خيالَ ڪـڍي ڇڏِ خام[٢].

پَـتِ مـارنُ جـي پَـرورُ رڪـنـدو، سـائينءَ جـي هـان سـامَ.[٣]

هَنجوڻ هاريان "مسرور" مارن لئه، نـِـنـدڙي اٿـم حَـرام.

---

(١) منج = موڪل، روانو ڪر.

(٢) خام = اجايو. (٣) سام = پناهه (سام پوڻ = لام لڳڻ، پناهه وٺڻ).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۱۹)

عمر آس من جي اڄ پَرورَ پڄائي،
هُيمر جهوري جن جي، اوڏنهن تِيس راهي.

ڏولاوا ۽ ڏکڙا ويا، وريا اڄ سکڙا،
پَسي پِريان پکڙا، سرسُ تي سرهائي.

اباڻا مون ايندا، ڳرين لڳي[1] ڳرهيندا[2]،
ڏِسڻ ساڻُ ڏيندا، ويڙهيچا واڏائي.

پري پاندُ پيرن، پکي آءٌ پيڪَن،
ورهائيندَيس ويڙهيچن، ملڪ جي مٺائي.

تپشِ، دردُ دل جو، ويندو هاڻ هليو،
سِگرَ ساڳَ ڳاگيون، کٿو کير کائي.

لال لوئي جِتي جَت، پائي وهنديس تن سان پٽ،
"مسرور" شالا مارِن وٽ، سونهان پئي سدائي.

(۱) ڳرين لڳي = ڳرهاٽي پائي، ڳلي لڳائي. (۲) ڳرهيندا = حال وندڊيندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۲۰)

منهنجي مارن جي پت رکي پروَر،
رکيم ستُ ستار، پاندِ ڏئي پاڪرَ.

ٻيتا ربّ ڪيا، وسي مينهن پيا،
ساوا سَرَ ٿيا، لاٿيون ڦوڳ ڦُلرَ.

لاهي ڪُلفَ ٻئي، ڏاجا ڏيبَ ڏئي،
موڪل مير ڪئي، پُنيم آس اندر.

هيڏانهن قيدُ ڪَٽيو، هوڏانهن ڪانگُ لنيو،
مارن يادِ ڪيو، آئي خيرَ خبر.

جئن آندائين، وري واري مُڪائين[۱]،
منهنجيون مڃيائين، آزيون نيث عمر.

لڪيا سَڀُ لٽجي، قيد ويا ڪٽجي،
ابتا اڪرَ مَتجي سُبتا ٿيا سَڪرَ[۲]،

"ٻدوي" وارو وريو، سُک جو ڍارو[۳] ڍريو،
ٿيو مطلب من گهريو، ڏاڻ[۴] ڏنو ڏاترَ.

---

(۱) مڪائين = موڪليائين. (۲) سکر = خوش، وٺندڙ. (۳) ڍارو ڍرڻ = ڪٽڻ، ڪامياب ٿيڻ. (۴) ڏاڻ = دان، عطا، بخشش.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢١)

منهنجي مارن جي پَت(١) رکي پرورَ،
رکيم ستُ ستار، پَاند ڍَڪي پاڪر.

لاهي ڪُلف زنجيرَ، ڇڏي هوڏ حميرَ،
مَتئون وڌم مير، ڇُنيءَ جي چادر.

ملنس مارُوئڙن، سرتين سانگيئڙن،
ڏيهي ڏوٿيئڙن، ڪِلي ڪيم ڪيڪرَ.

قادرَ قُرب ڪيا، وَسي مينهن پيا،
ساوا سرَ ٿيا لاٿيون(٢) ڦوڳَ(٣) لُلُرَ.(٤)

"بدويءَ" ساڻ ڀلائي، ڪئي آ مولا جائي،
سونهان پئي سدائي، ورسي(٥) ساڻ وڳر.

(١) پتِ = عزت، آبرو، (پت رکڻ = آبرو رکڻ، انجام پورو ڪرڻ) (٢) لاٿيون = گاهه جو هڪ قسم، لاٿيون ستن قسمن جون آهن: (١) اوت لاٿي يا اُشڪ لاٿي.(٢) مني لاٿي يا سندر لاٿي. (٣) ڪاري لاٿي. (٤) گهرو لاٿي. (٥) ڪؤنتي لاٿي. (٦) پت لاٿي يا گَڏه لاٿي.(٧) چوٽي لاٿي يا ڦِسر لاٿي، (هن ڪي ساڙي ڪار ناهين ۽ ڀاڄيءَ طور بہ ڪم اچي.) (٣) ڦوڳَ = ٻوٽي جو هڪ قسم.(٤) لُلُرَ = گاهه جو هڪ قسم جيڪو ڀاڄيءَ ۾ بہ ڪم اچي.(٥) ورسي = خوشيءَ ڪيچ مان، مينهن وانگر وسي.

# ڪافي (٢٢)

ادا عمر وجي وطن تي، پنهنجا پنهوار پسنديِاس.

سنُرَ واري سانگيئُڙن جي، لوئي نا لاهيندياسِ.

مولا شل ڪا مهر ڪندو، وطنِ پنهنجي ويندِياس.

وجي تہ ويڙهيچن سان، ادا پيرون چونديِياس.

"مسرور" موتي ماڳن تي، وجي مارن سان ملندياس.

# داستان چام سمو ۽ گندري

(۱)

سما تنهنجي سامَ، مِڙيوئي مهاٽيون،
هي ڪاريون ڪِڪيءَ(۱) هاٽيون، ڏسي ڪج نہ ڪنارو.

(۲)

سما پساءِ سِگهڙو، راضي ٿي تون روءِ(۲)،
پلا هي بدبوءِ، ڏسي ڪج نہ ڪنارو.

(۳)

مان عيبن پري گندري، سمو تون سردار،
اسين پِڄ(۳) لڳ تنهنجا، تون مڙني جو مُنهدار،
بچڙي بدڪار، ڏسي ڪج نہ ڪنارو.

(۴)

ڪينجهر مٿي ڪيئي، مون وانگر ويچاريون،
دانهون ڪرن ٿيون درد مان، سڻ چام سما زاريون،
هي ڪِڪيءَ هاٽيون ڪاريون، ڏسي ڪج نہ ڪنارو.

(۵)

تون سائين چام سميجو، گندري مان گولي،
تنهنجي بانَهن سندي بانهپي، بهڳُڻ مان بولي،
هيءَ ڇِڇِيءَ(۴) هاٽي جهولي، پسي ڪج نہ ڪنارو.

---

(۱) ڪِڪي = بدبوءِ واري. (۲) روءِ = مهاندو، شڪل. (۳) پِڄ = پويان، ڪڌ.
(۴) ڇِڇِي = مڇيءَ جي ڏپ .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

صاحب جامَ سميجا، هي بدي باڏايو[١]،
ڪينجهر مٿي ڪڏهين، جي سائين ڪريو سعيو[٢]،
جي پرين پلوءَ لايو، تہ ڪِڪيءَ مان ڪستوري[٣] ٿئي.

(٧)

ڪِڪيءَ مان ڪستوري ٿئي، تہ عجبُ ڪو ناهي،
ڪينجهر مٿي ڪڏهين، جي قربئون اچين ڪاهي،
هي ليڙان پرين لاهي، سُرهي سرتين ۾ ٿيان.

(٨)

تون صاحب جام سميجو، ٻي تنهنجي سڀُ صِفات،
ڪوجهي هيءَ ڪَم ذاتِ، مٺان پاسي ڪرين پاڻ ڪان.

(٩)

مان عيبن ڀري گندري، تون سمو جام اصلُ،
منهنجو نيچ نَسلُ، پسي ڪج نہ ڪنارو.

(١٠)

ناقص نيچ نمائو، ڪُڙم سندم سارو،
هڪ ڀريل بدبوءِ سان، ٻيو ڪوجهو ءِ ڪارو،
وارين شل وارو، پاسي رکي پنهنجي.

(١١)

جايس ڪاري ڪُڙمَ ۾، البت رنگ اچي،
منهنجو قُوت[٤] مڇي، قورمن ڪان ڪَسر ٿيو.

---

(١) ٻاڏايو = عرض قبول ڪيو. (٢) سعيو = ڪوشش. (٣) ڪستوري = مشڪ. (۴) قوت = کاڄ، خوراڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

ڪاري ڪڙمَ منهجان پيدا ڪيس پرورَ،
قطرو ڪهڙي شيءِ جو، سي اٿاوا[١] اڪرَ،
پاليو مادرِ ڪوڏ مان، جاٽي نورُ نظرَ،
ساماڻس سُڪن ۾، ڏُکُ نه ڏنو ڏاترَ،
هر جاءِ پيئي پڇرَ، نوري منهنجي ناءَ جي.

(١٣)

نوريءَ، منهنجي ناءَ ۾، رب رکيو ڪو رازُ،
نوڙتَ ۽ نيازُ، نسوروئي ناز تيو.

(١٤)

آيو شوق شڪار جي، سمو خاطر سيرَ،
عطر ڪتوريون واسيا، جت چلر مچين جا ڍيرَ،
ياگَ پريا سي پيرَ، ملڪ جنهين معطر ڪيو.

(١٥)

مَئي[٢] مهاڻي گندري، ڪوجهي مان ڪم ذات،
ريجهايان راوَ[٣] کي، ڪهڙي ڪري مَصلحات،
يا قاضي الحاجات،[۴] شل تيان سامَ سمي کي.

---

(١) اٿاوا = ڏکيا.

(٢) مَئي = هڪ ذات جو نالو، سڪايل.

(٣) راوَ = راجڪمار.

(۴) قاضي الحاجات = مرادون پڄائيندڙ، (خدا تعاليٰ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٦)

تيان سامَ سميجي، كهڙي منهنَ ميري،
لڇڻَ[١] ليهه[٢] نہ كو، پريل گندَ ۾ گهٽيري،
چوتو[٣] چڪ[٤] پريو، كري كارنهن ۾ كيري،
سهجئون سونَ مياٽي، سمي ڏي سيري،
مَئي مَتيري[٥]، تي سَمين[٦] سيني وچ ۾.

(١٧)

نوريءَ منهنجي ناڻ جي، سُڌ سمي كي تي،
نظر نوازش جي، اچي كيائين اوچتو.

(١٨)

مهاڻن جي ميلَ ۾، سَمو سير كري،
جاري هَتَ ۾ جامَ جي، پاڻيءَ پير ڌري،
هنَ نوري ناقص كي كري، پاڻئون كين پري،
قَدمَ كير پري، سَمي جهڙا سَهج مان.

(١٩)

ناتي نوريءَ جامَ جي، مهَرَ وسايو مينهن،
اَچي اِن پَر اوچتو، نازُڪ تتو نينهن،
ساري رات ۾ ڏينهن، هُيو شاه شكار ۾.

---

(١) لڇڻ = افعال، خصلت.

(٢) ليهُ = گڻ.

(٣) چوتو = ڍكڻ لاءِ كپڙي جو ٽكر.

(٤) چڪَ = گپ.

(٥) مَتيري = مٿيري، مٿانهين .

(٦) سمين = سما ذات جون عورتون.

(٢٠)

صاحبَ جامَ سميجي، ڪئي نِرمل[١] نوازش،
ٻُڌي ٻاڏايو ٻانهيءَ جو، ٻيءِ سُٺي سفارش،
ڪئي راوَ رهائش، منَهہ[٢] مهاڻين جي.

(٢١)

نوريءَ منهنجي ناءَ سان، سَگ ٻَڌو سرورَ،
ٻَڌي سڳو ٻانهن ۾، پنهنجو ڪيو پرورَ،
سرها ميا(٣) مڙيئي ٿيا، سُٺي خاص خبر،
معافي سونَ مياڻي ٿي، ڪينجهر ۽ منڇُرَ،
انعامَ ٻيا اَپرَ، ميرَ مهاڻن کي ڏِنا.

(٢٢)

ميرَ مهاڻن کي ڏنا، جوڙائي محلات،
بيشڪ ٿِي برات، سَمو عيد سَپن لئہ.

(٢٣)

پاڻيءَ ڪِني ڪاري سان، جن جو هيو گذران،
بدبوءِ جن جي بدن ۾، گند ڪکي گهمسان،
بيهڻ تن جي پَر ۾، لاشڪ نا شايان،
تنهين متي احسان، سَمو ڪري ٿو سَهج مان.

---

(١) نرمل= پاڪ، پوتر، نجُ.

(٢) مَنَهہ = جهوپڙي، لانڊي چنو، ڇپر.

(٣) ميا = مُهاڻا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤)

چارني پَهَرَ چِڪڻ سان، جن جو ڪَمُ هُيو،
گوڏن تائين گپَ سان، پريل بُتُ تيو،
بدبوءِ خاص ڪِڪيءَ جي، تي سازي ساهه نيو،
سائي[١] جام سميجي، سڀ متجي مَنڌُ[٢] ويو،
تن وٽ اَڄ تان اوتجي، عطر مُشڪُ پيو،
ساري ڏيهه سُٺيو، ناتو نوريءَ جام جو.

(٢٥)

ميرَ مهاڻن کي ڪيا، عطا ويس وڳا،
قوُت[٣] جنهين جو ڪُرزيون، هيا ڪِک ڪڳا،
تن وٽ طرحين طعامن جا تيا هوءِ هُڳا[٤]،
ماڻِن سي موجان[٥] يلي، جيڪي سمي لَڙهه[٦] لڳا،
تن جا پولا پرم پڳا، لڻن حرف حساب جا.

(٢٦)

سَهج وڏا ڪيڙا، سَمي سيڻن ساڻ،
سوين صديون جن جو، وِلهو[٧] هُيو وٺاڻ،
ساري عُمر پنيءَ تي، پڻ پاتو نا پهراڻ،
ڊِسَ[٨] متيءَ جي ڍير تي، اچليو پون پاڻ،
تن جو متي ماڻ[٩]، صاحب جام سمي ڪيو.

---

(١) سائي = پاڇي، پناه مر. (٢) مَنڌُ = بدبوءِ. (٣) قوت = کاڄ، خوراڪ.
(٤) هُڳَ = هڳاءُ، خوشبو. (٥) موجان = موجون، مزا. (٦) لَڙهه = آسري، پروسي. (٧) ولهو = سچو، خالي. (٨) ڊِس = ڊِسڙ، متي. (٩) ماڻ = عزت، مان.

(٢٧)

نوريءَ تنهنجي نانءَ ۾، هاديءَ جي حڪمت،
مَنَهِ مهاڻن جي اُني، رب سنديءِ رَحمت،
شاهه ڪئي شفقت، پاسي سڌي پنهنجي.

(٢٨)

سُهڻيون سَڀُ سَميون، سهڻا تن سينگار،
هلن لوڏ لاڪيٺي[1] ڊيل پکيءَ جي ڊار[2]،
مَخرج[3] سان موڙا ڏئي[4]، گندريون ڪن گفتار،
مان مهاڻي پنهنجا، ڪهڙا سليان پار،
رهڻ راڻين جهڙا، مونکي اچن نا اطوار[5]،
بنا خذمت خيرڪي، جاتم سڀ جمار،
سيني وچان سَڏُ ڪري، هَٿَ ڪڍي هڪوار،
جامَ سمي سردارَ، نوازيو هن نوريءَ کي.

(٢٩)

سائين جامُ سمي جو، صاحب جودو سَخا[6]،
فيض فراوان[7] اُن جو، جنهن جي حَد نہ ڪا،
تنهن سَمي جي ثَنا، پوري ٿئي نہ پنن تي.

(٣٠)

ڌرتي ڪاغذ ڪريان، سَڀُ سمونڊ سياهي،
وَڻ تِڻ قَلم ڪريان، تہ بہ ٿئي نہ ادائي،
وڏي وڏائي، صاحبَ جامَ سمي جي.

---

(١) لاڪيٺي = لڪن جي مٺ، عمدي. (٢) ڊار = ڍنگ، لئي، نمونو.
(٣) مخرج = وڏائي. (٤) موڙا ڏئي هلڻ=نخري سان هلڻ. (٥) اطوار = عادتون، طور طريقا. (٦) جود و سخا = عطا بخشش، انعام.
(٧) فراوان = جهجهو، بي انداز.

(۳۱)

نوري منهنجو ناٺ، تيا مائٽ مهاتان،
جام سمو جاتان، حامي روز حساب[۱] جو.

(۳۲)

ڪاري ڪوجهي ڪڙم جي، مان مَئي مِهاٽي،
رَتي رڪان نہ مانُ جي، رڪي جيئن راٽي،
سَڏايان سَمين ۾، مان نوري نماٽي،
پِؤ اٿم تان ٻُچڙي، يا ڪوجهي ڪُجهہ جاٽي،
سَمو سياٽِي، پاسي ڪري نہ پاڻ ڪان.

(۳۳)

سَمو منهنجو ساهُ، مان سمي وٽ سوڪڙي،
نهيلُ هجي نِت ناهُ، شَلَ پاسي ڪري نہ پاڻ ڪان.

(۳۴)

سمي سامَ پئي، پلو تيزم پاڳُ،
هرگز ڪين هيو هي، لائق منهنجي لاڳُ[۲]،
سَمي سيني ۾ ڪَيو، مَتيرو مون ماڳ[۳]،
اهو ساءُ[۴] سهاڳ[۵]، شَلَ رهجي اچي ريجَهہ سان.

---

(۱) روز حساب = قيامت جو ڏينهن.

(۲) لاڳُ = انعام.

(۳) ماڳ = منزل.

(۴) ساءُ = سواد ، مزو.

(۵) سهاڳ = ڀاڳ، مڙس جو پيار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۵)

رهجي اچي ريجهه سان، اُتم اهائي آس،
اَلايِمَانُ بَينَ الخوفِ وَالرجَاءِ[1] رهي جيءَ جُڪاس[2]،
سمي غريب شناسَ، ڏنو پروانو پَڪَ جو.

(۳۷)

مليو پَروانو پَڪَ جو، دل جي تي دلجاءِ،
تَيسَ جامَ سمي سان، يگاني يَڪ راءِ،
ليڪو ڏَرم راءِ[3]، پاڙي چڏيو پنهنجو.

(۳۸)

نوري نور نَبيءَ جو، هي اُمتَ مهاڻان،
سَمو تِي جاڻان، خاص خدا جِي ذات ڪي.

(۳۹)

مياڻي مهاڻن جي، جملي هي جهانُ،
هُيا سيئي هَڪيا، غَفلتَ ۾ غلطانُ،
خُون خرابي جهيڙن سان، جن جو هيو گُذرانُ،
خَبر نه هُيَن خدا جي، نه ڪو دِين ڏِيانُ،
هَر ڪنهن جاتو پنهنجو، مَتيرو تي مانُ،
ڪُل هيو ڪُفرانُ، جملي هِن جهان ۾.

---

(۱) اَلايِمان بَينَ الخَوفِ والرجاءِ = ايمان، خوف ۽ اميد جي وچ تي ٽئي ٿو. (حديث)

(۲) جُڪاس = ڪٽڪو، آنڌ مانڌ.

(۳) ڏرم راءِ = مذهبي حڪومت ڪندڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤٠)

چايو حضرت هاشمي[(١)]، سونهن پريو سردار،
اُجهي آتشڪده[(٢)] ويا، ڪريا ڪوٽَ ڪُفار،
واهڙَ[(٣)] وهيَ هليا، گل ڦل ٿيا گلزار،
ياڪُ پيلا ٿنهن گهرَ جا، نتُ[(٤)] چايو وڏي چمار،
ٿي سُڪرُ[(٥)] ستائي ڏيهه ۾، ويا ڏينهن ڏُکار،
پلجي جيئن پڙرو ٿيو، نرمل نيڪ اطوار،
لڳو نعرو دين جو، ڪَنِ ڪافرَ ڪي ڪَنَ تار[(٧)]،
آخر پَسي اسرار، آيا سڀ ايمان ۾.

(٤١)

ٿيون عطائون اُمتَ تي، نور نبيءَ صدقي،
نتُ نيون نوازشون، هَر پَل هَر لحظي،
سيدَ طفيلي، لٿي مُونجهه مِڙن تان.

---

(١) هاشمي = قريش جو هڪ خاندان، جيڪو هاشم جي اولاد مان هو. حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم ڏانهن اشارو.

(٢) آتشڪده = پارسين جو عبادتگاه، باه جو گهر، ڪورو.

(٣) واهڙَ = نهرون، ڍنڍون، ڍورا.

(٤) نتُ = سدا، مدام.

(٦) ڪن تار = ڪن لاتار، لنوائن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴۲)

نوريِ نور نَبيءَ سان، قادِرَ قُربَ ڪَيا،
مَتي هُت معراج تي، هيڪلِ هڪ ٿيا،
تُحفا نياز نبيءَ جا، پَرورَ پاس پيا،
مدنيءَ ڪي موت مِر، ڏاجا ڏيب ڏِهيا[1]،
سيئي وَهم ويا، ٿيو وعدو ولسوف[2] جو.

(۴۳)

نوريِ نور نَبيءَ جي، جيڪي لَڙهه لڳا،
تَنهين جا يَڳا، پولا پَرمَ حِساب جا.

(۴۴)

نوريِ نور نَبيءَ سان، جيڪي ريجهه[3] رهن،
پاڳا سي بخشيش جا، لائق لڪَ لَهن،
جي ڪَلمو پاڪُ پڙهن، لوڏو لَهر نہ تن ڪي.

(۱) ڍِهيا = رڪيا، ڏنا، اڳتئون رڪيا.

(۲) ولسوف = سورة الضحيٰ ۹۳ جي آيت نمبر ۴ ڏانهن اشارو، وَلَسوفَ يُعطِيڪ ربڪَ فَترضيٰ، ۽ تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي (ايترو) ڏيندو جو (تون) خوش ٿيندين. (۳) ريجهه = وندر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۱)

سائين سمي جي جامَ، ڪيا تَس قرب ڪِروڙين.

ڪينجُهر مَنڇر مطلق معافي، عَجب ٻيا انعامَ،
ڪيا تَس قرب ڪروڙين.

عِشق اَمانت ويس وصل جا، اهڙا تان اڪرامَ،
ڪيا تَس قرب ڪروڙين.

جام سَمي جِي جود و سَخا سان، هٿي نہ سگهي ڪو هامَ،
ڪيا تَس قرب ڪروڙين.

وَلَسوفَ يُعطِيڪَ رَبڪَ فَترضيٰ،[1] اِگتي جا بہ انجامَ،
ڪيا تَس قرب ڪروڙين.

مِهرون مِيرَ جَهلي آ پنهنجي، ساٿياٽي هِيءَ سامَ،
ڪيا تَس قرب ڪروڙين.

مَرڪي مَرُ "مسَرورَ" مهاڻي، خيالَ لٿا سَبُ خامَ،
ڪيا تَس قرب ڪروڙين.

---

(۱) وَلَسوفَ يُعطِيڪَ ربڪَ فَتَرضيٰ = ۽ تنهنجو پالڻهار سگهوئي توکي (ايترو) ڏيندو جو تون. خوش ٿيندين. (قرآن شريف، سورة الضحيٰ ۹۳- آيت نمبر ۴)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۲)

جامَ سمي کي جاڻُ[۱]،
پيو مَنَ ۾ آهِه مُهاڻيءَ جو.

سَنبَت جو آهي سمي کي سَعيو،
وڏي هيجئون هاڻ.

ميرَ ڪنيا هِن مُهاڻيءَ خاطر،
سازَ وڳا سَڀُ ساڻُ.

"مسرور" منڇر(۲) مٿانهون ايندا،
سانجهيءَ سنجهه(۳) سُياڻ.

(۱) جاڻ = سڌ، پروڙ.
(۲) مَنڇَرَ = مشهور ڍنڍ جو نالو.
(۳) سنجهه سياڻ =ساجهر سويلو (سانجهيءَ سنجهه سياڻ = صبح شام)

# داستان مومل ۽ راڻو

(۱)

مُومَلَ سان ماڻان، ڪريس ڪاڪِ ڏَٺي ڪهڙا،
اڳَ ۾ عاشق تون هُئين، سمجهي ڏس سياڻان،
چَڪَنَ چَري(۱) پوءِ ٿيس، توتي مان پاڻان.
موجُن ۾ "مَسرُورُ" چوي، ائين ورهيه وهاڻان،
رکيئي حرف حساب جو، راڻا نہ جاڻان،
تِهان پڇاڻان، عيبَ ڏسي نا آئين.

(۲)

عيبَ نہ مون ۾ اڳهين، جاني هُيَڙا جامَ،
پَر سودا تنهنجي سام، پئي نہ تي تيا پڌرا.

(۳)

سبُ ٿيو سُومَلَ جو، پَر ڀَهڳُڻَ (۲) ڪي تہ ٻيا،
اڳُ تہ منديون منهنجيون، پڻ جيڪي عيب هيا،
ڏِني پاندُ پناهَ جو، تو تي ڊول ڍڪيا،
هاڻي پَڌَرِ سڀُ پيا، راڻا رُنين جڏهين.

---

(۱) چَڪَن چري = چُڄ چري، صفا چري.

(۲) ڀَهڳُڻَ= ڇڳن گُٽن وارو. هڪ ڪان وڌيڪ گِڻن وارو.

# ڪافي (١)

راڻي جي رهاڻ، منهنجو چِتُ چريو ڪيو،

ويا رُسِي، جي روحَ جِي راحتَ، اللهَ اُنهن ڪي آڻِ،

جوڳياڻي تِي آهيان جَڳَ ۾، وارثَ وَرَ جي ڪاڻِ،

موتِي ايندو ميندڙو، پيئَرُ منهنجي ياڻِ(١).

مُوملَ هِنَ "مَسرُورَ" جي، والِي ڪرڪا وَراڻِ(٢).

---

(١) ياڻِ = ماڳِ، آستاني، جاءِ.

(٢) وَراڻ = ورائڻ جي، موٽائڻ جي.

# ڪافي (٢)

اَڄُ اديون مون ڪان مِنَلُ، راتو رُسي ٿيڙو روان (١)،
هاءِ هاٿي ٿي ڪيان مان رت رڙي آهه ُ و فُغان(٢).

عاجَ (٣)جو چَرخو وَرائي، ٿَڪُ(٤)بہ ڦيرائي پَجان،
ڪِينَ آيو ميندرو، هيءَ دانهن دِل ڪنهن کي ڏيان.

راجَ ۾ راتي بِنا، هَنئہ هاءِ ويڳاڻي وتان،
مَست سيَڪو موجَ ۾، هِڪَ مان پئي ڏُک ۾ ڏُکان.

ايندا پَکي پيهي سِگهو، آهِن اميدون مون اجان،
لا تقنطوا (٥) لِکيل ڏِسي، کيئن آسرو لاهي وهان.

سَڀُ سَڏائي سرتيون، مان ميَڙ ۾ مَنتَ ڪريان،
مانَ کي سڏڙا سُڻي، پرَچَن پرين "مَسرُورَ" سان.

(١) روان ٿيڻ = راهي ٿيڻ، روانو ٿيڻ.
(٢) فُغان = پڪار، فرياد.
(٣) عاج جو چرخو = هاٿي، جي ڏند مان ٺهيل چرخو، ائٽ.
(٤) ٿڪُ = چرخي جي چوٽين ۾ پيل لوهي سيخ.
(٥) لاتقنطوا = نااميد نہ ٿيو.

# كافي (٣)

تو سوا راتا سندُمر، ساٿي نہ ڪو ئي يارُ آ،
مِلُ مِنا نالي خُدا جي، لَنوَ ڪيو لاچارُ آ.

شهرُ بَرُ پانيان سجو ئي، سَڀُ ڏسان جايون اُجڙ،
دل خَفي خفگيءَ (١) سبب ڪم ڪار کان بيزارُ آ.

وَصلَ (٢) جو انجام ڏيئي، ڪينڪي آئين وري،
تون وسين خوش يار پر مون لئہ مَتو آزارُ آ.

ڪا طبيبن جي سُتين(٣) مان ڪين ٿِي منهنجي شفا،
سچ تہ منهنجي درد جو دارون سندءِ ديدارُ آ.

تون رُنين راتا جڏهن کان عيش دل اُجڙي ويو،
تو بِنا جانِي ٿيو مون زَهرُ سَڀُ سينگارُ آ.

عرضُ مَج "مَسرُورَ" جو، گهوري وڃان گهمرا(٤) لکين،
ساهہُ هِي تنهنجي مٿان صدقو سڄڻ گهر بار آ.

---

(١) خفگي = رنجش، پريشاني.

(٢) وصل = ملاقات، ميلاپ.

(٣) سُتين = ستين ڦڪين، دوائن.

(٤) گهُمرا = ڦيرا، دفعا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان هير ۽ رانجهو

(١)

عِشق امام اساڏا هويا، آسين جماعتي ٿيوسي،
اَلَستُ بِرَبِڪُم(١) برهه بانگي دا، ڪَنين آواز سڻيوسي،
سُڪُ ستي هَس سيج اُتي، يَڙڪا مار اُٿيوسي،
قَالُوا بَلٰيٰ(٢) اُت آکيم، محبت مسجد قدم رکيو سي،
جمله واجب فرض سنت، ادا نفل(٣) ڪيتو سي،
عِشق سلامت خاص خدا ڪَنُون، دعائي خيرمنگيو سي،
"مَسرُور" آکي هِير جيها، هُڻ سِرتي حال پيو سي.

(٢)

ڪيڙيان پيڙيان(٤) چوڙ ڪَراهُڻ، جهوڪ رانجهو دي ويسان مَئن،
حال اندر دا سوز جگرَ دا، سارا وِرههُ (٥) وَنديسان مَئن،
مئن رانجهو دِي رانجهن ميڏا، هو ڪا در در ڏيسان مَئن،
ننگ ناموس پيءُ ماءُ دا، سَبِ اڳون آگ سَٽيسان مَئن،
"مَسرُور" آکي مَصلحَت ڪَهندي، نا ڪائي مُول مَنيسان مَئن.

---

(١) الست بربڪم = (آءٌ) اوهان جو پالڻهار نه آهيان ڇا؟

(٢) قَالُوا بلٰيٰ = چيائون ته هائو (آهين) (قرآن شريف: الاعراف، ٧ - آيت ١٧٢)

(٣) واجب، فرض، سنت، نفل = جائز، ذميداري، دستور ۽ وڌيڪ عطيه لاءِ مقرر ڪيل عبادت، نمازون، رڪعتون.

(٤) ڪيڙيان پيڙيان = ڪيڙا ذات وارا، جهنگ سيال جي پرسان شهر مگهياڻا جا رهڻ وارا، جيئن ڪيڙا پيڙا چئجي تيئن ڪيڙيان پيڙيان استعمال ڪيل آهي.

(٥) وِرههُ = جدائيءَ جو غم، برههُ، درد.

(٣)

مُحڪم خيال هِڪو هُڻ هويا، دِل وِچ بابل سائين،
ڏنڌي ڦندي دنيا دي، چوڙ ڏيوان تنهن باهين،
اڻ تڻ راتيان ڏينهن رانجهي دِي، ڪَم بيا ڪوئي ناهين،
راضِي تيوين ڏيوين رُخصَت، چگا جي اَپڻا چاهين.

(٤)

ڪَتڻ ڪماوڻ والي ٻيني، تيڪون جوڙيا داد الاهي،
ٻال ٻَهون ٻئي اَمڙي تيڪون، جاڻين هير نہ جائي،
رات ڏينهان تم تات رانجهي دِي، وات نہ ٻي ڪا وائي،
راضي تيوين ڏيوين رُخصت، نہ تہ ويسان لِڪ چُپ جائي.

(٥)

انگ ازلي لکيا ها ميڏا، مالڪ روز جزا[1] دي ماءُ،
ڪيتا ٻيوس هير نماڻي، هئہ هئہ قلم قضا[2]دي ماءُ،
طعنہ مهڻا پِٽ پَلوتا[3] هُڻ تون ڪوئي نا ڏي ماءُ،
”مَسُرور“ آکي ڏيوين رخصت، ميڪون نال رضا دي ماءُ.

(٦)

جيوين ويکان شادي مجلس، تيوين دل ناشاد (٤) ٻهون(٥)،
جيوين رانجهو يار وِساران، آوندا تيوين ياد ٻهون،
جيوين داد منگان مئن دل دا، واهَ تيوين ٻي داد ٻَهون
”مسرور“ نال اساڏي ماءُ پيءُ، لائي جنگ جهاد ٻَهون.

---

(١) روزِ جزا = قيامت جو ڏينهن. (٢) قضا = نصيب، قسمت، لکيو.(٣) پِٽَ پَلُوتا = پٽ پاراتو. (٤) ناشاد = دلگير، غمزده.

(٥) ٻهون = وڌيڪ، زياده.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "داستان بيڪس"

(١)

بيڪس [١] جيان بازار ۾، مون ڪي نيو نينهن،
ڳالهہ اُنهيءَ ڳجهہَ جي، ڪاڪيون ڪنديس ڪيئن،
مِينهَن متئون مينهن، اُنا(٢) محبت موجَ جا.

(٢)

مُومَل مَن مريض، راڻو راحَتَ رُوح،
هيڏانهن هوڏانهن پاڻهي، مانجهي سو ممدوح[٣]،
مِصرع[٤] هي مطرُوح(٥) مليو بيڪس بزم مان.

(٣)

سمجهيم بيڪس بَزمَ مان، راڻي سَندو راز،
تان قالب [٦] خاڪي ڪاڪ جان، اندر مُومل مَن مجاز[٧]،
راڻو روح رَمئيو[٨]، ناتر نفسي [٩] ناز،
مڙيوئي آهہ مينڌرو، باري بي نياز،
سومل سي ئي ساز، جنهن ڪان مومل من ماتام ۾.

---

(١) بيڪس= سنڌيءَ جو شاعر حضرت محمد محسن بيڪس، ١٢٧٥- ١٢٩٨ هجري،سندس مزار روهڙيءَ ۾ سندس والد بزرگوار سرڪار قادر بخش بيدل جي تربت سان گڏ آهي.(٢) اُنا= وُنا، وسيا. (٣) مَمدُوحُ= ساراهيل.(٤) مصرع = شعر جي هڪ سٽ. (٥) مطروح= طرح ڏنل، شاعريءَ لاءِ ڏنل طَرَح. (٦) قالب = ڍانچو، بدن، جسم. (٧) مجاز = ظاهر، تمثيل، خاصيت. (٨) رمئيو= روانو ٿيو. (٩) نفسي = خود جو، پنهنجو، نفس جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤)

وڏ ڦـــڙو وســـــي پــــيـــو، زور زمـــــين تـــي اَڄُ،
مـلـڪ دلـين جـو "مَـسـرور" ٿـيـو، در در دهـلـن ڌَڄُ (١)،
هـاڻ رمـز انـهـيءَ رَڄُ (٢)، مـان ڪـيـو تـون مـن سـان.

(٥)

تـت نـہ تَـڪـيـو(٣)ڪـنـهـن جـو، جـاتـي جـوڳـين جُـوءِ،
رَهـن راوت(٤) اتـهـين، جـت بـاسَ نـہ ڪـنـهـن جـي بُـوءِ،
خـاصـن جـي خـوشـبـوءِ، مُـعـطـر مُـلـڪ سـڄـو ڪـيـو.

(٦)

جـوڳـي جَـفـائـون ڪـري، آيـا مـنـجـهـہ اَدَبَ،
سـدا رهـن سُـجـود ۾، ڇـڏي ڪُـل ڪَـسَـبَ(٥)،
احـسـانـيـون عـالـم تـي، ڪـامـل ڪَـرن قـرب،
اهـڙا مـانـجـهـي مُـحِـبَ، آڳـي عـالـم ۾ مُـڪـا (٦).

(٧)

سـچـا عـاشـق سـاهُـہ ڪـٽـي، ڪـڍهـن نـہ ڪـن ڪَـچـي،
سـانـديـو سـانـديـن سـاهـہ ۾، سِـرڪـڻ (٧) ڳـالـهـہ ڳُـجـهـي،
مـحـبـتـي مـيـدان ۾، اڳـرا ٿـيـا تـہ اچـي،
رنـگ ربـوبـيءَ رَچـي، سـدا رهـن صـبـر ۾.

(٨)

ٻُـڏي ڳـالـهـہ پَـيُـسِ، ڏوڪـي هـن دريـاهـہ ۾،
ٻـڏڻ ڪـان ٻـانـهـون هـٽـي، ٽـانـگـهـي (٨) مـنـجـهـہ تَـريُـسِ،
هـٽـي هـٿ هـلاڪ تـي، چـڪـجـي چـور ٿـيُـسِ،
ويـو ٻَـل (٩) ٻـانـهـن جـو، وس ڪـان هـاڻ ويُـسِ،
لَهرين منجهہ لُڙهيُس، چڪجي چوهين (١٠) چولين ڪان.

(١) ڌَڄُ= وڏو آواز. (٢) رڄ = سرهو ٿيءُ. (٣) تڪيو = آسرو. (٤) راوت = سورهيہ.
(٥) ڪسب= هٿ جو ڪم. (٦) مڪا= موڪليا. (٧) سرڪڻ = وانگر، مثل، ساڪيات.
(٨) ٽانگهي = ننڊو پاڻي. (٩) ٻل = طاقت (١٠) چوهين = تيز.

(٩)

لهرين منجهه لقاءُ، پسيم تي پرينءَ جو،
پيو كونه سماءُ، چڙهي وير وحدت (١)جي.

(١٠)

چڙهي وير وَحدتَ جيِ، وِسري سَڀُ وائي،
موتيُس ماڳَ اُنهيءَ كان، جتان وِيرَ وَري آئي،
اُتي هِمتَ هوش جِي، رَهيِ نه رسائِي،
لهرين مَنجهه لڙُهيُس تي، كَلَ نَ رَهي كائِي،
عجب اهائي، آكاٽي آهه عَمَيق(٢) جي.

(١١)

اونهي بَحرَ عميقَ جي، لَهرينُ ۾ لُبجي(٣)،
رنگُ رُطوبتَ (٤)سارو، حال ويو هَبَجي (٥).
هُئڻ سَڀُ هَجي ويو، دَهشت كان دبجي،
جِوهه سبب چِكجي، پَيسُ سَنئون تِي سِيرَ ۾.

---

(١)، وحدت = هيكڙائي

(٢) عميق = اونهو، اٿاهه گهرو.

(٣) لبجي = خراب ٿي، (لبجڻ) خراب ٿيڻ (لهرين ۾ لبجڻ= لهرين ۾ رل مل ٿي وڃڻ، لهرين ۾ ملي وڃڻ)

(٤) رطوبت = صحت جي تازگي. (٥) هَبجي = گهُٽجي، بوساٽجي.

(١٢)

پَيس سَنئون تَي سِيرَ ۾، لَٿو جيئڻ جو لاگُ (١)،
پينر اهڙو ڀاڳُ، ڀاڳين (٢) ڀاڳي ۾ ملي.

(١٣)

ڀاڳين ڀاڳي ۾ پيو، سيرَ تکيءَ جو سيرُ،
ڦبي هٿُ نہ اُتهين، نَکي تِکي پيرَ.
غَرضُ(٣) رَهيو نا غيرُ(٤)، سِير تکيءَ جي سَير ۾.

(١٤)

سِيرَ تِکيءَ جي سَير ۾ ويُس ٿي لُڙهندو،
ٻڏندو ۽ ترندو، پَيسُ وجي ڪُنَ (٥)ڪين ۾.

(١) لاڳُ = اجورو، عيوضو.
(٢) ڀاڳين = ڀاڳ سان،
(٣) غرض =مطلب، پرواهہ.
(٤) غيرُ = مير، ڪس، بيائي.
(٥) ڪُنُ = درياهہ يا سمنڊ ۾ پاڻيءَ جو اونهو هنڌ، گرداب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# متفرق بيت

(١)

ڪُوڙيون ٻڌي ڪَمر، ڪاهي هليون ڪيچ ڏي،
ظاهر زيب گهٽو رڪين، پرَ اڱهيو مَنجهہ اندر،
موتيون مُهاندر[1]، پسي سور سفر جا.

(٢)

هلنديون سڀ هوتن ڏي، نِيو جن کي نينهن،
ڪَڇان [2] تہ نوڪن ڪيتريون پر ڪُوڙيون هلنديون ڪيئن،
اَڄ سيان پرهينءَ، پاٿهي ٿينديون پڌريون.

(٣)

وسرن ڪين وساريان، ڏور ٿيا ڏيهي،
وينني نت واجهائيان، واٽن تي ويهي،
ايندم شال پيهي، اڱڻ آسرَوند[3]جي.

(٤)

دم دم اکيون دلبر لئہ، منهنجيون سارنگ رنگ[4] ڪري،
وسن ساوڻ مينهن جان، منجهون جوش ڳري،
رعد جئن رازيون ڪيون، عاشق مفت مري،
شل سُٽي سڏ، وَري، ٻاروچل ٻاجهہ سين.

---

(١) مُهاندر = اڳ ۾. شروع ۾.

(٢) ڪَڇان = ڪڇون. بغل. (ڪڇان نوڪن = ڪڳيون هٽڻ).

(٣) آسروند = اميد وار. آسائتو. (٤) سارنگ رنگ = جهڙالي موسم مينهن، برسات.

(٥)

سهڻي ويل سپين ۾، اصل آهي آسا[١]،
ڪي مرد خدا جا خاصا، ملهائيندا ان مهل ڪي.

(٦)

ڪچي ڳهڻ لئه ڪاڪيون، رايو روح رکيو،
پُجي پاڪ پَتڻ (٢) تي، مون عجب رنگ پسيو،
سانگي مڙيون ڪيتريون، جن تي لوءِ[٣]لڏيو،
ڏسي بي مهابي[٤]ملاحن جي، منهنجي جيئڙي جوش تيو،
پر جنهين هَڙِ هُيو، پهرين پتڻ سي ويون.

(٧)

جيڪي پسين ڏڪڙا، سي سيئي پانئج سک،
الفقير لا يُحتاج ماسوي الله[٥]، اوڏي اُچ نه بک،
تڏهن نانگا تنهنجي نُک، [٦]هُتِ لکن لاهوتين سين.

(٨)

سُمهي خوش ڪتن تي راڳ نه سڄي هوءِ،
مَڪر سندو "مسرور" چوي، ناهه ڪٽي ناهيوءِ،
ونهي وت ڏکين جي، تون پيي ڏکي روءِ،
من پيي تهان پوءِ، ويجهي تئين وصال کي.

(٩)

الله آڻيندوءِ سپرين، منهنجا هوت هيئين جا هارَ،
ٻـ تي ڏينهڙا محبت جو، جاني رکو جار(٧)،
دل ڳهري جڏهين، تـ آڻيو مون کان عار (٨)،
"مسرورُ" محب اوهان جو آهي خاصو خدمتگار،
مُفت نه سائين مار، سڪاين کي سپرين.

---

(١) آسا = آشا، اميد (راڳڻيءَ جو نالو جا صبح سويل ڳائبي آهي). (٢) پتڻ = درياءَ جو اهو گهيڙ جتان ماڻهو ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پار اُڪرن. (٣) لوءِ = ڳوٺ، وطن. (٤) بي مهابي = اڻ واقفي، بي حيائي، بي وڙائي. (٥) الفقيرلايُحتاج ماسوي الله = فقير محتاج نه آهي سواءِ الله جي. (عربي چوڻي) (٦) نُک = نسب، ڪٽنب، مِٽي مائٽي، سلسلو. (٧) جار = سڪ، اُڪير. (٨) عار = شرم، حياءُ، حجاب.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۰)

جوتي ربّ رحيم، ساڳيو سوئي رامُ،
انهن اکرن ۾ ازجي، ڪي طالب پيا تمام،
ڪُلّ شيءٍ هُوَاللّه [۱]، "مسرورَ" پروڙج مامَ [۲].
خلقنا الِانسان في اَحسن تقويم[۳] اهو جاٿي چا عامُ،
صوفيءَ جو سلامُ، آهي هندو مومن سان هڪڙو.

(۱۱)

پڇازي جيڪا سا اڳيازي آهي،
اڳيازيءَ جي انت ڪي ڪپر ڪو ناهي،
سمجهي ڳالهه ڳُجهي ڪو، وهم وڃؤن لاهي،
وِڃئون هي ناهي، ڳنڍي ماري[۴] ڳالهه ڪي.

---

(۱) ڪُلّ شيءُ هو الله = هر شي ۾ الله آهي (حضرت پيران پير دستگير جو قول)
(۲) مام = ڳجهه، راز، ڀيد.
(۳) لَقَدُ خَلقَناَ الانسان فِي اَحسَنِ تقويمِ = تہ بيشڪ ماڻهوءَ کي تمام سهڻي انداز ۾ پيدا ڪيوسون. (قران شريف - سروة التّين ۹۵- آيت نمبر ۴)
(۴) ڳنڍي مارڻ = ڳنڍڻ، ڇَني هڻڻ، سڌارڻ، ڳنڍ ٻڌڻ، جوڙڻ.

(١٢)

ترڪ ڪيو جن ترڪ ڪي، سچو تن سُجود،
نماز عابد [(١)] سجدا سر جا، نماز زاهد [(٢)] ترڪ وجود،
نفل نماز پڙهڻ سان بلڪل، بود [(٣)] نہ تي نابود [(٤)]،
مري مُطلق [(٥)] ڪينڪي، مُوذي [(٦)] من مردود [(٧)]،
نيهي [(٨)] ماري پنهنجي من کي، ماڻن تا مقصود،
"مسرور" وٽ موجود، آهي ڪين الله ري.

(١٣)

هڪ بيڙي بہ ملاح، چُرڻ ڪان چُڪجي وجي،
هرڪو تاڻي پاڻ ڏي، حيّ عليَ الفلاحِ [(٩)]،
بنهي بي صلاح، ڪنڌيءَ رسائي ڪينڪي.

(١٤)

باروچل باجهہ سين، وهلوهاڻ وريج [(١٠)]،
مهر سندو "مسرورؔ" تي، اچي هادي [(١١)] هٿ ڏريج،
پنهنجو قرب ڪريج، ڪميڻيءَ تي ڪيچ ڌڻي.

(١) عابد = عبادت ڪندڙ، نمازي. (٢) زاهد = پرهيزگار، متقيّ. (٣) بود = هجڻ جي حالت، هئڻ، هستي، وجود. (٤) نابود = فنا. (٥) مطلق = آزاد، بيپرواه. (٦) موذي = ايذاءُ ڏيڻ وارو. (٧) مردود = رد ڪيل، ڌڪاريل. (٨) نيهي = پيار ڪندڙ، ڪوڙيو، عاشق. (٩) حيّ عَليَ الفلاحِ = اچو ڪاميابيءَ طرف. (١٠) وريج = موٽ، واپس اچ. (١١) هادي = هدايت ڪندڙ رهنما.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرائڪي ڪافيون

## ڪافي (١)

تون اَساڏائين يار وو دلبرا،
ساڏي لھين ڪائي سار وو دلبرا.

محبت تيڏي دي مئن هان ماري، جل ڳئِي جاني جندڙي ساري،
ياد ڪر نت تيڏي ياري، روئندي هان مئن زارِ وو دلبرا.

قرب تيڏي مئن هان ڪُنڙا، راڻا تون ڪيويں رُنڙا،
توبن دم دم موهن منڙا، وهندي رت دي نارِ وو دلبرا.

جدائي تيڏي دل نا سهندي، قربئون ڪيچ ڏي ڪُنڙي ڪهندي،
سِير سمند دي جت تکڙي وهندي، اُت اُکارئين پارِ وو دلبرا.

فراق تيڏي ڪيتا فاني، جي جل ڳيا وت دوست لاثاني،
"مسرور" نون من موهن جاني، درسن وِکاوين هکوارِ وو دلبرا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڪافي (٢)

مکڙا وکاوين جيءَ جيارا، هوت هزارا يار پيارا،
مٺن وچڙي نون مل نامِ خدارا، هوت هزارا يار پيارا.

هاءِ هجر وچ جانان جائي،
دلڙي ميڏي ڪيتي سدائي،
ڪرندي پُڪارا، دوست دُلارا، هوت هزارا يار پيارا.

پاڪ پساوين اپڻي پيشاني،
آس اها وت ميڏڙي جاني،
سرور سونهارا، دل قرارا، هوت هزارا يار پيارا.

عرض ميڏا هي سائين تينون،
پاس تون اپڻي منگوا مينون،
ويکان نظارا، مدينہ مُنارا، هوت هزارا يار پيارا.

ربّ دي ڪارڻ هووين راضي،
نال نيازي ڪرندا آزي.
"مسرور" بچارا، مُحب موچارا، هوت هزارا يار پيارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۳)

عشق ڪيتا بدنام برهه ڪيتا بدنام،
وسرڳيوسي مذهب سارا.

سر اساڏي ڏاڍا هويا حسن دا هُل هنگام،
وسرڳيوسي مذهب سارا.

ڳالهه هڪا ڪُلّ هڪوئي هوئي ناهي حلال حرام،
وسرڳيوسي مذهب سارا.

پير مغان پرّڪي پلايا خاص خُمر دا جام،
وسرڳيوسي مذهب سارا.

"مسرور" ساڏا حال حلاجي خلق ڪياڄاڻي خام،
وسرڳيوسي مذهب سارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۴)

ساڏا نال ڪتابان ڪيها ڪم وي پلا،
ملي ماهي تہ وجي غم وي پلا.

مُلڪ ماهي دي سَيان ويسان، ڏوهہ بديان سب بخشائيسان،
رهان نہ هڪ دم وي پلا.

حال سُولان دا سبِ ونديسان، مال خزانا گهولِ ڪريسان،
ساهہ سسي هڏ چم وي پلا.

درس دنيا ڪنون منهنڙا ميتي،نانگي تيسان نينهن دي ڪيتي،
لاهي لڄ شرم وي پلا.

اگڻ ”مسرور“ دي آءِ تون دلبر، معافي ڪر ميڏا سُهڻا سرور،
جو ڪجهہ هويا جرم وي پلا.

# ڪافي (٥)

هادي پال پلايا، مُولا مُحب ملايا،
هويا بخت سوايا.

سونهن صلابت(١) يار سڄڻ دي، شمس و قمر شرمايا،
خواب دي اندر مئن نون آڪي، درسن دوست وڪايا،
هويا بخت سوايا.

سانون يار پياري سَيان، باري برهه بچايان،
پر پر يار پريمي پرتئون، پيالا پُر پلايا،
هويا بخت سوايا.

پرتئون پير پيارل سَيان، اگن اساڏي پايا،
"مسرور" مئن گهر عيد هوئي موهن ميڏا آيا،
هويا بخت سوايا.

(١) صلابت = مضبوطي، استحڪام.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٦)

وهوا عشق الله دا آيا، سر نينان فوج چڙهايا،
آ اپڻا حُڪم هلايا.

حُسن هزاري دلبر دي، هوش تي فهم ڀُلايا،
هر گل گلشن دي وچ، رنگي رنگ بنايا.

چُم چُم مئن، ڳلي لڳا ڪي، سَيان نينهن نڀايا،
نينهن سڄڻ دا شينهن هويا، وَل ڪاوڙ سانون آيا.

"مسرور" مئن، عشق رانجهن دا، چُم ڪر سرتي چايا،
سُور سڄڻ ڏونهين ميڏي، سيني وچ سمايا.

## ڪافي (٧)

سڏڙيان دا ڪنهن سالِ، هردم حج اساڌا هويا.

لگڙا وتي سَيان ساڏي، نينهن سڄڻ دا نال،
هردم حج اساڌا هويا.

هر دم هوندا يار مُلاقي، مُوسيٰ طُور مثال،
هردم حج اساڌا هويا.

شُڪر مُبارڪ يارو مليا، ماهي خُوب خصال،
هردم حج اساڌا هويا.

"مسرور" موج اُنهين وچ دائم، خاص رهين خوشحال،
هردم حج اساڌا هويا.

## ڪافي (٨)

درد فراق دي شب زي شب،
شالا پيش نہ ڏيوي ڪنهن دي رَبّ.

ويڪو نالِ يتيمان يارا، ڪيڏا فراق، اُنهين ڪيتا پسارا،
ويڪين جنهان دا نا ڪوئي نَسب.

سيئي پيادي، ويک نمائي، شام هوئي ڦرندي ويڳائي،
رَند وجايس وچ روهي حَب.

هڪو دل ۾ درد وچوڙا، ڏوجها شام دا، هوندا ڏوڙا،
پِت پِت آکان هائي غضب.

"مسرور" لَنوندا ڪانگل جائي، اُڏري وَل وَل ڏيندا واذائي،
صُبح هويا سب تيو مطلب.

# ڪافي (۹)

پَهر شَرع دا پوش، هوڪا هرجا ڏيوين حقيقت.

هردم حال حلاجي يارو، جذب ڏِويندا جوش،
سُڻ قال[۱] اَصبر[۲] ترسي طبيعت.

وچ پيالي سوز دا سمندر، پاڪر[۳] ڪيتم نوش،
ڪس ڳِڏا جنهن آرام جميعت.

اُلٽ پياسر عشق الاهي، بيخود ٿي بيهوش،
واه وڄاوان طبل طريقت.

"مسرور" دين مذهب ديان ڳالهيان، ڪرڪُل ئي فراموش،
بره بيدل دي ڪيتم بيعتَ.

(۱) قال = گفتگو.
(۲) اصبر = مان صبر ڪريان ٿو.
(۳) پاڪر= وجهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٠)

سَڏڙي عاشق سؤ هزار، سر ڏيڻ ۾ تيوَن بيزار.

مَن شاعريم[١]، لاف مريندي، عاشقيم[٢]عشق ڪريندي،
تاب اوڙاهه دا تِل[٣] نه سهيندي، آپ سڏاوَن تير مار.

دل وچ رکندي دغا سدائي، ظاهر رهندي زاهد جائي،
آپ جاڻن مُول نه پائي، ڏُوجهان نُون ڪرن ڏڪار.

ع.ب[٤] ڪنون هن اياڻا، اهڙا عاشق اج ڪلهه ساماڻا.
”مسرور“ هُڻ تئي سياڻا، چوڙ تنهاندي تُون پچار.

---

(١) مِن شاعريم = مان شاعر آهيان.
(٢) عاشقيم = مان عاشق آهيان
(٣) تِل = تر، ذرو.
(٤) ع ب = عشق برهه.

# كافي (١١)

اسين مسافر پَلَڪ پَهر دا وو يار،
متان ڊولڻ يار وسار ٻهين،
اسين مسافر پَلَڪ پَهر دا وو يار.

سانون لائق[(١)] خط لکڻا هئي،
واچڻ[(٢)] واجب[(٣)] تينون سهڻا هئي،
مئن نون جڳ سارا ڏيندامهڻا هئي،
تيڏا، شام سحر دا وو يار،

متان ڊولڻ يار وسار ٻهين،
اسين مسافر پَلَڪ پَهر دا وو يار.

نت نت گُڻ تيڏا ڳائيسان،
گُڻ ياد ڪر زارون زار روئيسان،
پلا توبن ڪنهن دي نالِ وندبيسان،
ميڏا جاني، حالَ اندر دا وو يار،

متان ڊولڻ يار وسار ٻهين،
اسين مسافر پَلَڪ پَهر دا وو يار.

---

(١) لائق = فرض
(٢) واچڻ = جاچڻ، پڙهڻ.
(٣) واجب = لازم، جائز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊولـڻ تـيـنـون وسـار نـہ ٻـھـيـسـان،
گـولـي تـيـڏي عُـمـر پـر رهـيـسـان،
طـرف تُـسـاڏي كـانـگ اُڏيـسـان،
حـيـدرآبـاد شـھـر دا وو يـار،

مـتـان ڊولـڻ يـار وسـار ٻـھـين،
اسـين مـسـافـر پَـلـڪ پَـھـر دا وو يـار.

"مـسـرور" سـانـون كـيـھـا خـطـر،
كـا سـان عـذاب نـہ وچ قـبـر،
ساڏا حضرت مُحّمد سرتاج پيغمبر،
ضـامـن روز حـشـر دا وو يـار،

مـتـان ڊولـڻ يـار وسـار ٻـھـين،
اسـين مـسـافـر پَـلـڪ پَـھـر دا وو يـار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (١٢)

كون سُڻي اي وَت ساڏا، محبت دا مذكور.

سُڪ سُني هس عشق جڳايا، چا چشمان ڪيتس چُور.
مئن نا مُول چوڙيسان وي، دوستانہ دستور.
پُڪي پئي نون پاڻ پلاوي، ڪنهن دا هُڻ مقدور.
"مسرور" دي اندر وچ هويا، عشق والا ناسور.

# كافي (١٣)

سانُون وڃڻ ضرور، پلا پارِ پريان دي.

ويسان سَيان مُلڪ ماهي دي، رهسان مئن نا مُور.
أجاري سي اندر ساڏا، اور درد ڪري سي دُور.
جام درد محبت والا، بيدل ڏيوين پرپور.
ڏيوين بديان سيئي نسيان(١)، پلئہ پاءِ "مسرور".

---

(١) نيسيان = وساري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# كافي (۱۴)

ديــري دلـــبـــر آيـــا وي، ديـــري دلـــبـــر آيـــا وي،
مست مئن موج ۾ رهيان بلڪل.

برهہ بسنت بهادرُ يارو، هر جا هُل هُلايا وي،
کُليا گُل هزارا نسرين[١]، ريحانہ رنگ رسايا وي،
نرگس موتيا نارنگي، هرگل قُل جڳمڳ لايا وي،
تڙيا تانگر سُوسن سُنبل.

سير چمن دي خاطر سهڻا، پير اُتاهين پايا وي،
اَز روءِ نوازش يار پياري، رَنج قدم فرمايا وي،
نازَڪ نينهن نياوَڻ ڪيتي، اَپڻا پال پَلايا وي،
وهم ڳيا، هُڻ تيو حق حاصُل.

واهہ طَيُور عجب طرح دا، ناچو مور نچايا وي،
آ بهہ پيش پريان دي يارو، اَپنا ساز سڻايا وي،
باري باري طرز عجائب، گيت مُبارڪ ڳايا وي،
بيخود هو ڪر قمُري بُلبل.

طبل ساز سارنگي وهہ واهہ، ڏان ڏان ڏومر مچايا وي،
رلمل جيڏيان دست لَبان نُون، ميندي پان ملايا وي،
عطر مُشڪ عنبر "مسرورا"، ڳلي ڳلي چٽڪايا وي،
ڪِيا جي عود[٢] ڪنٿوري[٣] صَندل[۴].

(۱) نسرين، ريحان، نرگس، موتيا، نارنگي، تانگر، سوسن، سنبل = گلن جا نالا. (۲) عود = خوشبودار ڪاٺي. (۳) ڪنٿوري = مشڪ، ڪنٿوري. (۴) صندل = خوشبودار ڪاٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (١٥)

ٽُون ميڏي من دا نار ميان، آءُ لهه سڄڻ سنيار ميان.

ملڻ تيڏي دي مٺن نُون وائي، تات تيڏي يار سدائي،
جاني جڏي نال ڪر نہ جدائي، مٺن مُئي ڪُون نہ مار ميان.

عشق ڪيتي ڪران آهه زاري، ويکڻ آئي خلقت ساري،
آءُ ڪر ميڏي مددگاري، برهه تيڏي دا هئي بار مَيان.

آءُ هلي سڄڻ سهٽا، اڱڻ "مسرور" دي مَن مُهٽا،
نال ڪرم دي ٻڳي دا ڳهٽا، ڳهڙي ڳولي نالِ ڳُذار ميان.

## كافي (١٦)

خُواجه ميڏي تقصيران مُعاف كرو،
مُعاف كرو خواجه ميڏي تقصيران.

پئي ليلاوَن در تيڏي تي، دلبر لک دلگيران.
واهر تي تون ميڏڙي رهبر، سخي شاهه ميران.
"مسرور" نون وت تكيه تيڏا، آڏر توئي آسيران.

## كافي (١٧)

رُخ صنم دا كعبه قبلا، ابرو مثل محراب ويكو،
سجدي اندر بسمل[١] هويا، برهه والا بيتاب ويكو.

مصحف[٢] عين[٣] اشاره ظاهر، اور نه كوئي كتاب ويكو،
مُلك دليان دا لُٽ نيندا، ووهي ناز نقاب ويكو.

عاشقان نُون ڏيندا اوگاهي(۴)، سوز آ ميز[٥] سيماب[٦] ويكو.
تجلي جنهن دي طور جلايا، روشن مُک مهتاب ويكو.

سُخن سنجيده كَنز قدوري، ثابت صحيح صُحاب ويكو،
طواف دم دم ڳلي صنم دا، عاشق عظيم ثواب ويكو.

ڳالهه اها "مسرور" دي يارو، دل دا كر كو حساب ويكو،
ايهي رمز رلاوَن واهُ، بيدل شاهه شتاب[٧] ويكو.

---

(١) بسمل = اڌ كنل. (٢) مصحف = قرآن پاک. (٣) عين = اک.
(۴) اوگاهي = آگاهي. (٥) آميز = جهڙو. (٦) سيماب = پارو (اک جي لاءِ تشبيهه). (٧) شتاب = جلد، بنا توقف.

## ڪافي (١٨)

مَئن نالِ تون نينهڙا لاوين، لاوين توڙِ نڀاوين.

ڪڏان وَت ڍولا نال ڪَرمَ دي، تُون آوين، ليئڙا پاوين.

پريم پيالا پرتئون پيارا، سائين پُر پلاوين.

”مسرور“ نُون هڪواري هادي، درسن ديد وکاوين.

## ڪافي (١٩)

اَلله هُو هُو، هُو هُو اَلله، الا الله ذڪر اُناوٽا جي،
سير سر دا عاشق صادق، باجهون فنا نهين پاوِٽا جي.

بي خودي دا جامُ پيوڻ پَهلي، خُودي نُون ڪاوِٽا جي،
جُنّ قَتِ طعنہ خواري خلقت، سِر پر چُم چُم چاوٽا جي.

نالِ خاڪ دي رَل جاوڻ تي، سارا وُجود گنواوِٽا جي،
ذوقون شوقون سرمد(١) وانگون، غازي ڪنڌ ڪپاوٽا جي.

عشق دي اوڙاهه وِچ، جان جسم نُون جلاوٽا جي،
منصور وانگون اي ”مسرور“، سُوليءَ سر چڙهاوٽا جي.

---

(١) سرمد = سندس اصل نالو محمد سعيد هو ١٦١٨ عيسوي ۾ ڪاشان جي يهودي خاندان ۾ پيدا ٿيو. عربي ۽ فارسي مطالعي دوران مشرف بہ اسلام ٿيو. ڪنهن قافلي سان ٺٽي بہ آيو هو. پوءِ حيدرآباد دکن ويو. دارا شڪوه جي قتل ٿي وڃڻ کانپوءِ سرمد جي مخالف عالمن مٿس ڪفر جي فتوا ڏني، ۽ کيس ڦاسي ڏني وئي.

# كافي (۲۰)

آوي ميڏا ماهي توبن جاني جائي،
سُهڻل سائين حاكم سائين،
ڏکئي ڏينهن گذر دي.

رو رو راهہ تَکان مئن تيڏي، كوڙين كانگ اُڏاوان وي،
كڏان تون آسي جاني ميڏا، پيئي فالان پاوان وي،
بات نہ كائي وات اسا ڏي، تات تُساڏي جاني وي،
جاني شام سحر دي.

ڏکين سُولين سخت ستايا، نهين حال دا محرم سهڻا وي،
رو رو حال وجايم جاني، پانڌي روز پچانوان وي،
توبن ميڏا سهڻا سائين، كنهن نُون سُور سڻاوان وي،
جاني درد اندر دي.

جاني جُدائي دل نا سهندي، جل ڳئي جندڙي جانان وي،
هاءِ هجر وچ ڊولڻ سائين، هار هنجون دا پاوان وي،
"مسرور" آكي وَهلو جاني، موڙين ماڳ مهاران وي.
چوڙين خيال سفر دي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢١)

وسندا ويڙهي سدا رانجها، من ڪُون ميڏي ياوندا،
بيدل سائين رهبرساڏا، اسين سائيان دي بردي[١]،
بردي هون تہ در دي.

پَهر پوشاڪان پيش سائيان دي، رَلمل نال فقر دي،
ناچو نينهن نچايم سَيان، صُورت مثل بشر دي،
الله هُو هُو، هُو هُو اَلله، گيت ڳايم اڪبر دي.

شاهہ شرافت ڏنڙي ساڏي، سڳڙي توڙ ڪُفر دي،
حال حقيقي سارا سڪيوسي، درس وجي دلبر دي،
واقف رَمَل نجوم تيوسي، جوتش علم جفر دي.

ڪاڻ قبر دي نا ڪائي ساڪُون[٢]، نالِ حُڪم حيدر دي،
حيدر هويا ڏر وَت ڪيها، سانُون هول[٣] حشر دي،
ميزان[٤] مُعافي ايهي شفقت، هوئي نالِ نذر دي.

موج منا "مسرور" ڪريندا، سارا سير شهر دي،
نالِ رياضت گهمندا قرندا، سودا گهن سفر دي،
عشق آرامي لاهڻ ٻينا، جڳمڳ وچ جگر دي.

---

(١) بردي = غلام.
(٢) ساڪون = اسان کي.
(٣) هول = ڊپ.
(٤) ميزان = جوڙ جمع، جملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٢٢)

جـڏان سـر عـشـق آيـو سـي،
ڄُـمـي چـا ڳَـل لـڳـا يـوسـي.

پـيـا پَـل پَـل اَنـدر بـلـدا، جـگـر ۽ جـان جـي جـلـدا،
اهـوئـي سـوز رانـجـهـن دا، اَندر سـيـنـي سـمـايـوسـي.

اکـيـان رووَن وَهـن نـارا، هـوئـي دلـڙي جـگـر پـارا،
ڏُکـان دا ڏاج وي يـارا، ڄُمي بر چشم چايوسي.

جڏان "مسرور" نينهن لايم، پَلـئـہ فـکـرات ڏُک پايم،
غـمـان دا بـار سـر آيم، فـقـيـري حـالُ پـايـوسـي.

# ڪافي (۲۳)

اسان جامُ مُحبت پيتوسي،
دُوئي لوپ نون لوڙهه لتيوسي.

قاضي مُلان ڪَنز پڙهيندي، مِڻ مِڻ ڪر مٽڪي قِريندي،
هُو هُو ڪر وَل ذڪر ڪريندي، اسين ڪافر عشق بٽيوسي.

مَسلي مسائل[۱] مُلوان والي، ڪيس پُڇن محبت والي،
وچ درياهه وحدت والي، ٻيائي نُون گهت بوڙيوسي.

قاضيان والي ڪُوڙي مَسلي[۲]، برهمون والي پوٿيان پُنلي[۳]،
ڪام ڪروڌ ۽ حسد جُملي، سَيان سڀ نُون ستيوسي.

عشق اساڏا آها ازَلي، رمز رنداني اعليٰ اَصلي،
چوڙ فنون عقائد عقلي، اسين باب برهه دا پڙهيوسي.

---

(۱) مسلي مسائل = شرعي مسئلا، ديني قانون.

(۲) ڪوڙي مسلي = ڪوڙيون فتوائون.

(۳) پوٿيان پنلي = هندن جا ڌرمي ڪتاب ۽ بت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۲۴)

پائـي چاڪ[۱] دا چـــولا وي، آيا تي مهيوال[۲]منجهيندا[۳].

بـي مـثـل تـي بـيـرنـگ نـيـارا، اصل ها مالڪ تخت هزارا،
پرت ڪنون چاڪيتس پسارا، ڪر اسم جسم دا اولا وي.

سير دي خاطر آيا سائين، تخت هزارا ڇوڙ اُٿاهين،
لوڪ لَڪيندا[۴] بلڪل ناهين، رانجهن رمــــــزي ٻولا وي.

چاهون چاڪر[۵] نانءُ ڌرايس، بر سر بار برهه دا چايس،
خاصان ريءَ ڪُل خلق ڀُلايس، گهت رمز عجب دا رولا وي.

”مسرور“ جنهيندا مُلڪ مڙيوئي، صحيح سُڃاتم رانجهن سوئي.
طالب غير نه آتج ڪوئي، پـــج دُوئـــي دا پـــولا وي.

(۱) چاڪ = متي (چاڪ دا چولا = متيءَ جو چولو. جسماني شڪل).
(۲) مهيوال = ميهار.
(۳) منجهيندا = مينهن جو.
(۴) لڪيندا = سڃاڻيندا.
(۵) چاڪر = ڪنبر. نوڪر.

# ڪافي (۲۵)

سڻ بيدل شاهہ پُڪاران وي،
ڏيوين دلاسا دل آزاران وي.

ڪڏان در تيڏي تي آوان مئن، سارا حال اندر دا سُڻاوان مئن،
وَل مطلب من دا پاوان مئن، دل ٿيوي باغ بهاران وي.

ڪوئي حُسن بيرنگي والا، وڪائين چالا نُور نرالا،
پريمي پلائين پر پر پيالا، تيڏي ڳاوان ڳُڻ هزاران وي.

عشق دي سانون راهہ بتاوين، وَت ڪو باري برهہ بچاوين،
ڪا راز رندي دي رمز سڪاوين، مئن سهسين شڪر گُذاران وي.

تيڏي در دي چاڪر مئن هان، بي زر بندي حاضر مئن هان،
اگلي(۱) ڪوجهي ظاهر مئن هان، تون ڪرين مُعاف ميارن وي.

"مسرور" دا سڻ عرض تُون ساجن، راضي ٿيوين ميڏا رانجهن،
طرف اسان ڏي لِکين وي لالڻ، خير ديان ڪي اخباران وي.

(۱) اگلي = خراب، گندي.

# ڪافي (٢٦)

نهين خير خبر ڪائي آوندي هئي،
ڏُک رات ڏينهان دل ڪاوندي هئي.

پاڙا ويڙها طعني مريندا، لوڪ سارا جُٺ ڦٽ ڪريندا،
هرهڪ بار ملامت ڌريندا، سُور طعني سڀ دل سهندي هئي،
نهين خير خبر، ڪائي آوندي هئي.

نهين نيٺين ننڊ آرام ميان، نهين طلب هوندي طعام ميان،
مئن نُون مُوهن بن ماتام ميان، ٻيني رو رو ڦالان پاوندي هئي،
نهين خير خبر، ڪائي آوندي هئي.

"مسرور" دا اهو حالُ هويا، پر جيوڻ سخت جنجال هويا،
مئن نون جالڻ جدا محال هُويا، باجهون يار ٻهون دل ماندي هئي،
نهين خير خبر، ڪائي آوندي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (۲۷)

يار وصل دي رات،
اڪ لحظي وچ لنگهہ جاوندي هئي.

مجلس خاص معشوقان والي،
جيوين شب برات،
ٻــهــون دل نــون پــاونــدي هــئــي.

اَسر ويلي اَرمان رهيوسي،
برهہ بانگي دي بات،
ڪـن پـئـي، دل ڪُـر لاونـدي هـئـي.

"مسرور" خاص اساڏي دلڙي،
جيسين دم حيات،
ڳـڻ ٻـيـنـي تـيـڏي ڳـاونـدي هـئـي.

# کافي (۲۸)

اسان ڏي نال ڪيتي وي يار عشق پلائي،
حالئون بي حال ڪيتس، دگر در بدرسودائي.

بي سروپا(۱) بڻايُس، انگ پيپوت(۲) ملايس،
هر جاءِ گهتيءَ گهمايس، وَل خواري خلق اُنائي.

ماريس تير ڪاري، دلڙي ڦٽي ويچاري،
ڪر ويندي طبيب زاري، لڳندي نہ ڪا دوائي.

لشڪر حُسن دا سارا، خُوني ڪريندا مارا،
ڏُوران وي آوندي يارا، بگير(۳) بڪش(۴) دي وائي.

ڏُکڙي ڏتس هزاران، لايان وي برهہ بهاران،
سهسين شُڪر گُذارن، دم دم منگان دُعائي.

تَپ هجر دي آوندي، دل نُون نہ ڪچ سيباوندي،
"مسرور" سر اسان دي، ڪيتِي حسن چڙهائي.

(۱) بي سروپا = گهاڙو.
(۲) پيپوت = مٽي.
(۳) بگير = وٺ.
(۴) بڪش = مار.

# ڪافي (٢٩)

پوندي خبر نہ ڪائي، ڪُوڙي هوئي تي هوائي،
ڏينهن دنيا ۾ ڏيڍ جو رهڻا يا وَت يارَ اڍائي.

وه واه خوشيان شادي هوئي، گهر آدم دي بيٽا جايا،
امڙي گود ٻلها ڪي گد گد، ٻُٻڙا ڏُود پلايا،
پينگهي پاڪي ڏيندي لوليان، ٻچڙا بخش الاهي.

چُم چُم امڙ سيني لاڪي، ٻه ٻه ٻوليان ڪرندي،
نانءُ سدورا سُٺو توسَيان، جيا ٻچا پئي ڏرندي،
دائيان خير مبارڪ ڏيندي، منگدي پير دُعائي.

تُرڻ آلاوڻ ٻالڪ لڳڙا، علم مَڪر دا پڙهندا،
سنڌي پڙهيا هندي پڙهيا، انگريزي وچ اَڙندا،
پڙهندي ڪوڙين ڪتابين هئہ هئہ ايوين عُمر گنوائي.

شُڪر خدا دا ماءُ پيءُ ڪرندا، بيٽا نقد ڪمائندا،
رنگا رنگ نقاشي والا، محلا خُوب بنائندا،
موت وساري تنهن وچ بينا، نالِ قرار دي جائي.

ناگهہ موت متي تي آيا، هويا عَدم دا راهي،
پِٽ پِٽ ماءُ پيءُ پيٽڻ پراوان، مُنهن گهتيندي ڇائي،
آکن هئہ هئہ نال اساڏي، هويا غضب خُدائي.

"مسرور" تيڪون خُوب سُٺايم، طرز عجب مستانہ،
فقط بوتي دا ماءُ پيءُ بڻيا، سمجهہ رکين فرزانہ،
هردم هُو هُو نال گُذارين، چوڙ ٻاٻاٽي شاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪافي (٣٠)

منڙا شهر ملتاني، بيشڪ بهشت نشاني،
سهڻا وچ صفت دي، عجب عالي شاني.

زيارت پير پيران[١]، سخي شاهه اميران،
ضامن خاص زهيران، والي ڏونهين جهاني.

شمس الحق[٢] شهانا، صاحب غوث[٣] زمانا،
رُڪن شاهه [٤] مردانا، وحدت وچ يگاني.

مُومن هو يا بنيا، گلي پاڪ اُتون چليا،
دوزخ دڙڪا ٽليا، اي عالم وچ عياني.

ساڏا اُتان پيري، سخي شاهه اميري[٥]،
ميڏي دل دا ڏيري، رهبر دين ايماني.

"مسرور" ذمه ڌُر دا، چايا يار حشر دا،
سختي سوز سقر[٦] دا، ڪيها پوءِ ارماني.

---

(١) زيارت پير پيران = پيران پير دستگير جي اولاد جو ديدار، ملتان ۾ اهڙيون سوين زيارتون آهن، جن مان موسيٰ پاڪ شهيد ۽ حضرت محمد غوث گيلاني مشهور زيارتون آهن.

(٢) شمس الحق = شاهه شمس الحق تبريز ملتاني، جنهن پنهنجو طريقو ڪنيرن ۽ سونارن ۾ رائج ڪيو. ماڻهن ڪي شمسي هندو جو لقب ڏنو، جيڪي پوءِ آغا خان جا معتقد بنايا ويا، سندس ڪرامتون ۽ واقعا تمام گهڻا ۽ مشهور آهن. هي بزرگ اتڪل ٿي سؤ سال اڳ جو آهي، سندس مزار ملتان جي ڏکڻ ۾ آهي.

(٣) صاحب غوث = حضرت غوث بهاوالدين ذڪريا ملتاني سهرودي. ٢٧ رمضان المبارڪ ٥٦٦ تي تولد ٿيو.

(٤) رڪن شاهه = شاهه رڪن عالم، رڪن الدين ابوالفتح (١٢٤٩-١٣٣٤ع)، شيخ بهاؤلدين جو پوٽو سندس مزار ملتان جي قلعي ۾ آهي.

(٥) شاهه اميري = ميان امير شاهه جيلاني (تفصيل مقدمي ۾.)

(٦) سقر = دوزخ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سراپا (مثمن)

## (جناب رسول اکرم صلي الله عليه وسلم)

اَول حَمد خداوندي، جنهن جُملي جڳ بنايا،
جوڙ عجائب پاتي اُتي زمين فرش بڇايا،
بي سُتون اِستاده عرش دا رنگ رسايا،
بي شمار قدرتين دا ڪجهه، اَنت نه اُس دي پايا،
غرق ٿيا وچ پيد دي بلڪل، پير جنهين آ پايا،
پيا پَتا نه ڪوئي اُنهيندا، بيروُن(۱) وَل نه آيا.

بي انت قدرتين دا سَچ، ڪون ڪري اظهارا،
مئن مسرور" عاجز بنده بيوس ايڪ بيچارا.

جُمله خاص خداوند ڪيتا، اَحمّد عربي خاطر،
لولاڪ لَما خلقت الاَ فلاڪ(۲)، ايهو آيت هئي اظهر،
واِنڪ لعلٰي خُلق عظيم (۳)، آکيا ربّ اڪبر،
لکان سراپا وصف سجن دي، عاجز خيال دي آهر،
ڪران صاف دَهَن صدَ بارا، مَل مَل مُشڪ عنبر،
بعد پڙهه دُرود صنم دا شادِ ڪَران دل مُضطر،

خالق واصف خاص سجن دا، پيا وَتِ ڪون هي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده، بيوس ايڪ بيچارا.

---

(۱) بيرون = ٻاهران.

(۲) لولاڪ لما خلقت الافلاڪ = اي محمد ﷺ اگر تون نه هجين ها ته مان آسمانن کي پيدا نه ڪريان ها.

(۳) وانڪ لعلٰي خلق عظيم = ۽ بيشڪ تون وڏي خُلق تي آهين.

طويل تمام نہ کوتاھ بلڪل درميانہ قد دلبر دا،
ايڪ طويل قامت دا کو گر(۱) نال سجن دي ٽُر دا،
اُوچا قد عجيب ميڏي دا، اُنھين ڪَنون نظر دا،
دو لمبي قد دي نالِ، گھن راھ گاھي گُذر دا،
قد قِياس(۲) ﺑِﺮ اُتون، اُنھاندي غالب عجيب اَنور دا،
وھوا وضع عجائب جوڙيا، خالق قد سرور دا،

خالق واصف خاص سجن دا بيا وَت ڪون ھئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بندہ بيوس ايڪ بيچارا.

رَنگ مُبارڪ ڊِنگ نرالي اظھر گورا بلڪل ھا،
نا وَت سخت سفيد ھا، نا وَت گندُم مائل ھا،
اعضا پوشيدہ اَز ھَر دي، وچ زردي سُرخ نہ داخل ھا،
ڪُلي اَعضا عجيب ميڏي دي، سرخي رنگ دي شامل ھا،
نُوري رنگ نصيب واليان دي نقش نظاري قابل ھا،
آپ مُصور يار ميڏي دا عاشق بلڪل بيڪل ھا،

خالق واصف خاص سجن دا، بيا وَت ڪون ھئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بندہ بيوس ايڪ بيچارا.

---

(۱) گر = اگر، جيڪڏھن. (۲) قياس = گمان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرق پسينو آن حضرت دي، چهره نواهه بدن دا،
ڪڙي وَضع عجائب وَهوا، ڪُجا(١) موتي لعل يمن دا،
خاص اُنهين خُوشبوءِ ڪَنون، خجل(٢)مُشڪ خَتن(٣) دا،
تيا عرق آميز هر گل قُل اندر سهڻا يار سجن دا،
سايي جنهن دي مُعطر رهيا گُل گُل چَمن چَمن دا،
مُحب عجيب ميڏي دا عاشق، مالڪ عرش زمن دا،

خالق واصف خاص سجن دا، بيا وَت ڪون هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده بيوس ايڪ بيچارا.

بيرنگي بال سِردي سُهڻا، نُوري رنگ نرالي،
ناوَت بلڪل لٽڪي هوئي، ناوَت گهُنگهريالي،
ناوَت پُوري بادامي، ناوَت بلڪل ڪالي،
بعد ڪَنگي ڏيوڻ دي لهرين موج ڏکالي،
شَش قسم دي شُعاع اُنهين وچ جيوين سُورجَ ڏيوي اُجالي،
وهواه جوڙ عجائب جوڙيا، ميڏا ڊوليا ذُوالجلالي،

خالق واصف خاص سجن دا، بيا وَت ڪونه هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده بيوس ايڪ بيچارا.

---

(١) ڪجا = ڪٿي.
(٢) خجل = شرمسار.
(٣) ختن = شهر جو نالو (مشڪ ڪان مشهور).

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چهره مُبارڪ محب ميڏي دا، چودوين رات دي چاند جيوين،
وسيع پيشاني باريڪ مُژه[١] اکين ڪشادي حسين ايوين،
بي ڏيان بادام رهيا، تشبيهہ آهُو[٢] دي آکان ڪِيوين،
نقطہ چشم بصارت دا، حدقہ[٣] خُوب سياهہ تيوين،
گردا گرد سفيدي عينان، گُونہ[۴] سُرخ اختلاط[۵]اَيوين،
ڪثرت سي تي قريب ڏونهين، اَبرو مثل مَحراب جيوين،

خالق واصف خاص سجن دا، بيا وَتِ ڪون هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده، بيوس ايڪ بيچارا.

ناڪ مبارڪ نازڪ پتلا لمبي وضع برابر،
لَب مَرجان لطيف بهون، ڪَنون جُملہ عالم بهتر،
رخسارمبارڪ رخشان[٦] ڏاڍي، يغما[٧]خيال دي يڪسر،
نا وَت لَمبا نا مُدوّر[٨] چهره رخ مُنوّر،
آڪان اَلبت نال اَدب دي وضع گول دا ڪُجهہ قدر،
خاص بنائي مُورت مُوهني يار دي خالق آڪبر.

خالق واصف خاص سجن دا، بيا وَت ڪون هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده بيوس ايڪ بيچارا.

---

(١) مژه = اکين جا ڇپر (جمع مژگان).
(٢) آهو = هرڻ.
(٣) حدقہ = اک جو ڪارو حصو، ماڻڪي.
(۴) گونہ = مثل.
(۵) اختلاط = ميلاپ.
(٦) رخشان = روشن.
(٧) يغما = دل لٽيندڙ.
(٨) مدور = گول متول.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دندان دُر مبارڪ[١] البت چدري[٢] ميڏي يار دي يارا،
خجل رهيا ڪُل جواهر موتي، نوري ويک نظارا،
هَسندا هوت حبيب جڏان، ڏيون بجلي وانگ چمڪارا،
گردن صفت عجائب سُهٽي، جڏان لڳي باد بهارا،
جيوين صُراحي چاندي دي وچ، سونا ڏيوي جهلڪارا،
چمڪ جَنهين دي جهَلڪ چاندي دي دَمڪ [٣]ڪندن[٤]نروارا،

خالق واصف خاص سَجن دا بياوَت ڪون هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده بيوس ايڪ بيچارا.

ريش مُبارڪ رمز عجب دي مُونچين رعبدار عجب،
سينہ صاف سجن دا وا چوڙا وَت سُهٽا وضعدار عجب،
يَڪسان نال بَدن دي بلڪل اَزهر آئينہ اظهار عجب،
سرسينہ ڪنون ناف[٥]تَلڪ، باريڪ بالون دي ڌار عجب،
شڪم[٦] مُبارڪ اُتي شاهد، تين شڪن[٧] تڪرار عجب،
ايڪ تَلي[٨] دي سايہ چُپندا، دو نَظر نِروار عجب،
سُهٽي صفت يار ميڏي دي، سهٽا ميڏا يار عجب،

خالق واصف خاص سجن دا بيا وَت ڪون هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده بيوس ايڪ بيچارا.

---

(١) دندان در = موتين جهڙا ڏند.
(٢) چدري = وتيرا، چدا.
(٣) دمڪ = رونق، شويا.
(٤) ڪندن = سون.
(٥) ناف = دن. (٦) شڪم = پيٽ. (٧) شڪن = گهنج. (٨) تلي = هينان.

دونون شاني(١) دلبر دي اُتون، بال ايوين با ڪثرت ها،
لَحمدار(٢) لطيف عجائب وسيع پُشت مُبارڪ ها،
درميان دونون شانين دي مُتصل(٣) راست(۴)مُهر نبوّت ها،
وو رنگ سياهه به مائل زرده ايڪ انگيز حيرت ها،
گِرد جنهين دي بال پيهم طرح بال عيال(٥) دي البت ها،
ويڪ جمله حُسن سجن دا عرش اندر عبرت ها،

خالق واصف خاص سجن دا، پيا وَت ڪون هئي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده، بيوس ايڪ بيچارا.

(١) شاني = ڪلها، ڀنا.
(٢) لحمدار = ڀريل (گوشت سان ڀريل).
(٣) متصل = گڏيل، مليل.
(۴) راست = ساڄي طرف.
(٥) عيال = گهاٽائي.

مثمن جي صنف تي لکيل هي سراپا، فقير سائين مسرور، پنهنجي پياري دوست رحيم بخش ٿهيم جي فرمائش تي لکي کيس ڏني هئي. وڏي عرصي کانپوءِ انهيءَ جي ملڻ سبب، هن سراپا جا ڪجهه صفحا ان مان گم ٿيل آهن، جنهن جو اندازو انهيءَ مان به ٿئي ٿو ته مٿين بند کان پوءِ ٻئي بند جون ابتدائي ٻه سٽون به هڪ بوسيده صفحي تي موجود آهن. جيڪي هن طرح آهن:

دوبند دست دلبر دي، لمبي تي ڪف دست وسيع ولي،
هاٿه پاؤن ڪشيده انگليان جيوين شاخين چاندي نڪلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قيامت نامہ

## (بسم اللہ الرحمن الرحيم)

ٿيسي بپا ، جڏان روز قيامت، آگي هر نبي دي ويسي اُمت،
زاريان كريسن، كرو حمايت، ڏيسن جواب، نامئن وچ جُرعت،
كيوين اُمت دا اسين چاوين بار،
شرمنده ڏيك، هوَن خود كردار.

جُملي نبي كُل عالم آخر، مطلب خاص حمايت خاطر،
پيش آدم صفي دي آكر، كرسن زاريان، آنسو بهاكر،
مدد كرو هُڻ وقت لاچار،
چل پيش خُدا دي عرض گُذار.

اُت آدم ، وَل شتاب ايوين، رو رو ڏيسي جواب ايوين،
كيتا نفس ميكون پي خراب ايوين، رهيا ميڏي اُتون عتاب ايوين،
كر قادر نال مئن قول اقرار،
توڙ ووہ، تيا هان خِجل خُوار.

آخر پيش عجيب دي آسن، زاري كَر گَل پَلوڑا پاسَن،
سجدي دي وچ سيس نِواسن، رو رو اپنا حال وجاسن،
منت كريسن اي مُختار،
هئي هت تيڏي كُل كاروبار.

هُڻ مدد كرين مسكينان دي، تي تسكين بي تسكينان دي،
كر غور اسين غمگينان دي، كر ياوري اسين يتيمان دي،
اي شاهہ شافع روز شُمار،
كر غور، اساڏا تي غمخوار.

نبي ڏيک نمائي خلقت ساري، پير پيغمبر اُمت پياري،
براق(١) اُتي اُت ڪر سواري، آويسي جتان قيامت ڪاري،
بوراق اُتون لهه بي اختيار،
حال ڪريسي رو رو زار.

ميڏي مالڪ اُمت عاصي بخشو، راحم بس سڀ معافي بخشو،
ڪر ڪرم يا شافي بخشو، خالق سڀ نُون فلاحي بخشو،
ذر سجدي دي وچ سِر سردار،
چاسي نا وَل اڳ تڪرار.

وَل بيبي اَمان يتيمان دي، پو ڪَريسي ڪَرِ داد اسان دي،
ميڏي ڪُنڙي بي تقصيران دي، ڪَربَل دي شهيدان دي،
سُڻ دانهن ايهوئي دل افگار،
عرش وچ لرزش آسي يار.

صدقي شاهه شهيدان دي، صدقي سرتاج نبيان دي،
اُنهين آذر اُمت عاصيان دي، با خاطر خواهه اُنهين سائيان دي،
لَنگهه پُلصراط تون ويسين پار،
وچِ بهشت دي ڪُل وڙسن(٢) يار.

مومن ڪَلما گوئي جيهي، نيڪ يا بد هو جيهي تيهي،
تنهن ڪُون بيا وَت ذَر ڪيهي(٣)، جنهن دي شافع شاهه ايهي،
جهڙي والي مُلڪ دي، هن مُختار،
ڪُل امت دي لَج پالن هار.

---

(١) براق = اها سواري جنهن جي ذريعي حضرت محمّد صلي الله عليه وسلم جن معراج جي رات يروشلم کان آسمان تي پهتا هئا.

(٢) وڙسن = داخل ٿيندا. (٣) ذَر ڪيهي= پوڻ، دپ.

بيا خوف نہ كوئي خيال هويا ، سڀ دَفع درد ملال هويا ،
بس برھہ خيال بحال هويا ، ايهو دل دا ظاهر حال هويا ،
اي مومن كركُجھہ سمجَھہ بچار،
پڙھہ ورد صنم دا ليلُ و نهار[(١)].

هُڻ دست دعائي كُشاد[(٢)] كَران، جُملي ياران ياد كَران،
ماءُ پيءُ دي دلڙي شاد كران، كر زاري ايهو فرياد كران،
اي مالك ميڏا جگ داتار،
مطلب دلنيان دا بَر آر.

مئن عاصي هون "مسرور" الاهي، كر مَقبول خُدايا دُعائي،
هووَن خويش ياران سڀ خوش سدائي، ميڏي دل دي آس اهائي،
سبب كرين كو شال ستار،
طرف عرب دي تيوان تيار.

آمين ثم آمين برحمتك يا الرحم الراحمين.

---

(١) ليل ونهار = رات ۽ ڏينهن.

(٢) كشاد = جهجيون. گهڻيون.

# منقبت

مـحـمـد سـلامـت سـلامـت عَـلـي هـي،
قـلـم راز دي ڪُلّ ڪـتـابـت عَـلـي هـي.

مُـحـمّـد مـديـنـہ عـلـي بـابُ هـويـا،
وحـي دا مُـلاقـي دوراڪـت(۱)عَـلـي هـي.

عـلـي دا هـي مـعـراج بـردوش(۲)مُرسل،
وصي(۳)شـاهـہ والا ولايـت عَـلـي هـي.

عـلـي هـويـا اُسـتـاد جـبـريـل امـين دا،
سُخن ڪُن(۴)دي ساري عبارت عَلي هي.

قـسـم هـي خـدا دي اُتـون جُـمـلـي عـالـم،
خـدا دي عـنـايـت، عـنـايـت عَـلـي هـي.

نـہ خـوف "مـسـرور" مـحـشـر دا ڪـوئـي،
اُتـان عـاصـيـان دي سُـفـارت عَـلـي هـي.

---

(۱) دوراڪت = زياده، وڌيڪ.
(۲) بردوش = ڪلهن تي.
(۳) وصي = وارث.
(۴) ڪن = تي پوَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مداح

سُهڻا لعل قلندر سائين، ڪُل دا ننگڙا چاوِين،
نامي رَبّ دي شاها، ميڏي آس پُڄاوين.

تيڏي در جو آوي، من دي آس وو پاوي،
مُنڙي پئي ليلاوي، دلبر دانهن ورناوِين(۱).

تون هَئين شاهه شاهان دا، مئن بيوس بيچارا بندا،
ڪر مطلب پورا مَن دا، تو در منگان مئن دُعائين.

تو در ڪيئي سوالي، شاهه گدا ۽ موالي،
توتي لَج جڳ والي، والي وارا وراوين.

مئن مفلس شاهه گدارا، تون ڏيوين دانُ دُلارا،
مينون بهرا ڏيوين خُدارا، تون پيارا ربّ دا هئين.

”مسرور“ ڪريندا زاري، تو دَر سائين لک واري،
دانهَه(۲) ڏيو دلداري، دل دا مطلب بر لاوين.

(۱) ورناوين = ورنائين، سڻي، ٻڌين.
(۲) دانهه = داناءَ.

# دوهره

وهوا لاڙين[١] وچ، سائيان دا کوهه ڏنوسي،
خوش ٿيوسي.

اکيان آهُو[٢] وال بسيهر[٣]، وهوا ناز ويکيو سي،
خوش ٿيوسي.

تاب کَنون بيتاب ٿيون، بيخود مست ٿيوسي،
خوش ٿيوسي.

پيچي زلفان والا دل نُون، پختا پيچ پيوسي،
خوش ٿيوسي،

ڏُونهين جهان ويکڻ سيتي يارو وسرگيوسي،
خوش ٿيوسي.

"مسرور" کات سِري چا اَپٽي، خوبان[۴] نذر رکيوسي،
خوش ٿيوسي.

(١) لاڙين = لاڙ جو، (ملتان جي پرسان هڪ وستي جتي جيلاني سادات رهن ٿا، جن جي پيري مريدي شڪارپور ۾ رهي آهي.)
(٢) آهو = هرڻ جون اکيون. (٣)بسيهر = زهري نانگ، ڪارا.
(۴) خوبن = حسين.

# دوهره

اسين مسافر ڏوران دي، اِتان سانگ ڪنهين آئي،
چاڪ[١] دا ويس متائي.

سانگ رهيا سڀ سانگ اُتي، اسين بيني سات لُٽائي،
گيش[٢] گُذار گنوائي.

نقدي دل ڏبائي دلبر، زوران زوري هائي،
حملہ حُسن چڙهائي.

سمر سُرت دا نا ڪو رهيا، پيا پنڌا ديس پرائي،
ڳل وچ ڪفني پائي.

نا ڪوئي سنگي ساٿي رهيا، جَهڙا سڏ ڪرڪول بلهائي،
دل دي آس پُڄائي.

نا هُڻ رهبر محرم ڪو، مئن مُونجهي نُون دڳ لائي،
برهين پيد بنائي.

"مسرور" دنيا دي وچ مئن، ڪاڻ سُولان دي جائي،
ڪيتي نينهن نپائي.

---

(١) چاڪ = متي، جسماني پوش.
(٢) گيش = مال ملڪيت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دوهره

سر تي عشق مجازي والي، نوبت آئي باري،
سُرت ڳئي سڀ ساري.

بي خبر ڪوهي اُتي، آڻ ڪڙا هڪواري،
بيوس دل بيچاري.

ڏنم تاب تجمل[۱] ڏاڍي، مُورت اڪ موچاري،
ڀهون طُور[۲] ڪَنون تڪراري.

شمس قمر دي شعاع ڪَنون، حُسن وچ هزاري،
چانداڻ ٿيا چوڏاري.

لرزش جيءُ جگر وچ هوئي، جڏان چاتس نين خُماري،
رو رو آکان زاري.

(۱) تجمل = سينگار. شان شوڪت.
(۲) طور = جبل سينا، مقدس پهاڙ جو نالو جيڪو عربستان جي اتر اولهہ ۾ آهي. جنهن تي حضرت موسيٰ عليہ سلام، الله تعاليٰ سان هم ڪلام ٿيو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تيهه اکري (١)

**الف :** اَساڏي دلڙي دلبر، ڪر ناز لُٽيو ئي، فهم نتوئي،
ڏکي دل نون دلبرا زلفين دام گهتيوئي، قيد ڪتوئي،
ڪش ڪمان پروان والي چشمان تير چُٽيوئي، جگر ڦٽيوئي،
آکي "مسرور" سهڻا يار، نه دل دا زخم سيتوئي، ترس نه پيو ئي.

**ب :** بدر مُنير مُک ويک تيڏا، کُسي مئن ڪباب هوئي،
شرم حيا سڀ ڳيا هُڻ مئن بيوس بي حجاب هوئي،
دلڙي تيڏي آوڻ ڪيتي يار ٻهون بي تاب هوئي،
آکي "مسرور" ملڻ ڪيتي دلڙي رُل گهتيان دي وچ خراب هوئي.

**ت :** تات تساڏي وات اساڏي دلبر هئي دن رات ميان،
طرف تُساڏي نيڻ نماڻي رو رو پاوَن جهات ميان،
بن تُساڏي بات نهين هر وقت هئي هيهات ميان،
آکي "مسرور" آمل ماهي، فنا ڪيتا فڪرات ميان.

ث : ثابت سُک رهيان، سک دي وچ ڊولا يار، وانگون مئن لکڙي،
جل رهي هئي سوز فراق دي وچ سهڻا يار ساري جندڙي،
ديواني تو دوست بنا ميڏي در در ڦرندي دلڙي،
آکي "مسرور" بن تساڏي نند نيڻان نُون نهين آوندي هک گهڙي.

ج : جور جفا چوڙ ستمگر ساڏي سُڻ زاري، ڏيو دوست منا دلداري،
هک نيزا نيڻ مارياڻي ڏوجها مارنہ ماري، هويا زخم اندر وچ کاري،
تيڏي کيتي چايم بار برهہ سر باري، ڏوجهي خلقت خواري،
آکي "مسرور" بن تساڏي ساڏا جيوڻ محض لاچاري، آۃ هلي هکواري.

ح : حُسن حيرت دي وچ حيران رهيا پروانہ وانگون ديوان ميان،
عشق تُساڏي نيتا ساڏا، فهم عقل ايمان ميان،
دلڙي ڦرندي در در مستاني جيوين بُلبل بِن بُستان(١) ميان،
"مسرور" آکي دلڙي جدائي کيتي هئہ هئہ هي حيران ميان.

خ : خوب سهڻا يار سائين تيڏي واهہ تصويري ،
سُهڻل سائين دل قيد کيتوئي گهت زُلف زنجيري،
خاص ملڻ دي يار پيارا، ميڏي اندر وچ اُکيري،
"مسرور" ساڏي تدبير نہ چلدي، جو لکيا وچ تقديري.

---

(١) بستان = باغ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏ : دَم دَم دلبر جاني تينون ياد كريندييان،
طرف تساڏي وَل وَل ڍوليا كوڙين كانگ اُڏيندييان،
رو رو رانجهن سائين ميڏا، تيڏي راهه تكيندييان،
"مسرور" آكي تيڏي آوڻ كيتي نِت نِت اگڻ چندبينديان.

ڌ : ذاكر هو، مئن ذكر كريندييان، ناڻءُ تُساڏا گهن كر،
هُڻ رونديان زارو زار پيارا، تينون دلڙي ڏي كر،
تينون قسم خدا دي جاني مينون مُک وكاوين هيكر،
ناڻءِ الله دي پيرا پاوين منا "مسرور" دي گهر.

ر : رات ڏينهان تات تُساڏي وات اساڏي جاني، قسم قُرآني،
درد فراق تساڏي دلبر كيتي دل ديواني، قسم قُرآني،
عشق تيڏي دي ڍولڻ سائين پاتم ڳل وچ ڳاني،قسم قُرآني،
منظور سجڻ "مسرور" كيتي در دِي هي درباني، قسم قُراني.

ز : زُلف پيچي والا زنجير دل ميڏي نون گهت ڳئين،
عينان(١) جادو تيڏي جاني، جادو كر دل لُت ڳئين،
اَبرو تير تُفنگ خدنگي(٢) سيني اَندر سَت ڳئين،
آكي "مسرور" ظلم كيتوئي، دل ميڏي نون ڦت ڳئين.

(١) عينان = اكيون، نگاهون.

(٢) خدنگي = تير.

**س :** سَيان ساري مُڙ آوندن، پُڇندن حال تي اَحوال ميان،
ويک مُک مايوس ميڏا اور عجب خيال ميان،
ڪنهن دي ڪيتي جانِ پياري گهتيئہ وچ جنجال ميان،
"مسرور" مئن روندیان زار، سُڻ اي سخت سُوال ميان.

**ش :** شاڪر هوڪي شُڪر ڪريندیان، اُنهين ربّ رزاق دا،
لا تقنطوا سُڻ لات سَيان اُنهين مالڪ فَلڪ اَفلاڪ دا،
دلڙي اُنهيندي ڪيتي اُداسي، جهڙا والي مُلڪ اَملاڪ دا،
"مسرور" ملي دلبر سوئي جنهن سِر چٽ لولاڪ دا.

**ص :** صُورت مَت تُساڏي اور نہ ڪوئي جاني،
مُلڪ بہ مُلڪ مئن گهمندا ڦِرندا ويکيم اور نہ ثاني،
ويک تُساڏا موهن مکڙا، هوئي دل ديواني،
آکي "مسرور" ناءِ الله دي، آءُ مِل دوست لاثاني.

**ض :** ضرورت بن تساڏي، اور نہ مئن نُون باقي،
تينون ڪريندن ياد سدائين رَگ رَگ عُضوا تاقي،
نا مئن مال منگيندیان نا تخت ڪنهين شهہ دا ڪي،
آکي "مسرور" آ مل ماهي، ساڏي ڪيتي هجر هلاڪي.

ط: طُرهه[١] والا يار آساڏي دل لُٽ، مُک موڙ ويندائين،
مٺن بيوس بچاري نُون بحر غمان وچ لوڙهه ويندائين،
سڄڙا نينهن مُحبت والا، جاني سڀ توڙ ويندائين،
آکي "مسرور" درد دا خيمه اَندر دي وچ کوڙ ويندائين.

ظ: ظاهر ويک مُک ميڏا اور لَبيس[٢] عجيب جسم دا،
ايوين آکي عالم مينون، تينون درد نهين کو صنم دا،
کوئي اکر پيشاني کَنون نهين ظاهر هوندا غم دا،
"مسرور" تون دل ثابت رک سُڻ نه ذکر اي آدم دا.

ع: عشق چنبي وچ اَپڻي قسايا ناگهه[٣] آيَل[٤] ننيڙي نُون،
ڏاج ڏُکاندا ڊول پياري، درد ڏتا کو دلڙي نُون،
عشق دي آتش اندر جلايا، لهس لڳايس کلڙي نُون،
"مسرور" آکي مٺن تان ڏتڙي جان ايوين وچ جندڙي نُون.

غ: غور کر ويک تُسين حال مُنهي مٺن ماري دا،
ماس گنوايا جندڙي سارا، باقي هڏڙا رهيا بچاري دا،
جو کجهه جاني جُرم هويا، سو مُعاف کرين بدکاري دا،
"مسرور" آکي جوڙ نه ڏي تعذير[٥] ته گنهگاري دا.

---

(٦) طرهه = وارن جا وکڙ، نراڙ تي لڙي آيل وارن جي چڳ. پٽڪي جون مٿيون باهر نڪتل اُپريل سرو.
(٢) لبيس = هار سينگار.
(٣) ناگهه = اوچتو.
(٤) آيل = ماءُ.
(٥) تعذير = شرعي حکم پڄڻ جي سزا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ف :** فِرنگي حُسن تيڏي ديان، فوجان سر چڙهه آئيان،
بگير[١] برن[٢] ڪر پڪڙيس ميڪون وسار نينس سپ وائيان،
خُوني خنجر دَست اُنايس، پيني نير وهائيان،
"مسرور" نُون مارين، چوڙين، جِيوين تُساڏيان رائيان[٣].

**ق :** قدم رنج فرما قُربئون آءُ قريب ميڏي،
مَن[٤] عرض عاجز دا هڪ واري هوت حبيب[٥] ميڏي،
نال ڪرم دي جڏان وَت جاني، آوين اڱڻ عجيب ميڏي،
"مسرور" آکي تان وَت تيوي، منڙا خوش نصيب ميڏي.

**ڪ :** ڪملا[٦] ڪوئي دَرڪار نهين تي، توبن دم قرار نهين،
ڪو وَتِ هار سينگار نهين تي، دل پاوندي اي سنسار نهين،
منا لڳدا ڪو گهر بار نهين تي اکيان خُوب خمار نهين،
"مسرور" آکي آ مِل ڍولا، ميڏا توبن ڪوئي يار نهين.

**ل :** لڪَ لڪَ واري صدقي تيسان، جڏان اڱڻ ميڏي تُون آوين،
بيدل سائين نال ڪرم ڪوئي باري برهه بچاوين،
پريمي پيالا پرتئون پيارا سائُون پر پلاوين.
"مسرور" آکي نال ميڏي تون هادي نينهن نياوين.

---

(١) بگير = وٺ.
(٢) برن = هڻ مار.
(٣) رائيان = رايو، مرضي.
(۴) مَن = مڃ.
(٥) حبيب = دوست، پيارو، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جو صفاتي نالو.
(٦) ڪملا = گل جهڙي حسين نازڪ عورت، پيو ڪو محبوب.

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

م: ميڏا بن تُساڏي جاني هيٺا حال هويا،
حال دي ڳالھ كران مئن كيهي جالڻ جدا جنجال هويا،
رات ڏينهان اهو ساڏا، سهٹا تيكون سُوال هويا،
"مسرور" آكي آ مِل هادي، ساڏا جيوڻ مُحض محال هويا.

ن: نينهن تُساڏي شينهن هويا، كاوَڻ سانُون آوندا جي،
هولي هولي اي وَت ميڏي ماس جگر دا كاوندا جي،
تپ هجر دي كيتا هلاكي، دل نُون كُچ نہ سيباوَندا جي،
"مسرور"تون سهہ سُورسيپئي عشق اسان نُون آزماوندا جي.

و: وِصال دي كَڏان وَت ڍولا لكين كتابت كائي،
ڏيوين ديد دا درسن جاني نہ تہ مئن مرويسان جائي،
باهہ برهہ دي يار اَندر وِچ شُعلہ شور مَچائي،
"مسرور" آكي بيماران نون ڏيوين دَرد دوائي.

هہ: هَلاكي هجر كيتا آوندا كُچ نہ آرام ميان،
زار روئنديان راتيان ڏينهان ميكون نيٹن نند حرام ميان،
توبن مينون مُوهن جاني، منا لڳدا نا كو طعام ميان،
"مسرور" نُون هئي يارسدائين طلب تيڏي صُبح و شام ميان.

ي: ياد كيتا يار اسانون كيتس هي دل شاد ميان،
خانہ ساڏا نالِ عشق دي كيتس كُل آباد ميان،
لک شُكرانا يارَ سجڻ دي ساڏي كن پئي فرياد ميان،
"مسرور" نُون ديد دا درسَن، يار ڏتا اِمداد ميان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تيهہ اکري (٢)

(بسم الله الرحمٰن الرحيم)

**الف :** الله هـڪـڙا ڏوجـهـي وائـي سـڀ وسـار مـيـان،
وحده لاشـريـڪ لـه(١)، هـر جـا هـڪ اظـهـار مـيـان،
اَلانـسـان سـري وانـا سـرهُ(٢)، آپـڻا سـر سـنـڀار مـيان،
"مسرور" سانگا چوڙ تہ ويکين درس اهو ديدار ميان.

**ب :** بـار بـرهـہ دا بـاري، عـاشـق چُـم چُـم چاونـدي جـي،
گمراه هوندي گيدي عاشق بار نہ ڪوئي پاوندي جي،
جت پکـيـان دا پر نـهـين، عـاشـق پـيـر اُتان پاوندي جي،
"مسرور" ڪنهن دي جاءِ نهين عاشق جت جاوندي جي.

**ت :** تـاب عـشـق دي اوڙاهـہ دا سـهـنـدي ڪـي غـازي،
جت وجـنـدا طـبـل نـغـارا اُت پُـل ويـنـدي نـيـڪ نمازي،
جـتـان وجـدي نـيـنـهـن دي نـوبـت، عـام ڪـرن اُت آزي،
سـمـجـهـہ اهـو "مـسـرور" سـراسـر عـشـق انـوکـي بـازي.

---

(١) وحده لاشريڪ له = هو اڪيلو آهي پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڪرڻ ۾ هن جو ڪوبہ شريڪ نہ آهي (قرآن پاڪ)

(٢) الانسان سري وانا سره = انسان منهنجو راز آهي مان انسان جو راز آهيان. (حديث قدسي).

ث: ثواب گُناهه وچون عاشق کجهه نا چائن،
طلب نہ رکدي طعام دي، نہ غير خيال بي آئن،
حال رندان دا دنياوي، اَندي وت کيا چائن،
مُحبت پارون جي سر ڏيوَن، سيئي موجان مائن.

ج: جڏان تون دام دوئي دا توڙين، بيائي بوڙين،
وحدت دي دريا وچولي لالچ لوپ نُون لوڙهين،
ويک اُلانيا(١) آتش والا، مطلب منهن نہ موڙين،
مُحب ملي "مسرور" تڏان، جڏان سردا سانگا چوڙين.

ح: حُب هو وي تان پيءُ فنا دا پهلي پيالا پُر ميان،
شاکر هووين هر شئي اتي سالڪ پڙهہ شُکر ميان،
مُوتوا(٢) والي مامَ پروڙين، مرڻ کنون اگ مر ميان،
محب ملي "مسرور" تڏان ، جڏان ڏيوين اپڻا سر ميان.

خ: خاص خيال خودي دا پهلي، نال خوشي دي کاوين،
اوَل غوطا کاءُ گُم ٿيوين، شاهي طبل وڄاوين،
خاکي(٣) بادي(٤) آبي(٥) ناري(٦)، وهم وجود وڃاوين،
محبت دا "مسرور" تڏان وَت بيشڪ مزا پاوين.

---

(١) الانيا = شعلا، باهہ جا ڀنبٽ، عشق جي آگ.
(٢) موتوا = موتوا قبل انت موتوا = مرڻ کان اگ مر مري وڃو. (حديث شريف)
(٣) خاکي = مٽيءَ جو.
(٤) بادي = هوا جو.
(٥) آبي = پاڻيءَ جو.
(٦) ناري = باهہ جو.

**ڊ :** ڊوئي دولاب ڪڍين، تڏهان تُون پُر نُور هو وين،
هٿين پيرين لُولا لنگڙا، مانجهي تون معذور هووين،
دَم، دَم دَم اُنـاءِ[١] دروني(٢)، مردانہ منصور هو وين،
بي درد ڪنون "مسرور" ٻچي تون جودم جيوين دور هو وين.

**ذ :** ذرا تون ذوق مُحبت، عاشق دل وچ رکين،
شوق شراب دي ساغر وچون اُنگلي پر ڪر چکين،
سوز فراق دا ٻوجها سر تي مُول ڪڏهان نہ لَکين،
مام اها "مسرور" تون هڻ وچ، درس[٣] ٻيدل دي سکين.

**ر :** رمز عجائب راز رندانہ عام نہ ڪوئي ڄاڻن،
او ڪيا ڄاڻن جهڙي طالب طرف دنيا دي تاڻن،
ترڪ ڪيتي جنهان طلب دُنيادي، اوئي موجان ماڻن،
ڄاءِ نہ جٿ "مسرور" ڪنهين دي، آتان عشق اُڪاڻن[٤].

**ز :** زوران زوري عشق دي ڪيتي شاهي طبل وڄاوين،
عشق دي بحر بي پايان اندر گُم ٿي غوطا کاوين،
نِت نِت نئين حياتي پاوين وَل وَل ڪنڌ ڪپاوين،
سر ميدان "مسرور" چڙهي اهو مزا مُحبت ماڻين.

---

(١) اناءِ = ڪول.
(٢) دروني = اَندرُ، دل.
(٣) درس = سبق.

**س:** سنياريں جي سر اپٺا ، ڏيکين تان اسرار سپيو،
نظر ڪَنون جو پنهان هويا تيسي وو نروار سَپيو،
قطره ڪُلّ دي نال رَلي، ڪر وهم وُجودي گار سَپيو،
قطري نون "مسرور" سُڃاٺين ڪُل دا ڪر ديدار سَپيو.

**ش:** شراب دوساله شوري[(١)] آک سُٺاوان اينوين،
گهن ڪر دستئون پير مُغان[(٢)]دي پيالا پُر ڪر پيوين،
پيوڻ نال پيالي تنهن دي مست اَلست تون ٿيوين،
ويکين موت نہ "مسرور" ڪڏان، تون دائم جڳ وچ جيوين.

**ص:** صبر دي ريت عجائب، چوڙ بيهوده ڳالهين،
ب، ب[(٣)]وچون ڪُجهہ نہ تيسي نال الف[(۴)]دم جالين،
دل دي اَندر ڏوٽي[(٥)]لاڪي باهہ برهہ دي بالين،
ڪوناري[(٦)] "مسرو" تون بڻ ڪر غير وجودي ڳالين[(٧)].

**ض:** ضايع عمر اجائي، عشق بنا افراد ميان،
ڪتلي ڪاغذ ڪيتئہ ڪالي برهہ بنا برباد ميان،
پڙهہ پڙهہ ورق ولاوين بينا حاصل ڪيا مُفاد ميان،
ڪافي هي "مسرور" هڪوئي، نڪتہ دل تي ياد ميان.

---

(١) شوري = تيزاب جهڙي ساڙيندڙ.
(٢) پير مغان = مرشد.
(٣) ب، ب = بيائي جا حرف، دوئي وارا اکر.
(۴) الف = الله
(٥) ڏوٽي = دونهين، ڏوٽي لا ڪي = دونهين دکائي.
(٦) ڪوناري = سون ڳارڻ جي ڪٽوري.
(٧) ڳالين = ڳارين، پگهارين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ط: طرح طريقي ايهي، ساري سُرت وڃاوين،
ٻوٽا ٻار ٻيائي والا نفس نُون مار مناوين،
ڪيا جي گيڙو ويس وٽاوين ڏاڙهي مُڇ مُناوين،
حال اُنهين "مسرور" تون هرگز حق پلئہ ناپاوين.

ظ: ظاهر زاهد عابد، اندر ڪَتا ڪافر،
وَل وَل وضو سنوارين ٻينا، صاف ڪرين نا اَندر،
نحن اقرب(١) نيڙي وسندا هادي هرجا حاضر،
دل نُون ڪر "مسرور" صفا تُون خاص خدا دي خاطر.

ع: عبادت عين اهوئي، دم دم، دم نون ڪاهين،
ڪعبي دل دا ڪر تون سجدا ڪعبہ اور نہ جائين،
اندر نفل نمازان سُنت واجب فرض(٢) گُذارين،
اندر وڃ "مسرور" اهوئي جنهن دا پنڌ پُڇاوين.

غ: غافل غفلت ڇوڙين عشق دا ڏيک اسرار ميان،
تڙيا تانگر سُوسَن سُنبل لالان گُل آنار ميان،
رنگ نيارا بُوءِ هڪائي غير خيال گُذار ميان،
شاد رهين "مسرور" مدامي پاوين بوءِ بهار ميان.

---

(٦) نحن اقرب = (وَنحن اَقربُ اليه من حبل الورِيد) اسين انسان کي ڪنڌ جي رڳن کان بہ وڌيڪ نزديڪ آهيون.

(٢) نفل سنت، واجب، فرض = نماز جون رڪعتون (جمعي جي نماز سميت موڪده ۽ غير موڪده ڪل رڪعتون ٦٢ آهن.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ف: فنا دا فرض نياوين، حاضر ناظر نُور تيوي،
نُور نيارا عرش أُتي كيا جڳ دي وچ مشهور تيوي،
جنهن سر ڏتڙا سُوليءَ اتي مرد سوئي منصور تيوي،
جڏان هادي ٻاجهه ڪري "مسرورا" حاصل حق حضور تيوي.

ق: قاضي مُلان ڪجهه نه ڄاڻن، عشق وچون، ارماني،
عشق هي ڪعبه عشق هي قبله عشق هي دين ايماني،
عشق هي اسرار الاهي، آيت پاڪ قرآني،
عشق اُنهان "مسرور" نه ملندا، جهڙي وچ گُماني.

ڪ: ڪتابان اوئي پڙهيجن جنهن وچ برهه دا بيان هو وي،
پڙهي باب برهه دا جوئي، سُورهيه سو سلطان هو وي،
وچ ميدان مُحبت دي، مانجهي وو مردان هو وي،
قرب ڪمال "مسرور" تنهاندا،جهڙا ڪات سري قُربان هووي.

ل: لالچ لوڀ سَتي جو مُلهه اُنهين دي خاڪ ڪري،
خاڪي جامه چوڙ ڪرا، تي نُوري جامه پاڪ ڪري،
صدقي سهڻي يار دي اُتون، ساهه سري اَملاڪ[(١)] ڪري،
حمد و ثنا "مسرور" تنهين دي اَرض[(٢)] ڪري اَفلاڪ[(٣)] ڪري.

م: مطلب سچ آکان مئن، هرگز حاصل هوسي،
شوق ڪنون وڌ ذوق زياده، هردم شامل هوسي،
ڪثرت والا قيد جو ڪاتي، وحدت واصل هوسي،
حق ملي "مسرور" انهين ڪون، جنهن دا مرشد ڪامل هوسي.

---

(١) اماﻟﮏ = (جمع) ملڪيتون، مال مڏي.
(٢) ارض = زمين، ڌرتي.
(٣) افلاڪ = (جمع) آسمان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ن: نحن اقرب آڏو نيڙي رانجهن ويجها وسندا،
اي گداگر گوڏڙي پا، تون شهر شهر رُلندا،
تو وچ سير سيوئي جي تون ثابت سر نون پسندا،
مُحب ملي "مسرور" تڏان، جڏان ڪامل مُرشد ملندا.

و: وحدت والي درياء اَندر غوطا مارين،
لامڪان(١) لاهوت(٢) دي اُتون جسمي پتنگ اُڏارين،
گُڏي(٣) گگن(۴) پر اُڏ چلي تون ڏور گران(٥) هٿ ڌارين،
ثابت رهه "مسرور" ادب وچ ڪڏهان دم نامارين.

هه: هميشه ياد الله، تي فڪر فنا دا ڪريجي،
مُوتوا قبل اَنت مُوتوا، مرثا اگ مريجي،
سوا ذڪر ذات اَلک(٦) دي دم نه هڪ پريجي،
پلپل وچ "مسرور" تصور نال قدم ڌريجي.

ي: ياوَر هادي بيدل ميڏا، لتڙي خوف خطر،
مُرشد ميران(٧) مُحب الاهي، ضامن روز حشر،
ساقي ڪوثر والا صاحب، دم دم دي آذر،
باجهه ڪرن "مسرور" جڏان تيسي بخت سڪندر.

---

(١) لامڪان = اڻ ڏٺي جاءِ، غائب، علم الاهي جو مڪان، وحدت جي منزل.
(٢) لاهوت = محويت، عالم ذات الاهي، سالڪ کي فنا في الله جو مقام حاصل ٿيندو آهي. صوفي طريقي جي چوٿين منزل.
(٣) گُڏي = لغڙ. (۴) گگن = آسمان، (٥) گران = مضبوط.
(٦) الک = نه نظر ايندڙ، بيچون، خدا تعاليٰ جو صفاتي نالو.
(٧) ميران = وڏو امير، سردار، حضرت سيد نا محي الدين عبدالقادر جيلاني پيران پير دستگير عليه رحمت.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽيھہ اکري (٣)

(بسم الله الرحمٰن الرحيم)

**الف:** آکـان حـمـد و ثـنـا ربّ دي خـاص پـيـاري دي،
پڙهان سراپا سِتر[١] صحيح، الف لام سيپاري[٢] دي،
هي وصف درج هر آياتي وچ دوست سجن دلداري دي،
ثابت صفت هر اک دي وچ هرهک عضوي نياري دي،
خالق واصف خاص هويا، کيا طاقت بندي بچاري دي،
مئن "مسرور" انهيندي رهيان، کُنڙي نين نظاري دي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا درود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

**ب:** بمقابل رُخ انور دي شمس و قمر شرمايا،
تاب کَنون بيتاب هويا وچ اَبر آپ چپايا،
وهہ رُخسار گلابي گُل دي صورت کنون سوايا،
زُلف وَالّيل[٣]لٽکن کالي جنهان بيرنگ رنگ رسايا،
ويک ملائک حورو غلمان بيهوش غشي وچ آيا،
"مسرور" حُسن حبيب دي، ساڏي هوش حواس گنوايا.

جو دَم جِيوان پيجان دم دم دعا درود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غُلامان.

---

(١) ستر = ست، جملو.
(٢) الف لام سيپاري = الم سيپارو، قرآن پاڪ جي پهريون سيپارو: جنهن جي پهرين ست ۾ آندل آهي: هي ڪتاب، جنهن ۾ ڪو شڪ ڪونهي، انهن خدا ترسن کي سڌو رستو ڏيکاريندڙ آهي.
(٣) والّيل = رات، قرآن پاڪ جي سورة والّيل.

ت : تمامي مظهر هويا صدقہ رسول اڪرم دا،
لولاڪ لَما خلقت آلاَ فلاڪ ويکو شان شاھہ اُمر[١] دا،
اُنهيندي خاطر خُدا بنائي ڪيهي مُعجب[٢] قسم دا،
جبرئيل اَمين با جانُ و دل، بردا[٣] خاص بزم دا،
دست بَستہ هردم حاضر تابع هر حُڪم دا،
"مسرور" بيا ڪو ناهين نبي ثاني شان صنم دا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دُعا درورد سلامان،
بندا بَردا درد دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ث : ثنا خوان حُسن سجن دا وحشي ڪُلّ طيور هويا،
جن و بشر ڪيا حورو مَلَڪ مَستان مست مَخمور هويا،
وھہ حُسن حبيب دا هرجا اُتي عرش زمين مشهور هويا،
وانک لعليٰ خُلق عظيم اهو، مُصحف وچ مَذڪور هويا،
اِسم شريف عجيب دا ايوين نال محبت دي معمور هويا،
جيوين ڳذي نانءُ نبي دي، ميذا من "مسرور" هويا.

جو دَم جيوان پيجان دَم دَم دُعا دُرود سَلامان،
بندا بَردا دَر دا دائم، خاص غُلامِ غُلامان.

---

(١) شاھہ امم: امتن جو بادشاھہ رسول خدا حضرت محمّد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم.
(٢) معجب = عجب وارا، حيران ڪندڙ.
(٣) بردا = خادم، غلام.

ج: جَمال جَلال نبي دا ويکي سو هڪ وار سَتي،
يوسف يار زليخا ڪون رانجهن هير وسار سَتي،
سسئي سانگ پُنهل دا چوڙي،سُهڻي سنگ ميهارسَتي،
ڪافرمُلحد مرتد(١)يهودي تہ بہ ڪَلما پڙهہ زُنار(٢)ستي،
تيوي نثار اُتون نبي دي ساهہ سري گهر بار ستي،
ڳل وچ پاوي ڪفني تي ”مسرور“ سَيو سنسار سَتي.

جو دم جيوان پيجان دَم دَم، دُعا دُرورد سلامان،
بندا بَردا در دا دائم، خاص غلام غُلامان.

ح: حِڪايت حضرت شاهہ دي، وچ توريت دي آئي،
موسيٰ سڻ مغموم هويا وات ڪيتس ايهو وائي،
عرض ڪيتس آ طور اُتي اي ذوالجلال الاهي،
ويکان نال اکين دي وو ئي وَجهہ وچ صفت سيائي،
يا، اُمّتي، اُنهين عجيب دا تيوان، دل دي آس اهائي،
”مسرور“ خوش نصيب اساڏي رهيا موسيٰ وچ جُدائي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بَردا در دا دائم، خاص غلام غُلامان.

(١) مرتد = منڪر، ملحد.
(٢) زنار = اهو ڌاڳو جيڪو هندو ڳچيءَ ۾ بغل ڪان ڦيرائي پائيندا آهن: جٽيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**خ:** خَتمُ الرُسل سرتاج نبيان، فخر هر دوجهاني،
تابع فرنگي رُومي جنهن دي عرب عجم ايراني،
سڪندر دارا رستم تي خادم در خاقاني،
ناتوان سڀ پيش نبي دي افلاطون لُقماني،
رومي(١)، جامي(٢)، نظامي(٣)، خُسرو(٤)، سَعدي(٥) ثنا خواني،
"مسرور" شيدا شاهہ تون جملي جيوين شمع اُتون پرواني.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دُعا درود سلامان،
بندا بَردا در دا دائم، خاص غُلامِ غُلامان.

---

(١) رومي = مولانا جلال الدين رومي. (٦٠٤ هجري اصل بلخ جو هو، پنهنجي دور جو فقہ ۽ مذهب جو وڏو عالم هو. مثنويءَ سبب ڪيس پيغمبر سخن ۽ مثنويءَ کي الهامي ڪتاب جو مرتبو مليل آهي.

(٢) جامي = نورالدين عبدالرحمان جامي (٧ نومبر ٤١٤- عالم، صوفي ۽ وڏو فارسي شاعر، سندس ست مثنويون مشهور آهن. حضرت بهاؤالدين نقشبندي جو مريد ۽ خليفو هو.

(٣) نظامي = حڪيم نظامي گنجوي (١١٤٠ کان ١٢١٠ عيسوي) تاريخ علم ادب ۽ نجوم جو وڏو عالم هو، سندس پنج مثنويون، تصانيف پنج گنج ۽ خمسہ نظامي مشهور آهن.

(٤) خسرو = ابوالحسن امير خسرو دهلوي (١٢٥٣- ١٣٢٥ عيسوي) عظيم المرتبت فارسي شاعر.

(٥) سعدي = شيخ مشرف الدين سعدي شيرازي (١١٨٤- ١٢٩٢ عيسوي) سندس بہ فارسي تصنيفون گلستان ۽ بوستان مشهور آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڊ :** دلــبــر يــار مــيــڏي دي بَــر ســر تــاج شــفــاعــت دا،
هويا هَت حبيب دي جُملي داروں درد جَراحت دا[١]،
ڪُنت ڪنزاً مخفياً[٢] واقــف هــر اڪ حــالــيــت دا،
مــالــڪ مــعــدن ڪُــلّ ڪــرامــت بــيــڪــران عــنــايــت دا،
شــافــع روز جــزا دا ڍولا، هــادي راهــہ هــدايــت دا،
"مسرور" سانُون هُڻ وت ڪيها باعث رنج ملامت دا.

جــو دم جــيــوان پــيــجــان دم دم، دعــا درود ســلامــان،
بــنــدا بــردا در دا دائــم، خــاص غــلامِ غــلامــان.

**ذ :** ذهين ذڪي[٣] طبــع دا اُمــي عــجــيــب اســان دا وي،
واقف لُدني علم[٤] دا ڍولا دل نون بهون سيباوندا وي،
ڪافر گُم خّيال دي آڪي بحث مباحث لاوندا وي،
بي زبان بي جان ٿئي سبِ سجده سيس نِواوندا وي،
توڙ زنار ڪفر دا ڪُلئي، ڪَلمہ صحيح اَلاوندا وي،
"مسرور" شمس قمر مل ايهو گيت گواهي ڳاوندا وي.

جــو دم جــيــوان پــيــجــان دم دم، دُعــا درود ســلامــان،
بــنــدا بــردا در دا دائــم، خــاص غُــلامِ غــلامــان.

---

(١) جراحت دا = زخم يا گهاءُ جو.
(٢) ڪنت ڪنزاً مخفياً فاحببتُ اَن اُعرافَ فخلقت الخلق لا عرف = مان پوشيده خزانو هوس، مون چاهيو تہ سڃاتو وڃان، پوءِ خلق کي پيدا ڪيم تہ جيئن مان سڃاتو وڃان.
(٣) ذڪي = پاڪ، سخي.
(٤) لدني علم =اهو علم جيڪو وحي ذريعي يا الهامي طريقي سان حاصل ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ر : ربّ دا رايا هويا، مُحب نون پاس بُلاوڻ دا،
عرش دي مُعجب[١] قسم دي، اي دوست نون دَرس دکاوڻ دا،
خِلوت دي وچ باهم هو کر، رَلمَل رمزان لاوڻ دا،
اَپڻي راز رموز وچون، سارا ڀيد بتاوڻ دا،
ويکو شان شاهه شفيع دا، قربُ الاهي کَماوڻ دا،
"مسرور" سرشتہ[٢] ثابت هويا خاطر نينهن نپاوڻ دا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دُعا درورد سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ز : زري[٣] زر باف[٤] دي خلعت[٥]، بوراق بهشتون لايا وي،
روح الامين[٦] راهي هو، پيش حُضور دي آيا وي،
ها سُنا ميڏا سيج تي سهڻا، آ قُم قُم[٧] لفظ الايا وي،
اسلام عليکم[٨] يا سيّدي مکي مدني، تيکون ذوالجلال بُلايا وي،
تيڏي خاطر عرش اُتي، چنچل[٩] رنگ رسايا وي،
يا اَخي[١٠] چل بسم الله[١١]، اُن صلي الله[١٢] فرمايا وي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دُعا درورد سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

---

(١) معجب = تعجب ۾ وجهندڙ، حيرت انگيز. (٢) سرشتہ = رواج، دستور، رستو، ڳانڍاپو. (٣) زري = سوني تار. (٤) زرباف = سونين تارن سان اٽيل. (٥) خلعت = پوشاڪ. (٦) روح الامين = امانت دار، حضرت جبرئيل رضہ جو لقب. (٧) قم قم = اٿ اٿ. (٨) اسلام عليکم = توتي الله تعاليٰ جي سلامتي هجي. (٩) چنچل = لاڏ وارو. (١٠) يا اخي = اي منهنجا ڀاءُ. (١١) بسم الله = الله جي نالي سان. (١٢) صلي الله = الله توتي رحمت نازل فرمائي.

**س :** سروپا[(١)] سيّد دي، جهڙي جبرئيل ھسنون لائي وي،
لولاڪ لَما[(٢)]دا يار ميڏي دي، سرپر چٽ جهلائي وي،
ولشمس[(٣)] طٰه[(٤)] دي آنکين دي وچ، ڏار ڪجل لڳائي وي،
وَاليل وَضحيٰ[(٥)] دي زلفان نون، مُشڪ بوءِ ملائي وي،
يٰسين[(٦)] انا فتحنا[(٧)] دي، چادر قبا[(٨)] پهنائي وي،
ها اڳي ئي سهڻا، هوئي صورت سرس سوائي وي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دُعا درود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

---

(١) سروپا = پوشاڪ (٢) لولاڪ لما = اي محمد ﷺ اگر تون نہ هجين ها تہ آسمانن کي پيدا نہ ڪريان ها. (٣) والشمس = سج ۽ ان جي سوجهري جو قسم آهي (قرآن پاڪ. سورة الشمس ٩١)

(٤) طٰه = لقب. توني قرآن هن لاءِ نہ لاٿو سين تہ تون اوکو ٿئين (قرآن پاڪ سورة طٰه ٢٠)

(٥) والیل وضحيٰ = رات جو قسم آهي مٿي آيل ڏينهن جو قسم آهي (قرآن پاڪ سورة الضحيٰ ٩٣)

(٦) يٰسين = حڪمت واري قرآن جو قسم آهي تہ بيشڪ تون پيغمبرن مان آهين (قرآن پاڪ يٰسين ٢٢) يٰسين ۽ طٰه = حضور پاڪ صلعم جا القاب.

(٧) انا فتحنا = بيشڪ اسان توکي پڌري فتح ڏني (قرآن پاڪ = سورة الفتح ٤٨).

(٨) قبا = چوغو، ڪڙتو، جامو.

ش: شـــاهـــ سَـــوار هـــويـــا ، بُـــراق بـــرق رفـــتـــار اُتـــي،
وَما ارسلنک الا رحمتً للعالمين(١)، دي هيم پا دستار(٢)اُتي،
رُوح اَلامين هَم رڪاب هويا، پهچي پَل ۾ آ دربار اُتي،
مِل ملائڪ حورو غلمان، صدق ٿيون سردار اُتي،
مرحبا صد مرحبا، آڪن هر پل وچ هر بار اُتي،
"مسرور" موتي لعل جواهر، گھولان گھولن ميڏي يار اُتي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا درود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ص: صفات ذات دي نال، وچ رلمل رنگ رساءِ رهيا،
ذات سوا نا بات رهي، نُور ۾ نُور سَماءِ رهيا،
عرش عُلاچي ڏوم مچي، ذم ذام ايهو هرجاءِ رهيا،
قاب قوسين او ادني(٣)، بيا پردا وهم وجاءِ رهيا،
طالب تي مطلوب ڏوهين، مِل رمزان غمزان لاءِ رهيا،
اُمت عاصي "مسرورا"، شاهه شفيع بخشاءِ رهيا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا درود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غلام غلامان.

(١)وَما ارسلنک الا رحمتً للعالمين= اي پيغمبر توکي خاص جهانن جي رحمت لاءِ موڪليوسين. (قرآن پاڪ، سورة الانبياء ٢١- آيت ١٠٧).
(٢) دستار = پڳ.
(٣) قاب قوسين = ٻن هٿن جيترو مفاصلو. (فڪان قاب قوسين او ادنيٰ = معراج وقت نبي صلعم جي، ذات حق سان ويجهڙائي ڏانهن اشارو، ٻن ڪمانن جي وٿي جيترو، اجا به ويجهو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ض: ضلالت[١] ضايع هوئي، خطره خوف خلل ڳئي،
آئي جنهن دي اَمن هويا غير ڪُفر دا ڪُل ڳئي،
چُپ ڳئي وَج چُپ رهي، شيطان لَعين نِڪل ڳئي،
جُملي بُت بُتخاني دي ٿي، پُرده خود رُل جهل ڳئي،
باطل طلسم سحر هويا، پول دليان دل پُل پُل ڳئي،
"مسرور"اَمن دا آيا سائين، ايهو جا بجا هُل هُل ڳئي.

جو دم جيوان پيجان دَم دَم، دُعا درود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ط: طبع مُوافق يار ميڏي دي، چوڪي يار چهار آڪان،
اَول اَبابڪر صديق، صاحب سُخن سچار آڪان،
حضرت عُمر فاروق اُتون، ناءُ نَبي دا نثار آڪان،
عُثمان غني جامع قرآن دا، صاحب عالي وقار آڪان.
حضرت عالي اسد الله، قاتل اهو ڪُفار آڪان،
رُڪن دين دي عالي مراتب، نال ادب نروار آڪان.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

(١) ضلالت = گمراهي، تباهي.

ظ: ظاهر باطن راز دا محرم، سچا يار صديق رهيا،
هر حال ۾ حاضر هر جا، وچ غار حرا دي رفيق رهيا،
حضرت عُمر صاحب دائم، دين کُفر دا فريق رهيا،
شور شيطاني سائي جنهن دي، غوطا کا غريق رهيا،
واهه فصيح(١) بليغ(٢) غني، عُثمان خطيب(٣) خليق(٤) رهيا،
حضرت علي شاهه نبي دي هم شکل شفيق رهيا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ع: علي پنجتن دي علاوه، حمد ايوين هر وار کَران،
موجب عاجز طاقت اَپني، با اَدب اظهار کران،
اَول نال گُلاب عطر دي، صاف دَهن صد بار کران،
بعد پڙهه درود مُبارک، دلڙي باغ بهار کران،
وَل تازي اسپ قلم دي اُتون خاوند خيال دا سوار کران،
"مسرور" ميدان مُحبت اندر، نينهن نبي نروار کران.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلام غلامان.

---

(١) فصيح = خوش بيان.
(٢) بليغ = پاکيزه کلام وارو. ادبي زبان جو ماهر.
(٣) خطيب = خطبو پڙهندڙ.
(٤) خليق = نيک سياء وارو.

غ: غضنفر غازي صفدر، سرگروهه سالار عَلي،
وارث نازڪ نينهن نبي دا، واقف ڪُل اسرار علي،
ساقي حوض ڪوثر دا صاحب، مالڪ ملڪ مختار علي،
ڪوت شڪن خيبر دا، هو دُلدل دا هسوار علي،
رُوحڪ روحي(١) نال نبي دي، دَم دَم وچ ديدار علي،
"مسرور" راز رحمت دا سائين، هويا اَبر بَهار علي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ف: فلڪ ڪيا زمين اتي نعره هي حيدر دا،
داماد نبي نِرمل دا، تي باپ شبير شَبر دا،
محرم راز خفي جَلي(٢) دا، صاحب صبر شُڪر دا،
رسندا جلدي رنج اَلم وچ، مُشڪل حَل ڪُل ڪَر دا،
پيشوا هي اوليااوان دا، ديوان ڪُل دفتر دا،
"مسرور" غمخوار هي ميڏا، دلبر دل مُضطر(٣) دا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

---

(١) روحڪ روحي = منهنجو روح تنهنجو روح آهي. نبي پاڪ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم جو، حضرت علي ڪرم الله وجه لاءِ چيل قول.
(٢) خفي جلي = لڪل ۽ ظاهر.
(٣) مضطر = بيقرار، بيتاب.

ق: قُوي قوت دي وچ بيا، شاهه دا ناهين ثاني،
نال نعري دي كوت كُفاران، پهاڙ كريندا پاني،
شاهه مردان شير يزدان، لقب جنهين دا لاثاني،
حَسن حُسين پياري جنهن دي، لخت جگر دل جاني،
هم شكل دوشاه شفيع دي، نور دي خاص نشاني،
راهه خدا "مسرور" جنهان، كيتا سر قرباني.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ك: كمال أنهان دي خاطر، رَبّ رَسول كريندا وي،
رُوح اَلامين دايا در دا سجده سيس نويندا وي،
أتون امامان دن تنتي دا، سايه پر ذريندا وي،
جهنگل دي وچ جاءِ اكيلي، پاڻي آنّ پليندا وي
بهشت دي ميوي بهشت دي كپڙي آنّ انهان نون ڏيندا وي.
هر حال دي وچ حاضر هرجا، اَمر اُنها دا منيندا وي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ل: لـولاڪ دي چـادر لـتـڙي، پـنـجـتن پـاڪ دي نـام اُتـون،
ڪُـل ڪَـم دا دارومـدار رهـيـا، حَـسـن حُـسـين امـام اُتـون،
صاحب شش جهَت(١) دي سائبان، عشق دي عالي مقام اُتون،
ذرنـدي دسـت مـهـر دي دائـم، خـاص ڪـيـا جـي عـام اُتـون،
ڪـيـتـي نـوازش نـيـنـهـن دي نـازڪ، مـئـن جـيـهـي نـاڪـام اُتـون،
صد بار هان صدقي "مسرورا" مئن اُنهان اِصنام(٢) اُتون.

جـو دم جـيـوان پـيـجـان دم دم، دعـا دُرود سـلامـان،
بـنـدا بـردا در دا دائـم، خـاص غُـلامِ غـلامـان.

م: مـانـده اَسـپ سـوار هـويـا، مُـحـبـت دي مـيـدان اَنـدر،
ڪـشـتـي گُـم ڪـنـار هـوئـي، اُنـهـين قـلـزم بـيـڪـران اَنـدر،
عـاجـز هـي انـسـان ثـنـا خـوان، پـنـجـتن پـاڪ دي شـان اَنـدر،
بـاغِ پُـشـت اُنـهـان دي وچـون، ڪُـلـيـا گُـل گـيـلان(٣) اَندر،
نـعـره اُنـهـيـنـدي نـانءُ دا هـويـا، شـش جـهَـت دي مـسـتـان اَنـدر،
سـايـي جـنـهـن دي "مـسـرورا" آيـو سـي ايـمـان انـدر.

جـو دم جـيـوان پـيـجـان دم دم، دعـا دُرود سـلامـان،
بـنـدا بـردا در دا دائـم، خـاص غُـلامِ غـلامـان.

(١) شش جهَت = سيئي عالم، چهه طرف.
(٢) اصنام = (جمع) صنم، پروقار محبوب.
(٣) گل گيلان = حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سره العزيز پيران پير دستگير عليه رحمت.

**ن:** نبي نرمل جذان قدم عرش انهي فرمايا،
رُوح فُتوح جناب دا اُتهان، هكدم حاضر آيا،
كُل وَلي قدم لَه[١]، خَتمُ الرسل الايا،
ايهو الهام[٢] عجيب دا سُڻ، كل اوليا سيس نوايا،
رُوح جناب دي عرش عُلا تي، ايذا رُتبه پايا،
آءِ زمين تي "مسرورا" شه شاهي طبل وڄايا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

**و:** وَجد دِي حالت وچ، قرب دا ايوين كلام هويا،
مُريدي لا تخف الله ربي[٣]، ايهو انهيندا انجام هويا،
گيا خوف خيال دليان دا، طبعي پول تمام هويا،
عيش دي وچ آرامي سَچ، مُريد انهين دا مدام هويا،
شام و صبح زبان اتي، ورد صنم دا نام هويا،
انهين دي ذوق ذخار وچون "مسرورا" قطره عشق انعام هويا.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

---

(١) كل ولي قدم له = سڀني ولين مٿان منهنجو قدم، حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سرهٔ جو فرمان، جنهن جي ڪري سڀني پيرن جو پير (پيران پير) چيو ويندو آهي.
(٢) الهام = خدا جي طرفان نازل ٿيل ڳالهه، الله طرفان دل ۾ آيل ڳالهه.
(٣) مريدي لا تخف الله ربي = اي مريد ڪنهن کان بہ نہ ڊڄ، الله منهنجو ربّ آهي. حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سرهٔ جو فرمان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـ : هُڻ ڪا حاجت ناهين، تقرير تحرير دي ڪائي،
حمد خداوند خاصان دي، خود ڪريندا جائي،
عاجز هي انسان بچارا، جهڙا ڪري فرض ادائي،
مثن مريض محبت دا هان، منگدا درد دوائي،
تپ هجر دي ڪيتا هلاڪي، ماريا مرض جدائي،
ربّ ڪري سي "مسرورا" تيسي وصال دي وائي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

ء (الف): الاهي ڪر مقبول، ايهو مُناجات[1] ميڏي،
صدقي اپڻي خاصان دي ڪر، روشن رنج دي رات ميڏي،
حمد جنهان دي هان ڪريندا، باري انهان سُڻ بات ميڏي،
بہ طفيل انهان دي خالق اَڪبر، ڪرين حل مشڪلات ميڏي،
مُعجزه مثل مشهور رهي، عاجز ايهو اَبيات ميڏي،
سرانجام خير دي نال ڪرين، مولا ڪل مهمات(٢) ميڏي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

---

(١) مناجات = نجات لاءِ گهريل دعا. خدا جي ساراهہ ۾ چيل شعر، ساراهہ، واڪاڻ. (٢) مهمات = ڏاڪڙا.

ي: ياران خويش آقربا(١) ميڏي، جملي پيٺان پائي،
رهن خوش خورم خدايا، دوست رليان پيءُ مائي،
نال عجز دي عرض كريندا، ايهو مئن الاهي،
دائم تازي رهن توانا، جيوين گُل گلاب دا جائي،
پيجين بار الاهي ميڏي خاطر درد دوائي،
هئي "مسرور" نماڻا نالي، محبوب تيڏي دا ثنائي.

جو دم جيوان پيجان دم دم، دعا دُرود سلامان،
بندا بردا در دا دائم، خاص غُلامِ غلامان.

(١) اقربا = قريب عزيز، مائٽ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ميان غلام علي مسررو فقير جي هڪ اوائلي تصوير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# Poem by Ghulam Ali Masroor Fakeer

- Die before you may die
- Loose yourself that is body and brain
- Loose these two and millions you gain
- Gain my dear then always alie.

- Jump in the bottemless ocean of unity
- Do not wonder or worry of plurality
- Say not so that what or why.

- Case of Hillaj comes over when
- Really remains no more then
- This and that too you nor I

- This is the message to be happy and gay
- Get this way go night and day
- Immortal life always enjoy.

# تمت بالخير

هي حال نماڻو تو رکان، عجز ادب مان،
آهيان تہ صفا ڇٽ، سچڻ علم ادب کان.

ان لاءِ ڪريان خاص خدا جي هي وڏائي،
جهن مهر منجهان منهنجي هيءَ آس پڄائي.

هن بحر بيڪران ۾ تپڻ ڏاڍو ڏکيو آ،
پر جي تپي پيو تہ اهو وه جو سکيو آ.

هن سمنڊ آهن سي مٺيا مال سيئي،
ميڙيندي اسان کي ٻہ ٽيا سال تہ ڪيئي.

سن چوڏهن سؤ پندرهن جي محرم کي آ سلام،
اڄ پورو ٿيو لکجي، مسرور جو ڪلام.

آندو اتم ادب مان اوهان جي حضور ۾،
پڙهجو پرين انهيءَ کي صوفيءَ سرور ۾.

مان شڪريو ادا تو ڪريان هر سڄڻ سندو،
هڪ هڪ حرف آ جن ٻہ سمجهايو قرب جو.

جاتي ٻہ ڏسو سهوَ، مٺا معاف مون ڪجو،
قربئون ڪٺي نگاهہ بيدل کي بخشجو.

آهيان اوهان سين جو اصلئون مٺا غلام،
پنهنجي غلام تي ڪجو هي مهر بس مدام.

مسرور جو ڪلام پڙهي دل سان لائجو،
گڏجي سندس دعا ۾ پو هي ٻول ڳائجو.

آسون تہ جڳ سنديون مولا پڄاءِ تون،
"مسرور" ۽ "بيدل" جيان منزل رساءِ تون.

**بيدل مسرور**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مسرور پبليڪيشن جا ڇپايل ڪتاب

(1) چاهتن جي تواتي تي - **بيدل مسرور** =/100 رپيا

(2) بيدل نامو ، **ڪلام فقير غلام علي مسرور** =/80 رپيا

## مسرور پبليڪيشن جا ايندڙ ڪتاب

سنڌ جي ناميارې صوفي شاعر **ميان غلام علي مسرور**

جي ڪلام "**ڪليات مسرور**" جو ٻيو حصو

جنهن ۾ سنڌي، اردو، هندي، فارسي ۽ انگريزي ڪلام شامل هوندو

## عشق تنهنجي ۾

سنڌيءَ جي معروف ٽي وي فنڪاره ۽ نثري نظم جي منفرد شاعره

**بينا مسرور**

جي نڪور شاعريءَ جو ڳٽڪو

جنهن جو مهاڳ شيخ اياز لکيو آهي

جلد شايع ٿي رهيو آهي

مون تہ لڳائي سپني ول
ڦول ڪڏهن ڦٽندا ڇا ڄاڻان!

سنڌي زبان ۾ پهريون ڀيرو خوابن ۽ تعبيرن تي سائنسي تحقيق جو اهو مقبول ڪتاب

# سپنن جو سنسار

جيڪو انگريزي ۾ ٺي ٻاونجاهہ لکن تائين وڪامي چڪو آهي.
نفسيات جي ماهر اسٽڪيل جي شاگرد ايمل گوئيٽل جي ڪتاب جو ترجمو
هي سنڌيءَ ٻولي جي تاريخ ۾ پهريون آهي جنهن کي انساني
نفسيات تي هڪ انوکو ڪتاب چئي سگهجي هن ڪتاب ۾ خوابن ڏسڻ جي
سببن تي هر پهلوءَ کان روشني وڌي وئي آهي.
هن ڪتاب جو ترجمو سڌوسنئون انگريزيءَ تان ڪيل آهي جيڪو سنڌ
جي سڃاڻ راڳي، ليکڪ ۽ ٽي وي پروڊيوسر بيدل مسرور لڳ ڀڳ ڇهن سالن
۾ مڪمل ڪيو آهي هن ڪتاب ۾ مشرقي علمن تحت خوابن جي ڪيل تشريح
۽ مطالعو بہ شامل ڪيو ويو آهي تہ جڳ مشهور ماهر نفسيات سگمنڊ فرائيڊ
جي هڪ مشهور تقرير جو ترجمو بہ ڏنو ويو آهي.

**گهرائڻ لاءِ لکو**

پوسٽ باڪس نمبر 17618، گلشن اقبال ڪراچي سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌ جي وڏن ۽ بينظير شاعرن جي دردن جا دفتر

جنڪي خود ”**فقير مسرور**“ پنهنجي سهڻن ۽ پيارن هٿن سان سهيڙيو

(1) فقير واليڏني جو ڪلام
(2) ڪنڊڙيءَ جا ڪلتار
(3) بيدل فقير جو ڪلام

**مسرور پبليڪيشن** طرفان هن سال يعني جولاءِ 2000ع ڏاري شايع ٿي رهيا آهن.

رانجهو مرزن واريان
عرف



ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار



ڪنڊڙيءَ جو ڪلتار
تصنيف
ميان مراد فقير رح

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



**فقير مسرور جو ڪتاب** "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" اسان ڪاليج ۾ درسي ڪتاب طور پڙهندا هئاسين ۽ مان ڀانيان ٿو انهن ڏينهن ۾ هن سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ڪيو هو ۽ هاٿيدر کان ڪجھ پنڌ تي گوشہ نشيني جي زندگي بسر ڪري رهيو هو. مان، احسان بدوي ۽ لعل محمد لعل سان گڏجي هن وٽ ويندو هوس.

فقير مسرور جي صورت ۽ سيرت ٻئي لڀائيندڙ هيون. هو تصوف جي صاف ستري هوا ۾ ساهہ کڻندو هو، موسيقيءَ سان گهرو لڳاءُ رکندو هو. ستار ڏاڍي چڱي وڄائيندو هو، جنهن وقت هو ستار تي پنهنجون گوريون چٽيون آڱريون رکندو هو تہ مون کي ائين لڳندو هو تہ ستار جي تارن مان رابيل جا گل ڦٽي پوندا.

هڪ ڀيري اسان آرهڙ جي گرميءَ ۾ هن جي اوطاق تي وياسين تہ هو اڳ ئي ستار هلائي رهيو هو ۽ جڏهن هن ستار هلائي بس ڪئي تہ مون ائين محسوس ڪيو تہ اونهاري جو ڏينهن هڪ تازي سنگتري وانگر ڪڇجي ٻہ اڌ ٿي پيو هو، جنهن جو ميناج ۽ تازگي شام تائين منهنجي روح کي فرحت ڏيندي رهي.

قداور ۽ بدن ۾ ڀريل هو، سندس ڇاتي موڪري ۽ رنگ اڇو ۽ گلابي هو. منهن مان سدائين نور پيو چمڪندو هوس، سندس قدڪاٺ ۽ ڏياوان اکين جي حقيقي تعريف اها آهي تہ عمر جي آخري پساهن تائين شاهہ بلوط جيان ڪڙو تڙو رهيو ۽ سندس اکيون ايتريون تہ سهٽيون ۽ جادوءَ ڀريون هونديون هيون، جن ۾ ڪوبہ نهاري نہ سگهندو هو. سنڌيءَ جو لوڪ سهرو "اکيون ادل جون ٻرن مشالان" جهڙو سندس ئي نيڻن لاءِ چيو ويو هجي.

مطلب تہ جنهن بہ ڪيس ڏٺو، اهو سندس تعريف ڪرڻ کان رهي نہ سگهيو، وٽس واقعي فڪر ۽ فهم جا املھ موتي هوندا هئا جيڪي هو هر عام خاص ۾ ورهائيندو رهندو هو.

**مرحوم شيخ اياز**

(جڳ مڙيوئي سپنو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَڙهَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڙهَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوۡ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ  
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.  
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book